
ڪاپي اک جو خواب
(ناول)
منور سراج

# ڪاپي اڪ جو خواب

(ناول)

## منور سراج

سپ پبليڪيشن
نواب شاھ (سنڌ)
2012ع

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

## سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

**SIP BOOK NO: 18**

ڪتاب جو نالو: ڪاٻي اک جو خواب (ناول)
ليکڪ: منور سراج
ڇاپو: پهريون © سپ 2012ع
ٽائيٽل؛ آفتاب سرهيو
ڪيليگرافي: جاويد نواز بروهي
ڪمپوزنگ: اياز پرنٽنگ پريس نوابشاهه
ڪمپوزر: شريف ڀٽي ۽ فضل ساجد کوسو
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
ڇپائيندڙ: سپ پبليڪشن نواب شاهه
قيمت -/200 روپيا

KHAABI AKH̦ JO KHAWAB
(Left Eye s Dream)
By: Munawar Siraj
Composed by: Ayaz Printing Press
Composer: : Sharif bhatti & Fazul Sajid khoso
Printed: Sindhica Acadmy Karachi
Published By: Sip Publication Nawab shah
First Edition: Sip 2012

# ارپنا

**منظور جوکئي**
**اسحاق انصاري**
**رکيل مورائي**
**ڊاڪٽر حيدر شاهه**
**وسيم سومري**
**غفار ساند**
**احمد علي ڏيپر**
**ثمر حسين مري**
**ايم بي سومري**
**غني رند**
**سڄڻ سنڌي**
**نديم ڪريم پيٽي**
**مشتاق پرڳڙي**
**۽**
**ثناءُ الله خاصخيليءَ**
**جي نالي**
**جن جي محبتن جو مان سدائين مقروض رهيس.**

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (264) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”ڪاپي اڪ جو خواب“** ناماياري ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار **منور سراج** جو لکيل ناول آهي. هي ناول مڊل ڪلاس جي اهڙي ماڻهوءَ جي ڪهاڻي آهي جيڪو زماني ۾ جيئڻ لاءِ جنگ لڙي رهيو آهي، هن جون خواهشون قدم قدم تي مشڪلاتن جو شڪار آهن، هن سان ڪيئي مسئلا آهن. ناول جي ڪهاڻي هڪ ناهي، ڪهاڻين مان ڪهاڻيون ۽ عنوانن مان عنوان نڪرن ٿا، سپنن مان سپنا ۽ مسئلن مان مسئلا نڪرن ٿا. ناول ۾ سياست جا رنگ به آهن ته ماڻهوءَ جا سونهري خواب به آهن. اهي خواب جن جي ساپيان لاءِ جيئندي، وڙهندي، ماڻهو زندگيءَ جي جنگ هارائي ٿو ويهي. ساڳي وقت ناول ۾ اميد به آهي، سونهري سپنن جي ساپيان جي اميد .....

منور سراج لاءِ وسيم سومرو لکي ٿو ”منور سراج جڏهن مرده لفظ ڇهندو آهي ته اهي زنده ٿي ويندا آهن، لفظن مان تصويرون جوڙيندو آهي ته اهي ڏڙڪڻ شروع ٿي وينديون آهن. منور سراج هن ناول ۾ خوابن جا سونهري پر ڦهلائي مسلسل اڏامي رهيو آهي.“

هي ڪتاب **سِپ پبليڪيشن نواب شاهه** پاران 2012ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي وٽان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون فضل الرحمان ميمڻ جا جنهن ڪتاب موڪليو، مهربانيون منور سراج جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شيئر ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پيارن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# اداري پاران

سپ پبليڪيشن نواب شاهه پنهنجي وت ۽ وس آهر سنڌي ادب جي ڪتابن ڪي ڇپائڻ جي ڪوشش ڪندي پئي آئي آهي. ان تسلسل ڪي جاري رکندي سپ پبليڪيشن هاڻي جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي خوبصورت ڪهاڻيڪار منور سراج جو ناول ”ڪاپي اڪ جوخواب“ ڇپائيندي سرهائي محسوس ڪري رهي آهي. منور سراج ان کان اڳ خوبصورت ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب ”رنگن وڪرڻ ڪان پوءِ “ ۽ ”خوابن جي سرحد“ سنڌي ادب جي جهول ۾ وجهي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ڪيتر ۾ خوبصورت ڪهاڻين جو ڀرپور واڌارو ڪندي پنهنجو نالو هڪ پختي ڪهاڻيڪارجي حيثيت ۾ مڃائي چڪو آهي.

۽ هاڻ جڏهن منور سراج جي زندگيءَ جي ڪهاڻي ڪتين جيئن ڪر موڙيا آهن ته ان ڪهاڻيءَ جو ڦهلاءُ ناول جي صورت ۾ سامهون آيو آهي. جيڪو سپ پبليڪيشن ڇپائي سنڌي ادب جي چاهيندڙن آڏو آڻيندي سرهائي محسوس ڪري رهي آهي.

**ادارو**

# ليکڪ ۽ ناول بابت ويچار

”فرد جي اڪيلائيءَ کي نروار ڪندڙ ناول ”ڪاپي اڪ جو خواب“ لکي منور سراج انهن سيني ساپيائن جي منهن تي مڏيئڙو پائي ڇڏيو آهي، جيڪي شخص کي تماشو بڻائڻ لاءِ اهڙي پيڙ جو حصو بڻائن ٿيون، جنهن ۾ شخص ڳُٽپ جي انگ کان سواءِ پنهنجون سڀ سڃاڻپون وڃائي ويهندو آهي ۽ بيو شخص اهو آهي جيڪو ڪائنات جو تماشو ڏسڻ لاءِ پنهنجون اکيون بچائي رکندو آهي. اهو تماشو جيڪو ڪِڻ جو خواب آهي ۽ ان کان پوءِ هڪ طويل خاليپڻو جيڪو اڄ منور سراج جي سموري ميراث آهي. سواءِ ”ڪاپي اک جي خواب“ جي.“

**رڪيل مورائي**

”منور سراج جڏهن مرده لفظ ڇهندو آهي ته اهي زنده ٿي ويندا آهن. لفظن مان تصويرون جوڙيندو آهي ته اهي ڏڙڪڻ شروع ٿي ويندیون آهن. منور سراج مون کي ڪنهن قديم تهذيب جو اڏامندڙ اداس روح لڳندو آهي، جنهن کي انهن اکين ۾ وسرام ڪرڻ جي پراچين خواهش آهي، جيڪي اکيون لڙڪن کان آزاد هجن. منور سراج هن ناول ۾ خوابن جا سونهري پر ڦهلائي مسلسل اڏامي رهيو آهي. سندس آسپاس جيڪي به ڪردار آهن سي سڀ اوجاڳيل آهن جن کان سُک جي ننڊ ائين گم ٿي وئي آهي جيئن هوا کان سواءِ پاڻيءَ ۾ لهرون گم ٿي ويندیون آهن ۽ بادبانن لاءِ هڪڙو انتظار ڇڏي ويندیون آهن.“

**وسيم سومرو**

## ليڪڪ پاران

# چاهڻ / نه چاهڻ جي وچ تي ..

شايد مان ننڊ ۽ جاڳ جي وچ ۾ / ڪنڌيءَ تي ڪٽي بيٺو آهيان. ڪجھ لکڻ نہ ٿو چاهيان/چاهيان ٿو. پر لکي نہ ٿو سگهان. جڻ لکڻ جي سگھہ/اتساه/چاھہ وڃائي ويٺو هان لکڻ جي ڪوشش ڪيان بہ ٿو تہ لڳي ٿو تہ لکندس تہ منهنجا اکر ڪنهن وڻ جي ٽڙ وانگر ٽلها ٿي پوندا. اهڙا ٽلها ٻڄي/ لفظن جو جهنگل ٻڄي پوندا تہ پوءِ ڪاغذ تي ڪيئن ماپندا/ ٺهندا ؟

ڪاپي اک جو خواب ڏسي مان پري پري تائين خالي/اڪيلو ٿي ويو آهيان. هن خواب منهنجي اڪيلائيءَ کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي. مان پنهنجي اڪيلائي ڪنهن سان/ ڪيئن Share ڪيان؟ مان ڪنهن خال ۾ تبديل ٿي ويو آهيان. خال جنهن ۾ ڪجھ بہ ڪونهي. چوطرف ويراني ٿي وسي رِڻ ٿو رنيي. ڪنهن پکي پکڻ ماڻهو مرگھہ جو نشان ڪونهي. رڳو سج آهي. بي آب وگياه برپٽ آهي. اڪين ۾ واري ٿي پئي. واري نڙيءَ ۾ ٿي ڦاسي. سمهان ان ڊپ کان نہ ٿو تہ ڪٿي پيئڻ بلا منهنجو رت نہ پي وڃي ۽ جاڳان ان ڪري نہ ٿو تہ ڪٿي سرٽيون منهنجون اکيون نہ ڪڍي وڃن. پر هيءَ objective ويراني منهنجي اندر جي ويرانيءَ جو رڳو ننڍڙو عڪس/ اولڙو آهي. اندر جي ويرانيءَ جو تہ ڪو ڇيڙو ڪونهي. مان ورهين کان ڳُرگ آشتيءَ جي حالت ۾ جيئندو رهيو آهيان.

۽ هي ڪاپي اک جو خواب ڇا آهي؟

شايد منهنجي من جي پراڻي/ غير پراڻي وياڪلتا/اڪيلائي/ خاليپڻو ۽ بس ڪجھ بہ نہ/ ڪجھ خاص نہ. ايئن مڙيئي ڪجھ لڪيرون. بي وسيءَ جي حالت/ ڪيفيت ۾ زمين تي ڪڍيل آڏا ابتا ليڪا جيڪي ڪڏهن ڪنهن تصوير ۾ بہ تبديل ٿي ويندا آهن. مختصر لفظن ۾ ڪاپي اک جو خواب هڪ ناڪام/ اداس ماڻهوءَ جي ناڪام زندگيءَ جو قصو/ حصو آهي. اهڙو ناڪام ماڻهو جيڪو نہ سٺو دوست/دشمن ثابت ٿي سگهيو نہ سٺو پيءُ، پاءُ، مڙس ۽ چڱو ليڪڪ ٿي سگهيو. البت هن خواب مون کي هڪ بدران ٻہ زندگيون جيئڻ/گذارڻ جو ساهس ڏنو آهي/ساهس ڪسيو آهي. مان زندگيءَ کي وڏيڪ ويجهو/وڏيڪ پري ٿي ويو آهيان. زندگي مون کان پري ٿي وئي آهي. مان پري رهيو آهيان. جڙي رهيو آهيان. ڊهي رهيو آهيان. پرڻ/جڙڻ جو سلسلو اول کان جاري آهي/جاري رهندو. خبر ناهي تہ هن خواب جي پهرين ۽ آخري جملي جي وچ ۾ ڪيترو فاصلو/عرصو آهي. شايد پنج سال/ ست سال يا وڏيڪ. ۽ نہ ئي مون کي اهو ياد آهي تہ ان عرصي ۾ مون ڇا وڃايو ڇا پاتو؟ پر سفر جي پوڳنا جا پاوءِ حادثن جا نشانَ لفظن جي ڇهري تي موجود آهن. مان هن مسافت جي آخري قدم تي خوش/ ناخوش آهيان. ڇو تہ هن ناول جي جنم جا اکين ڏٺا شاهد زنده نہ رهيا آهن. اُهي جيڪي منهنجي خوشي/ اداسيءَ ۾ برابر جا شريڪ هئا. انهن کانسواءِ منهنجي خوشي ڪُٻڙي خوشي آهي. مان انهن کي گهٽو گهٽو مِس ڪرڻ لاءِ زنده آهيان. سياڻي زنده نہ هوندس. انهن وانگر ئي بي انت پولار ۾ داخل ٿي

چڪو هوندس. بهرحال ڪاپي اک جو خواب موت ۾ مايوسيءَ جي منهن زور موسم ۾ دل جي ڪنهن ڪنڊ منجهه ڦٿل/ٽڙيل محبت ۾ زندگيءَ جو ننڍڙو گونج/گل آهي. گل جيڪو قطعي به پلاسٽڪ جو گل نه آهي. پر مان شيشي جي گلاس وانگر ٽڙڪي ٽٽي پيو آهيان. گلاس ۾ جو ڪجهه هو ڪاغذن تي هارجي پيو آهي. مان خالي خالي ٿي ويو آهيان. منهنجي زخمي مرڪ منهنجي چپن جا ڪنارا ٻوڙي ڇڏيا آهن. مان سوڳواريءَ جي سطح تائين اداس ٿي ويو آهيان. جڻ منهنجي اندر ۾ پري ڪٿي ڪجهه/ڪوئي مري ويو آهي. هر ڪنهن جي اندر ۾ پري ڪٿي هر وقت ڪجهه نه ڪجهه/ڪونه ڪو مرندو رهندو آهي. منهنجي خاموشي موت جي دهليز تي اچي بيٺي آهي. مان يادگيرين ۾ موجود خوابن جي ملڪيت کان محروم ٿي ويو آهيان.هڪ طرح سان اها محرومي جڻ منهنجي طرفان لاشعوري طور ڪيل ڪيٿارسس جي ڪوشش آهي .اڻ وڻندڙ/ايذائيندڙ يادگيرين/خوابن/زخمن کان نجات پائڻ جي ڪوشش. هاڻي مان جيئڻ/مرڻ لاءِ بلڪل تيار ٿي ويو آهيان. عظيم پٽائي! مرڻ کان اڳ مرڻ ۽ جيئڻ کان اڳ جيئڻ اهو آهي؟ لڳي ٿو مان توهان سان/ الائي ڪنهن سان/پنهنجي پاڻ سان يا شايد ڪنهن سان به نه آخري دفعو جدائيءَ جي چائنٽ تان مخاطب آهيان. آخري دفعو ڳالهائڻ ڪيڏو نه پُراسرار تجربو/احساس آهي. اداسيءَ جو گهيرو سوڙهو ٿيندو ٿو وڃي. مان پڇان ٿو آخر هو مون کان اهو ڪجهه ڇو ٿا ڳالهرائڻ گهرن جيڪو ڪجهه مان ٻڌڻ به پسند نه ٿو ڪيان. مان ٻين کي اهو ڪجهه ٻڌائڻ/ مڃرائڻ جي ڪوشش ڇو ڪيان جيڪو ڪجهه مان پاڻ ئي نه ٿو مڃان/ منهنجي دل نه ٿي مڃي. ڪنهن جي اسٽائل جي ڪاپي/تقليد رڳو پڙهندڙن سان ئي نه پاڻ سان به دوکو/ ٺڳي آهي. ٻين جو نقل/تقليد هڪ قسم جي غلامي آهي. اسين ماڻهو پنهنجي مزاج ۾ غلام آهيون. غلامي کان وڌ ڪا گار ڪانهي پر غلاميءَ جي به غلامي گار کان به وڏي گار آهي. ڪا به ڪيفيت مستقل ڪانهي نه خوشي نه ڏک. نه اميد نه ڪو مايوسي. سڀ ڪيفيتون/ڪيفيتون سڀ عارضي هونديون آهن. ته پوءِ ڪنهن هڪ ڪيفيت جي ٺوس وڪالت ڇو؟ ته پلا مستقل ڪيفيت ڪهڙي آهي؟ جواب:ـ ڪجهه به نه/ خاليپڻو/ پولار/ خلا. جي ها خاليپڻو ئي مستقل ڪيفيت آهي. ان اٿاهه خاليپڻي جي بي انت سمنڊ ۾ ڪڏهن ڪٿي ڪٿي ڪنهن ڪيفيت جوجزيرو ظاهر ٿئي ٿو ۽ وري گم ٿي ٿو وڃي. ٻيو سڀ اضافي آهي. ڪاپي اک جو خواب زندگيءَ/ هوا / محبت وانگر بي ترتيب آهي. مون وٽ ڪنهن کي آڇڻ لاءِ نه ڪوئي گل آهي نه ڪتاب.

آخر توهان هڪ ناڪام، اداس ۽ ڊيٽ ايڪسپائرڊ ماڻهوءَ مان ٻي ڪهڙي اميد ٿا رکو.

مون وٽ رڳو هڪ خواب آهي. ۽ اهو خواب قيمتي ئي سهي پر ٽٽل رانديڪو آهي ۽ ٽٽل رانديڪو ته ٻار به نه وڻندا/ڪٺندا//رکندا آهن. توهان ڪيئن/ ڇو وڻندئو.

پر مون کي پنهنجو ٽٽل رانديڪو ڏاڍو پيارو آهي. مون ٽٽل شين کي هميشه پاڻ وٽ/پنهنجي دل ۾ سانڍي رکيو آهي/رکندو آهيان. الاءِ ڇو!! مون کي اجڙيل/پراڻيون ۽ ٽٽل شيون پياريون لڳنديون آهن. ٽٽل سليٽ، ٽٽل پين، ڦاٽل ڪتاب، ٽٽل پينسل، ٽٽل ڦٽ پٽي، ٽٽل ڏاڳو ٽٽل ٻيڙي......!!!

ها،

هڪ سهي سلامت نظم لکڻ لاءِ به ته.

هڪ ٽٽل دل ضروري آهي!!

پر افسوس مان پنهنجو ٽٽل رانديڪو/ ڪاہي اڪ جو خواب پاڻ وٽ سانڍي نہ ٿو سگهان! ٽوٽي جو سانڍڻ چاهيان ٿو.

پر چاهڻ/ خواهش ڪرڻ سان ڇا ٿو ٿئي؟ مان تہ چاهڻ ۽ نہ چاهڻ جي وچ تي بيٺل آهيان. ڪا بہ شئي پاڻ وٽ سانڍي سنڀالي رکڻ جي خواهش ڪيڏي نہ ٻاراڻي خواهش آهي! سڀ ڪجهہ وکري وڃائجي ويٺو آهي. فقط سونهن ۽ سچ جي combination باقي رهٽي آهي/بچٽي آهي. ۽ ڪاہي اڪ جي خواب ۾ نہ ڪا سونهن آهي نہ ڪا ورونهن آهي. ها البت ان ۾ صليب تان ٿمندڙ عيسيٰ جي رت جهڙو سچ ضرور آهي. سچ بہ محبت وانگر انفرادي ۽ داخلي شئي آهي نہ ڪي اجتماعي ۽ خارجي.

پر سماج ۽ سياست ماڻهوءَ جي انفراديت/داخليت جا دشمن آهن.

۽ سچي ڳالهہ هي آهي تہ ڪاہي اڪ جو خواب ڪچن اڪرن ۾ رف ڪاپي تي لکيل ننڍڙي ٻار جي اُها آڏي ابتي ۽ بي ربط تحرير آهي جنهن ڪي هو فيئر ڪرڻ وساري ويٺو آهي...!!

ڇا توهان ان ٻار ڪي اِها غلطي /ڀُل/چڪ/ويسر/معاف ڪندئو؟

هن ڪتاب جو ليڪڪ جنهن ڪافي سال/جنم اڳ ڪاہي اڪ جو خواب ڏٺو هو ۽ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ ڪنهن شام پاڻ بہ پنهنجي خواب سميت بي انت خاليپڻي جو حصو ٿي ويو. ۽ پنهنجي ڳالهہ پوري نہ ڪري سگهيو.

**منور سراج**

**بهار** 2012

*E_MAIL: siraj.munawar8@gmail.com*

*CELL: 03023976560*

# ڪاپي اڪ......

گهڻي وقت کان خالي نگاهن سان ڊسمبر جي چنڊ ڏي ڏسندڙ اهو شخص در اصل ’بيو شخص‘ آهي. ’بيو شخص‘ جنهن جي سماعتن ۾ سمورا آواز پاڻ ۾ وچڙي پيا آهن. سندس يادگيرين ۾ موجود سڀ تصور ابتا سبتا ٿي ويا آهن. ۽ سموريون ڳالهيون هيٺ مٿي ٿي ويون آهن. هو پنهنجي پاڻ کي سڃاڻڻ ۽ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اڪثر ناڪام ٿيندو آهي ۽ ذهن تي زور ڏيڻ جي باوجود به سمجهي نه سگهندو آهي ته رڌڻي ۾ سندس لاءِ ڪافيءَ ۾ کنڊ ملائيندڙ هٿ جي ڪارائيءَ ۾ وجندڙ چوڙين جي ڇڻڪي جي پويان ڪنهن جو چهرو آهي؟ سندس زال جو، محبوبا جو، ماءُ جو يا اڃان ٻئي ڪنهن چوٿين عورت جو!

هن ننڊ ۾ پرجي پرجي آيل اکين سان ڏٺو ته اوپر ۾ پرهه ڦٽي رهي آهي. آڪاس جو سينو آهستي آهستي روشن ٿيندو پيو وڃي. ڪجهه پکي آسمان ۾ اتر کان ڏکڻ طرف اڏامندا پيا وڃن. ۽ ان کان اڳ جو هو يادگيرين کان محروم ٿيڻ سان گڏ سوچڻ ، سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ کان بي نياز ٿي وڃي، هن سوچيو ماڻهو مري ويندا آهن زندگي قائم رهندي آهي. فطرت پنهنجي بي نياز رحم دلي ۽ رحم دل بي نيازي سان جاڳندڙي رهندي، دنيا ۾ هميشه جيان حادثا ٿيندا رهندا. واعدا ٽٽندا ۽ دلين جا ڌاڳا ڇڄندا رهندا، ڪنهن نه ڪنهن جي اندر ۾ ڪڏهن نه ڪڏهن ستون Supper Volcano ڦاٽندو رهندو. سڙيل منهن وارو ماڻهو ۽ ڇيلاٽو پنهنجو روپ بدلائي ڪنهن نه ڪنهن ٻار کي ڏنگيندو رهندو. دنيا ۾ بيمارين ۽ وبائون ڪر کڻنديون رهنديون، هٿيار ٺهندا ۽ جنگيون ٿينديون رهنديون. رت ۽ باهه جون نديون وهنديون رهنديون ته ٻئي طرف تارين ۾ گل ۽ وڻن ۾ پن ڦٽندا رهندا، ننڍڙا ٻار ساحل تي سپون ميڙي جهوليون پريندا رهندا، محبوبائن جي ڇپن تي چمين جا پوپٽ جاڳندڙا رهندا، ڪڪر پرجندا مينهن وسندا رهندا، ۽ ڪٿي نه ڪٿي ڪو نه ڪو ماڻهو نومبر جي نيري آڪاس هينان ڪرسيءَ تي اداسيءَ جي ڪنبل ۾ ويڙهجي سيڙهجي چنڊ ڏي ڏسندو رهندو ۽ پرسان ئي رڌڻي ۾ ڪا نه ڪا عورت سڀ ڏک، حادثا، زخم ۽ شڪايتون وساري هن لاءِ ڪافي ٺاهيندي رهندي ۽ سندس ٻانهن ۾ پاتل چوڙيون ڇڻڪنديون رهنديون.

اصل ۾ هو شروع کان وني ڪناري جو ماڻهو هو . هو وچ سير جو ماڻهو نه هو. هو آوازن بدران خاموشيءَ جو ماڻهو هو. هو صبح جو نه پر شام جو ماڻهو هو. هن جي اندر ۾ صبح واري گرمي، تيزي، ڀڄ ڊوڙ، جاڳ، اوتارا ۽ سڄ جهڙي گرم جوشي نه هئي. هو سدائين شام وانگر خاموش ۽ بي سبب اداس رهندڙ شخص هو. جنهن جي اکين ۾ لهندڙ سج جو ڏک، واهيري ڏي واپسيءَ جو خواب، چپ چپات جي چاهنا ۽ ڪنارن تائين ننڊ سان پريل رات جي گهر ج هئي، پر نه چاهيندي به هر روز هڪڙو صبح سندس شام ۾ گهڙي تي آيو ۽ سندس خاموشيءَ کي ٽوڙي ٽي ڇڏيائين. هو پنهنجي طور تي وقت ۽ حالتن ۾ جيئڻ بدران ڪيفيتن ۾ زندگي گذاريندڙ ماڻهو هو.

مان، هو، اسين ۽ راڻو سندس چار نالا/ڪيفيتون ۽ سڃاڻپون آهن. هرڪيفيت جي هڪ

شخصيت، هڪ دنيا، محدود دنيا، لامحدود دنيا، خوشي، ڏک، حادثو ۽ آس نراس آهي. ڪڏهن اهي چارئي پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويندا آهن. ته ڪڏهن ڇڄي چار ٿي ويندا آهن. ڪڏهن ”مان“ ”هو“ ٻڻجي پوندو آهي. ته ڪڏهن ”هو“ ”مان“ ٻڻجي ويندو آهي. ڪڏهن ”هو“ ۽ ”مان“ گڏجي ”راڻي“ کي جنم ڏيندا آهن ته ڪڏهن ”هو“ ”راڻو“ ۽ ”مان“ منجهان ”اسين“ پيدا ٿيندو آهي. اسين معنيٰ اسين سڀ. يعني گهر، پٽيون، در دريون، گهڙيال، هنڌ ڪتون، ڪرسيون، ٽي وي، ڪمپيوٽر، فون ۽ آواز. اندريان آواز، ٻاهريان آواز. گهٽيءَ ۽ پاڙي مان اندر ٽپي ايندڙ آواز ۽ هو اڪثر آوازن جي گهاٽي جهنگل ۾ ڦاسي پوندو آهي ۽ جهنگل مان ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ۾ وڌيڪ ڦاسي ويندو آهي.

هن کي مان منجهان هو، هو منجهان مان، مان منجهان راڻو ۽ راڻو منجهان اسين. اسين مان هو، راڻو ۽ مان ٿيڻ ۾ دير نه لڳندي آهي. اها ئي سندس سهولت آهي. اها ئي سندس مشڪلات. اها خوشي اهو ڏک آهي. اهو ئي خواب آهي.

ڪاپي اڪ جو خواب.

ان ڏينهن هو آفيس مان نڪتو ته ذري گهٽ شام ٿي چڪي هئي. شام وقت جو اهو پل جنهن پل اُس ۽ چانڊوڻ پاڻ ۾ ويڙهيل سهيلين وانگر هڪ لمحي لاءِ پاڪر پائي ملنديون آهن ۽ وري هڪ ٻئي کان ڌار ٿي وينديون آهن.

پاڻ کي جسماني ۽ ذهني طور ڪجهه ٿڪل محسوس ڪيائين. پاسيس پئي ته دل معمول کان وڌيڪ تيز پئي ڌڙڪي. سامهون رڪشا پئي آيو. رڪشا روڪڻ گهريائين پر جيسيتائين هٿ مٿي ڪيائين ايسيتائين رڪشا سندس پرسان گذري ويو”سدائين دير ٿي ويندي آهي“ هن گهڻا پيرا اڳ ورجايل جُملو وري ورجايو. ”آفيس پهچڻ ۾ دير، ڪم ۾ دير، آفيس مان نڪرڻ ۾ دير... ۽ گهر پهچڻ ۾ دير. پر مان جلدي گهر ڇو ٿو پهچڻ چاهيان؟ اهو ته محض معمول جي خلاف عمل هوندو ... ۽ بس .... يعني شام جو ساڍين ڇئين وڳي گهر پهچڻ بدران سوائين ڇئين وڳي گهر پهچڻ ... هر اهو عمل جيڪو معمول جي خلاف هوندو آهي اهو حيرت جو سبب ٻڻجي پوندو آهي. ان ڪري هڪ عام رواجي ماڻهوءَ کي هميشه معمول مطابق زندگي گذارڻ گهرجي ... نه ته خوامخواهه تشويش پيدا ٿيندي.“ ياد آيس ته کيس ڊاڪٽر وٽ وڃڻو هو. واچ ڏي ڏٺائين...”ڪلينڪ کلڻ ۾ اڃان ڪلاڪ کن آهي، چانهه پيئڻ گهرجي...“ چپن ۾ پٽڪندو پر واري ڇپرا هوٽل ڏي وڌي ويو. چپن ۾ پٽڪڻ سندس پسنديده ۽ پراڻي عادت آهي.

ڇوڪرو ٽيبل کي ڪپڙو هڻي جست جو جڳ گلاس رکي ويو.”پنهل چانهه ته پيار“ هن ڪرسيءَ تي ويهڻ کان اڳ چيو.

”حاضر پائو..“ پنهل هميشه وانگر مرڪندڙ چپن ۽ اڻ مرڪندڙ اکين سان چيو. ڪرسيءِ تي ويهڻ کان پوءِ جلد ئي کيس ڪنهن خراب بوءِ جو احساس ٿيو. پر سمجهه ۾ نه آيس ته اها بوءِ ڪٿان ٿي اچي. کيس پنهنجي ساهه مان ساڳي بوءِ آئي. ڇوڪرو وري سندس پرسان گذريو ته کيس وري ساڳي بوءِ آئي . ڦتل کير ۽ سڙيل چانهه جي مليل جليل بُوءِ ”ته معنيٰ اها بوءِ ڇوڪري جي ڪپڙن ۾ آهي.“ڇوڪري جو منهن ۽ ڪپڙا هڪ جيترا ميرا هئا. ”ڇوڪري جا ڪپڙا گدلا آهن پر پاڻ ته گدلو نه

آهي “ هن سوچيو ۽ سندس پراڻو زخم جاڳي پيو. ڪيس اها گدلاڻ ياد آئي جيڪا ٻاروتڻ ۾ ساڻس متعارف ٿي هئي. هو جڏهن بہ ڪنهن صاف ستري جاءِ تي ويو هوندو، سٺي پوشاڪ واري ماڻهوءَ سان مليو هوندو تہ اهو سرياٽ ضرور جاڳيو هوندو تہ ”تون هڪڙو گدلو ٻار آهين“ ۽ سندس سينو هڪ زخم ۾ تبديل ٿي ويو هوندو. جڳ ۽ گلاس ڏوتل هو. سامهون روڊ سان گاڏين ۽ ماڻهن جي اچ وڃ جاري. سڀ ماڻهو ڇوڪري جي ڪپڙن جي بوءِ کان بي خبر هئا. بئنچ جي ڪنڊ خالي ڏسي پنهل کان ڪجهہ پڇڻ چاهيائين پر ڪيس ڪنهن گراهڪ سان ڳالهائڻ ۾ جنبيل ڏسي نہ پڇيائينس.

هونءَ هن جو محمد صديق سان گهڻو تعلق بہ نہ هو. هن جو ساڻس اهو تعلق هو تہ هو ڪيس هميشہ شام جو ان هوٽل جي انهيءَ بئنچ جي انهيءَ ڪُنڊ تي ويٺل نظر ايندو هو. پر شايد جيڪي ماڻهو اڪثروقت جي ساڳئي پل ۾ ساڳئي جاءِ تي هڪٻئي کي نظر ايندا آهن انهن جو بہ هڪٻئي سان ڪو تعلق جڙي ويندو آهي. خبر نہ آهي تہ ان تعلق جو نالو ڪهڙو هوندو آهي. يا ڪهڙو هجڻ گهرجي؟ پر ڪو تعلق هوندو ضرور آهي. اهڙو تعلق جنهن ۾ نہ گهٽي پنهنجائپ هوندي آهي نہ گهٽي اوپرائپ. شايد اهو تعلق پنهنجائپ ۽ اوپرائپ جي وچ ۾ ڪٿي بيٺل هوندو آهي.

”محمد صديق تون سدائين اڪيلو هوندو آهين. ڪو يار دوست، مٽ عزيز ڪو نہ اٿئي ڇا؟“ جڏهن بہ ڪنهن ڪائنس اهو سوال ڪيائين تہ هن سدائين ساڳيو جواب ڏنو هوندو ”ڪير ڪونهي ڪنهن جو سائين ...ڪير ڪنهن جو ڪونهي. هر ڪو اڪيلو آهي، سدائين ساڳيو نهيل نڪيل جواب.

”شادي ڇو نہ ڪئي تو محمد صديق؟“ هڪ دفعي هن پڇيو هئس. ”بس يار جوانيءَ ۾ پرواه هئي ڪو نہ ... وتندا هئاسين ڪائيندا ڪپائيندا ۽ گهمندا ڦرندا... مائٽ چوندا بہ هئا تہ انڪار ڪري ڇڏيندو هئس ...تہ ڪهڙي تڪڙ آهي .... پيا ڪنداسين شادي .... پر خبر ئي نہ پئي جو وقت هٿن مان نڪري ويو...“ هن ٿڌو ساهہ کڻي چيو هو.....

”پوءِ ..؟“

”ها يار ..شادي ڪانسواءِ ڪهڙِي زندگي ... ٽڪل ٽٽل ماڻهو گهر پڄندو آهي تہ ٽڪ ئي لهي ويندا آهن. زندگي وٽڻ لڳندي آهي..هاڻي تہ صفا اڪيلو ٿي پيو هان .. سوچان ٿو ڪنهن رات مري ويس تہ منهن تي ڪپڙو ڪير وجهندم.... اڪيون ڪير وٺندم... هٿ پير ڪير سنوان ڪندم...؟“

پنهل چانهہ جو ڪوپ ٽيبل تي رکيو تہ سندس يادگيريءَ جو ٽڪرو گم ٿي ويو.

”پنهل اڄ چاچو صديق ڪو نہ ٿو ڏسجي“

”ياٺو. چاچو صديق گذاري ويو.“ پنهل ڏک جي احساس کان خالي لهجي ۾ چيو. صديق مسواڙ واري گهر ۾ اڪيلو رهيو ۽ اڪيلو گذاري ويو. اڪين ۾ اڪيلائي جو ڏک کڻي ويو.. ۽ اهو ڏک بہ تہ مرڻ کان پوءِ سندس منهن تي ڪير بہ ڪپڙي وجهڻ وارو نہ هوندو. ”پر“ هن چانهن جي پهرين سرڪ پريندي سوچيو ”منهنجو پاڙيسري محمد خان تہ زال ۽ ٻارن جي هوندي شهر جي فوٽ پاٿ تي اڪيلو مري ويو. ان جي منهن تي بہ ڪپڙو وجهڻ وارو ڪوبہ نہ هو. پر پوءِ ان سان فرق بہ ڪهڙو ٿو پئي...؟ مرڻ کان پوءِ منهن تي ڪپڙو پيو تہ ڇا نہ پيو تہ ڇا...؟ محمد خان بئنڪ مينيجرهو. زال ۽ ٻارن کي پُر آسائش زندگي مهيا ڪري ڏنائين. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي بهتر تعليم ڏياريائين ..رٽائر ٿيو تہ اڌ پيسن مان وڏو گهر

ورتائين. اڌ پيسا اولاد کي ورهائي ڏنائين ... پيسا ڪٽا تہ گهر ۾ ڪروڌ شروع ٿيو.. ٻار بہ مٿس ڪاوڙيل تہ زال بہ مٿس ناراض... گهر ۾ نہ عزت مليس، نہ مهل تي ماني ... پنهنجا ڪپڙا بہ پاڻ ڌوئي تہ هنڌ بہ پاڻ وڇائي. نوڪريءَ ۾ هو تہ هر وقت پئنٽ شرٽ ۾ ٽاءِ پاتل.. بئگ هٿ ۾ ۽ ماٿُوڪيپ مٿي تي. ٽڪڙو ٽڪڙو بئنڪ ويندي نظر ايندو. چهري تي افسردگي ۽ اکين ۾ اڻ تڻ جا آثار... نرڙ ۾ گهنج. ايئن ڀاسندو جڻ ڪانئس سواءِ بئنڪ جو ڪاروبار هلي نہ سگهندو. پوءِ رٽائر ٿي ويو تہ چپ چپ رهڻ لڳو. جڻ ڪانئس زندگي کسجي وئي هجي. جڻ سندن لاءِ ملازمت ۽ زندگي لازم ملزوم هجي. ڪجهہ سال ٻاهر نظر نہ آيو. پوءِ وري اوچتو ڪيس ٻاهر ڏٺو ويو.. پراڻي پينٽ ۾ شرٽ پاتل..... ڪٽل ٽاءِ ڳچي ۾ ٻڌل .... چيلهہ ۾ رسو ٻڌل... پراڻي بيگ هٿ ۾، ٽڪڙو ٽڪڙو ڪنهن مهل بس اسٽاپ تي پيو ويندو تہ ڪنهن مهل اسٽيشن تان واپس پيو موٽندو. نہ ڪنهن سان دعا نہ سلام... البت چپن تي اها ئي بئنڪرس واري مصنوعي مُرڪ چنبڙيل. هر هر ڪاٻي ٻانهن مٿي ڪري واچ ۾ ٽائيم ڏسندو.

واچ ۾ وقت جا ڪانٽا
هڪ هنڌ فريز ٿيل
اٺ لڳي ويهہ منٽ
ٻاهر نڪرڻ جو وقت
نہ منٽ اڳتي نہ منٽ پوئتي.

۽ ٽڪڙو ٽڪڙو هلندو ڪنهن نہ ڪنهن طرف روانو ٿي ويندو. جڻ ڪٿي پهچڻ جي، ڪنهن سان ملڻ جي، ڪنهن کي ڏسڻ جي ٽڪڙ هجيس، جڻ اجهو هينئر هڪ گهڙيءَ اندر اتي ۽ ان وٽ نہ پهچندو تہ سندس نوڪري ڇٽ ٿي ويندي، قيامت اچي ويندي زلزلو اچي ويندو. ملڪ جي اسٽاڪ ايڪسيچينج ۾ لاٽ اچي ويندي. بس ايئن صبح کان رات تائين ٻانهن ۾ ٻڌل واچ ڏي ڏسندو ۽ هلندو رهيو ۽ هڪ رات هلي هلي ڪنهن فوٽ پاٿ تي ويهي رهيو. پوءِ ليٽي پيو ۽ ليٽيو تہ ننڊ اچي ويس. ۽ اهڙي ننڊ آيس جو صبح جو اٿي نہ سگهيو... شهر جي خاڪروبن سندس وڏي پٽ جي گهر جي گهنٽي وڄائي ڪيس پڻس جو موت جو اطلاع ڏنو. ۽ پٽس اهو اطلاع گهڻي بي دليءَ سان قبول ڪيو جڻ ڪيس اڳواٽ ئي ان اطلاع جو اطلاع هو.

هڪ مک سندس نڪ تي اچي ويني ۽ وري اڏامي وئي. آخري سرڪ پيري ڪوپ بئنچ تي رکي اٿي بيٺو. ”تہ معنيٰ چاچو صديق گذاري ويو“ چانهہ جا پيسا پنهل جي هٿ تي رکندي پڇڪيو.

”ها.. پائو چاچو صديق گذاري ويو“

”چڱو ٿيو“ هو چپن ۾ پڇڪيو.

”جي ..ڇا ..چڱو ٿيو“ پنهل جون اکيون حيرت مان ٻاهر نڪري آيون.” ٻيو نہ تہ ڇا ... ڇٽي پيو زندگيءَ جي سورن کان“ ”ها.... پائو... واقعي.... ايئن تہ آهي“ پنهل پنهنجي ڪاٻي اک مان پڇي ڪڍندي چيو. ۽ هو بازار ۾ داخل ٿي ويو. جنهن جي ڇيڙي تي سائيڪياٽرسٽ جو ڪلينڪ هو.

ڪلينڪ تائين پهچڻ لاءِ ڪيس ڪافي پنڌ ڪرڻو پيو. ڪيس لڳو پئي تہ هي رستو ڪڏهن بہ نہ ڪٽندو. ٻہ ماڻهو سندس پر مان گذريا .اهي پاڻ ۾ گرمجوشيءَ سان ڪنهن موضوع تي ڳالهائيندا پئي ويا

پر هو انهن مان هڪ ماڻهوءَ جو فقط اڌ جملو ۽ ٻئي ماڻهوءَ جو سڄو جملو ٻڌي سگهيو. يعني هو فقط ڏيڍ جملو ٻڌي سگهيو. پر پوءِ هو ڪو وقت ان ڏيڍ جملي جي ڏک مان نڪري نہ سگهيو. هڪ شخص جو اڌ جملو پوئتي رهجي چڪو هو. جڏهن هو سندس ويجهو پهتو تہ ڪيس ان جي جملي جو فقط هي اڌ ٻڌڻ ۾ آيو تہ ”ها سو مون اهو پئي سمجهيو “ ۽ ٻئي شخص جو سڄو جملو ” هان! تہ معنيٰ اها ڳالهہ هئي جنهن تي خود ڪشي ڪيائين“ هڪ پل لاءِ هن چاهيو تہ هو اجنبي مسافرن کي روڪي کانئن پڇي تہ ”ڪهڙي ڳالهہ هئي جنهن تي هن خودڪشي ڪري ڇڏي .. ۽ هو ڪير هو...؟“ پر هو کين نہ ڪو روڪي سگهيو نہ ئي پڇي سگهيو.

۽ هو پري نڪري ويا .. ۽ ان پل کيس لڳو تہ جنهن ماڻهوءَ بابت هنن ڳالهايو پئي اهو ڪو ٻيو نہ هو پر هو خود هو ... يعني انهن سندس باري ۾ پئي ڳالهايو. ۽ اها ڪهڙي ڳالهہ هئي جنهن تي هن خودڪشي ڪري ڇڏي هئي...؟ هن پاڻ کان پڇيو. ڳالهيون تہ ڪيئي هيون... ڳالهيون تي ڪيئي هونديون آهن. جيارڻ جهڙيون ڳالهيون مارڻ جهڙيون ڳالهيون..... جيڪي هو ڊاڪٽر کي بہ ٻڌائڻ جي حالت ۾ نہ هو. ڪلينڪ ڏي وڃڻ لاءِ روڊ تان گذرڻ چاهيائين پر ٽرئفڪ جي ڪري ڪافي دير تائين گذري نہ سگهيو ۽ کيس لڳو تہ کيس اتي بيٺي ڪيئي سال گذري ويا آهن.

ڪلينڪ جي بند دروازي وٽ چوڪراٽ پٽيوالو هميشہ جيان ساڳئي انداز ۾ پنيرو پٽ سان ٽيڪ ڏيو هڪڙي جنگهہ تي بيٺو هو. جڻ ان انداز ۾ بيٺل نہ هوندو تہ نفسيات جي ڊاڪٽر جو پٽيوالو نہ لڳندو پر ڪنهن ٻيءَ بيماريءَ جي ڊاڪٽر جو پٽيوالو لڳندو.

جنهن مهل هو دروازو کولي اندر داخل ٿيو ان مهل ڊاڪٽر وٽ بہ ماڻهو ويٺا هئا جيڪي شايد سندس دوست هئا.. يا شايد دوست نہ پر واقفڪار هئا يا دوستيءَ ۽ واقفيت جي وچ تي هئا. ڊاڪٽر پنهنجائپ واري مرڪ سان سندس آڌر ڀاءُ ڪندي ۽ کيس پر واري ڪرسي آڇيندي چيو.

”ڇا حال احوال آهي... ڪيئن اچڻ ٿيو....؟“

جواب ڏيئڻ بدران هن پرسان ويٺل ماڻهن ڏي ڏٺو جيڪي چانهہ پي چڪا هئا. ڪانئس انهن جي سامهون ڪجهہ ڳالهائڻ نہ پئي پهتو.

”ڊاڪٽرصاحب هاڻي اسان هلنداسين“ ٻئي ماڻهو ڦڙتيءَ سان اٿي بيٺا ۽ ڊاڪٽر سان هٿ ملائي روبوٽ وانگر ٻاهر نڪري ويا. ڊاڪٽر مرڪيو. هن پاڻ کي ڪجهہ رليڪس محسوس ڪيو. ڊاڪٽر ڳالهائڻ بدران خاموشيءَ سان سندس منهن ۾ نهاريو جنهنجو مطلب هو ”جي, چئو ڇا ٿيو آهي..؟“

”ڊاڪٽر صاحب مان پاڻ کي ٺيڪ محسوس نہ ٿو ڪيا ن.“ هن ڳيت ڏيئي ڳالهايو.

”ڇو ڇا جي ڪري....؟“

”ڊاڪٽر صاحب الاءِ ڇومونکي لڳي ٿو مون کي اوچتودل جو دورو پئجي ويندو. مون کي ڪاٻي ٻانهن ۾ سور جي هُڙٻ محسوس ٿيندي آهي ..“ هن لاچارگيءَ وچان ڳالهايو. ۽ پاڻ کي اڳ کان بہ گهڻو ٿڪل ۽ ڪمزور ۽ ويچارو محسوس ڪيو. ڊاڪٽر سندس منهن ۾ ڏسندو رهيو ۽ سندس چهرو پڙهندو رهيو.

”ننڊ ڪيئن آهي...؟“ ڊاڪٽر سندس اکين ۾ ڏسندي چيو...

”ڊاڪٽر صاحب, ننڊ اڪثر سڄي سڄي رات نہ ايندي آهي ...“

”اهڙو ڇا ٿيو آهي ؟ ڪو مسئلو ؟ “

”ڊاڪٽر صاحب، ڪو مسئلو نہ ٿيو آهي . پر ڇيلاتو اڪثر منهنجي پنيان رهندو آهي .. مون کي ڏنگڻ لاءِ... شايد مارڻ لاءِ..“

”اڇا پوءِ ...پيو ڇا ٿو محسوس ٿئي؟ “ ڊاڪٽر سڏو سئون سندس ساڄي اک ۾ ڏسندي ڇيو. هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو. هن ڊاڪٽر کان پڇڻ چاهيو تہ توهان منهنجي ساڄي اک ۾ ڏسي ڇو ٿا ڳالهايو؟ پر پڇي نہ سگهيو. ”ڊاڪٽر صاحب مون کي شهر جو شور.. ٽرئفڪ جو گوڙ پريشان ٿو ڪري .. ڇوان ٿو تہ هوند سڄو ڏينهن نرڙ تي ٻانهن رکيو کٽ تي ليٽيو پيو هجان .. ڪنهن سان ڳالهايان نہ..... نہ ڪوئي مون سان ڳالهائي. ڪنهن شيءِ ۾ دلچسپي نہ رهي آهي. ايئن ٿو لڳي ڄڻ زندگي بي رنگ ٿي وئي آهي. وڻن جا رنگ ڦِتي ويا آهن پن سڙي ويا آهن. سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو آهي. زنده رهڻ جو اتساه نہ رهيو آهي .. موسمن جو فرق ختم ٿي ويو آهي ..هڪ ئي موسم ڄمي ٻيهي رهي آهي. اداسيءَ جي موسم، ڏک جي موسم، مرڻ جي موسم. ڊاڪٽر صاحب مان پاڻ کي زندگيءَ کان پري ٿيندو ٿو محسوس ڪيان. زنده رهڻ جي همت وڃائي ويٺو آهيان. زنده رهڻ مون لاءِ دنيا جو سڀ کان ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي. ٿڪجي پيو آهيان ..... سمهڻ ٿو چاهيان. هڪ ڊگهي ، گهري ۽ مني ننڊ ڪرڻ ٿو چاهيان ... جاڳي جاڳي ٿڪجي پيو آهيان...“ هن ڪمزور ۽ ٿڪل لهجي ۾ ساهيون کڻي کڻي ايئن ڳالهايو ڄڻ دم جو مريض هجي. چپ وڏيڪ خشڪ ٿي ويس. هڪ پل لاءِ ڪرسي تي ٽيڪ ڏئي اکيون پوري ڇڏيائين. پوءِ وري اکيون کولي سڌو ٿي ويٺو.

ڊاڪٽر ايئن برف جهڙي نهار سان ڏانهن ڏسندو ۽ ٻڌندو رهيو ڄڻ هو اهڙي قسم جو سوين ڳالهيون هزارين ڀيرا ٻڌي چڪو هجي.

” هون“ ڊاڪٽر ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيندي ڄڻ پاڻ سان ڳالهايو.

”ڊپريشن ۾ ماڻهوءَ کي زندگيءَ جي تصوير سٻتي نظر نہ ايندي آهي. ابتي ۽ آسيري پاسيري نظر ايندي آهي. حالانڪ تصويرون نہ ڪو ابتيون آهن نہ ڪو سبتيون. اصل ۾ ماڻهن جو ڏسڻ جو انداز ڊسٽرب ٿي ويندو آهي. ڪيميڪلز ۾ بگاڙ جي ڪري ايئن ٿيندو آهي. پاڻي گهڻو پيو. هي بہ ٽيبليٽ رات جو وٺو.. پندرنهن ڏينهن کان پوءِ وري اچجو..... هونءَ ان وچ ۾ ضرورت محسوس ڪيو تہ پلي هليا اچجو... ڪچهري ڪنداسين. ڇانهن پيئندا سين ...“

ڊاڪٽر پرچو سندس سامهون رکندي پنهنجو آخري جملو هڪ مرڪ جي احساس تي پورو ڪيو. اها بنهہ ٿڌي مرڪ هئي.

”پر ڊاڪٽر صاحب مون کي ايئن ڇو ٿو لڳي تہ مون کي دل جو دورو پوڻ وارو آهي ۽ اهو تہ ڇيلاتو منهنجي پنيان لڳل آهي.“

”اٽ از جسٽ ڪيميڪلس ڊسٽربنس ..... آرام ڪيو جوس وغيره وڌيڪ پيو ۽ هي ٽيبليٽس وقت تي کائو.... اهي گوريون ڪيميڪلس کي توازن ۾ آڻينديون تہ توهان بهتر محسوس ڪندؤ. ڊپريشن ۾ ماڻهوءَ کي نوڙي بہ نانگ محسوس ٿيندي آهي. توهان رنگين ڪپڙا پايو. گهرن رنگن واريون شرٽس وغيره استعمال ڪيو ..هر وقت اڇا ڪپڙا پائڻ سهي نہ آهي. ٻي ڳالهہ تہ هر ماڻهوءَ سان جتي

ڪٿي پنهنجي تڪليف ۽ پريشاني جي اوک ڊوک نہ ڪجو...“ ڊاڪٽر مشيني انداز ۾ چيو.

”پر ڊاڪٽر صاحب...“

” ڏسو... اڄ لاءِ ايترو ڪافي آهي ...“

ڊاڪٽر رڪائيءَ مان سندس جملو اڌ ۾ روڪي ڇڏيو.. جيڪو ڪيس سنو نہ لڳو... پر پوءِ بہ ڪيس ڊاڪٽر سان ملڻ بهتر لڳو.

”پر مون ڊاڪٽر کي ٻيو ڇا ٿي ٻڌائڻ چاهيو“ هن پاڻ کان پڇيو. ”شايد اهو تہ منهنجي اندر ۾ خاليپڻو پرجي ويو آهي يا ڪا ٻي ڳالهہ؟.“ پر ڪيس ڪجهہ ياد نہ آيو. ڪجهہ هو جيڪو ڪائنس وسري ويو.

”ڊاڪٽر صاحب، مون کي اجازت آهي“

هن پنهنجي ڇپن مان اهي لفظ نڪرندي ٻڌا جن تي سندس وس نہ هو.

”اوڪي ..اوڪي.. نيڪسٽ ٽائيم...“

هو ڊاڪٽر سان هٿ ملائي ڪلينڪ کان ٻاهر نڪري آيو. هڪ جنگهہ تي پيٽ سان ٽيڪ ڏئي بينل پٽيوالو اجا بہ اتي ئي بيٺو هو ۽ ڪيس لڳو تہ پيٽ کي ٽيڪ ڏئي هڪ جنگهہ تي بينل پٽيوالو ڪوئي ٻيو نہ پر هو پاڻ آهي. ڪيس پنهنجي هڪ جنگهہ وڏيڪ ٿڪل ۽ ٻي جنگهہ گهٽ ٿڪل محسوس ٿي. هڪ جنگهہ ٿڪل ٻي اڻ ٿڪل. هُو مرڪيو. ان مرڪ جي چاپيءَ سان سندس يادگيريءَ جو تالو کلي ويو ۽ ڪيس ياد آيو تہ هن ڊاڪٽر کي ٻڌائڻ ٿي چاهيو تہ مان پنهنجي اندر ۾ پري تائين اڪيلو ۽ ڏڪارو ٿي پيو آهيان. منهنجي رڳن ۾ اونداهي پرجي وئي آهي. ڇاتيءَ ۾ هر پل ڪنهن پراڻي پيت جا چاپڙ ڪرندا ٿا رهن. اندر ۾ آوازن جو جهنگ ڦٽي پيو آهي. اکين ۾ ڪنڊا ٿا چڀن . حواسن ۾ آوازن جو شور شامل ٿي ويو آهي . پنهنجو آواز بہ ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي. سماعتن ۾ هر وقت شيشي جا گلاس ٽٽندا ٿا رهن. ٽٽل گلاسن جا ٽڪرا منهنجون اکيون ڇيري پري نڪري ويا آهن. مان اداسيءَ جي گمنام لمحي ۾ فريز ٿي ويو آهيان. منهنجي اندر ۾ هڪ سڄي ساري ندي ڇولين ۽ ڀيڙين سميت سڪي وئي آهي. هر وقت واريءَ جا واچوڙا ڦيريون پائيندا ٿا رهن. منهنجو چهرو قبر ٿي ويو آهي. منهنجا لفظ لاشا ٿي ويا آهن. لهجو سوڳوار ٿي ويو آهي!

پر هاڻي هو اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ ڊاڪٽر جي ڪلينڪ کان پري ٿي چڪو هو.

رستي ۾ هلندي ڊپ جي هڪ تيز لهر ڇهي ويس.

پر ڇا جو ڊپ...؟ اهو سمجهہ ۾ نہ آيس. شايد ڪڏهن ڪڏهن نوان پراڻا ڊپ گڏجي هڪ نئين ڊپ کي جنم ڏيندا آهن. ۽ هڪڙو ڊپ ٻئي ڊپ تي، ٻيو ڊپ ٽئين ڊپ تي حاوي ٿي ويندو آهي. ان ڪري ڪجهہ وقت تائين ان نئين ڊپ کي سمجهي نہ سگهبو آهي. ڪنهن اندرين ڇڪ ڪيس زوريءَ ساڄي پاسي نهارڻ تي مجبور ڪيو. سامهون چيلاتو هو. ورهين کان پوءِ ڪيس اوچتو پنهنجي ويجهو ڏسي ڪائنس ڇرڪ نڪري ويو. ڪيس لڳو ڄڻ چيلاتو ڪجهہ پل اڳ سندس پٺيءَ وٽ قميص تي ويٺو هو. هن سندس کهرن پرن ۽ چنبن تي سيسرات پيريو ۽ پوئتي نهاريو تہ چيلاتو سندس قميص تان اٿي پرسان اڏامڻ لڳو.

چيلاتو گهڻا سال اڳ به سندس پڻيءَ تي اچي وينو هو. ان مهل هو ڳوٺ واري مسجد ۾ پيش امام جي پوپان سمهڻيءَ واري نماز پڙهي رهيو هو. اوچتو ڪيس بت ۾ سيسرات پئجي ويو. کيس لڳو ته جڻ ڪوئي ڪهرن پرن ۽ چنبن وارو وڏو ڪارو تنبڙ سندس پڻيءَ تان هلندو ڪنڌ ڏي اچي رهيو آهي. تنبڙ جا سخت چنبا ڪياڙيءَ تي محسوس ٿيس ... تڏهن ڇرڪ ڀري ڪنوڻ جي تجلي جهڙي تيزيءَ سان پنهنجو ساڄو هٿ وڌائي ڪنڌ ۾ چنبا کپائي ويٺل ڇمڙيءَ جي مشابهت واري ڪاري تنبڙ کي ڪنڌ جي ڇمڙي تان پٽي سامهون مسجد جي فرش تي اڇلايائين ته تنبڙ اونڌو ٿي وڃي پت ۾ لڳو ۽ پئي پل ڦڙتيءَ سان سڌو ٿي اڏامڻو ۽ مسجد ۾ اندر هليو ويو. ۽ پوءِ پئي ڏينهن صبح جو وري ساڳئي جيت سان ان مهل سندس ملاقات ٿي جنهن مهل سندن ننڍڙو ڀاءُ مولوي صاحب جي پير ۾ ويهي ديني سبق وٺي رهيو هو ۽ مولوي صاحب ننڍڙي شاگرد جو ننڍڙو هٿ وٺي اکرن تي رکائڻ بدران پنهنجي ڇنگهن ۾ ڦاٿل ڪنهن وڇونءَ جهڙي جيت تي رکايو هو... ۽ ان صبح کان پوءِ ڀاڻس وري ڪڏهن به سبق وٺڻ نه وڃي سگهيو...!
۽ تڏهن کان هو پنهنجي ساڄي هٿ ۾ هڪ ڪهري جيت جو احساس پالڻ لڳو هو. اهو جيت جيڪو ڇهيو ته سندس ننڍڙي ڀاءُ هو پر ان جي شدت هن محسوس ڪئي هئي. ڪيس چيلاتي کان رڳو ڏپ نه هو نفرت به هئي. شايد ڏپ ۽ نفرت پاڻ ۾ ويجها عزيز آهن. هن پنهنجو هٽ ڪنڌ تي رکي چيلاتي جي کُهرن پرن ۽ چنبن جي ڇهاءُ سان ڇمڙيءَ ۾ پئجي ويل ڏيڙن کي پئي ڇهيو جو سارنگ کي ايندي ڏٺائين . جلديءَ ۾ هٿ هيٺ ڪري چڏيائين پر چهري تي ڦهليل ڏپ جو تاثر لڪائي نه سگهيو. شايد ماڻهوءَ جو چهرو گهڻي دير تائين هر قسم جو تاثر سانڍي رکندو آهي.

اکين تي پاتل نظر جي چشمي ۾ پنهنجي عمر کان وڏي نظر ايندڙ سارنگ جي چهري تي هر وقت سنجيدگي ڇانيل رهندي آهي ... هو کلندو به آهي ته لڳندو آهي جڻ سندس ٽهڪ به سنجيده آهن ۽ مرڪ به ڏکاري آهي. شايد اها اهڙي قسم جي اداسي هوندي آهي جيڪا سدائين ڪجهه ماڻهن جي اندر ۾ ڪٿي گهڻو پري گهرائيءَ ۾ رهندي آهي ۽ هر وقت سندن چهري مان ليئا پائيندي رهندي آهي . اها اهڙي گونگي اداسي هوندي آهي جيڪا ڳالهائيندي به ناهي ڳالهائيندي. رڳو پنهنجو پاڻ محسوس ڪرائيندي آهي. جنهن جو سبب خود ان ماڻهوءَ کي به معلوم نه هوندو آهي پر ان جو ڪوئي سبب هوندو ضرور آهي. گهڻو پراڻو گهرو اظهار کان متاهون. اندر ۾ پري ڪٿي چپ هڻي ويٺل ۽ خاموشيءَ سان زخمي ڪندڙ.

”ڇو راڻا. پريشان ٿو ڏسجين خير ته آهي.“ سارنگ پئنٽ جي کيسي مان هٿ ڪڍندي ۽ هٿ ڏي ڏسندي ايئن چيو جڻ ان سوال جو تعلق سندس هٿ سان هجي يا اهو سوال سندس هٿ تي لکيل هجي.

”اهڙي ڪا ڳالهه نه آهي“ هن پنهنجو ڏپ لڪائيندي چيو.

”يار...! ڪوڙ ڇو ٿو ڳالهائين ...اسان هي مٿو اس ۾ اڇو ڪونه ڪيو آهي“.

سارنگ جي ان جملي تي هن جي دل ڀرجي آئي.

’اچ ته هلي ڪٿي ويهون‘ سارنگ ساڄي هٿ جي ڏسڻي آڱر ۽ آڱوٺي سان نڪ تائين گسڪي آيل نظر جي چشمي کي اکين تي زور سان ڦٻائيندي چيو. ٻئي هلندا اچي پارڪ ۾ ويٺا.

آس پاس قسمين قسمين گل ٽڙيل هئا. گلن تي پوپٽن ڦيريون پئي پاتيون. هوا ۾ نئين موسم جي

آمد جو هڳاءُ هو.

”هاڻي ٻڌاءِ ڇا ٿيو آهي ..“ سارنگ چهر تي ويهندي چيو. ” يار اصل ۾ مان ڪافي وقت کان ڊپ ۾ مبتلا آهيان۽...“ هوڳالهائيندي چپ ٿي ويو. ڊاڪٽر جا لفظ ياد اچي ويس، تہ ”هر ماڻهوءَ سان جتي ڪٿي پنهنجي پريشاني جي اوک ڊوک نہ ڪجو“

”راڻا....“ هن ڪي خاموش ڏسي سارنگ ڳنڀيرتا سان چيو....”مان تنهنجي ڪيفيت کي سمجهي سگهان ٿو منهنجا دوست. چڱي طرح سمجهان ٿو. اصل ۾ هي ڏاڍو ڳنڀير معاملو آهي. ڇا چيم...؟“

”هي ڏاڍو ڳنڀير معاملو آهي. “ هن سندس چوڻ تي جملو دهرايو.

”هانءِ شاباس. ادا اصل ۾ مسئلو هي آهي تہ اسين اڳ ۾ ئي تاريخي توڻي جبلتي طور تي ڊپ ۾ مبتلا آهيون.“ سارنگ ڳلو صاف ڪري ليڪچر ڏيڻ واري انداز ۾ وري پنهنجي هٿن ڏي ڏسندي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”پوڙهو ٿيڻ جو ڊپ، بيمارين جو ڊپ، ايڪسيڊنٽ جو ڊپ، موت جو ڊپ ، اڪيلائيءَ جو ڊپ .. ۽ ڪيئي ٻيا ڊپ ... ماڻهوءَ جو ساهہ هميشہ مٺ ۾ رهيو آهي. منهنجا دوست راڻا. ماڻهو هميشہ کان ڊپ ۾ مبتلا رهيو آهي....ڇا چيم؟“ ”ماڻهو هميشہ ڊپ ۾ مبتلا رهيو آهي“ هن ڪنهن ڊنل ٻار وانگر سارنگ جي تائيد ڪندي چيو.

”هانءِ شاباس ..ادا پنهنجا پاڻ ۾ وينا آهيون، ڳالهہ هي آهي تہ هو ڪنهن بہ وقت ڪٿي بہ ۽ ڪنهن سان بہ ڪجهہ بہ ڪري سگهن ٿا، ڇا چيم؟“

”هو ڪنهن بہ وقت ڪنهن سان بہ ڪجهہ بہ ڪري سگهن ٿا “

”هانءِ شاباس . ادا پنهنجا پاڻ ۾ وينا آهيون هو اسان مان ڪنهن کي بہ ڪنهن بہ وقت ڪنهن بہ جاءِ تي بنان وارنٽ گرفتار ڪري سگهن ٿا. جيل اماڻي سگهن ٿا ۽ اسان کي هميشہ لاءِ گم بہ ڪري سگهن ٿا. پاڻ کي محتاط رهڻو پوندو منهنجا دوست. ڇا چيم.....؟“

”پاڻ کي محتاط رهڻو پوندو....“

”هانءِ شاباس پر منهنجا دوست پنهنجا پاڻ ۾ وينا آهيون . پنهنجو ڪو بہ احتياط ڪارگر ثابت نہ ٿيو آهي، نہ ئي ٿيندو. هنن جنهن وقت بہ ۽ جتي بہ چاهيو آهي اسان جي ماڻهن کي ڪنيي ڪٽي ويا آهن. مهينن جا مهينا سالن جا سال خفيہ ٽارچر سيل ۾ رکي خطرناڪ تشدد ڪيو اٿن. انهن کي ذهني / جسماني طور اپاهج ڪري واپس ڪيو اٿن. بلڪ اڪثر کي تہ واپس ئي نہ ڪيو اٿن. اسين ڪو بہ احتياط نہ ٿا ڪري سگهون منهنجا دوست ڇا چيم....“

”اسين ڪو بہ احتياط نہ ٿا ڪري سگهون . “

”هانءِ شاباس. ادا تنهنجو هي ڊپ تنهنجو ذاتي ڊپ نہ آهي منهنجا دوست!

اهو اسان سيني جو ڊپ آهي. اهو قديم ۽ جديد ڊپ آهي. اهو اسان جو اجتماعي ڊپ آهي. ڇا چيم؟“

”اجتماعي ڊپ.“

”هانءِ شاباس.. ڇو جو هنن کي اسان جي خوشي پسند نہ آهي. توکي خبر آهي تہ هنن اسان جي

دوست نظير احمد کي اڌ رات مهل ڪنيو ۽ ڪيس ٽارچر سيل ۾ اذيتون ڏئي ماري ڇڏيائون. ۽ پوءِ وسندي برسات ۾ هڪ تاريڪ رات جي خاموشيءَ ۾ ڪيس سخي حسن قبرستان جي ڪنڊ ۾ دفن ڪري ڇڏيائون ... پر منهنجا دوست سخي حسن قبرستان جي اها گمنام قبر نڌڻڪي ناهي .. ان قبر جا وارث جيئرا آهن .. ان قبر جي مٽيءَ مان هڪ ڏينهن ڳاڙها گل ڦٽندا ...۽ ضرور ڦٽندا منهنجا دوست. ڇا چيم؟"

هو جذبات وچان ڳالهائيندي هڪ وڏي ڪوسي ساهه ۾ تبديل ٿي ويو.

پر سندس ساهه ۾ ڳاڙهن گلابن جي خوشبوءَ بدران ان امپورٽڊ وسڪي، پيزا، برگر ۽ برياڻيءَ جي خوشبو هئي جيڪا هو شاهوڪار اين جي او جي صوبائي ڪوآرڊينيٽر جي حيثيت ۾ گذريل ڪافي وقت کان پيئندو ۽ کائيندو پئي آيو.

"بهرحال..." هن ٿڌو ساهه کڻي چيو... "وري به تو کي محتاط رهڻ گهرجي. هو تو جهڙن سوچيندڙ ماڻهن کي هميشه پنهنجي Hit list تي رکندا آهن. انهن جي چرپر تي اک رکندا آهن. انهن جي پنيان سڙيل منهن وارو ماڻهو يا چيلاتو لڳائي ڇڏيندا آهن. ڪجهه مهينن جي جاچ پڙتال کان پوءِ کين جڏهن سڙيل بوٽ وارو ماڻهو اها معلومات فراهم ڪندو آهي ته هي ماڻهو سمجهي سگهي ٿو سوچي ۽ محسوس ڪري سگهي ٿو. ته هو ان ماڻهوءَ کي زندگيءَ کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. هنن کي فقط انڌا، ٻوڙا، گونگا، خود غرض ۽ ڪنڌ هيٺ جهڪائي هلڻ وارا ماڻهو وڻندا آهن. ڇا چيم....؟"

"هنن کي انڌا ٻوڙا گونگا خود غرض ۽ ڪنڌ جهڪائي هلندڙ ماڻهو وڻندا آهن." هُن اهو جملو سارنگ جي منهن ڏي ڏسندي چيو. الاءِ ڇو هن دفعي سارنگ پنهنجو تڪيه ڪلام ورجائيندي ڇئي نه سگهيو ته:"هاڻ، شاباس...."

هو سارنگ جي ڳالهين جي وچ ۾ پنهنجي ڪا به راءِ ان ڪري رکي نه سگهيو جو سندس اندازو هو ته ٿي سگهي ٿو ته سندس ڏپ بابت سارنگ جو خدشو به پنهنجي جاءِ تي صحيح هجي پر اصل ۾ سندس ڏپ بنهه ذاتي ۽ داخلي قسم جو ۽ مختلف هو. جنهن بابت هن سارنگ کي ڪجهه به ٻڌائڻ مناسب نه پئي سمجهيو. اهو ڏپ ڪنهن فلمي منظر کان بلڪل الڳ ٿلڳ ۽ حقيقي هو. اهو ڏپ اصل ۾ ان ڪوراڙ بلا جهڙو هو جنهن لاءِ چوندا آهن ته اها سڄي ماڻهوءَ کي ڳهي ويندي آهي. اهو ڏپ ان ڏيڻ جهڙو هو جنهن ۾ ڪريل ماڻهو آهستي آهستي ايئن غرق ٿي ويندو آهي جو ڪيس به خبر نه پوندي آهي. اهو ڏپ رات جي وقت گهري اونداهي ۾ جهنگل مان گذرندڙ ان مسافر جي احساس جهڙو هو جنهن جي جنگهه ۾ سنهڙو زهريلو نانگ ويڙهجي ويندو آهي ۽ جنهن کي هو ڪنهن سر جو پن، ڏاڳو يا گپ چڪ سمجهي هلندو رهندو آهي ۽ پوءِ ڪنهن مهل جنگهه ۾ سُور ٿيڻ تي هيٺ جهڪي ڏسندو آهي ته ڄاڻندو آهي ته اهو ڪک پن يا گپ، چڪ نه پر اهو ته زهريلو نانگ آهي پر ايستائين گهڻي دير ٿي چڪي هوندي آهي.. سارنگ ڪيسي مان پاڪيٽ ڪڍي سگريٽ دکائي ڪش پريو...! سرمئي دونهين جي ڪکر ۾ هڪ پل لاءِ ڪيس ڪابي اک جي خواب جو پهريون ۽ آخري مقتول نظير احمد مرڪندي نظر آيو. ان مرڪ ۾ اداس طنز جو زهر هو. ۽ ٻئي پل ڪابي اک جي خواب جو پهريون مقتول دونهين ۾ تحليل ٿي ويو. هن سندس هٿ ۾ جرڪندڙ پاڪيٽ ڏٺو. اهو مهانگي برانڊ جو سگريٽ هو.

”بس يار...“ سارنگ سندس نگاهہ جو مطلب سمجهندي چيو... ”سچي زندگي پن جون ٻيڙيون ۽ فلٽرليس ٿرڊ ڪلاس سگريٽ سگريٽ پيي سينو ساڙيو اٿئون .... سٺو سگريٽ ڇڪڻ تہ گهٽ ۾ گهٽ اسان جوبہ حق آهي.“ ٻئي مرڪي پيا.

”منهنجو خيال آهي تہ ان مرڪ تي پاڻ موڪلايون...“

”پنهنجو خيال رکجانءِ ۽ گهڻو ڏپ نہ ڪر. ڏپ ماڻهوءَ کي ماري وجهندو آهي.“ سارنگ اٿندي چيو ۽ ساڻس هٿ ملائي پارڪ مان ٻاهر نڪري ويو. هو ڪجهہ لمحن لاءِ اتي ئي بيٺو ماڻهن جي پيهہ جو حصو ٿيندڙ پنهنجي دوست جي پٺيءَ ڏي ڏسندو رهيو. اها بظاهر هڪ خوش باش پر حقيقت ۾ هڪ اداس ماڻهوءَ جي اداس پُٺي هئي.

راڻو ڪجهہ دير اُتي بيٺو سارنگ کي شهر جي پيهہ ۾ گم ٿيندي ڏسندو رهيو. جڏهن سارنگ پنهنجي اداس پٺيءَ ۽ نظر جي چشمي سميت سندس نگاهن کان اوجهل ٿي ويو تہ کيس لڳو ڄڻ هو هميشہ لاءِ سندس نگاهن کان اوجهل ٿي ويو. ۽ هن کي احساس ٿيو تہ رات ٿي وئي آهي.. پر نہ اڃا رات نہ ٿي هئي. ها البتہ شام ڪافي گهري ٿي چڪي هئي. شامون بهار جون هجن يا خزان جون، شامون سڀ هڪ جهڙيون هونديون آهن ۽ اڪثر ماڻهوءَ کي نہ سمجهہ ۾ ايندڙ اداسيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏينديون آهن.

شامون رڳو ماڻهوءَ تي ئي اثرانداز نہ ٿينديون آهن پر وڻن ٽڻن، پکين، آکيرن پيچرن، جاين، آڳنڌن، پليٽفارمن، انتظارگاهن، پارڪن ۽ سيمنٽ جي بئنچن تي بہ اثر انداز ٿينديون آهن. شام مهل هر شئي اداسيءَ جي ڪوهيڙي ۾ ويڙهجي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهو ڪوهيڙو ايڏو گهاٽو هوندو آهي جو سوين وولٽيج وارا بلب بہ سندس دائري کي ٽوڙي نہ سگهندا آهن.

۽ اڪثر هو پنهنجو پاڻ کان پڇندو آهي

”آخر ايڏي اداسي ڇو آهي...؟“ پر کيس پنهنجي سوال جو ڪوبہ جواب نہ ملندو آهي. هونءَ بہ ڪيئي اهڙا سوال ٿيندا آهن جن جو وٽس ڪوبہ جواب نہ هوندو آهي. هن ڪيترين ئي موسمن ۾ ڪيترائي ڀيرا پنهنجي آس پاس نهاريو هو.

اوپر....

اولهہ....

اتر....

ڏکڻ....

چارئي ڏسائون نهار جي پهچ ۾. سچي دنيا، دنيا جا ماڻهو. پورا، ڪارا، ڳاڙها ماڻهو.

آس پاس نهاريندي سندس ذهن ۾ موجود سڀ ڳالهيون سُسي ويون ۽ سندس ذهن يڪسر خالي ٿي ويو هاڻي سندس ذهن ۾ نہ دل جي دوري پوڻ جو ڏپ موجود هو نہ ئي سارنگ جون ڳالهيون ... نہ سندس آفيس جي پٽيوالي غلام رسول عرف گليءَ جو پراڻو ڪوٽ موجود هو جنهن جا سڀ بٽڻ چنل ۽ رنگ ڦتل هو ۽ نہ ئي هوٽل واري پنهل جي ڪاپي اک جي پچي موجود هئي. نہ مٿي تي مائو ڪيپ پائي ٽڪڙو ٽڪڙوهلندڙرٽائرڊ بئنڪ مئنيجر جي پراڻي ٽاءِ هئي، نہ ئي سندس ٽاءِ مان ٻاهر نڪتل ڏاڳو. هاڻي

سندس ذهن مڪمل طور تي خالي هو. پر اهو خاليپڻو بہ شايدعارضي هو.

ٻئي پل سندس ذهن تي ڏک جا ڪڪر ڇانئجي ويا.

اهو شام جو شام جهڙو ڏک هو جنهن ۾ ”گهر وڃڻ“ جي پراڻي اداسي لڪيل هئي.

ماڻهوءَ کي نہ چاهيندي بہ شام جو گهر وڃڻو پوندو آهي. اهو.. ”وڃڻو پوڻ“ يڪسانيت جو نالو آهي. ماڻهو ڪنهن طرف پليءِ نہ وڃڻ چاهيندو هجي پر ڪيس ضرور وڃڻو پوندو آهي. اهو وڃڻ اصل ۾ ”وڃڻ لاءِ وڃڻ“ هوندو آهي. ايئن جيئن مڙئي ڳالهائڻ لاءِ ڳالهائڻ، ڏسڻ لاءِ ڏسڻ. زندگيءَ جا گهڻا عمل شايد اهڙائي هوندا آهن جيڪي نہ چاهيندي بہ هرحال ۾ ڪرڻا پوندا آهن. اها خود ساختہ اذيت آهي . منو زهر آهي. خاموش قاتل آهي. ماڻهو ٻين سان ڪوڙ ڳالهائڻ ڪان وڌيڪ پنهجي پاڻ سان ڪوڙ ڳالهائيندا آهن. اهي خوش ۽ مطمئن نظر اچڻ جو سانگ رچائيندا آهن. اهي گهڻي دير تائين دوستن سان گڏ رهڻ گهرندا آهن ۽ گهر وڃڻ نہ چاهيندا آهن پرپوءِ بہ چوندا آهن. ”چڱو مان هلان ٿو. ڏاڍي دير ٿي وئي آهي“ اهي لفظ سندن اندر جا نہ هوندا آهن. فقط سندن چپن جا هوندا آهن. گهر وڃڻ تہ سندن مجبوري هوندي آهي. سمجهوتو هوندو آهي. هو تہ اڌ اڌ رات تائين ٻاهر رهڻ چاهيندا آهن...!! دوستن ۽ رستن سان رلڻ ۽ ڳالهائڻ چاهيندا آهن... هوائن سان ملڻ ۽ آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ گهرندا آهن پر هميشہ سندن خواهش خواهش ئي رهجي ويندي آهي...!!

هن جا قدم ميڪانڪي انداز ۾ ڪالونيءَ ڏي وڌڻ لڳا. ڪالوني جنهن ۾ سندس گهر هو. زال هئي، ٻار هئا. شايد سڀ ڪجهہ هو . اهو سڀ ڪجهہ جيڪو گهر ۾ هجڻ گهرجي. پر پوءِ بہ ڪجهہ ڪٽل هو. ڪجهہ خاص ... ڪجهہ ضروري... اهو ڇا هو...؟ شايد ڪجهہ بہ نہ.. شايد گهڻو ڪجهہ ”شايد ڪجهہ بہ نہ“ ۽ ”گهڻو ڪجهہ“ جي وچ ۾ ”ڪجهہ“. کيس گهر ڏي وڃڻ فقط تڏهن سنو لڳندو هو جڏهن هو ننڍڙو ٻار هو ۽ اڃان سندس ماءُ زنده هئي. گهربہ فقط تڏهن سنو لڳندو هئس جڏهن هوءَ سندس انتظار ڪندي هئي. تڏهن کيس گهر موٽڻ ڏاڍو سنو لڳندو هو. ٻاهر رهڻ ڏکيو لڳندو هئس. هاڻي تہ گهر ڏي موٽڻ هن جي ضرورت هئي... مجبوري هئي.. بلڪہ فرض هو. گهر ڪان آفيس ۽ آفيس ڪان گهر تائين هرڪنهن کي فرض جو پٽو ڳچيءَ ۾ ٻڌل آهي. خوبصورت ۽ چمڪدار پٽو... جنهن ڪان سواءِ ماڻهو جهڙو واڱرو. سج لهي ويو. شهر جون بتيون روشن ٿي ويون. ۽ هن اوچتو محسوس ڪيو تہ هو هن پريل شهر ۾ بلڪل اڪيلو آهي. جڳ جڳ ڪان اڪيلو. سڀ ڪو اڪيلو آهي، سارنگ بہ اڪيلو آهي، رٽائرڊ بينڪ مينيجر بہ اڪيلو هو. ڊاڪٽر حيدر علي بہ اڪيلو آهي ۽ سندس ڪلينڪ جي دروازي تي هڪ ٽنگ تي بيٺل پٽيوالو بہ اڪيلو آهي. شايد سڀ رشتا ناتا دوست عزيز مت مائٽ نظر جو دوکو آهن. هوفٽ پاٿ تي پير رکندو اڳتي وڃي رهيو هو. جڻ اڳتي نہ پر پوئتي پئي ويو گهڻو پوئتي. جتي رڃ هئي، جتي ڪارو پاڻي هو. ڪارو پاڻي ماڻهوءَ جي اندر ۾ هوندو آهي ... جتي ڪجهہ ماڻهو هميشہ لاءِ قيد هوندا آهن ۽ جتان ڪڏهن بہ آزاد ٿي نہ سگهندا آهن. جتي سندن عُمر ڳري ويندي آهي. آسمان ۾ ڪڪر پريل هئا ۽ هوا ۾ گهم هئي. هن جي اکين ۾ خاليپڻو پريل هو. دل ۾ ڏک جو گهرو احساس..... جهڙو وڇايل ٻار..." امان ...!! امان تون ڪٿي آهين...؟" آس پاس سڀ ڪجهہ اجنبي.... اوپرو اوپرو.... رستو خالي اکيون خالي، خالي اکين ۾ ڳولا.... گهرج..... ڇچا پر ڪنهن جي...؟ شايد ڪنهن ڇانوري جي وڻ

جي. ڪنهن اهڙي بئنچ جي جنهن تي ويهي، اکيون پوري، پير پساري هڪ پل لاءِ رستي جو ٿڪ پيچي سگهي. رستو جيڪو گهڻو طويل هو پر ڪٿي ڪائي پناهگاهه نه هئي. وڻ نه هو.... چانورو نه هو. ڪيس هر حال ۾ ٿڪل پيرن سان هلڻو هو. پر هو ڪافي دير تائين اتان چري نه سگهيو. ڪيس لڳو ڄڻ هو ورهين کان اتي بيٺو ماڻهن کي ڏسندو رهيو آهي. دوستن ۾ سڃاڻو چهرن کي هڪ پل لاءِ ظاهر ٿيندي ۽ وري الوپ ٿيندي ڏسندو رهيو آهي. اول هن جي اداسيءَ جو هڪڙو رنگ هو پر هاڻي ان ۾ ڪيئي رنگ شامل ٿي چڪا هئا.

اداسيءَ جو نيرو رنگ.

جدائيءَ جو هيڊو رنگ.

انتظار جو اڇو رنگ.

ڏک جو ڪارو رنگ.

سڀ رنگ هڪ ٻئي کان ڌار. سڀ رنگ هڪٻئي ۾ ملڻ لاءِ آتا.

سڀ رنگ هڪٻئي ۾ ملندڙ جُلندڙ. آميزش جو لمحو.

تخليق ۽ تخريب جو لمحو. ملڻ ۽ وڇڙڻ جو لمحو. ٺهڻ ۽ ڊهڻ جو لمحو. سڃاڻپ جو لمحو گمناميءَ جو لمحو شايد اهو هڪ لمحو ئي وقت جو پئمانو آهي. الاءِ ڇو هڪ لمحي لاءِ سندس اندر ۾ زوردار خواهش ابري ته هو زور زور سان رڙيون ڪري ماڻهن کي ٻڌائي ته هڪڙو پل ئي سڀ ڪجهه آهي. پر هو پنهنجي خواهش کي عملي روپ نه ڏيئي سگهيو. وقت گهڻو گذري چڪو هو. هو ٿڪل ٿڪل قدم کڻندو ۽ پٽين ڏي نهاريندو گهر جي رستي سان هلڻ لڳو. پٽين تي چنبڙيل اشتهار ۽ نعرا ... پٽيون جيڪي ماضي به آهن ته حال به آهن ۽ مستقبل به. اهي قديم به آهن ته جديد به. اهي پٽيون هو ورهين کان ڏسندو پئي آيو. پٽين تي لکيل نعرا اشتهار سندس يادگيرين ۾ محفوظ هئا. اس ۽ برسات ۾ ڌوپي ويل نعرا ۽ اشتهار به سندس يادگيريءَ ۾ تازا هئا. شايد پٽين تي لکيل نعرا، جملا ۽ اشتهار هڪ دور جو عڪس ۽ سماج جي نفسيات جو آئينو هوندا آهن. اهي پنهنجي دور جي داڻهن هوندا آهن. ڪهاڻي هوندا آهن. ڏک جي ڪهاڻي، خوشيءَ جي ڪهاڻي، خواهشن ۽ خوابن جي ڪهاڻي، اذيت جي ڪهاڻي، اندر جي اوبر جي ڪهاڻي، ذاتي ڪهاڻي، ڪوڙي ڪهاڻي ۽ سچي ڪهاڻي ۽ ڪهاڻي رڳو ماضي نه هوندي آهي ۽ رڳو حال نه هوندي آهي، پر مستقبل به هوندي آهي .. هن جون اکيون پٽين سان الجهيل هيون ۽ سندس مٿان هڪ وشال سانورو آسمان تنبوءَ وانگر تاڻيل هيو... ۽ الجهن جي هڪ پل ۾ مٿس اهو انڪشاف به ٿيو ته ڊرامي بازي ۽ نعري بازي هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن ... ۽ اهو سڪو کوٽو آهي ۽ کوٽو سڪو بار به نه ونندا آهن ... ها البت کوٽو سڪو انڌي فقير جي ڪشتي ۾ آسانيءَ سان اچلائي سگهبو آهي. سڪي جو ڇڻڪو ٻڌي انڌو فقير جوش وچان نعرو هڻندو آهي. ’حق الله، حق الله، حق الله‘ ۽ انڌي فقير جي وات مان نڪتل اهو نعرو ڪوڙو نه هوندو آهي. ڇو ته اهو محض نعرو نه هوندو آهي پر اهو اندر جي صدا هوندو آهي .. هو نعرا پڙهندو ۽ اشتهار ڏسندو رهيو.

تان جو رستو ڪٽي ويو ۽ پٽيون به ڪٽي ويون پر نعرا ۽ اشتهار نه ڪٽا. پولار ۾ لڙڪندڙ نعرا، جملا ۽ اشتهار ڏانهس ڏسڻ لڳا. سڄو شهر ٽڏ جي تهه ۾ ڍڪجي ويو. هو پئنٽ جي کيسن مان هٿ ڪڍي منهن

تي چنبڙيل نعرن، جملن ۽ اشتهارن جي دڙ ۽ ڄارو پري ڪندي چپن ۾ پڙڪيو ”هن ديس جون ديوارون رات پيٽ ۾ ايترا نعرا ڄڻين ٿيون جيترا مائرون ٻار به نه ٿيون ڄڻين. پر اهو به شڪر جو پيٽيون پنهجا ڄڻيل نعرا پاڻ ئي نانگن جيان کائي ٿيون ڇڏين نه ته شايد سڄو شهر نانگن سان ڀرجي وڃي“ ۽ پوءِ پنهجي گهر جو دروازو کڙڪائڻ مهل سوچيائين ”پرهن ديس جون ديوارون نعرا نه ڄڻينديون ته کهڙا گل ڄڻينديون. نعرن جي لڳ سان نعرا ئي ته ڄمندا آهن. شايد هن ديس جي سموري سياست پيٽين تي لکيل نعرن سان شروع ٿي پيٽين تان اس ۽ مينهن ۾ ڌهي ويل نعرن تي دنگ ڪري ٿي.“ دروازو کڙڪائڻ کان اڳ ڪيس اوچتو الٽي اچي وئي.... الٽي ڪندي هن اهو به محسوس ڪيو ته دراصل هو گهڻي وقت کان دوزخ جي ڪنهن وشال ڪنڊ ۾ زندگي گذاري رهيو آهي.

ساڳيائپ جو دوزخ....

اڪيلاپن جو دوزخ....

ڇيلاتن سان ڀريل دوزخ....

ڪاپي اک جي خواب جو دوزخ....

نعرن سان جهنجهيل دوزخ....

خدشن ۽ انديشن سان ڀريل دوزخ....

هن محسوس ڪيو ته جيڪو ماڻهو گهر جي ڀرسان ۽ پٽ جي پاڙ ۾ الٽي پيو ڪري سو ڪو ٻيو آهي. يا شايد هو پاڻ آهي. يا ٻنهي مان ڪو به هڪ آهي. هون به زندگيءَ جي انڌي ڳليءَ ۾ قاتل ماڻهوايئن نه سوچيندو آهي جيئن سوچڻ گهرجيس. پر ايئن سوچيندو آهي جئين سوچڻ نه گهرجيس ۽ ائين سوچيندو آهي، جئين انڌي ڳليءَ ۾ بيٺل ماڻهو سوچيندو آهي.

هو زندگيءَ جي ڄاڳري ٻير ۾ ڦاسي پيو هو ۽ محسوس ڪرڻ لڳو هو ته زندگي هڪڙو ناڪام تجربو آهي ۽ اميد هڪ خوبصورت دوکو آهي. رڃ آهي. زندگي هڪڙو ريشمي ڄار آهي. ڪوريئڙي جو اڻيل اهڙو ڄار ، جيڪو ٻنهه سنهڙو آهي پر ڏاڍو مظبوط آهي . جنهن ۾ ماڻهو قاتل آهي . جنهن ۾ ماڻهو ڦٿڪندو ٿو رهي . جيئندو ٿو رهي، مرندو ٿو رهي، ڄاڳندو ٿو رهي. تان جو جسم جون رڳون سڪي وينديون اٿس. ڪل ڳري ويندي اٿس. هڏ ڀري ويندا اٿس. رت سڙي ويندو اٿس. پر پوءِ به جيئندو ڄاڳندو ۽ ڦٿڪندو رهندو آهي. زندگي هڪ پيچيده مسئلو آهي جنهن جو حل ڪنهن وٽ ڪونهي . زندگي آهي ته مونجهارو آهي. زندگي ختم ته مونجهارو ختم . موت ڪٿي ڪنهن به مسئلي جو حل نه هجي پر گهٽ ۾گهٽ پاڻ ته ڪو مسئلو ڪونهي. مونجهارو ته ناهي. موت اهڙي صاف ۽ سفيد چادر آهي جنهن تي ڪنهن به مونجهاري جو داغ ناهي. شايد موت ماڻهوءَ جو مهربان دوست /دشمن آهي. شايد اهو موت ئي آهي جيڪو زندگيءَ جي اڌ سچ کي ”سڄو“ سچ ٻڌائي ٿو. پر ماڻهوءَ جي اختيار ۾ ڇا آهي......؟

”زندگي....؟“

”موت....؟“

ماڻهوءَ جو ته زندگي تي ڪو اختيار آهي نه موت تي. جي ماڻهوءَ ۾ خودڪشيءَ جي جرئت نه آهي ته پوءِ ڪيس نه چاهيندي به جانور وانگر زندگي گذارڻي پوندي. هو هڪ هارايل سپاهيءَ وانگر سوچڻ

لڳو هو. گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي موت تي ته ماڻهوءَ کي اختيار هجڻ گهرجي جڏهن زندگيءَ جا سڀ رستا سوڙها ٿي وڃن ته آزادي سان بنا ڪنهن ڏپ ۽ روڪ ٽوڪ جي موت جي شاهراه تي روانو ٿي وڃجي. هونءَ به شايد بي يقينيءَ جي زندگيءَ کان يقين وارو موت وڌيڪ بهتر آهي. پر ماڻهو اهڙي آزاديءَ کان محروم آهي. پر جڏهن ماڻهو پنهنجي مرضي سان ڄمي ئي نه ٿو ته پنهنجي مرضي سان زندگي ڪيئن ٿو گذاري سگهي. پنهنجي لاءِ مري ڪيئن ٿو سگهي....؟؟

پنهنجي لاءِ جيئڻ...!!

پنهنجي لاءِ مرڻ....!!

هڪ شاندار خواهش..!!

هڪ حسين خواب.... پر تعبير کان محروم...!

بس ماڻهو زنده رهي ٿو مرڻ لاءِ.... نوڪريءَ لاءِ... شاديءَ لاءِ، ٻار ڄڻڻ لاءِ.. ٻارن کي پالڻ لاءِ... نوڪريءَ مان رٽائر ٿيڻ لاءِ. پينشن وٺڻ لاءِ... قطار ۾ بيهڻ لاءِ. بلڊ پريشر، شگر ۽ سنڌن جي سُور جون دوائون کائڻ لاءِ. کنگهڻ لاءِ.... ۽ کنگهي کنگهي مرڻ لاءِ. هو بظاهر با اختيار ۽ آزاد هوندي به بي اختيار غلام آهي. سارتر شايد سچ نه چيو آهي ته ٻار آزاد ڄمي ٿو پر دنيا کيس غلام ٿي بڻائي. ڪٿي آهي ٻار ڄمڻ کان اڳ آزاد؟ ٻار ڄمڻ کان اڳ ئي پابند آهي، غلام آهي، بي اختيار آهي.

هو زندگيءَ جي اهڙي انڌي ڳليءَ ۾ ڦاسي پيو هو جنهن مان نه اڳتي وڃي پئي سگهيو نه پوئتي موٽي پئي سگهيو. هن لاءِ ٻار ،زال ۽ زندگي معنيٰ وڃائي ويٺي هئي. هن لاءِ زندگي چاڪيءَ جي ڏاند جيان هڪ ئي دائري ۾ قاتل شئي هئي.

ساڳيو ڪمرو، ساڳيون پٽيون، ساڳيو گهڙيال، ساڳيو وقت جو سرندڙ وجود، ساڳي آفيس، ساڳي ٽيبل، ڪرسي ۽ باس. ساڳيو ڪم ساڳيا فائل هر عمل بي چس. زندگيءَ کان خالي خالي. مئل مئل. مسلسل ورجاءُ. گهر جي ساڳي حالت... ساڳي ٽي وي، ساڳيو ڪارٽون فلم جو بي انتها شور، ٻارن جو گوڙ. نه پنهنجي پسند تي ڪوئي گيت ٻڌي سگهجي. نه ڪائي فلم ڏسي سگهجي. نه آرام سان ڪو ڪتاب پڙهي سگهجي. نه پنهنجي مرضيءَ سان خاموشيءَ جو لطف ماڻي سگهجي. هر ڳالهه ۾ بي وسي، لاچاري، محرومي. ۽ انهن محرومين جي ڪک مان ڦٽل ڪاوڙ ڏک، اداسي ۽ پاڻ تي مڙهيل خاموشي....!!

ان رات زالهنس اڌ رات مهل گهر جي ڪم مان ۽ ٻارن جي سار سنڀال کان پوءِ اچي سندس پر ۾ ليٽي ته هو اڃا جاڳيو پئي. خاموش هو. جهڙو لاش...! زالهنس ٻانهن ڇاتيءَ تي رکي اوٻاسي ڏيندي پڇيس... ”ڇا ٿيو اٿئي. ننڊ نه ٿي اچئي“ هو بدستور چپ ۽ اندر ۾ ايرندڙ ڏک، اداسي، شڪايت ۽ ڪاوڙ ”ڪيڏو عجيب فضول ۽ واٽڙو سوال...!“

زالنهس جو ساڳيو سوال. ۽ هن جو ساڳيو پراڻو ڏک ۾ پريل جواب”ڪجهه نه. ڪجهه به نه“ موٽ ۾ زالهنس جي ساڳي اوٻاسي ۽ ننڊ ۾ ٻريون ٿي ويل ٽڪل اکيون. ٿڪاوٽ ۽ اوجاڳي جي ڪري ساهه مان ايندڙ ٻوءِ ۽ پوءِ کونگهرن جو جو هلڪو پر گهرائي سان ايذائيندڙ آواز.... هو دير تائين جاڳندو پاسا ورائيندو ۽ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندو رهيو. ”سڀ ڳالهيون ٻڌائڻ جهڙيون ته نه هونديون آهن. پلي ڪٽي نه به هجن پر پڇڻ جو اهو طريقو آهي. هونهه... ڇا ٿيو اٿئي. ڇاٿيندو....!! توکي پلا ڇا ٻڌايان ۽

ڪيئن ٻڌايان ته جيئرو رهڻ زندگي نه آهي. پر تون ٻڌي به پلا ڇاڪندينءَ“

سول اسپتال جي فزيشن ڊاڪٽر ظهور بلڊپريشر چيڪ ڪري چيو هئس... ”توهان جو بلڊ پريشر وڌيڪ آهي. هي گوريون ڪائو پندرنهن ڏينهن کان پوءِ وري اچجو.“

”ڊاڪٽر صاحب منهنجو بي پي نارمل ٿي ويندو...؟“

”دراصل هي بيماري ڏاڍي خراب آهي، هڪ ڀيرو ڪنهن کي لڳندي آهي ته وري جند نه ڇڏيندي آهي“ ڊاڪٽر ٻئي مريض کي سڏيندي ڪجھ اهڙي انداز سان چيو هو جو هُو نروس ٿي ويو هو. نروس ٿيڻ هونءَ به سندس پراڻو الميو هو. ملٽي نيشنل , نيشنل ۽ لوڪل ميڊيڪل ڪمپنين جي نمائندن جي وچ ۾ ويهي ساڻن گپ شپ ۾ گم ڊاڪٽر صاحب پنج منٽ ڪيڏي هن کان رڳو ايترو پڇي ها ته” تون اڳ کان بلڊ پريشر جي دوا ڪائيندڙ آهين يا نه ... ننڊ اچي ٿي يا نه , جي نه ته ڇو نه ٿي اچي .. ڪنهن پريشاني ۾ مبتلا ته ناهين...؟“

ته هُو ڪيس ضرور ٻڌائي ها ته ”ڊاڪٽر صاحب مان گذريل وڏي عرصي کان پريشان ٿو رهان. مون کي راتين جون راتيون ننڊ نه ٿي اچي، ڀيانڪ خواب ٿو ڏسان...“ ته پوءِ شايد ڊاڪٽر صاحب فوري طور تي بلڊ پريشر جون گوريون لکي ڏيڻ بدران ڪيس آرام جو مشورو ڏئي ها، شايد ننڊ يا سڪون جون گوريون لکي ها .. ۽ ڪيس ٻڌائي ها ته هتي هن ملڪ ۾ آخر ماڻهوءَ جو بلڊ پريشر نارمل ڪيئن ٿو رهي سگهي! هتي ته هڪ نيڪ ناڪ ۽ خوشحال ماڻهو به بلڊ پريشر کان بچي نه ٿو سگهي. ... تون ته حساس ماڻهو آهين, پر ڊاڪٽر صاحب وٽ هن سان ڳالهائڻ لاءِ ايترو وقت ڪٿي هو...؟؟

هُو سندس لاءِ ايترو اهم ڪٿي هو جيترا اهم اُهي ميڊيڪل جا نمائندا هئا....!!

هُو انهن ڏينهن کان وني اينگزائٽيءَ ۾ مبتلا رهڻ لڳو هو. ذهني ۽ جسماني طور ٿڪل. بيزار. ڏڪارو. ڊنل ۽ اداس اداس. گهرکان ٻاهر نڪرڻ نه چاهيندو هو. هر وقت نرڙ تي ٻانهن ڏيو ليٽيو پيو هوندو هو ڪنهن سان به ڳالهائڻ، ملڻ، کلڻ نه پڄندو هئس. ذهن جاڳيل، اکيون ٻوٽيل. اکيون کولي ته ايئن پاسيس ته ڇت تي مٿان ڪري، پنکو ٿو مٿي ۾ لڳيس. ”پنکي جي رفتار گهٽ ڪيو“ونيو دانهون ڪري. ايئن پاسيس ته اوچتو پنکي جا پر کلي ويندا ۽ پنکي جو هڪڙو پر هوا ۾ اڏامندو زور سان سندس مٿي ۾ اچي لڳندو ۽ ميڄالو نڪري ويندس. گهر مان نڪرندو ته پاسندس گهٽيون، بازارون، دڪان، ماڻهو گاڏيون، آواز ۽ ٽريفڪ جو شور کائڻ ٿو اچيس. گهر ۾ چپ ... نه زال سان ڳالهائڻ , نه ٻارن سان راند رونشو. جهڙو اوپرو اٽڃاڻ .دل ۾ ڊپ ۽ انيڪ خدشن جي وڏندڙ ول. هيئن نه ٿي پئي ... هونءَ نه ٿي پئي ... ڪو حادثو نه ٿي پئي ... گهر ۾ پيسا به ڪونه آهن .... ڪجھ ٿي پيو ته پوءِ ڇا ٿيندو... ڳوٺ ۾ بابا بيمار ٿو رهي، اهو مري پئي ته پوءِ...؟ ڪفن دفن جو خرچ ڪٿان ايندو؟ نينڊڙا ٻار گهٽيءَ ۾ وڃن ته پريشان ٿيو وڃي. ”ٻارن کي سڏ ڪيو جلدي ڪيو...! ڪنهن گاڏيءَ جو ڌڪ نه لڳي وڃين، موٽر سائيڪل سان ٽڪرائجي نه وڃن. ڪوئي هيروني اغوا نه ڪري وڃين، گٽر ۾ ڪري نه پون. نه ڇڏيو ٻارن کي ٻاهر..“ چرين وانگر ونيو دانهون ڪري. ٻارن کي گهر ۾ بند ڪرايو دروازو بند ڪرائي ڇڏي، تڏهن وڃي مطمئن ٿئي پر گهڙيءَ کان پوءِ وري ساڳي حالت. خدشا... ڊپ ... پريشاني .... ڌڪ ... چڙ ... ۽ وري خدشو ته ”ڪجھ ٿي نه پئي“.

ڪنهن سان به،
ڪنهن به وقت،
ڪٿي به،
ڪير به،
ڪجهه به ڪري سگهي ٿو.

ٻاهران گهر ايندو ته گهر ۾ ڪلندڙ ڪڏندڙ ٻار چپ ٿي ويندا. زالنهنس جي اکين ۾ الڪا لهي ايندا. سڄو گهر ايئن سراپجي ويندو ڄڻ اوچتو گهر ۾ ڪو اهڙو اجنبي ماڻهو آيو هجي جنهنجي مٿي تي سڱ هجن ۽ سندس اکيون نرڙ ۾ هجن. ٻار محسوس ڪرڻ لڳا هئا ته هاڻي سندن پيءُ ايئن نه آهي جيئن پهرين هو. لطيفا ٻڌائي ڪلندڙ ۽ ڪلائيندڙ. ساٽن رانديون ڪيڏندڙ ۽ ڪين شهر گهمائي خوشي محسوس ڪندڙ. سندن هر انگل آرو پورو ڪندڙ. هاڻي هو ڪنهن نظر نه ايندڙ پيانڪ بيماريءَ ۾ ورتل چيڙاڪ ۽ بت ڪان بيزار مريض پيءُ آهي. جيڪو ڪنهن به ڳالهه تي چڙي گهر کي دوزخ ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو. اسان جي ماءُ کي دڙڪا ڏيئي سگهي ٿو. ۽ اسان کي چماٽون به هڻي سگهي ٿو ان ڪري ان جي ويجهو نه وڃڻ گهرجي ۽ ان سان ڳالهائڻ نه گهرجي، ان جي سامهون راند روند ۽ گوڙ نه ڪرڻ گهرجي، ان جي آڏو هڪ ٻئي سان وڙهڻ، ڪيڏڻ ، ڪلڻ ۽ روئڻ به نه گهرجي. بس بلڪل خاموش رهڻ گهرجي. امان کي ڪجهه چوڻو يا امان کان گهرڻو هجي ته ڪيس اشارن ۾ چئجي، اشارن ۾ گهرجي...

۽ هو گهر ۾ ڇانيل ان سوڳوار قسم جي خاموشيءَ کان ڊڄڻ لڳوهو. برابر ڪيس ٻارن جو گوڙ شور سنو نه ٿي لڳو پر اهڙي چپ چپات ڪيس گهري ڏک ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي هئي . گهٽ ۾ گهٽ هو اهڙي ماٺ برداشت ڪرڻ لاءِ ته تيار نه هو. اها ته موت جهڙي ماٺ هئي.

دراصل سندس اهو ”ڪجهه ٿي نه پئي“ وارو خدشو وڏي وڻ ته شهر ۾ اچڻ کان پوءِ ٿيو هئو. پر ان جو ٻج گهڻو اڳ تڏهن پوکجي چڪو هو جڏهن زالهنس جو پهريون ٻار ڇهين مهيني ضايع ٿي ويو هو ۽ پوءِ وري جڏهن هوءَ اميد سان ٿي هئي ته هو هر پل ايئن سمجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ لڳو هو ته ” ڪجهه ٿي نه پئي “ هڪ رات زالهنس چيو هئس ”مون کي لڳي ٿو ته منهنجو هي ٻار به ڪو نه بچندو“ هو ڇرڪي ويو هو.

هو ته ان ڏينهن کان ئي جنهن ڏينهن زالهنس جي يورين ٻي آر مان پرگننسي ثابت ٿي هئي ان خدشي ۾ مبتلا ٿي ويو هو ته ”ڪٿي ڪجهه ٿي نه پئي“ پر زال سان ان جو ذڪر نه ڪيو هئائين.

۽ اهو ئي ٿيو هو جنهن جو خدشو هو.

”لڳي ٿو ته ٻار جي چر پر بيهي وئي آهي“ هڪ رات زالهنس سندس هٿ پنهنجي پيٽ تي رکندي ڏک مان چيو هو. ٻئي صبح شهر اچي ڊاڪٽر روبينه وٽان چيڪ اپ ڪرايو هئائون . جنهن کين ٻڌايو هو ته ”ٻار پيٽ ۾ سڪي ويو آهي“. ۽ هو ان شام کان وٺي هميشه لاءِ يقين جي سرحد تائين زندگي جي هر معاملي ۽ هر رخ بابت ان خدشي ۾ مبتلا ٿي ويو ته ”ڪٿي ڪجهه ٿي نه پئي“ ان کان پوءِ وري جڏهن زالهنس ڪجهه وقت بعد اميد سان ٿي هئي ته هو نائين مهيني تائين ان ساڳي خدشي سان گڏ ته ”ڪٿي

ڪجهه ٿي نه پئي“ هڪ ٻئي قسم جي ڊپ ۾ به مبتلا رهيو هو. ۽ ان ڊپ جو به ذڪر زال سان نه ڪيو هئائين. اهو هڪ ٿڪائيندڙ ۽ ڏڪوئيندڙ ڊپ هو. اهو ڊپ هيءُ هو ته جيڪڏهن فرض ڪجي اسان جو هي ٻار صحيح سلامت ڄائو ته سندس اکيون صحيح سلامت هونديون الائي نه. ممڪن آهي ته ٻار جي هڪ اک هجي هڪ نه هجي. ممڪن آهي ته ٻار جي ڪاپي اک نه هجي. ڪاپي اک جو ڊپ سندس پراڻو ڊپ هو.

پوءِ جڏهن نائين مهيني جي هڪ شام زالهنس اسپتال جي ليبر روم ۾ ٻار کي جنم ڏنو هو ۽ ڪم واري ماسي ڪيس ٻار جو منهن ڏيکاريندي خرچيءَ جي گهُر ڪئي هئي ته هن سڀ کان اول ٻار کي هنج ۾ کڻي تڪڙ ۾ ٻارجي اکين ۾ ڏٺو. ٻار جون اکيون بي عيب، صاف ۽ ڏيئن جيان جرڪندڙهيون. ۽ هن هڪ وڏو ٿڌو ساهه کڻي نون مهينن جي پيڙا مان نجات حاصل ڪئي هئي ۽ سندس اکيون لڙڪن ۾ پرجي ويون هيون. اهي خوشيءَ جا لڙڪ هئا. پر اهي ٻار جي ڄمڻ کان وڌيڪ ٻار جي اکين جي سلامت هجڻ جي خوشيءَ جا لڙڪ هئا....!

ممڪن آهي ته ڊاڪٽرن جي خيال مطابق اهو وهم هجي پر هن لاءِ اهو وهم نه هو. حقيقت هئي. هن کي پڪ هئي ته ساڻس ڪنهن به وقت ڪجهه به ٿي سگهي ٿو.

۽ انهن ئي ڏينهن ۾ هو محسوس ڪرڻ لڳو هو ته کيس اوچتو دل جو دورو پئجي ويندو. هو موت کان نه پر زندگي کان ڊڄڻ لڳو هو. دل جو دورو پوڻ وارو خدشو سندس ڊپ جو فقط هڪ اولڙو هو. اولڙا منتقل ڪندڙ درسني ته لڪل هوندي آهي . پري ڪٿي بنهه اندرين تهه ۾ لڪل... ۽ ان جا ٻيا ڪوڙ اولڙا به هوندا آهن جيڪي به لڪل هوندا آهن. ڪنهن مهل درسنيءَ تي سج جي روشني پوندي آهي ته ڪنڊ مان هڪ روشن تجلو نڪرندو آهي ۽ ماڻهوءَ جي ڇهري تي پوندو آهي ۽ ماڻهوءَ جي ڇهري جو ڪو نه ڪو لڪل داغ ظاهر ٿي پوندو آهي. نه ته گهڻو ڪري سڀ داغ لڪل هوندا آهن. پر بهرحال موجود هوندا آهن . معدوم نه ٿيندا آهن.. ۽ ماڻهو لڪل داغن جو درد پوڳيندو آهي. لڪل داغن ۽ لڪل ڏکن جو درد ڏاڍو گهرو ۽ چاقوءَ جي ڌار وانگر تيز هوندو آهي. ڪنهن ڪنهن مهل اوچتو دل جو ڌڙڪو وڌيل پاسندس. وات خشڪ ٿي ويندس... لونڊڙين جون رڳون سيڪجي ويندس .. گهبراهٽ وڌي ويندس. تڪڙو تڪڙو اسپتال. ڪارڊيو جو رخ ڪندو. ڊاڪٽر سندس بي پي چيڪ ڪندو. اي سي جي ڪڍندو ۽ مرڪي چوندو ”توهان بلڪل ٺيڪ آهيو. پريشان نه ٿيو... دل به ٺيڪ آهي. بي پي به نارمل آهي.“

هو هميشه وانگر اسپتال مان ٻاهر نڪرندو ۽ ٿڌو ساهه کڻي ڇپن ۾ پڻڪندو... ” آخر ڇا ٿيو آهي مون کي؟ ڇو ٿو منهنجي آڱرين مان رت ٽمي ؟ ڇو ٿو زبان ڏندن هيٺان اچي ڇچرجي پوي؟ ڇوٿا دماغ ۾ هر وقت جهاز ڪريش ٿيندا رهن؟ ڇو؟ ڇو؟“

ذهن ۾ اڪثر گونجندڙ ساڳيو سوال. هر دفعي جواب کان محروم، تان جو رستو ڪٽي ويندوآهي. ۽ هو رستي جي ڇيڙي کان گهر جي دروازي تائين ساڳي ڳالهه سوچيندو رهندو. ”روز روز ۽ تڪرن ۾ مرڻ کان بهتر آهي

ته ماڻهو هڪ هنڌ ۽ مڪمل طور مري وڃي“

پر ايئن ممڪن ڪٿي آهي..؟

ماڻهوءَ کي ٽڪرن ۾ مرڻو ٽڪرن ۾ جيئڻو پوندو آهي.

ماڻهو آهي به ته انيڪ ٽڪرن ۾ ورهايل. ٽڪرن ۾ ورهايل ماڻهو ٽڪرن ۾ جيئندو ۽ ٽڪرن ۾ مرندو آهي.

اهو نه سالم جي سگهندو آهي نه سالم مري سگهندو آهي. هڪ ئي وقت ماڻهوءَ جو هڪ حصو چانوءَ ۾ هوندو آهي ته هڪ حصو اس ۾. هڪ ئي وقت ساڳيو ماڻهو زمين تي به هوندو آهي ته زمين کان مٿي به هوندو آهي ۽ ها زمين ۾ اندر به هوندو آهي. ماڻهوءَ جو هڪ حصو باغ ۾ گهمي گلن جو واس وٺي رهيو هوندو آهي ته سندس ٻيو حصو ٽي بي سينوٽوريئم ۾ جراثيمن وارو رت ٿوڪي زنده رهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هوندو آهي. ماڻهوءَ جو هڪ حصو ڪنهن حسين عورت جي آغوش ۾ هوندو آهي ته ٻيو حصو ڪينسر وارڊ ۾ ڳري رهيو هوندو آهي. ان صورت ۾ آخر ماڻهو مڪمل طور خوش ڪيئن ٿو گذاري سگهي...؟

ڪو ماڻهو مڪمل ڪيئن ٿو جي سگهي...؟

ڪو ماڻهو مڪمل ڪيئن ٿو مري سگهي...؟

ڪيئن...؟

هو ان رات خوش هو ۽ شاديءَ جي ڪاچ ۾ وينو ناچڻيءَ جو رقص ڏسي رهيو هو. ناچڻيءَ جي پيرن ۾ پاتل گهنگهرن جي ڇمڇم ۾ ڪجهه لمحن لاءِ سهي بهرحال دل جي دوري پوڻ جو ڊپ الوپ ٿي چڪو هئس.

گهڻو مٿي آسمان ۾ چنڊ پئي مرڪيو ۽ هيٺ ڌرتي محوِ رقص هئي جو کيسي ۾ پيل موبائل وائبريٽ ٿيس ته محفل مان ٻاهر نڪري آيو. سندس ماسات جو نمبر هو "هيلو ماسات ڇا حال آهي". زندگيءَ سان ڀرپور لهجي ۾ پڇيائينس. "ماسات حال ڪونهي يار" پريان ماساتس جهيڻي لهجيءَ مئل آواز ۾ چيو.

"ڇو ماسات خير ته آهي...؟"

"يار ماسات مونکي رت جو ڪينسر ٿي ويو آهي.. اڄ هينئر هينئر رپورٽ آئي آهي.." هو پيشانيءَ کان پيرن تائين سراپجي ويو. جڻ اوچتو بجليءَ جي ڪليل تار تي پير اچي ويو هجيس پر پاڻ سنڀالي چيائين "اڙي يار ماسات تون دل نه لاهه.. ڪينسر ڪو لا علاج مرض ٿورئي آهي. اڄ جي سائنسي دور ۾ ڪينسر جو علاج موجود آهي.." هن ڪيس آٿت ڏنو.

"ڇڏ ماسات .. يار تون ته ڪوڙي دلداري نه ڏي.."

"نه ماسات ايئن نه آهي"

"ماسات ايئن آهي يار....!! پنهنجو ڪم پورو ٿي ويو.. يار زندگي ڏاڍي بي وفا نڪتي" ٻئي وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيا. ڳالهائڻ لاءِ پلا بچيو ئي ڇا هو. ڪيس لڳو جڻ ناچڻيءَ جي پيرن ۾ پاتل پايل جا گهنگهرو ڪينسر جا ننڍڙا ننڍڙا گول ڳوڙها آهن. آسمان جا جا تارا هيٺ ڇڻي پيا آهن. چنڊ ڪارو ٿي ويو آهي. ناچڻي محفل ۾ نچندي رهي.

ڇن ڇنن ڇن... ڇن ڇنن ڇن ڇن...

هو لعل ميري پت رکيو پلا جهولي لالڻ سنڌڙي دا....
هو سيوهڻ دا!
هو چار چراغ تيري بلن هميشہ پنجوان بالڻ آئي هان پلا...
جهولي لالڻ سنڌڙي دا سيوهڻ دا...
هو محفل مان ٻاهر نڪتو تہ وري اندر نہ وڃي سگهيو.

”سڀ ڪجھ فضول آهي. اسين سڀ ماڻهو شايد پنهنجي بي معنيٰ زندگيءَ کي معنيٰ ڏيڻ جي بي معنيٰ ڪوشش ۾ رڌل آهيون. رڳو اها بي معنويت ئي ماڻهوءَ سان مقدر وانگر ڳنڍيل ڪونهي پر ماڻهو بہ ان سان ڳنڍيل آهي. ماڻهن جي هجوم ۾ ڪيڙن ماڪوڙن ۾ ڪو فرق ڪونهي. ٻئي لاتعداد تعداد ۾ ڄمندا مرندا رهن ٿا ۽ ڄمندا مرندا رهندا. ها سڀ ڪجھ اجايو آهي ۽ جو ڪجھ اجايو آهي فقط اهو ئي سجايو آهي.“ ڀنيان ڪنهن سڏيس. بيهي رهيو مڙي پوئتي ڏٺائين تہ ڪير بہ نہ هو. پر پوءِ بہ لڳس ڄڻ هُو ڏانهس ڏسي رهيو آهي. ساڄي ڪاپي، هيٺ مٿي، اڳتي پوئتي ڏٺائين ڪوئي بہ نہ هو. رڳو اڪيلو چنڊ هو جيڪو ڏانهس گهوري رهيو هو. چانڊوڪي جو رنگ هيڊو هو ۽ چنڊ جو رنگ اهڙو بي رونق مئل ۽ ڦِڪو هو جهڙو ڪيموٿراپي جي مرحلن مان گذريل ڪينسر جي مريض جو منهن.

”تہ معنيٰ“ هن سوچيو ”ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪنهن بہ وقت ڪابہ بيماري لڳي سگهي ٿي. ڪابہ....!! يعني ٽي بي، ڪينسر، هيپاٽائيٽس، برين هئمرج، اڌ رنگو ۽ دل جو دورو...“

سندس هٿ ۽ پير سن ٿي ويا. اکين جي آڏو اونده ڇائنجي ويس. ۽ اُها سڄي رات سمهي بہ نہ سگهيو هو.

رات جو دير تائين سوچيندو رهندو ۽ لڇندو رهندو.

مٿان اگهاڙي تلوار ٽنگيل. سنهڙي ڌاڳي سان ٻڌل... پاسندس تہ ڪنهن بہ وقت هوا جي هلڪي جهوٽي سان ڌاڳو ڇڄي پوندو ۽ تلوار سندس مٿي ۾ کُپي ويندي. مٿي مان ٿيندي دل ۾ سوراخ ڪندي ڇاتيءَ مان گذرندي دن تائين پهچي ويندي ۽ هو رت ۾ ڳاڙهو ٿي ويندو. ڪمري جو فرش رت ۾ پرجي ويندو. رت هڪ ليڪ جي صُورت ۾ ڪمري مان نڪري دالان جو رخ ڪندو. دالان مان گذري آڳر ۾ پهچندو ۽ آڳنڌ مان هلندو ٻاهرين دروازي ڏي ويندو. دروازي جي هيٺان گذري ٻاهر گٽر جي ڪسيءَ ۾ داخل ٿيندو۽ اتان گٽرجي مين هول ۾ پهچندو ۽ پوءِ گٽر جي وڏي لائن ۾ شامل ٿيندو. گٽر جي مين لائن سندس رت جو آڌر ڀاءُ ڪندي ۽ کيس ڇڪي پنهنجي سيني سان لائيندي. گٽرجو گندو پاڻي رت جي ڪيترن قسمن کان واقف آهي. مردن جو رت، عورتن جو رت، ٻارن جو رت، جانورن جو رت ... زخمن جو رت، ناسورن جو رت...! سڀ رت هڪ ٻئي کي سڃاڻندا آهن. اهي هڪ ٻئي جا پراڻا واقف آهن. هو پنهنجي منهن ڀٽڪڻ لڳندو ”تہ معنيٰ مان ڪمري ۾ رت ڳاڙي مري ويندس. ۽ ڪنهن کي بہ خبر نہ پوندي. نہ منهنجي ٻارن کي نہ زال کي. پر مرڻ کان اڳ ٻارن کي معمول مطابق پريءَ ۽ شهزادي جي ڪهاڻي ٻڌائيندس. ٻارن جون اکيون ننڊ ۾ پرجڻ لڳنديون تہ ڪهاڻي اڌ ۾ ڇڏي اٿندس ۽ ٻارن جي ڳلن تي هڪ هڪ گڊ نائٽ ڪس ڏيندس. اها منهنجي زندگيءَ جي آخري گڊ نائٽ ڪس هوندي. ان کان پوءِ ڪڏهن بہ نہ ڪوکين پريءَ ۽ شهزادي جي ڪهاڻي ٻڌائي سگهندس ۽ نہ کين ڳلن تي گڊ نائٽ

ڪس ڏٺي سگهندس ۽ ان صبح ٻار ننڊ مان اٿندا تہ يتيم هوندا. زال کي ڏهاڳ جو وڳو آسماني شلوار ۽ اڇو چولو ڀاتل هوندو. سندس ٻانهون چوڙين کان خالي ۽ نڪ ٻٽو هوندو. “

مٿان لڙڪندڙ تلوار جي ڊپ ۾ زندگي بي رنگ ٻڏيل . خوشيءَ کان خالي ٻارن سان پيار اڌورو... زال سان تعلق اڌورو ۽ سنجوڳ اڻپورو. موسمن سان تعلق ڇنل. اکين ۾ خوف ... خوف جيڪو نہ ڪنهن کي ٻڌائڻ جهڙو ۽ نہ لڪائڻ جهڙو. طبيعت ۾ ڏک، ڪاوڙ ۽ چڙ.

ان رات زالهنس سان ننڍڙي ڳالهہ تان چڀچي پيو.

شايد ڪا بہ ننڍڙي ڳالهہ ننڍڙي نہ هوندي آهي. سڀ ننڍيون ڳالهيون وڏيون هونديون آهن . گهر ۾ مهمان آيل هئا. ڪتون گهٽ هيون. زالهنس سندس ستن سالن جي پُٽ عليءَ کي هڪ مهمان سان سمهاريو جيڪو اڌڙوٽ وهيءَ وارو هڪ آدم بيزار شخص هو.

”عليءَ کي سليمان سان نہ سمهار “ هن زال کي پنهنجي منهن سڌي چيو!

”ڇو... !!“ زالنهس حيرت مان چيو.

”بس چيم نہ. نہ سمهارينس.“

”ڪهڙو ٿو فرق پوي. پنهنجا عزيز آهن. پاسي ۾ ستو پيو هوندو. مهمان کي سوڙهہ ڪانہ ٿيندي. “

”اها ڳالهہ نہ آهي“

”تہ پوءِ ڪهڙي ڳالهہ آهي“

” ڳالهہ هي آهي تہ عليءَ کي مهمان سان نہ سمهار“

” ڇا ٿيو آهي راڻا. ننڍڙي ڳالهہ کي ڪٽي ڳالهوڙو ڪيو اٿئي. “

هو چپ ٿي ويو. زالهنس کي ڀلا ڪهڙي خبر تہ ڳالهين مان ڳالهوڙا ڪئين نهندا آهن.

ماڻس بہ تہ ڪيس ايئن هڪ مهمان سان گڏ سمهاريو هو. هو زال کي ڇا ٻڌائي ۽ ڪيئن سمجهائي تہ هڪ ٺي کٽ تي مردن سان گڏ ستل ننڍڙن ٻارن سان ڇا ڇا نہ ٿي گذرندو آهي. رات جي الائي ڪهڙي پهر ۾ ڪنهن هٿ جي ڇهاءَ تي جاڳ ٿي هئس . اهو هڪ اجنبيءَ کهرو هٿ هو جيڪو سندس نرم پيٽ تي آهستي آهستي ايئن گسڪي رهيو هو ڄڻ ڪجهہ ڳوليندو هجي يا ڄڻ خاص مهم تي نڪتل هجي. هن ڊپ محسوس ڪيو ۽ ان ڊپ ۾ هڪ اجنبي لذت جي آميزش هئي ۽ هن دانهن ڪري ماءُ کي سڏڻ چاهيو پر سڏي نہ سگهيو . اهو هٿ سندس پيٽ تان لهندو نهائينءَ کي ڇهڻ لڳو ۽ پوءِ سندس جسم جي نازڪ انتها تي پهچي اوچتو بيهي رهيو. اهو ”بيهي رهڻ“ در اصل هڪ بالغ ۽ تجربيڪار هٿ جي هڪ نا بالغ ۽ اڻ تجربيڪار جسم جي پر لطف گهرج سان بليڪ ميلنگ هئي. ان هٿ هڪ ننڍڙي ٻار کي وقت کان اڳ بلوغت جي دنيا ۾ پهچائڻ ٿي چاهيو. پر ان کان اڳ ڪيس هڪ بالغ خواهش جو پورائو ڪرڻو هو ۽ اهو ننڍڙو ٻار جيڪو هڪ لمحو اڳ هڪ پر لطف احساس سان متعارف ٿيڻ پئي ويو اُهو جار ۾ ڦاسي پيو. هن روئڻ چاهيو پر هڪ ٿلهو ۽ وڏو هٿ سندس چپن جي مٿان ڇپ تي اچي ڪريو. سڏ ڪو بند ٿي ويو ۽ ٻئي پل ننڍڙو هٿ کهري هٿ جي سخت گرفت ۾ اچي ويو ۽ ننڍڙي هٿ کي هڪ اهڙي سخت، ڏکي، گرم ٿلهي ۽ لسي انتها تي رڪايو ويو جنهن جو ڪيس اڳ ڪڏهن بہ تجربو نہ ٿيو هو. اها بي حد شرمندگي ۽ اذيت ۾ مبتلا ڪندڙ شئِ هئي. ڪجهہ وقت لاءِ سندس ننڍڙي ۽ ڪمزور

هٿ تي هڪ وڏي ۽ سخت هٿ جي حڪمراني هئي. ننڍڙي هٿ تي زوروڌندو پئي ويو ۽ چرپر جو عمل تيز ٿيندو پئي ويو. هڪ وحشي جانور جو ڪليل وات ۽ سندس تڙيل ناسن مان نڪرندڙ گرم هوا، سوسٽ ۽ ڊيل ڊيل نه سمجهه ۾ ايندڙ آواز. گرم ساهه جو هانپارو، وات جي ڏپ، الٽيءَ جهڙو احساس، هن جو ننڍڙو هٿ گهڻو ٿڪجي ۽ خفا ٿي چڪو. پوءِ اوچتو جانور جي ڪليل وات مان سيٽيءَ جهڙو تيزآواز نڪتو ۽ هو زور زور سان سهڪڻ لڳو. هٿ جي حرڪت بيهي رهي. ننڍڙو هٿ گرم گرم سٽيي لئيءَ ۾ لپجي ويو. هنڌ ۾ عجيب خراب قسم جي الٽي جهڙي اگري ڏپ پرجي وئي. جانور جو ڪليل وحشي وات بند ٿي ويو. ۽ هو پرتي منهن ڪري ڪائنس بي خبر ٿي ويو. گهڙيءَ ڪان پوءِ هڪ اجنبي بالغ ۽ وحشي ماڻهوءَ جا ڪونگهرا ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا. پر هو صبح تائين سمهي نه سگهيو. اها رات سندس شروعاتي زندگيءَ جي معصوم، پرسڪون ۽ وڻندڙ راتين ۾ هڪ خطرناڪ ، ظالم ۽ وحشي رات ثابت ٿي. ان رات ئي ڪيس پهريون ڀيرو احساس ڏياريو ته ننڍن ٻارن جي ڀيٽ ۾ وڏن ماڻهن جي رات وڌيڪ گدلي هوندي آهي ۽ اهو ته اهڙيون راتيون ٻارن کي به گدلو ڪري ڇڏينديون آهن. ان رات ڪان پوءِ هميشه لاءِ سندس خواب غير محفوظ ٿي ويا ۽ هو هميشه لاءِ هڪ زوري ٿاڦيل گدلاڻ ۽ شرمندگيءَ ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ ان رات ئي ڪيس معلوم ٿيو ته:

واقعي ڪوبه ماڻهو،
ڪنهن به ماڻهوءَ سان،
ڪٿي به،
ڪڏهن به،
۽ ڪجهه به ڪري سگهي ٿو.

پر هو اهو سڀ زال کي ٻڌائي نه سگهيو ۽ خاموشيءَ سان پنهنجي پٽ کي مهمان جي ڪٽ تان ڪٽي آيو ۽ ڪيس ائين اطمينان محسوس ٿيو ڄڻ هو هڪڙيءَ ٻيءَ قيامت ڪان بچي ويو هجي. ٻئي حادثي ڪان بچي ويو هجي. شايد حادثو رڳو اهو نه آهي جنهن مان ماڻهو گذري ٿو پر حادثو اهو به آهي جيڪو ماڻهوءَ جي پرسان گذري ٿو.

”بيماري ڇا آهي...؟ آخر ڇا آهي بيماري؟“

ٿڪل ذهن سان پنهنجي پاڻ ڪان اڪثر پڇندو ۽ ڪو جواب پائي نه سگهندو . ڪوشش جي باوجود به سمجهي نه سگهندو ته بيماري وڻ ويڙهيءَ وانگر ڪٿان ايندي آهي ۽ ڪيئن جسم جي وڻ کي وڪوڙي ويندي آهي. شايد بيماري ماڻهوءَ جي اندر ۾ مانارو ناهيندي آهي. ان ۾ آنا لاهيندي آهي. ٻچا ڪندي آهي ۽ پوءِ ويندي آهي وڌندي ۽ هر بيماري جي پنيان به هڪ ٻي بيماري هوندي آهي . بيماري اهو وڻ آهي جنهنجون پاڙون ماضيءَ جي پاتال ۾ ، ٿڙ حال جي هوائن ۾ ۽ ٽاريون مستقبل جي پولار ۾ لڙڪنديون رهنديون آهن. ڏسڻ ۾ رڳو وڻ جو ٿڙ ايندو آهي. باقي پاڙون ۽ ٽاريون نظرن ڪان اوجهل هونديون آهن ۽ وڌيڪ خطرناڪ به پاڙون ۽ ٽاريون هونديون آهن. ننڊ اچڻ لڳنديس ته به سمهڻ نه چاهيندو. پاسندس ”سمهندس ته دل جو دورو پئجي ويندم.. گهر جي ڇت مٿان ڪري پوندي.. يا زلزلو اچي ويندو ۽ هزارين مڻن جي لوهه ۽ سيمنٽ ۽ سرن جي بلڊنگ هينان ڊيجي ٻوساتجي ڦٽڪي ڦٽڪي

مري ويندس. هيو ڪجهه ڪٽي نه ٿي پر دل جو دورو ضرور پوندم. سيني ۾ سور جو هڪ سخت سُوٽ اڀرندي. هٿ سان سيني کي مهٽيندي رڙ ڪري زال کي ننڊ مان اٿارڻ گهرندس پر آواز نه نڪرندو. زبان ڏندن جي هيٺان اچي چچرجي رتورت ٿي پوندي. وات ۾ واڇون رت ۾ ڳاڙهيون ٿي وينديون...؟ ٻارن ۽ زال کي به خبر نه پوندي ته ڪمري ۾ ڇا ٿي گذريو آهي. بلڪل ايئن جيئن منهنجي پڦاٽ غلام عليءَ کي رات جي الائي ڪهڙي پهر ۾ اوچتو دل جو دورو پيو هو. اهو ايترو شديد هو جو پرسان ننڊ پيل ماءُ کي به نه اٿاري سگهيو هو. ماڻس صبح جو سوير نماز لاءِ اٿي هئي ته کٽ تي نظر پوندي ئي رڙ نڪري وئي هئس. ”اڙي ياحسين! مون سان ظلم ٿي ويو.“ غلام علي ايڏو ڦٿڪيو هو جو کٽ جي واڻ ڇڄي پئي هئي. چنل واڻ ۽ پير رت ۾ ڳاڙها هئس ۽ پيرن جون کلون لهي ويون هئس . بس ماڻس اها جيڪا پهرين هڪڙي رڙ ڪئي، پوءِ اهڙي چپ ٿي جو وري ڪڏهن به ڳالهائي نه سگهي، اکين ۾ ڏک جا واچوڙا، زبان بند. ڪڏهن ڪڏهن ويڙهي ۾ ڪنهنجي شادي مرادي ٿيندي ته ماٺ ڪري اچي ماين جا لاڏا ٻڌندي. ڪنهن ڪنهن مهل ڪنهن مائي کي چوندي ”ائي ادي منهنجي غلام عليءَ جا لاڏا چئو.“ مايون سندس دل رکڻ لاءِ لاڏن ۾ پٽس جو نالو کڻنديون.

موڙ غلام علي جا لاڙئون گهرايان

لاڙئون گهرايان. پارئون آڻايان....

۽ هوءَ ڪنهن مهل ويٺي کلندي ته ڪنهن مهل روئندي پئي.

دير تائين جاڳندو رهندو ۽ ٽڪل ذهن سان سوچيندو رهندو. ننڊ اچي ويندس ته سڄي رات ڪاهي اک ۾ پيانڪ خواب پٽڪندا رهندس ۽ صبح جو اٿندو ته پاسندس ننڊ نه ڪئي اٿم. سڄي رات رڻ جو سفر ڪيو اٿم. ڪنڊ جون رڳون ٽاٽيل . اکين جي هيٺان ڪارا داغ.. چمڙي سڪل . چپ خشڪ... تنهن ڏينهن زالهنس چيس... ”عليءَ جا پيءُ اهڙو آخر ڇا ٿيو آهي جو ڏينهون ڏينهن ڳرندو ٿو وڃين . چپ چپ رهڻ لڳو آهين . منهن ۾ ڇائون پئجي ويون اٿئي. ڪجهه ته ٻڌاءِ مون کي...“

”ڪجهه به ڪونهي مان ٺيڪ آهيان. تون پريشان نه ٿي. شايد لکڻ پڙهڻ ۽ اوجاڳي جي ڪري ڪمزوري ٿي وئي آهي.“

سوچڻ بنان ساڳيو گهڙيل جواب ڏيندُس. ”آخر زال کي ڇا ٻڌايان...؟ ته مون کي ڊپ ٿو ٿئي ته ڪٿي مون کي دل جو دورو نه پئجي وڃي. ته ڪٿي مونکي ڇيلاتو چڪ نه هڻي، ته ڪٿي سڙيل منهن وارو ماڻهون مون تي حملو نه ڪري!! ان سان ڇا ٿيندو...؟ ڇا هوءَ مون کي ڊپ جي ڊيڄ مان ڪڍي سگهندي..؟ يا رهندو پاڻ به ڊپ ۾ ونجي ويندي؟ پاڻ ته ڊنل آهيان ئي پر زال کي به ڊپ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيان ته گهر جو ڇا حال ٿيندو...؟ جيڪو ٿيڻو هوندو سو ته هوڻ ئي تي گذرندو... ۽ ضرور تي گذرندو. پر مان ڪيس وقت کان اڳ ڇو تڪليف ۾ مبتلا ڪريان...؟ مان ڪيس خوشيون نه ٿو ڏئي سگهان ته آخر مون کي ڪهڙو حق آهي ڪيس ڏک ڏيڻ جو...؟“ ۽ ايئن هو خاموشيءَ سان ڳرندو ۽ ذرو ذرو ٿي مرندو رهيو. انهن ڏهاڙن ۾ سرڪاري فزيشن جي صلاح سان رت جي Lipid Profile ڪرايائين ته معلوم ٿيس ته رت ۾ ڪوليسٽرول جو مقدار مناسب حد کان گهٽ متي پهچي چڪو اٿس... شگر بارڊر لائين کي ڇهڻ لڳي اٿس، بلڊ پريشر وڌيل رهڻ لڳو اٿس. وزن وڌڻ لڳو اٿس. ڊاڪٽر واڪ جو مشورو ڏنس.. ته

صبح شام ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ميلن جا ميل واڪ ڪرڻ لڳو. هن ننڍپڻ ۾ ڏهه سال ٻڪريون چاريون هيون. هو ڏنار هو. هن لاءِ پنڌ نئين ڳالهه نه هئي. شهر جي رستن تي، سوسائٽي جي ويڪرن روڊن تي، ڪرڪيٽ اسٽيڊيم جي ميدان ۾ مسلسل هلندو ڀڄندو سهڪندو ساهيون کڻندو ۽ پگهر ڳاڙيندو رهيو پر ڪو فرق محسوس نه ٿيس. ٻن مهينن کان پوءِ وري ساڳيون رپورٽس ڪرايائين ته ڪوليسٽرول، شگر توڙي بلڊ پريشر ساڳي جاءِ تي موجود هئس. رهندو جسماني طور وڌيڪ ڪمزور ٿي ويو هو ۽ ذهن ته هونءَ ئي ڪمزور هئس. تڏهن هڪ شام واڪ ڪرڻ بدران خاموشيءَ سان اسٽيڊيم جي گهاٽي سائي لان تي ويهي رهيو ۽ ويٺي ويٺي دير تائين مختلف ڄمار جي ماڻهن کي جن جا پيٽ وڌيل، پولهه نڪتل ۽ ڪاڏيءَ جو گوشت لڙڪيل. هو ڏسندو رهيو. اهي ڪنهن ڊنل جانور وانگر ڊوڙندي، اٺ ويهه ڪندي ، قلابازيون ڪائيندي ۽ سهڪندي عجيب و غريب پئي لڳس ۽ ڪيس محسوس ٿيو ته دراصل اهي عمل جيڪي نه چاهيندي به زندهه رهڻ لاءِ زوريءَ ڪرڻا پون سي ماڻهوءَ کي صحتمند ڪرڻ بدران وڌيڪ بيمار ٿا ڪن. ايئن ڪرڻ سان ته رهندو ماڻهو وڪرڻ ٿو لڳي.... ڊهڻ ٿو لڳي.... اڪڙجڻ ٿو لڳي.... الجهڻ ٿو لڳي... جيسيتائين ماڻهوءَ جو ذهن نه سلجهندو ايسيتائين ماڻهو صحتمند ٿي نه سگهندو.

ذهن ئي بيماري ۽ صحت جو بنياد آهي.

ڪجهه ئي هفتن کان پوءِ هڪ شام دوستن سان گڏ ريلوي اسٽيشن واري هوٽل جي ڪليل آڳنڌ ۾ چانهه پيئندي وات جو ذائقو بدليل محسوس ٿيس.

”چانهه ڪيئن آهي...؟“ پرسان ويٺل آفيس جي ڪُليگ شفيق کان پڇيائين.

” ٺيڪ آهي.. سٺي آهي.. ڇو توکي نه ٿي وڻي ڇا...؟“

”نه نه اهڙي ڳالهه ناهي. شايد منهنجو وات ... يار اصل ۾ الاءِ ڇو منهنجي دل پئي ٻڏي ...“ ”ڇو راڻا... خير ته آهي. ڊاڪٽر ڏي هلون ڇا...؟ “

” نه بس اهڙي ڳالهه ڪونهي ... ڇڱو توهان ويهو مان گهر ٿو هلان ...“

هو اٿي چانهين جا پيسا ڏئي ۽ هوٽل کان ٻاهر نڪري آيو.

هو ڪجهه دير لاڳيتو ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا رهيو ... ڇڻ سندس آس پاس ڪو وڏو حادثو ٿي گذريو هجي يا ٿيڻ وارو هجي...؟ پر ڪنهن سان حادثو؟ اهو نا معلوم. اڻ ڇتو. گهر فون ڪري زال کان ٻارن بابت پڇيائين... سڀ ڪجهه ٺيڪ ٺاڪ هو. پوءِ هي اُڻ ٽُڻ، تڪليف، بي نام اداسي ڇو؟...

۽ عين ان مهل سندس فون جي گهنٽي وڳي. اهو سندس سوٽ جو نمبر هو.

”هيلو.. ملوڪ ڇا حال آهي؟“ هن ايترو جلديءَ ۾ سوال ڪيو ڇڻ ڪيس جواب جي اڳواٽ خبر هجي. ”راڻا.... يار تنهنجو ماسات گذاري ويو“ هان.. اڇا....ڪيڏي مهل مطلب گهڻي دير ٿي آهي...؟ هن ڏڙڪندڙ دل سان پڇيو.

”پنج ڪن منٽ ٿيا هوندا. ڏاڍي تڪليف هئس. ڪلاڪ کن اڌ ڪٺل پکي وانگر ڦٿڪندو رهيو.... ۽.... يار ڪينسر جو موت به ڏاڍو خراب آهي“.

هن غير ارادي طور اهي لفظ اچاريا جيڪي اهڙي موقعي تي پاڻ همورو ڇپن تي اچي ويندا اٿس.

ذائقو...؟ موت جو ذائقو...؟“ هو ماساتس کي سارڻ بدران موت بابت سوچڻ لڳو. شايد ان طرح ئي هو ذهن ۾ پرجي ويل اذيت جي گهري احساس مان نجات ماڻي پئي سگهيو. ته معنيٰ موت جو ذائقو هوندو آهي. موت خود ذائقو آهي، ته معنيٰ اهو ذائقو ڪڙو زهر به ٿي سگهي ٿو. ماکيءَ جهڙو منو به ٿي سگهي ٿو؟ ڦڪو به ٿي سگهي ٿو؟ جي نه ته ڪنهن هڪ ذائقي جو نالو چونه ورتو ويو. ڪڙو، ڦڪو، مِنو، کارو، ڪوبه... فقط ذائقو چو چيو ويو...؟“

ان رات هو دير تائين موت بابت سوچيندو رهيو ”ته معنيٰ مذهبن جي نقطه نگاهه کان هر ماڻهوءَ جو پنهنجو عمل ذائقي جو چونڊ ڪندو. جهڙو عمل تهڙو ذائقو...“ تان جو ڪيس سوچيندي اڌ رات ٿي وئي. پر هو ڪنهن هڪ نتيجي تي پهچي نه سگهيو. ياشايد نتيجي تائين پهچڻ کان اڳ ننڊ پئجي ويو ۽ شايد اها ننڊ ئي سندس سوالن جو جواب هئي. موت .. هڪ گهري ننڊ. يار ماسات ... زندگي بي وفا نڪتي ... ڪم پورو ٿي ويو. يار منهنجا ٻچا. منهنجو گهر. هن جي اکين مان ڳوڙها وهي آيا. سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو.

زنده رهڻ لاءِ ضروري آهي ته ماڻهوءَ ۾ صاف رت هجي. ۽ صاف رت لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو واقعي به جيئرو هجي. جيئرو ماڻهو ڪاڏو ڪائيندوآهي. ۽ ٿيليسيميا جو مريض ٻارڙو فروٽ بدران رت گهرندو آهي. هن جو اڌ جسم ظاهر هو اڌ لڪل هو. رات ته چانڊوڪي هئي پر هو پٽ جي اوٽ ۾ بيٺو هو. ڪنهن ڪنهن مهل اوٽ مان ٿورو نڪتو ٿي ته سندس اڌ جسم ظاهر ٿي ٿيو. ۽ ٻئي پل وري لڪي ٿي ويو. هن سندس اڌ جسم ڏسڻ جي باوجود به ڪيس مڪمل طور سڃاڻي ورتو. هو چيلاتو هو... سڙيل ٻوٿ وارو چيلاتو. جنهن کي سڙڻ کان به گهڻو اڳ منهن تي ماتا وسي هئي. نڪ جي جاءِ تي رڳو به ننڍڙا ڪارا سوراخ هئس. وات ۾ڏند ۽ زبان ته هئس پر چپ ڪونه هئس. وات اهڙو هئس جهڙو ڪوئي جو ٻِرُ.... اکين جا ڇپر ۽ پرون سڙيل هئس. سڄي ٻوٿ تي ماتا جي سينڌارن سان گڏ باه ۾ سڙڻ جا اڇا نشان به هئس. راڻو جنهن مهل راجا واري ريل مان لهي اسڪول وڃڻ لاءِ پليٽ فارم تان گذرندو هو ته ڪيس اسڪول واري گرائونڊ واري نم جي ٿڙ وٽ بيٺو پاڻ ڏي گهوريندو محسوس ڪندو هو ۽ جيئن منهن ورائي نم ڏي ڏسندو هو ته سندس اکيون هن جي سڙيل منهن سان وڃي لڳنديون هيون.. هو نم جي هيٺان بت وانگربيٺو بنان چپن واري وات سان مرڪي رهيو هوندوهو. بنان چپن واري وات سان مرڪندڙ ماڻهوءَ کي ڏسڻ جو تجربو بذات خود هڪ ڏڪوئيندڙ تجربو.

هو سڄو ڏڪي ويندو هو ۽ پنهنجي اندر ۾ پري پري تائين ڊپ ۾ مبتلا ٿي ويندو هو ۽ تڪڙا قدم کڻي پليٽ فارم تان لهي اسڪول ڏي هليو ويندو هو ۽ ڪلاس ۾ پهچي ڪجهه اطمينان محسوس ڪندو هو. هن سڙيل ٻوٿ واري ماڻهوءَ بابت پنهنجي دوست پامسٽ منور عليءَ کي به ٻڌايو هو پر موٽ ۾ هن مرڪي ڪيس هڪڙو شعر ٻڌايو هو جنهنجو مطلب ڪجهه هن طرح هو ته توکي مخالف هوا کان ڊڄڻ نه گهرجي. اها ته تيز لڳي ئي توکي اوچو اڏائڻ لاءِ ٿي. جيڪا ڳالهه هو بالڪل سمجهي نه سگهيو هو ۽ ڪيس پامسٽ منور عليءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئي. پر پوءِ جنهن مهل هن پنهنجي مرڪ سهيڙي سنجيدگيءَ سان سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي ۽ هٿ جي لڪيرن ۾ ڏسندي چيو هئس... ”جيڪي شيون توکي سٺيون نه لڳن ضروري ناهي ته اهي خراب هجن... پر توکي نه وڻن ته تون انهن ڏي توجهه نه

ڏي... پنهنجي رستي سان هلندو رهه..." تہ سندس ڪاوڙ ڪافور ٿي وئي هئي ۽ چيلاتي ڏي ڏسڻ ڇڏي ڏنو هئائين. پر چيلاتي ڏانهس ڏسڻ نہ ڇڏيو هو. دراصل چيلاتو گهڻي وقت کان سندس پويان لڳل هو. تڏهن کان سندس پنيان لڳل هو جڏهن اجا هوُ مڊل اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ راجا واري ريل ۾ چڙهي شهر بہ ويڄڻ نہ لڳو هو. تڏهن کان جڏهن اجان ڇهہ فوٽ ڊگهي ۽ چارمڻ وزني ڇهين درجي واري استاد انور پنهنجي وڏي هٿ سان سندس ننيڙڙي ڳل تي صورتختي ۾ رهيل هڪ چُڪ تي اها چماٽ بہ نہ هئي جنهن سان سندس ساڄي ڪن تي اهڙي تاڙي چڙهي وئي هئي جيڪا وري ڪڏهن بہ لهڻي نہ هئي ۽ جنهن سان ڪانئس پيشاب وهي ويو هو ۽ هو هميشہ لاءِ شرمندگي ۽ ڊپ ۾ مبتلا ٿي ويو هو ۽ گهر ايندي ايندي بخار ٿي ويو هئس ۽ ماءُ کي چيو هئائين تہ هو هاڻي ڪڏهن بہ اسڪول نہ ويندو پر اتفاق سان ٻئي ڏينهن ئي گرمين جي موڪل ٿي وئي هئي ۽ جيستائين موڪل ختم ٿي هئي ايستائين چماٽ جو مالڪ ڪنهن ٻئي اسڪول بدلي ٿي چڪو هو. شايد ڪنهن ٻئي ننيڙڙي ڳل جي ڳولا ۾!! شايد ڪيس چماٽ جو چسڪو لڳي چڪو هو. پوءِ هو وري اسڪول وڃڻ لڳو هو. البتہ هو هڪڙي چُڪ جي سزا مان ڪڏهن بہ نڪري نہ سگهيو ۽ پوءِ ان هڪ چُڪ جي ڊپ ۾ آئنده واري سڄي زندگيءَ ۾ ڪانئس هميشہ هڪ کان وڌيڪ چُڪون ٿينديون رهيون. تڏهن کان جڏهن اجا هو صبح جو پنهنجي ڳوٺ اسڪول ۾ ٽيون درجو پئي پڙهيو ۽ اسڪول مان موٽڻ کان پوءِ پنهنجون پنج ڇهہ ٻڪريون ۽ ڪجهہ ڇيلڙا ڪاهي ڳوٺ جي پريان مختصر چراگاهہ ۾ چارڻ ويندو هو.

هي ان وقت جو قصو آهي جڏهن سندن گهرن جي ڪاٻي پاسي اوڏن هڪ وڏي چوڪورڪڏ کوٽي مٽي ڍوئي سندن ڪکاون گهرن جي جاءِ تي ڪوٺا ناهيا هئا ۽ ڪڏ ۾ سم جو پاڻي پرجي ويو هو. پاڻيءَ تي سائي رنگ جي ڪائي ۽ ناسي سينور ڄمي ويو هو ۽ انهي سينور ۾ ئي قدرتي طور چيلاتو پيدا ٿيو هو ۽ ڄمڻ شرط ڪڏ جو ڪنو پاڻي پيتو هئائين... اهاڪڏ ئي سندس ماءُ هئي. پوءِ سائي سينور تي وينل ڪيڙا، ماڪوڙا، مڇر، گڏهن جي لڏ، ڪاري ڳپ ۽ ڪاري ڳپ ۾ مئل جيت جڻيا کائي تيزيءَ سان وڌو ۽ پوءِ بالغ ٿي ويو هو. ۽ هوڳوٺ جو اهو پهريون ٻارهو جيڪو تازو ساماڻيل چيلاتي جو پهريون شڪار بڻيو هو ۽ جنهن تي پوري سچائي سان ۽ ڪڙي حقيقت جيئان اهو انڪشاف ٿيو هو تہ چيلاتي ۾ ضرورت مطابق پنهنجو روپ ۽ رنگ تبديل ڪرڻ جي شيطاني صلاحيت موجود آهي. اهو جنهن وقت بہ ۽ جتي بہ چاهي ۽ جيڪو بہ چاهي روپ وٺي ٿو سگهي. مطلب تہ اهو هڪ ٻهروپيو چيلاتو هو.

ان مهل هن جهنگ ۾ ٻڪريون پئي چاريون ۽ ڪانڊيرن جي ننيڙن ڳاڙهن گلن تي ڦيرا ڏيندڙ اڇا ۽ ڦڪا پوپٽ پئي ڏٺا ۽ گڏوگڏ رات ريڊيو تي ٻڌل ڪنهن لوڪ گيت جي ڌن پئي جهونگاري جو اوچتو ڪنن تي سرن جي سُر سُر ۽ چيلاتي جي "پون پون" جو پوائنتو ڪهرو ۽ اڻ وڻندڙ آواز پيس. اهو سڙيل ٻوٽ وارو ڪارو چيلاتو هو. جنهن ڪيس اڪيلو ڏسي مٿس حملوڪرڻ چاهيو هو. ڪهرا چنبا .. ڪهرا پر ... ڦڪو ڏڙ... ڪاري منڊي .... هن پاڻ کي چيلاتي جي سخت چنبن ۾ قاتل محسوس ڪيو ۽ ڪانئس ٻڪريون، ڪانڊيرن جا ڳاڙها گل ۽ گلن تي ڦرندڙ پوپٽ ۽ لوڪ گيت جي ڌن وسري وئي. ڊانهن ڪرڻ چاهيائين تہ چيلاتي جو هڪ ڪهرو ۽ سخت هٿ سندس وات تي ڦبي ويو.. ۽ سندس ڦڪو ڏڙ سندس مٿان هو. هو نہ ڊانهن ڪرڻ جهڙو هو نہ ڀڄڻ جهڙو. چيلاتو ڪنهن وحشي جانور جيان طاقتور ۽ بگڙيل

حالت ۾ هو. وات مان گڦ ۽ ناسن مان سوسٽ پئي نڪتس . هن جي منڊي چيلاٽي جي هئي ۽ ڏڙ مرد جو هو ۽ سندس ڏڙ ۾ اهو سڀ ڪجھ هو ۽ ان حالت ۾ هو جيئن ۽ جيڪو هڪ بالغ مرد جي ڏڙ ۾ هجڻ گهرجي. پون پون جو وڏندڙ آواز ... نڪ مان نڪرندڙ سوسٽ ... ساھ جو تيز هانپارو.. چنبن ۽ پرن جي ڪهراڻ ... رڙين ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ... ڪمزور جسم جو ڦٿڪو ... سور ... ڏپ ... ڪاوڙ.. ڏک ... سوسٽ ... چڏ ... چڏ .. مون کي ... چڏ... امان... الاڙي ... امان زڙي ... چُپ ... چُپ ڪر... ڪتي جا پٽ ... چپ ... شديد سور ... هڪ وڏي دانهن .... ڪيڪاٽ ... ٻڪرين جو تاه ڪائي ڊوڙڻ ... هن جو روئڻ ... ۽ چيلاٽي جو گوڏ ٻڌڻ ... ڪتي جا پٽ چپ ڪر ... نہ تہ تپ ماريندو سانءِ هن جو خاموش ٿي وڃڻ.
ان شام ٻڪريون تہ گهر پهتيون پر هو اجا گهر نہ پهتو تہ ماڻس جون اکيون گهٽيءَ ۾ اٽڪي پيون. اصل ۾ هن اونداهيءَ ۾ گهر وڃڻ پئي چاهيو. جو ڪيس ڏپ هو تہ سچ جي روشنيءَ ۾ سندس منهن تي موجود چيلاٽي جا رانپوتآ ظاهر ٿي پوندا. سچ لٿو تہ هو چپ چپ ڪري اچي ڪٽ تي سمهي پيو. پر سندس چپ ڪيس ماءُ جي اکين کان لڪائي نہ سگهي. "راٽا سوير ئي سمهي پيو آهين. ڇا ٿيو آهي ماني تہ ڪاءُ." ماڻس منهن تان رلهي لاهيندي چيس.
"نہ امان بک ناهي ننڊ ٿي اچي" هن رلهي مٿان ورائيندي چيو. گهڙي کان پوءِ هوءَ سندس پير ۾ اچي ليٽي.
"ڇو راٽا ڇا ٿيو آهي؟"
"ڪجھ نہ امان. ڪجھ بہ نہ"
"پوءِ ماني ڇو نہ ٿو کائين"
"ائين ئي امان. بس بک نہ آهي"
"پلا کير ڏيانءِ"
"نہ امان"
".............."
"امان؟"
"جي ابا"
"امان گناھ ڇا آهي؟"
"ڪوڙ ڳالهائڻ، وڙهڻ، چوري ڪرڻ ۽ ڪنهن کي مارڻ گناھ آهي"
"جيڪو گناھ ڪندو آهي اهو دوزخ ۾ ويندو آهي؟"
"ها"
"پوءِ پلي اهو ٻار هجي."
"نہ ٻار نہ. ٻار تہ گل آهن."
"ٻار بہ تہ گناھ ڪن ٿا نہ امان"
"ٻار ڪهڙا ٿا گناھ ڪن؟" ماڻس ڪن وٽ وات رکندي پيار سان چيو.
"ٻارن سان وڏا ڪو گناھ ڪن تہ پوءِ؟ ٻار بہ تہ خراب ٿيا نہ. معنيٰ انهن بہ ڏوھ ڪيو نہ."

”نہ راڻا ٻار تہ گل آهن گلن جا ڪهڙا گناهہ.“

”.........“

”پر تو ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي. تون ڪهڙو وڏو مڙس آهين.“

هن اڳتي وڌي سندس ننڍڙي ڳل تي چمي ڏيندي چيو تہ سندس چپ ڳل تي رهجي ويل ڳوڙهن ۾ آلا ٿي ويا. هو ننڍ پئجي چڪو هو.

هوءَ اٿي لالٽين ڪٽي آئي ۽ اچي پٽس جي منهن وٽ جهليائين. پٽس جي ننڍڙن ڳلن تي رانپوٽن جا نشان هئا. ان شام کان وٺي هو هميشہ لاءِ شام بابت عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويو. ان شام ان ٻار جو ٻاروتڻ مري ويو ۽ ان شام کان وٺي هو ان احساس ۾ مبتلا ٿي ويو تہ در اصل هو گدلو ٻار آهي . توڙي جو ان گدلاڻ ۾ سندس ڪو ڏوهہ نہ هو. ۽ رات هوءَ پاڻ بہ نہ ڪو ماني کائي سگهي نہ ئي دير تائين سمهي سگهي.

ان شام کان پوءِ هن جو هميشہ لاءِ چيلاٽي جي ڊپ ۾ مبتلا ٿي وڃڻ ۽ چيلاٽي جو هميشہ سندس پنيان رهڻ ۽ هن جو هميشہ لاءِ ان خدشي ۾ مبتلا ٿي وڃڻ تہ....

ڪوبہ ماڻهو،

ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان،

ڪٿي بہ،

ڪڏهن بہ

۽ ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿو.

پوءِ پلي اهو ماسات هجي، ماروٽ هجي، پڦات هجي، سوٽ هجي يا چاچو مامو هجي.

هو ڪلاس ۾ ويهي سبق پيو پڪو ڪندو هو ۽ هو دريءَ وٽان ڪيس ڏسندو رهندو هو ۽ هو نہ اها ڳالهہ استاد کي ٻڌائي سگهندو هو نہ ماءُ کي. چيلاٽو جتي ڪٿي ٻارن جو پيڇو ڪندو آهي. پوءِ جتي بہ ۽ جنهن مهل بہ موقعو ملندواٽس ڪين ڏنگ هڻي ڪيندو آهي. ڏنگ سان ٻار ۾ زهر ڦهلجي ويندو آهي ۽ ٻارهميشہ لاءِ پنهنجي رڳن ۾ رت سان گڏ چيلاٽي جو زهر ڪٽي زندگي گذاريندو آهي. پوءِ ڪڏهن بہ پوپٽن جا خواب ڏسي نہ سگهندو آهي.

۽ ڪيس تڏهن ئي محسوس ٿيو هو تہ هڪڙو چيلاٽو شايد سندس اندر ۾ پلجڻ لڳو آهي. هڪ خاموش، ننڍڙو پر پيانڪ چيلاٽو سندس ننڍڙي سيني ۾، سيني جي ڪنهن اونداهين ڪُنڊ ۾ سرجڻ ۽ سُرڻ لڳو آهي.

پوءِ جڏهن هو پرائمري پاس ڪري شهر پڙهڻ لڳو هو تہ اتي بہ چيلاٽي سندس پيڇو نہ ڇڏيو.

هو رسيس ۾ ڪلاس مان نڪري ريڙهي وٽ پيٽيز پيو کائيندو هو تہ چيلاٽو گرائونڊ ۾ ٽالهيءَ جي ٿڙ وٽ بيٺو ڏانهس گهوريندو رهندو هو. موڪل مهل اسڪول مان نڪري اسٽيشن تي ويندو هو تہ هن کي پنهنجي پنيان هلندي محسوس ڪندو هو. ۽ اسٽيشن تي نم جي وڻ وٽ رکيل سيمنٽ جي بئنچ تي ويهي ريل گاڏيءَ جو انتظار ڪندو هو تہ هو پاڻيءَ جي چبوتري واري پٽ جي ننڍڙن سوراخن مان ڏانهس ڏسندو رهندو هو. وٽس چيلاٽي کان بچڻ جو ڪو بہ رستو نہ هو. چيلاٽو ڪنهن بہ وقت ۽ ڪٿي

بہ پهچي پئي سگهيو. مٿس ڪنهن جي بہ ڪا بہ جهل پل ۽ روڪ ٽوڪ نہ هئي. چيلاٽي جو ڏپ سندس حواسن جو حصو ٿي ويو. هو رڳو جاڳ ۾ ئي نہ ننڊ ۾ بہ چيلاٽي کان ڊڄڻ لڳو هو. اڪيلائيءَ ۾ ئي نہ ماڻهن جي وچ ۾ بہ. گهر کان ٻاهر ئي نہ گهر ۾ بہ چيلاٽي جي ڏپ ۾ مبتلا رهڻ لڳو. هو پٽ جي پاڇولي مان نڪتو تہ وري سندس اڌ جسم ظاهر ٿيو. سندس اڌ جسم ڪارو اڌ جسم ڳاڙهو پئي نظر آيو. هڪ اک ڪاري ٻي اک ڳاڙهي. هڪ ڳل ۽ نڪ جي هڪ ناس ۽ وات جو اڌ ڳاڙهو.... ڳچيءَ جو هڪ پاسو ڳاڙهو.... هڪ ٻانهن ۽ هڪ هٿ ڳاڙهو... هڪ جنگهہ ڳاڙهي.... هڪ پير ڳاڙهو. پير ۾ پيل بوٽ جو هڪ جوتو ڳاڙهو.. ڳاڙهي پالش. ڳاڙي پالش جي ڳاڙهي خوشبوءِ ۽ اهو بہ ڪيس پهريون ڀيرو معلوم ٿيو تہ در اصل هر خوشبوءَ جي پنهنجي الڳ بوءِ ئي نہ هوندي آهي پر ان جو الڳ رنگ بہ هوندو آهي. جيئن ڳاڙهي پالش جي ڳاڙهي خوشبو. ڪاري پالش جي ڪري خوشبو. اڇي گل جي اڇي خوشبو. ڳاڙهي گل جي ڳاڙهي خوشبو. آسماني گل جي آسماني خوشبو. سائي پن جي سائي خوشبو ۽ نيري گل جي نيري خوشبو. ڳاڙهي جوتي ۾ پيل جوراب کان خالي بوٽ مان پير ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائين.. زور ڏيئي پير ٻاهر ڪڍيائين. ”جوراب ڪٽي آهن. مان چوان ٿو تہ جوراب ڪٽي آهن. ٻڌين نہ ٿي... ٻوڙي آهين ڇا...“ ايئن اڪثر پنهنجي ئي دانهن تي ڇرڪ ڀري ننڊ مان جاڳي پوندو هو.

اها هڪ اڌوري ۽ بي سوادي ننڊ هئي، اهڙي ننڊ جنهن جو ڪوبہ رنگ نہ هو.

۽ اهو موڪل جو ڏينهن هو.

زالنهس رنڌڻي ۾ هئي، ٻار اجان ننڊ ۾ هئا. هو چپل پائي شينڪ تي ويو ۽ گرڙي ڪري بہ چار لپون پاڻيءَ جون منهن ڪي هڻي موٽي اچي وراندي ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ ان خواب بابت سوچڻ لڳو جيڪو رات ئي سندس ننڊ ۾ زوريءَ گهڙي آيو هو پر ڪيس لڳو پئي تہ ان اهو خواب ڪئي سال اڳ ڏٺو هو. اوچتو سندس ذهن اندرين ڪمري ۾ ٿي وي تي هلندڙ گيت ڏي ڊوڙي ويو.

*I have a dream a song to sing*
*To help me cope with any thing*
*If you see the wonders of a fairytale,*
*You can take the future if you fail,*
*Believe in angels some thing good in every thing.*
*I see. I believe in angels when*
*I know the time is right for me.*
*I will cross the stream.*
*I have a dream.*

”منهنجو هڪڙو خواب آهي.“

۽ ”ڪاپي اک جو خواب“ هن پنهنجي طرفان اظافو ڪيو ۽ انهيءَ گيت جي خواب سان گڏ جيئن ڪوهيڙي ۾ لڪل وڻ سج جي تپش تي آهستي آهستي ظاهر ٿيندا آهن ڪيس راتوڪو اهو خواب ياد اچي ويو جيڪو صبح ٿيندي ٿيندي ڪانئس وسري چڪو هو. شايد خوابن جون ڳالهيون خوابن ڪي موٽائيندي آهن. پر هن راتوڪو خواب ياد ڪرڻ نہ ٿي چاهيو. اهو ياد ڪرڻ جهڙو خواب نہ هو. اهو وسارڻ جهڙو خواب هو. ڇوتہ اهو زوري ڪاپي اک ۾ گهڙي آيل ساڄي اک جو خواب هو. جنهنجو ڪاپي اک جي خواب سان ڪوبہ تعلق نہ هو. هن جو تہ رڳو ساڄي اک سان تعلق هو. هو گهڻي وقت کان ايئن

سمجهڻ لڳو هو تہ سڀ سنا خواب سندس ڪاپي اک ۾ لهندا آهن ۽ سڀ خراب خواب سندس ساڄي اک ڏسندي آهي، ايئن جيئن پوپٽ هميشہ گل تي ۽ مک سدائين گند تي ويهندي آهي. ڪيس پڪ ٿي وئي هئي تہ سڙيل منهن واري ماڻهوءَ جو خواب هميشہ سندس ساڄي اک ڏسندي آهي ۽ راجا واري ريل گاڏيءَ ۾ دريءَ وٽ ويٺل سفيد وڳي واري ڇوڪريءَ ۽ مورن جي ڪنڀن جي برسات جو خواب سدائين سندس ڪاپي اک ڏسندي آهي. اها خوابن جي پاڻ هموري چونڊ هئي. شايد اکيون خوابن جي چونڊ نہ ڪنديون آهن، پر خواب اکين جي چونڊ ڪندا آهن. زالهنس چانهہ ۽ اخبار ٽيبل تي رکي ۽ خاموشيءَ سان تيز وکون کڻدي رڌڻي ڏي ايئن موٽي وئي جڻ تئي تي پيل ماني يا چلهہ تي رکيل چانهہ سڙڻ جو ڊپ هجيس.

هن چانهہ جو ڪوپ کڻڻ کان اڳ اخبار ڏي نهاريو. اها هڪ بي دلي ۽ ٿڌي نهار هئي جنهن ۾ دلچسپيءَ جي ڪابہ ڪوساڻ نہ هئي.

ڪيس خبر هئي تہ اخبار ۾ ڇا هوندو.

۽ ڪيس اها بہ خبر هئي اخبار ۾ ڇا نہ هوندو...؟

خبر هئس تہ اخبار ۾ اهو سڀ ڪجهہ هوندو جنهنجو هجڻ نہ هجڻ ساڳي ڳالهہ آهي ۽ اها بہ خبر هئس تہ اخبار ۾ اهو ڪجهہ قطعي بہ نہ هوندو جنهنجو هجڻ ضروري هوندو آهي.

هر اخبار ۾ خبرن جو هڪ اڻ کٽ واچوڙو.

اهڙو انڌو ڪنڌڙ واچوڙو جنهن ۾ قاتل ماڻهن کي ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ ۽ ڪجهہ بہ سمجهڻ ۾ نہ ايندو آهي!

هو اخبار کڻي صفحا اٿلائڻ لڳو.

پهريون صفحو.

ٻيون صفحو.

ٽيون صفحو.

ڪجهہ رنگين قسم جا فوٽا ڏنائين ۽ پوءِ مختلف اشتهارن ڏي نهاريائين. پنهنجي پسند جي ڪار وٺو... آسان قسطون آسان ادائگي... بنگلوز وڪري لاءِ مناسب قيمت... آسان قسطون... پهرين اچو پهرين وٺو... سندس چپن تي ٺڪي مرڪ ڦهلجي وئي. زالنهس حيرت کان خالي اکين سان سندس مرڪ ڏي ڏٺو. هوءَ سندس مرڪ جي اذيت کان بي خبر نہ هئي. هو گهڻو وقت اڳ "سهولتن" ۽ لذتن" جي ريشمي ڄار ۾ ڦاسي چڪو هو. جديد گهرجن ۽ سهولتن جي ڏاڳن سان اُڻيل ريشي ڄار ۾ ڦاسڻ مڊل ڪلاس جي ماڻهوءَ جي پنهجي چونڊ آهي.. ان ۾ ٻئي ڪنهن جو ڀلا ڪهڙو ڏوهہ ؟ سهولتن جي ريشمي ڄار ۽ مڊل ڪلاس جي ماڻهوءَ جي خواهشن ۽ خوابن جو تعلق جبر ۽ اختيار جو خوبصورت مثال آهي. اهڙو مثال جنهن ۾ فتح هميشہ جبر جي ٿيندي آهي.. ۽ ماڻهو بااختيار هوندي بہ بي اختيار ٿي پوندو آهي. ۽ پيسن کان سواءِ ماڻهو شهر ۾ تہ ساهہ بہ نہ ٿو کڻي سگهي. انهن ڏينهن ۾ هن لاءِ گهر جو سڪون، خوشي، کل مرڪ ۽ زندگي اوپرا احساس بڻجي ويا هئا. گهر ۾ هر وقت ڏک جو پاڇولو لامارا ڏيڻ لڳو هو. گهر جي ڀتين تي ۽ ڇت ۾ اداسيءَ جو ڄارو ڄمي ويو هو. گهر ۾ هر وقت ڪروڌ ۽ ڪاوڙ

وسڻ لڳي هئي. ٻار هر وقت ڏنل رهڻ لڳا هئا. هو اڪثر پٽڪڻ لڳندو هو. "خبر ناهي ايئن ڇو سمجهيو ويندو آهي تہ وچولو طبقو تبديلي ۽ انقلاب جي مهندار جو ڪم ڏيندو آهي.! وچولو طبقو تہ پنهنجي اڻ ڪٿ خواهشن ۽ نا تمام خوابن جو اهڙو قيدي آهي جنهنجي آزاديءَ جو ڪوبہ امڪان نہ آهي. هو تہ جيئن پوءِ تيئن خواهشن ۽ خوابن جي ڪاهيءَ ۾ اونهو لهندو ويندو آهي ۽ ڪيس پنهنجي آسپاس ڏسڻ جي نہ ڪا خواهش هوندي آهي نہ گهرج. ۽ نہ ئي وٿس ايترو وقت هوندو آهي. هو تہ پاڻ ئي وقت جي هٿ ۾ اهڙي پتلي جيان هوندو آهي جنهن ڪي پنهنجي پاڻ تي ڪوبہ اختيار نہ هوندو آهي."

"آخر تنهنجي پگهار ڪڏهن سڄي ٿيندي؟" زالنهس اڪثر ان وقت پڇندي هئس جنهن وقت ڪنهن گهرج جي پورائي لاءِ پيسن جي ضرورت محسوس ٿيندي هئس ۽ پرس پنهنجي اکين جيان خالي ۽ ٻسو نظر ايندو هئس.

"باقي ڪجھ مهينا لڳندا شايد" هو وضاحت ڪندو. "باقي ڪجھ مهينا لڳندا شايد..هون... ۽ اهي ڪجھ مهينا ڪيئن گذرندا؟ هتي تہ مهيني جا آخري ڏھ ڏينهن جبل جيڏا تي ٿا پون... "

"پوءِ مان ڇا ڪيان..... مٿو ڦاڙيان ڇا پنهنجو پيسن لاءِ"

"ڇو ورتئي قرض..؟ نہ وٺي هاتہ ڇو ذليل ٿيون هان.... ؟ پگهار پندرهن ڏينهن بہ نہ ٿي هلي. ٻارن ڪي خرچي ڏيڻ جيترا پيسا بہ ناهن گهر ۾.... توتہ منهنجي لاءِ مصيبت ڪري ڇڏي آهي.... پاڻ صبح هليو وڃي آفيس ۽شام جو پنهنجي ڪتابن ۽ ڪاڳرن ۽ دوستن جي حوالي ۽ مان آهيان جو ذليل ٿي وئي آهيان. ان ڏينهن بہ بجلي وارا دروازي تي اچي بيٺا. بل ڏيکاريو.. نہ تہ بجلي ٿا ڪٽيون... زندگي آهي يا مصيبت .. وري بہ شابس آهي قاسم گل فروش جي ماءُ ڪي جو اوکي سوکي ۾ ڪم ايندي آهي نہ تہ هينئر اونداهيءَ ۾ وينو هجين ها..." ان ڏينهن هو سوير ئي بينڪ تي ويو هو. بينڪ مينيجر ڪاروباري مرڪ سان سندس آڏر پاءُ ڪيو ۽ ٻئي لمحي لون اسٽيٽ مينٽ جي سلپ سندس هٿ ۾ هئي. ڪيس لڳو ڄڻ لون اسٽيٽ مينٽ جو ڪاغذ بہ ڏاڻهنس ڪنهن وڇونءَ وانگر ڏسي رهيو آهي. شايد سڄي دنيا ۾ چيڪ بوڪ جي ان ڪاغذ جهڙو قيمتي ۽ اهم ڪاغذ ڪوبہ نہ هوندو جنهن تي رقم لکي بئنڪ مان پيسا ڪٽي سيڌي سامان، وٺڻ ٻارن ڪي خرچي ڏيڻ ۽ دوائن وغيره وٺڻ جهڙو تي سگهبو آهي. ۽ شايد لون اسٽيٽمنٽ جي ڪاغذ جهڙواڻ وٽندڙ ۽ پيانڪ ڪو بہ ڪاغذ ڪٿي بہ ڪونہ هوندو جيڪو ماڻهوءَ ڪي مجبورين جي صليب تي ٽنگي ڇڏيندو آهي.

"تہ معنيٰ" هو بئنڪ جي دروازي مان ٻاهر نڪرندي پٽڪيو " اجا بہ سال ساڳي حالت رهندي...!" بہ سال معنيٰ...؟ چوويهہ مهينا! ۽ انهن ڏينهن ۾ هو اڪثر سنجيدگيءَ پريل رحمدل احساس سان انهن ماڻهن بابت سوچڻ لڳو هو جيڪي پنهنجي هٿ سان زندگيءَ جو ڏيئو وسائي ڇڏيندا آهن. ڪيس انهن تي پيار آيو.

هو محسوس ڪرڻ لڳو هو تہ جيئرون سندس رت چوسي رهيون آهن.

ڪيس ياد هو تہ هن پهريون دفعو جيئرون ڪڏهن ۽ ڪٿي ڏٺيون هيون. هڏواڙ قبيلي جون خانہ بدوش عورتون گهرن مان خيرات وٺڻ ايندين هيون . سر جي سنهڙين تيلين مان نهيل، سُٽ جي ست رنگن ڌاڳن ۽ چمڙي جي ڏورئين سان مڙهيل ڪارا مٽي تي هوندن. هٿن ۾ آن وائُرڻ جا ڇڄ هوندن. ڳوٺ ۾ پهچنديون

تہ ڪتن ۾ باهوڙ پئجي ويندي. هو ڏکيهن لنين سان ڪتن کي پاڻ کان پري رهڻ تي مجبور ڪنديون. گهرن جي آڳنڌ ۾ اچي ڪارا لاهينديون ۽ پيرن مان جتيون لاهي پٽ تي ويهنديون تہ پونڪنڌڙ ڪتن جا وات بند ٿي ويندا۽ ٻارن جا وات حيرت ۽ خوشيءَ مان پٽجي ويندا هئا.

"آئي امان ... الله جي نالي فقيرن کي خيرات ڏيو.. ڪا اٽي جي لپ ڏيو.. گندي ڪپڙو هجي تہ ڏيو."

پوتيءَ جي پلوءَ سان منهن مان تمندڙ پگهر اگهي پنهنجي مخصوص هڏ واڙڪي لهجي ۾ چونديون ۽ پوءِ ڪاري جي مٿان پيل ميرو ڪپڙو هٽائي رنگين ڪاغذن جون رنگارنگي ڦرٽيون، مٽيءَ جا ڏيڏر، طوطا، هرڻيون ۽ جهرڪيون ڪيڏنديون پٽ تي رکنديون وينديون.. ۽ پوءِ واري واري سان سامهون ويٺل انهن ٻارن کي، جن بابت کين اندازو هوندو تہ انهن جون مائرون خيرات ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڏينديون، ڪاغذي ڦرٽيون، ڏيڏر ۽ پکي ڏينديون وينديون ۽ ٻار رانديڪا وٺي ميدان ڏي ڊوڙندا۽ هڪ پل ۾ سڄو ميدان ٻارن جي ٽهڪن، هوڪرن ۽ ڀڄ ڊوڙ سان ڀرجي ويندو. ٻار هٿ ۾ ڦرٽيون کڻي هوا جي رخ تي ڀڄندا ۽ جيئن تيز ڀڄندا تيئن تيز هوا لڳندي تيئن ڦرٽي تيز ڦرندي ۽ جيئن ڦرٽي تيز ڦرندي تيئن ٻار خوشيءَ ۾ تيز ڊوڙندا ۽ پاڻ ڦرٽيون ٻڌجي زمين کان مٿي کڄي ويندا ۽ هوا ۾ اڏامڻ لڳندا. ڪتن جون پونڪون ۽ ٻارن جو گوڙ ٻڌي اندر ستل پوڙهو خير الدين دانهن ڪري چوندو"اڙي اهو گوڙ ڇاجو آهي...ٻارن کي موچڙو نہ ٿا هڻو... ننڊ حرام ڪري ڇڏي اٿن... لعنت پئي انهن چورن کي..." تڏهن گهر جي ڪا عورت کيس ٻڌائيندي تہ "ڏاڏا هڏواڙيون آيون آهن، تڏهن ٿا ڪتا پونڪن"

تہ هو سڌو ٿي کٽ تي ويهندو ۽ ساڄو هٿ اکين جي مٿان ڏيئي سج جي سامهون دالان ۾ ويٺل ماين ڏي ڏسندي چوندو. "او مائي ڏي خبر ڇئورون آنديون اٿئي. پيٺهان اڳين پيري بہ ڪونہ آنديون هيئي... مان مران ٿو."

"آنديون آهن ڏاڏا آنديون آهن" هڏواڙڻ ميرا ڏند ٻاهر ڪڍي ڪلندي چوندي

"پوءِ وارو ڪر.. مران ٿو. اڙي گهوڙا هي سنڌن جو سور" سانوري هڏ واڙڻ ڪاريءَ مان هڪ ننڍوڙو نڪر جو ٿيو ڪيڏندي ۽گوڏي تي هٿ ڏيئي پٽ تان اٿي اندر ويندي ۽ هو سوچيندو" اهي ڇئورون ڇا آهن ۽ ڏاڏا خيرالدين انهن ڇئورن کي ڇا ڪندو..؟" هو ماين جي اک وٺي وڃي دريءَ کان ٻيهندوءِ سيرمان اندر ڏسندو. هوءَ ٿيي جي منهن تان ڪپڙو لاهي هٿ اندر وجهنديءِ هٿ ٻاهر ڪيڏندي تہ آڱرين ۾ بہ ٿي ڳاڙهسرا ڪينئان چنبڙيل هوندس. "تہ معنيٰ ڇئورون اهي آهن" هو دل ۾ چوندو. پوڙهو خيرالدين ڪاري جنگهہ تان شلوار مٿي ڪري گوڏو ظاهر ڪندوءِ هڏواڙڻ هڪ هڪ ڪري ٿئي ڇئورون گوڏي جي آس پاس چنبڙائي ڇڏيندي ۽ ڪجهہ گهڙين کان پوءِ هڪ ڇئور گوڏي مان وات ڪيڏي هيٺ ڪري پوندي تہ هوءَ انهيءَ ڇئور کي کڻي ٿيي ۾ وجهي ٻي تازي تواني ڇئور ڪيڏي گوڏي ۾ چنبڙائيندس. اهو سلسلو اڌ ڪلاڪ کن هلندو رهندوءِ انهيءَ دوران پوڙهو خيرالدين ٿڌا شوڪارا ڀريندو رهندو ۽ ڪنهن ڪنهن مهل زور زور سان الله. الله الا الا ڪندو رهندو... پوڙهو خيرالدين ننڊ پئجي ويندوءِ هڏ واڙڻ ٿيو کڻي ٻاهر نڪري ايندي ۽ خيرالدين جي زال پوڙهيءَ مريم کي چوندي "امان ويهہ رپيا ڏي.. منهنجون چارجئورون مري ويون آهن" چو مائي ڪجهہ خدا جو خوف ڪر پنج رپيا هڪڙي ڇئور ايڏو ظلم " پوڙهي مريم چوندي "نهيو امان تون پندرنهن رپيا ڏئي... ڇئورون ڪو سولو هٿ نہ ٿيون اچن

ڏاڍي...“

ٻ هو سوچيندو ”تہ معنيٰ خيرالدين جي حياتي جوڙن جي موت سان بدل آهي. جوڙون رت پي مرنديون تہ خيرالدين جيئندو نہ تہ خيرالدين مري ويندو.. ٻ هاڻي جوڙن جي ڪيمسٽري تبديل ٿي وئي آهي. هاڻي جوڙون خراب رت نہ ٿيون چوسين. هاڻي جيئرون سنو ٻ تازو رت گهرن ٿيون. تازو ٻ سنو رت چوسي پاڻ زندهہ رهڻ گهرن ٿيون ٻ جنهن جو رت چوسين ٿيون اهو مري ٿو وڃي.“ ٻ هو سمجهڻ لڳو هو تہ سندس رت بہ هڪ ئي وقت ڪئي جوڙون چوسي رهيون آهن. زال، ٻار، گهر، آفيس، ڪلينڪ، شهر، مارڪيٽ، بئنڪ، ليزنگ ڪمپني، اخبارون، ٽيليويزن، ڪيبل سڀ جوڙون آهن. جيڪي ڪيتري وقت کان قطرو قطرو ڪري سندس رت چوسي رهيون آهن ٻ هو آهستي آهستي ڳرندو پيو وڃي. لمحو لمحو مرندو پيو وڃي ٻ هو اڪثر ٻڙڪڻ لڳو هو ”ڪير پاڳل ٿو چئي تہ زندگي خوبصورت آهي...! زندگي تہ ذلالت آهي، مصيبت آهي، زندگي ڪلارڪ جي ڪتجي ويل پگهار آهي. زندگي زال جو ڪروڌ آهي، زندگي ٻارن جو روج راڙو آهي. ماڻهوءَ کي مارڻ لاءِ ڪنهن ٻاهرين ماڻهوءَ جي ضرورت ناهي. ماڻهوءَ کي مارڻ لاءِ سندس گهر ئي ڪافي آهي.“ هو سنجيدگيءَ سان سمجهڻ لڳو هو تہ دراصل هي ٻار محبت جو نشاني نہ آهن پر اصل ۾ ماءُ پيءُ جي فرسٽريشن، ڳٽتي، ڪاوڙ، نفرت ٻ خاموش سمجهوتن جي غير ضروري نشاني آهن. جيتري گهڻي فرسٽريشن اوترا گهڻا ٻار...! ٻ جيترا ٻار ايترا مسئلا... ايترو گوڙ ايتري بي سڪوني... ايتري ڪاوڙ... ايتري چڙ... ايتري بيزاري ٻ جيتري بيزاري ايتري بيماري. انهن ڏينهن ۾ ڪيس زال ٻ ٻارن کان نفرت ٿي وئي هئي. ٻارن ٻ زال سان ڳالهائڻ مهل سندن منهن ڏي نہ ڏسندو هو. انهن ڏينهن ۾ هو زخمي احساس سان سمجهڻ لڳو هو تہ جنس جي بنياد تي عورت ٻ مرد جي هڪٻئي سان ”تهذيب“ جي عروج کان وٺي پڪي دشمني رهي آهي. هڪٻئي کي پيار جي ڄار ۾ ڦاسائي شادي ڪرڻ اها دشمني پارڻ جو بهانو آهي ٻ سندن اولاد ان دشمني جو نتيجو آهي.

”چانهہ ڪيئن آهي؟“ هن کي خيالن ۾ گم ڏسي زالهنس پڇيس، ”سٺي آهي .. مطلب ڏاڍي سٺي آهي.“ هن اخبار جا صفحا ويڙهي سيڙهي ٽيبل تي رکندي چيو. موٽ ۾ زالنهس جي هلڪي مرڪ هڪ گهري مرڪ ۾ تبديل ٿي وئي. پر ٻنهين ڄاتو پئي تہ اها هڪ ڏکاري مرڪ هئي، اهڙي مرڪ جنهنجي تهہ ۾ انيڪ زخم هئا. توڙي جو هاڻي هن جي پگهار مان لون ڪتجڻ بند ٿي چڪي هئي ٻ پيسن جي پريشاني بہ گهڻي حد تائين ختم ٿي چڪي هئي. پر اڃان بہ اڌ پگهار واري اذيت گهر جي هر ڪُنڊ پاسي ۾ موجود هئي. اڌپگهار ماڻهوءَ کي اڌ ماڻهو ڪري ڇڏيندي آهي. ٻ ماڻهوءَ جي خوشيءَ کي ”اڌ خوشي“ بڻائي ڇڏيندي آهي ٻ سندس مرڪ کي ”اڌ مرڪ“ سندس ٽهڪ کي”اڌ ٽهڪ“ سندس ٻاڪر کي ”اڌ ٻاڪر“ سندس چميءَ کي ”اڌ چمي“ بڻائي ڇڏيندي آهي. پوءِ ڀلي ڪٽي پگهار سڄي بہ ٿي وڃي پر اڌ ٻڄي ويل شيون گهڻو وقت ”اڌ“ جي اذيت مان آزاد ٿي نہ سگهنديون آهن. پنجن سالن تائين سندس آس پاس رهيل اهو”اڌ“ زالنهس جي خوبصورت اکين ۾ اداسيءَ جون وليون پوکي ويو هو ٻ پاڻ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويو هو. بيماريءَ جو سمجهہ ۾ اچي وڃڻ اڌ علاج برابر آهي ٻ بيماريءَ جو سمجهہ ۾ نہ اچڻ هڪ بيماري کي ”ڏيڊ بيماري“ بڻائي ڇڏيندو آهي ٻ ”ڏيڊ بيماري“ بيماريءَ

ڪان وڏيڪ خطرناڪ هوندي آهي. اڌ پگهار ملڻ واري انهن گذريل اڍائن سالن ۾ اڪثر ايئن ٿيندو هو ته هو ڪنهن نه ڪنهن دوست ڪان ڪجهه هفتن جي اوڌر تي پيسا وٺڻ لاءِ گهران نڪرندو هو ته رستو ڪندا ڪندا ٻڌجي ويندو هوس. دوست جي دروازي تائين پهچندي رتورت ٿي ويندو هو. دوست جي سامهون ويهندو ته لفظ نڙيءَ ۾ اٽڪي بيهي رهندس. ڪلڻ ڳالهائڻ نه پهچندس. چڙ سوليءَ تي لٽڪيل هجي. سوچيندو رهندو ته ڪاش هوند هو پاڻ مونڪان منهنجي اچڻ جو سبب پڇي. منهنجو چهرو پڙهي سگهي ۽ ڄاڻي سگهي ته مان وٽس ڇو آيو آهيان. ته جيئن آءُ لفظن جي اذيت ڪان بچي سگهان. پر ايئن ڪونه ٿيندو. ڪير ٿو ڪنهنجو چهرو پڙهي سگهي؟ هر ڪنهن کي بهرحال لفظن جي اذيت مان گذرڻو ئي پوندو آهي. نيٺ ڳيتون ڏيئي چوندس "يار اصل ۾ مونکي ٿورن ڏينهن لاءِ ڪجهه پيسن جي ضرورت آهي" تڏهن ڪجهه دير لاءِ چؤ طرف هڪ اڻ وٽندڙ ۽ زخمي ڪندڙ خاموشي ڇانئجي ويندي. ان خاموشيءَ ۾ آوازن جو طوفان پريل هوندو. پوءِ اول ته دوست وٽان هڪڙو وڏو ڀاشڻ ٻڌڻ لاءِ ملندس "يار شاباش اٿئي ايترا پيسا ڪيڏانهن ٿو ڪرين. ايڏي پگهار بونس." پوءِ معذرت خواهاڻي انداز ۾ چوندس "معاف ڪجان. مان پاڻ پٽ سٽ تي پيو گذارو ڪيان " ۽ هو وڏيڪ ڪجي نه سگهندو. اٽي ڪڙو ٿيندو. ڪنهن دوست ڪان پيسا گهرڻ دنيا جووڌ ۾ وڌ ڏکيو ڪم آهي. توهان دوستن سان فقط ڪنهن سٺي هوٽل تي سٺي ماحول ۾سٺي چانهه جي ساٿ سان علم، ادب، عشق، آرٽ، سماجيات، سياست، فلسفي ۽ فڪر تي بحث مباحثا ۽ طويل ڪچهريون ڪري سگهو ٿا، ڪنهن دلفريب ۽ سٺي ڪمري ۾ مڌ جي سرڪن تي لطيفا، شعر ۽ ڳالهيون شيئر ڪري سگهو ٿا، پر جڏهن به توهان ڪنهن مجبوريءَ سبب انهيءَ گهربل سطح ڪان هيٺ لهي آيا ته دوستيءَ جو سڄو دلڪش محل ڊهي پوندو. سنگت جو سڄو ڪاڪ محل ڪري پوندو. ۽ انهن ڏهاڙن ۾ هو زندگيءَ جي انهن ڪڙن ڪسارن ۽ حقيقي تجربن مان گذريو جن مان شايد هونءَ ڪڏهن به نه گذري سگهي ها.

شايد زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ ڪيسن جو ڀريل هجڻ ايترو ضروري نه آهي جيترو ڪيسن جو خالي هجڻ. ۽ هو گهڻو وقت اڳ سمجهي چڪو هو ته مسواڙ واري گهر ۾ رڳو گهر جي مسواڙ نه ڀرڻي پوندي آهي پر خوابن جي به مسواڙ ڀرڻي پوندي آهي ۽ مسواڙ واري گهر ۾ ڏتل خوابن جو پلستر لٿل هوندو آهي ۽ انهن جو رنگ ڦٽل هوندو آهي. اڪثرات جو گهر ۾ ننڊ ۾الوٽ ٻارن کي ڏسي ڇپن تي مرڪ پکڙجي ويندس. "اهڙي مني ننڊ صرف ٻار ئي ماڻي سگهن ٿا"ڪيس ته اهڙي ننڊ ڪئي ورهه ٿيا آهن. هاڻ ته اهڙي گهري ننڊ رڳو سندس خواهش بڻجي رهجي وئي آهي. اهڙو خواب جيڪو شايد وري ڪڏهن به نه موٽندو ۽ اهڙي خواهش جيڪا ڪڏهن به پوري ٿي نه سگهندي. ٽرنڪولائيزرس جي ڪشتي ۾ خيرات طور مليل ننڊ به ڀلا ڪهڙي ننڊ!

ان شام ڪالونيءَ جي اسٽور واري دوست ٻڌايو پئي " منهنجي اسٽور تان جيڪا دوا سڀني ڪان وڏيڪ وڪامي ٿي اها آهي ٽرنڪولائيزز. ننڊ جي بيڪ"..! معنيٰ ته سڄو ملڪ بلڪ سڄي دنيا خيرات ۾ مليل ننڊ تي گذارو ڪري ٿي...! سندس ننڊ ڦٽڻ جي شروعات به اڍائي سال اڳ تڏهن ڪان ئي ٿي هئي جڏهن نديم جي جاءِ ۾ شفٽ ٿيو هو ۽ نديم جي گهر ۾ ان ڪري شفٽ ٿيو هو جو جنهن جاءِ ۾ اڳ رهيو پيو هيو ان جاءِ جي مسواڙ وقت تي نه ڀئي ڏئي سگهيو. جاءِ جو مالڪ ڪاوڙجي پيو ۽ هر ائين

ڏينهن ڪنهن نہ ڪنهن دلال سندس دروازو کڙڪائي چيو پئي ...." ادا ٿورو پردو ڪرايو. پارٽي گهر ڏسڻ آئي آهي، مالڪ جاءِ وڪڻي ٿو". تڏهن هن پنهنجي دوست نديم کي پنهنجي پريشانيءَ کان آگاهہ ڪيو تہ هن پنهنجي خالي جاءِ ۾ شفٽ ٿيڻ جي صلاح ڏيندي چيس" منهنجي جاءِ جي هڪ وڏي خامي هيءَ آهي تہ منهنجي جاءِ دڪانن جي پرسان آهي. توهان کي ٽيپ رڪارڊ جو آواز پريشان ڪري سگهي ٿو".

"پر اها پريشاني روز روز دلالن جي گهر جي در تي اچڻ کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ تہ نہ آهي." هن پنهنجو سامان نديم جي جاءِ ۾ شفٽ ڪري سک جو ساهہ کنيو هو. هونءَ بہ هڪ جاءِ مان ٻي جاءِ ۾ سامان شفٽ ڪرڻ ۾ سندس ڪافي تجربو هو البت هڪ گهر کان ٻي گهر تائين پهچڻ واري رستي ۾ هميشہ ننڍڙن ٻارن جا خواب ۽ رانديڪا ٽٽندا رهيا ۽ سندس ڪتاب مرندا جئيندا رهيا. پر پوءِ ڪيس جلد ئي خبر پئجي وئي تہ پريشاني بهرحال پريشاني هوندي آهي. ان جو نمونو بدلجڻ سان فرق نہ پوندو آهي. ان گهر ۾ صبح کان رات تائين زور زور سان وڄندڙ ٽيپ رڪارڊ ۽ ڊيڪ جو آواز سندن خاموش لمحن جي قتل جو سبب هو.

اندرين ڪمري جي پٺئين پاسي گهٽي ۾ بلڪل آمهون سامهون ٽپيدار جوگهر هو. ٽپيدار روز رات جوهڪ کان ڏيڍ بجي جي وچ ۾گهر ايندو هو. موٽرسائيڪل تان لهي گهر جي گهٽي وڃائڻ يا دروازو ٺڪڪائڻ جي تڪليف ڪرڻ بدران موٽر سائيڪل تي وينو مسلسل پريشر هارُن پيو وڄائيندو. "ٽين، ٽين، ٽين، ٽين" ۽ ايستائين ٻٽڻ تان هٿ نہ کڻندو جيستائين زالنهس ننڊ مان اٿي اچي دروازو نہ کولي. پهريون سيارو آيو ۽ پارا پوڻ لڳا تہ هو وراندي بدران ٻارن ۽ زالهنس سميت اندرئين ڪمري ۾ ستو تہ پهرين رات ئي اڌ رات مهل انهيءَ ٽين ٽين جي آواز تي ايئن ڇرڪ ڀري جاڳيو ڄڻ اوچتو ڪنهن سندس ڪن وٽ بندوق جو فائر ڪيو هجي. ان رات کان پوءِ هو وري سڄو سيارو سک جي ننڊ نہ سمهي سگهيو. وري صبح جو سويري پر واري مسجد جو پيش امام ٻانگ ڏئي پنهنجو فرض ادا ڪرڻ کان پوءِ نعت پڙهڻ شروع ڪندو تان جو نماز جو وقت ٿي ويندو. نماز کان پوءِ وري چندو گهرڻ جو وارو ايندو. جيڪو صبح جي ڏهين يارهين وڳي تائين بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهندو. "او منهنجا مسلمان ڀائرو" مولوي صاحب سُر ۾ لائوڊ اسپيڪر تي اعلان جي اڻ کٽ شروعات ڪندو. "مسجد زير تعمير آهي، چندو ڏئي ثواب دارين حاصل ڪندا.... او مسلمان ڀائرو... ڏنو ٻنون آهي... اڳيان ڪاري قبر آهي. نيلا نانگ آهن. مٿان موت بيٺو آهي. او منهنجا مسلمان ڀائرو...!! توهان جي مدد جي ضرورت آهي.... الله الله ... او منهنجا مسلمان ڀائرو..." هو نہ ٽپيدار کي هارُن وڄائڻ کان روڪڻ جهڙو نہ مولوي صاحب بابت ڳالهائڻ جهڙو... ٽپيدار کي ٿو ڪجهہ چئي تہ جهيڙو ٿو ڳچيءَ ۾ پئي "ادا تنهنجو ڇا وڃي. موٽر سائيڪل منهنجي، گهر منهنجو ۽ در منهنجو. تون مسواڙي.. جمع ، جمع اٺ ڏينهن ٿيا آهن تہ ٽپڙ کڻي آيو آهين. هليو آهين مونکي هدايت ڪرڻ" ۽ جي ٿو مولوي صاحب کي ڪجهہ چئي تہ مليس ٿو تعذير... ڏسو ابا مسلمانن جا حال ... ٻانگ تي بہ اعتراض. الله جي نالي وٺڻ تي بہ ڪاوڙ. وتوس پٽسان کي ڪافر آهي... ملحد آهي... ڪميونسٽ آهي" شينهن کي ڪير چئي تنهنجي وات ۾ ڌپ. شايد دنيا ۾ جيتري مذهب جي نالي ۾ لامذهبيت، محبت جي نالي ۾ نفرت، دوستيءَ جي نالي ۾ دشمني ۽

اعتبار جي نالي ۾ ويساهه گهاتي ٿي آهي، ايتري ٻئي ڪنهن به نالي ۾ نه ٿي آهي. هو ڪنهن کي به ڪجهه چئي نه سگهيو. ڪنهن کي ڪجهه چئي نه سگهڻ خود هڪ اذيت آهي.... هڪڙو ڏک آهي... جيڪو ماڻهوءَ کي هڪ ڏينهن ماري وجهندو آهي. ۽ اهو به موٽر سائيڪل جو آواز ئي هو جنهن تي سندس پنجن سالن جو پٽ ڇرڪ ڀري ننڊ مان جاڳيو هو ۽ ياپيولجي روئڻ لڳو هو.. پوءِ اٺ ڏهه مهينا هر رات ڇرڪ ڀري جاڳي پوڻ، ۽ دير تائين ڏڄندو ۽ روئيندو رهڻ، ۽ پوءِ روئندي روئندي سمهي پوڻ سندس معمول بڻجي ويو. ايئن هو پنهنجي ننڊ تان هٿ ڌوئي ويهي رهيو! سڄو ڏينهن شهر ۾ جڙ آوازن جي جنهگل ۾ قاتل ماڻهو رات جو به ننڊ نه ڪري سگهي ته ان جو ڇا حال ٿيندو...! اهي ننڊ جا چار پل ئي ته هوندا آهن جيڪي ماڻهوءَ جي جاڳ کي معنيٰ بخشيندا آهن ڪيس زندگيءَ جي راهه سان ڳنڍيندا آهن. شايد Voice pollution انهن جديد بيمارين جو بنياد آهي جيڪي ماڻهوءَ کي اڌوهيءَ وانگر کائي ويندين آهن. هو بظاهر ڪنهن ٿوڻيءَ وانگرمظبوط ڏسڻ ۾ پيو ايندو پر اندران کاڌو پيو هوندو آهي. ماڻهوءَ جي ننڊ ڦٽي ويندي آهي ته نه رڳو دنيا سان پر پنهنجي پاڻ سان به سندس ناطو ڇڄي پوندو آهي ۽ هو زندگي سان پنهنجي تعلق جو تند وڃائي ويهندو آهي. نديم جي ان جاءِ جو آڳنڌ ايڏو سوڙهو ۽ پاسن واريون پٽيون ايڏيون وڏيون هيون جو گرمين جي موسم ۾ اها جاءِ دوزخ بڻجي پوندي هئي. ان ۾ هوا جو جهوٽو اندر نه اچي سگهندو هو ۽ ڏسڻ لاءِ آسمان جو بنهه مختصر چوڪور ٽڪرو ميسر هو. جنهن ۾ ڳڻڻ جيترا ستارا ڏسي سگهبا هئا. جنهن ۾ چنڊ فقط چند لمحن لاءِ ڏسڻ ۾ ايندو هو. ڪنهن مهل سڄو گهر ڪنهن تمام مهانگي ۽ سٺي پرفيوم جي وٽندڙ خوشبوءَ سان ڀرجي ويندو ته ڪنهن مهل گهر ۾ عجيب ۽ بنهه خراب قسم جي بدبوءِ ڦهلجي ويندي، ايئن لڳندو ڄڻ گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪوئو مئو پيو آهي. ڏپ، تڪليف، پريشاني ۽ طويل اوجاڳن جي اذيت مان تڏهن وڃي جان ڇٽيس جڏهن اها جاءِ ڇڏي ٻيءَ جاءِ ۾ منتقل ٿيو. اوجاڳي جي انهن راتين ۾ هو اڪثر پنهنجي ڳوٺ کي ساريندو هو”الا، ڳوٺ ۾ ڪيڏي خاموشي هئي، ڪيڏي نه گهري ننڊ ايندي هئي“ سيني مان اپري وات مان نڪتل هڪ ٿڌو ساهه ۽ هڪ جملو. سوچڻ ۽ سارڻ. اهي راتيون ۽ ڏينهن جيڪي ڪنهن ٻار جي خواب جيان حسين ۽ وٽندڙ هئا. ڳوٺ جي ساڄي پاسي کان وهندڙ واهه سان سندس پراڻي دوستي هئي. ان واهه ۾ ئي هو ترڻ سکيو هو. ٻڏندي ٻڏندي بچيو هو. ان واهه جي ڪنڌيءَ تي ئي ڀهرن جا ڀهر لهرن ۾ اڇلايل ڪُنڍيءَ ۾ مڇيءَ جي ڦاسڻ جو انتظار ڪندي مٿس انڪشاف ٿيو هو ته درياهه به خدا وانگر ڪنهن جي محنت ضايع نه ڪندا آهن. پوءِ اهو وچ سير جو واڳون هجي يا ڪنڌيءَ جو ڪنگ، لهر جو لڏڙو هجي يا مڇيءَ جو عاشق مهاڻو. ان واهه ئي کيس مڇيءَ جو انتظار ڪندي خاموشي، صبر، اعتبار ۽ انتظار جي لذّت سان روشناس ڪرايو هو. ۽ اهو به ته مڇيءَ جو شڪار محبوبه جي انتظار وانگر لاحاصل هوندي به حاصلات جي احساس جهڙو وٽندڙ هوندو آهي. ان واهه ۾ ئي هن مينهن ڪٽين جي سڌ تي ننڍڙين مڇين کي نچندي ڏٺو هو ۽ ها ان واهه ۾ هن ڪهاڙين لڳل مردن ۽ مٽا ڪوڙيل عورتن جا سڄيل اگهاڙا لاش لڙهندي ڏٺا هئا. جن کي ڪارو ڪاري سڏيو ٿي ويو ۽ هن کي حيرت لڳندي هئي ته انهن کي ڪارو ڇو ٿو سڏيو وڃي جڏهن ته اهي لاش سدائين ڪپهه جهڙا اڇا آهن. ۽ ان واهه ۾ ئي هن پهريون دفعو موريءَ ۾ ڦاتل هڪ عورت جي اونڌي لاش جي مٿان هڪ ڪُميءَ کي ويٺل

ڏنو هو ۽ اهو به ڏنو هو ته لهرن جي زور تي هيٺ مٿي ٿيندڙ ان عورت جو نظر ايندڙ هڪڙو اُرهه ايترو وڏو، ٿلهو ۽ ڦنڊيل هو جهڙو سهپ جي آخري حد تائين ڦوڪيل ڦوڪڻو يا جهڙو مانيءَ وارو اونڌو رکيل دٻڪ. ۽ ها ان سڊيل ارهه سان راند ڪيڏندڙ ننڍڙي مڇيءَ جي شرارت ۽ شوخيءَ ڪي هو ڪڏهن به وسارڻ وارو نه هو. هن ڪي شروع کان معلوم هو ته دراصل هو پنهنجي ذات ۾ اڌ مهاڻو ۽ اڌ غير مهاڻو آهي تنهن ڪري سندس سيني ۾ نديءَ جي راز سان گڏ هڪڙو چنل ڄار به ڦاٿل آهي. ۽ اهو به ته سندس اکين ۾ هڪ شرارتي مڇيءَ جو ڏک ۽ نڙيءَ ۾ هڪ لک گاريون اٽڪيل آهن.

واهه جي ڪڙ سان قطار در قطار ٽالهين جا گهاٽا ڳٽڻ کان وڏيڪ وڻ، وٽن جي ڇانو ۾ واهه منجهه سڄو سڄو ڏينهن ٽُڙڳڻ ۽ واهه جي موريءَ وٽ ايريگيشن وارو باغ. باغ ۾ پپر، ڄمون، ليمان ۽ انب. ۽ املتاس جي ٽارين ۾ ڪوڪندڙ ڪوئل... هيٺ وهندڙ پاڻيءَ جي ننڍڙي شاخ. شاخ ۾ ڪرندڙ ڄمون ۽ توت. پانت پانت جا پکي، پکين جون ٻوليون ساوا وڻ، ڪڪرن سان پريل آڪاش، برسات. اندلٺ جي رنگن ۾ اٽڪي پوندڙ اکيون. مينهن جي پاڻيءَ ۾ ڪاغذ جون ٻيڙيون تاري ڪنهن اڻ ڏٺل دنيا ڏي اماڻڻ. ترندڙ ٻيڙين سان گڏ پاڻ ترڻ، ٻڏندڙ ٻيڙين سان گڏ پاڻ ٻڏڻ. هڪ گهرڪان ٻئي گهر ڏي ڊوڙٻائڻ ۽ ڪورس جي انداز ۾ گڏجي ڳائڻ. ڪارڙو ڪونيارڙو ان پاڻي ڏي ته مولا مينهن وسائي، ڪنهن پوڙهيءَ جا دڙڪا ڏيڻ "ڪلا ڇورا ايڏو مينهن وٺو آجو چنا ڇپر ڇُڙي پيا آهن پٽ تي پير رکڻ جي جاءِ ڪانه بچي آهي پتيون پُري پيون آهن. ۽ توهان جو اجان پيٽ ڪونه پريو آ.... هلو هتان ڪاٿو نه ڪلا... " رات جو کٽ تي ليٽي مٿي نهاربو ته نيڻ ٺري پوندا، لکين، ڪروڙين ستارن سان جهنجهيل آسمان ايترو ته ويجهو لڳندو جو پاسندو ته ٿورو هٿ مٿي ڪبو ته تارن کي ڇهي وٺبو. بجلي ڪانه هئي. اونداهين راتين مرڪڪائين ڇپر ۾ ٻرندڙ لالٽين جي جهيڻي روشني سڄي گهر کي پراسرار خواب بڻائي ڇڏيندي. ٻاهر آڳنڌ جي آس پاس ڦيرا پائيدڙ ٽانڊاٽا ايئن پاسندا ڄڻ آسمان مان اڏامي ڌرتيءَ تي آيل تارا هجن. کٽ جي پرسان گذرندڙ ڪنهن ٽانڊاٽي کي ڏسي زور زورسان ڳائبو ڪربُوجڙو کٽ تي ماٽس پٽس پٽ تي ته طبيعت جو تيزڪُربو جڙوبه چار گوهيون ڪائي پٽ تي اڇي ڪرندو. ڪربو جڙو ڪٽي هٿ جي ترې تي رکبو ۽ مٿان ٻئي هٿ جي اوٽ ڏبي ته چانديءَ جهڙي روشني آڱرين مان ڇڻڻ لڳندي ۽روشنيءَ ۾ ٻئي هٿ گلابي ٿي ويندا. پوءِ ڪير پٽ ڪائي وهاڻي تي مٿو رکبو ته اکيون ننڊ ۾ پرجي وينديون. ۽ ان عمرڪان به گهڻو پوءِ رات جو بي بي سي تان انين واريون خبرون ٻڌندي ٻڌندي ننڊ جا گهيرٽ اچي ويندا. ۽ کٽ تي ليٽبو ته ننڊ پنهنجي پاکرن ۾ پري وٺندي. ۽ هاڻي ؟ سمهڻ لاءِ سڀ سهولتون ته موجود آهن. ننڊ ڪانهي ! هو ڳوٺ ڇڏي شهر اچڻ کان پوءِ تمام جلد ننڊ کان محروم ٿي ويو هو. جڏهن کان کليل آسمان، تارن، چنڊ ۽ وٽن کان محروم ٿي ويو هو ته ڄڻ زندگيءَ کان محروم ٿي ويو هو. ان محروميءَ ڪانئس مرڪون ۽ ٽهڪ کسي ورتا. هو هڪ ڪوڪلو ماڻهو بڻجي ويو. تيزيءَ سان هر احساس کان خالي ٿيندو پئي ويو. پر پلا هاڻي ڳوٺ ۾ رهيو به ڇاهي" هو اڪثر پڻڪڻ لڳندو. "واهه جو پاڻي سڪي ويو آهي. وڻ وڍجي ويا آهن. باغ اجڙي ويو آهي ۽ ڳوٺ جي ڳلين ۾ بي روزگاري، غربت ۽ بيماريءَ جي ڏائڻ پٽڪي رهي آهي." ان ڏينهن ڳوٺان خبر آئي " ڳوٺ وارو مور مري ويو آهي" ۽ اها خبر سندس ڳوٺ جي اجڙڻ جي تصديق بڻجي وئي. " مور به مري ويندا آهن ڇا...؟" هن ساڳيو سوال

ورائي ورائي پنهنجي پاڻ کان پڇيو هو پر ڪو به جواب ماڻي نه سگهيو هو. رات جو سڪل وڻ تي ويٺل مور کي نانگ ڏنگي ويو. مور ۽ نانگ جي پراڻي دشمني. ڪڏهن هڪ ڪامياب ڪڏهن ٻيو. ڪاميابيءَ ۾ ناڪامي ناڪامي ۾ ڪاميابي. ڳوٺ سم ۽ ڪلر جي ور چڙهي ويو آهي. وڻ سڪي ويا آهن..پاڻي ڪارو ٿي ويو آهي. ڪڏن کوهن ۾ سم جو ڪڙو پاڻي پيرجي ويو آهي. پاڻيءَ ۾ ڪلُ ڦٽي پئي آهي. ڪلُ ۾ ڏيڏر، مڇر، جيت جڻيا ۽ نانگ بلائون رهڻ لڳيون آهن. ڪلُ مان نانگ نڪتو هوندو ۽ مور کي ننڊ ۾ ڏنگي وڌو هوندائين ۽ صبح جو ماڻهن سڪل وڻ ۾ رنگ برنگي مور مئل ڏٺو هوندو...! هو پنهنجي ٻارن جو ”مستقبل“ سڌارڻ لاءِ ڳوٺ ڇڏي شهر آيو هو .۽ ٻارن جو ”مستقبل“ سنوارڻ جي خواهش ۾ پنهنجو”حال“ وڃائي ويٺو هو. ترقي ۽ مستقبل خود هڪ سواليه نشان...؟ ”ته ماڻهوءَ ڪهڙي ترقي ڪئي آهي ۽ اڃا ٻي ڪهڙي ترقي ڪندو...؟ ۽ ڪيسيتائين آهي حد ترقيءَ جي.“

ماڻهوءَ ايٽم بم کان ڪلوننگ تائين جيڪا ترقي ڪئي آهي ان خود ماڻهوءَ جي مستقبل کي سواليه نشان نه بڻائي ڇڏيو آهي...؟ ۽ خود ترقي ڇا آهي...؟ وڏا وڏا بنگلا؟ گاڏيون؟ اسڪائي اسڪريپر عمارتون؟ گهڻي دولت؟ ڳچيءَ ۾ ٻڌل ريشمي ٽاءِ؟ اها آهي ترقي؟ اهو آهي ماڻهوءَ جو نصب العين؟ اها ته ماڻهوءَ جي قديم بک آهي. بک جنهن جو ڪو انت نه آهي. ۽ هيءَ ايڪيهين صدي؟ شايد هي صدي بي بنياد بنياد پرستي، لاغرض خودغرضي، بي سبب جلد بازي، سنڌ جنس زدگي، بي انت بي خبري ۽ ڊاول بک جي صدي آهي.  سوالن جو هڪ طويل سلسلو. جيترا سوال ايترا جواب. جيترا جواب ايترا سوال. ۽ هو سوالن جوابن جي گهاتي جهنگ ۾ ڦاٿل هڪڙو معمولي نقطي جيترو ماڻهو. ذري گهٽ ٻن اڍائي سالن جي عرصي تي مشتمل ننڊ کان عاري انيڪ راتين مان هڪ اهڙي ئي ننڊ کان خالي رات جي پوئين پهر ۾ ننڊ سٽل زال ۽ ٻارن ڏي ڏسندي هڪ اداس احساس وچان پر حقيقي سچائيءَ سان اعتراف ڪيائين  ته هو آهستي آهستي پنهنجي ٻارن کان، زال کان ۽ زندگي کان پري ٿيندو پيو وڃي. ۽ ڪيس پنهنجي پاڻ تي ڪوئي وس نه رهيو آهي. سندس ٻارن ۽ زال جو سڀ کان وڏو خواب ”پنهنجو گهر“ آهي. پر هُن وٽ ان خواب جي ساپيان جو ڪو سامان نه آهي. اهو خواب گهر ڀاتين جي اکين ۾ وچڙي پيو آهي. جيڪو نه جمي ٿو نه مري ٿو. نه سمهي ٿو نه جاڳي ٿو. هر ڇهين ٻارهين مهيني هڪ گهر کان ٻئي ۽ ٻئي کان ٽئين گهر ڏي منتقليءَ هنن کي هڪ مسلسل هجرت جي ڏک ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. هجرت رڳو هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ يا هڪ شهر کان ٻئي شهر لڏڻ جو نالو ته نه آهي. هڪ گهر کان ٻئي گهر ۾ منتقل ٿيڻ به هڪ هجرت آهي. ان هجرت جو ڏک سڀ کان وڏيڪ ٻارن کي زخمي ڪندو آهي. ٻار جيڪي پنهجي جاتل سڃاتل گهٽيءَ کان، گهر کان، ڪمرن، پٽين، آڳنڌ، ڇت، دروازي، گهٽي ۽ گهٽيءَ ۾ ڪيڏندڙ پنهنجي دوستن کان ڌار ٿي ويندا آهن. هو اڪثر رات جو دير تائين جاڳندڙ ڪمري جي ڇت ۽ پٽين ڏي ڏسندو رهندو. ۽ اڪثر سندس ڇپن تي هڪ اداس ، مسافر ۽ زخمي پر بيحد دلفريب مرڪ پکڙجي ويندي. ان رات به ايئن ئي ٿيو. ”ايڏي دلفريب مُرڪ ....“ الهنديءَ پٽ ڪائنس پڇيو. ”پياري پٽ ماڻهو ڳوڙهن جو هڪ طويل درياهه جهاڳي هن مرڪ جي ڪناري تي پهچندو آهي“.اکين مان ڳوڙها وهي پيا هئس. ۽ اهي ڳوڙها اولهندي پٽ کان سواءِ ٻيو ڪير به ڏسي نه سگهيو هو. اهي بيوسيءَ جا ڳوڙها ها. ۽ ڪيس زندگيءَ ۾ پهريون دفعو اهو تجربو ٿيو هو ته رڳو خوشي ۽ ڏک ۾

ٻوڙها نہ ٻُڌندا آهن. پر بيوسيءَ ۾ بہ اڪيون ٿمي پونديون آهن. هاڻي تہ خير توٽي جو هو مسواڙ واري گهر ۾ ٿي رهي ٿو پر اهو گهر ڪافي ڪشادو، صاف ۽ سٺي علائقي ۾ آهي. جنهن جو هڪ ڪمرو سندس لکڻ پڙهڻ لاءِ مخصوص آهي. جنهن جي پٺين دري ڪميونٽي سينٽر جي ان آڳنڌ ڏي کُلي ٿي. جنهن ۾ پپر ۽ لم جو هڪ وڏو گهاٽو جاڙو وڻ بيٺل آهي. ٻنهين وڻن جا ٽڙ پاڪر پائي بيٺل آهن ۽ ٻنهي جون ٽاريون هڪ ٻئي جي ايترو ويجهو آهن. جو ٽاريون هر گهڙي هوا جي هر جهوتي سان هڪٻئي جو مک چمنديون رهنديون آهن. پر اندر جي بي انت خاليپڻي سندس دماغ ۾ جيڪو سوراخ ڪري ڇڏيو هو اهو اڃا پرجي نہ سگهيو آهي....! ۽ شايد ڪڏهن پرجي بہ نہ سگهندو. هو پن ڇڻ جي پيلي موسم جو حصو بڻجي چڪو هو.

ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي يادگيرين ۽ خوابن ۾ ڪڏهن بہ ۽ ڪنهن بہ وقت ريل گاڏي موٽ ڪائي سگهي ٿي. خوابن ۽ يادگيرين ۾ موٽ ڪائيندڙ ريل گاڏي پٽڙيءَ جي محتاج نہ هوندي آهي، ۽ سندس رستي ۾ ڪا بہ رڪاوٽ نہ هوندي آهي. ان ڪري اها ڪنهن بہ وقت ڪٿان بہ اچي سگهي ٿي ۽ دروازو کڙڪائڻ کان سواءِ ڪنهن جي بہ خوابن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي.

هن واش روم مان نڪرندي چنبڊ ڏي نهاريو ۽ پوءِ پريل دل ۽ خالي مٿاني سان هنڌ ۾ اچي ليٽيو ۽ ايئن بي خياليءَ ۾ ڇت جي پنکي ڏي ڏسڻ لڳو. هميشہ وانگر پنکي جا پراُهي ئي ٿي ۽ رنگ ساڳيو خاڪي، گهڙيال جا ڪانٽا هڪ هنڌ بيٺل، اڳتي وڌڻ کان انڪاري، پنکي جي هڪ پر ۾ چرپر پيدا ٿي تہ هن حيرت ۽ دلچسپيءَ سان ڏٺو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سجو پر پوليس واري جي ٽوپيءَ ۾ تبديل ٿي ويو. ۽ ٽوپي جو پويون حصو گهڙيال جي اچي پلاسٽڪ ۾ تبديل ٿي ويو. هن گهڙيال ڏي نهاريو تہ گهڙيال جي اڇي پلاسٽڪ ريل گاڏيءَ جي گارڊ جي هاف وائيٽ ٽوپيءَ ۾ بدلجي وئي ۽ اتان هڪ ريل گاڏيءَ جو جنم ٿيو جنهن جون سڀ بوگيون سندس خوابن سان پريل هيون. هو ڪتابن جي ٻوٽري هٿ ۾ جهليو ريل گاڏيءَ جي انتظار ۾ بيٺو هو. اها راجا واري ريل گاڏي هئي جنهن جي انجڻ ڪاري، ٽانڪي ٽامي جهڙي ۽ بوگيون سائي رنگ جون هيون. اها ريل گاڏي ئي هئي جنهن کيس ٻاروتڻ ۾ ئي سيکاريو هو تہ انتظار ايئن زندگي جو حصو آهي جيئن هٿ، پيرءِ چهرو جسم جو حصو آهي. ۽ کيس اهو بہ سيکاريو هئائين تہ در اصل ماڻهو هڪ ٻئي سان ملندا ئي وڇڙڻ لاءِ آهن. ۽ اهو تہ رڳو وڇڙڻ مهل ئي نہ پر ملڻ مهل بہ اکين ۾ لڙڪ پرجي ايندا آهن. ۽ اهو تہ هر ماڻهوءَ جي ڪل زندگيءَ جو ٽيون حصو انتظار ۾ گذري ويندو آهي. روز صبح جو پنهنجي گهر کان ڏيڍ ڪلو ميٽر پنڌ ڪري ننيڙي اسٽيشن تي اچڻ ۽ ان ريل گاڏيءَ جي آخري بوگيءَ ۾ ويهي، (آخري بوگيءَ ۾ چڙهڻ، آخري سيٽ تي ويهڻ ۽ قطار جي آخر ۾ بيهڻ جو الڳ قصو آهي.) اسڪول وڃڻ ۽ وري موڪل مهل ساڳي ريل ۾ واپس موٽڻ روز جو معمول، پليٽ فارم تي سڙيل بوٽ واري ماڻهوءَ کي ڏسڻ ۽ کيس سڃاڻڻ تہ در اصل اهو ڇيلاتو آهي ۽ ان کان ڊڄڻ ۽ پوءِ بہ کيس گهوري ڏسڻ. ريل جي دريءَ وٽ ويهي وڻن ۽ ٻنين، گهرن کي پوئتي ڊوڙندي ڏسڻ ۽ گاڏيءَ جي لوڏي تي پاڻ کي پينگهہ ۾ محسوس ڪرڻ. بوگيءَ ۾ گهوريٽڙن جا هوڪا، انڌن ۽ منڊن، ٽنڊن فقيرن جون صدائون، پوليس وارا، نيري ورديءَ وارو ٽڪيٽ ڪليڪٽر ... جهڙو هڪ گهر .... جهڙو شهر.. هڪ سڄي ساري دنيا. بوگيءَ م سفر ڪندڙ ماستر، هيڊ ماستر، ڪلارڪ، دڪاندار، مايون ۽ ٻار... ۽ ٻارن کان سواءِ

ٻين سيني جي اکين ۾ انتظار.. الاءِ ڪنهن جو انتظار؟ چارئي ڏسائون ماڻهن جا چهرا. ماڻهن جون اکيون.

سيني چهرن تي ساڳي ڪيفيت. سيني اکين ۾ ساڳيو احساس، چهرن تي ڏک جا پاڇا ۽ اکين ۾ انتظار. الاءِ ڪنهن جو انتظار...؟؟ جڳ جڳ کان ساڳيو اوسيئڙو. هن ڪافي وقت اڳ محسوس ڪيو هو ته دراصل هيءَ ڌرتي هڪڙو وڏوغوراب آهي جيڪو وقت جي هٺرادو تعين کان بہ گهڻو اڳ بي انت خلا جي وشال سمنڊ ۾ مسلسل ڀٽڪي رهيو آهي. ڪيس وقت جون ڇوليون انت کان بي انت ڏي گهلي رهيون آهن. اهڙو غوراب جنهن ۾ ڪوئي بادبان ڪوئي سڙهہ ڪونهي... جنهن ۾ ڪوئي مانجهي ڪونهي... جنهن ۾ ڪوئي چپو ڪونهي... جنهن ۾ ڪوئي قطب نما ڪونهي... جنهنجي ڪائي ڏسا ڪونهي. جنهن لاءِ سڀ ڏسائون انڌيون آهن. جنهن ۾ صدين کان محوسفر مسافرن پنهنجي طور تي طرفن جوتعين ڪيوآهي.

هي اوڀر آهي.

هي اولهہ آهي.

هي اتر آهي.

هي ڏکڻ آهي.

۽ انهن پنهنجي طور تي موسمن جو تعين بہ ڪيو آهي ۽ وقت جو بہ تعين ڪيو آهي.

سرءُ، سيارو، بهار، اونهارو.

صبح، منجهند، شام، رات ۽ اڌ رات.

پر غوراب جو نہ ڪوئي طرف آهي نہ وقت آهي نہ موسم آهي. نہ سندس ماضي آهي نہ مستقبل آهي. غوراب فقط حال جي خلا ۾ ڀٽڪي رهيوآهي. مسافرن جي اکين ۾ ڪئي خواب ۽ سيني ۾ سوين خواهشون آهن.. غوراب خوابن ۽ خواهشن کان خالي آهي.هو ڀٽڪي وڃڻ جي ڏک ۽ خدشي کان آزاد آهي. پر مسافر آزاد نہ آهن. اهي مسافر ڪنهن پراهين پار جا پوڙها پاڇولا ٿا پاسن. مسافرن جي چهري تي ڪيئي عڪس پون ٿا ٺهن ۽ ڊهن ٿا. ڪنهن مهل ڏک جي ڪيفيت ۾ تہ ڪنهن مهل خوشيءَ جي صورت ۾. هو ڪنهن مهل بي سبب ادسيءَ ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا تہ ڪنهن مهل خوشيءَ ۾ پرجي ٿا وڃن. جڻ اهي ڪنهن اڻ ڪيل / ڪيل ڏوهہ جو بار ڍوئي رهيا آهن. سيني جا ضمير زخمي آهن. زخمن مان رت ۽ پونءِ وهندي ٿي رهي. هو پنهنجا زخم ڏسن ٿا ۽ زخمي جانورن وانگر رنيون ڪن ٿا. سڀ ماڻهو صدين کان بي انت خلا ۾ بي طرف ڀٽڪندڙ غوراب جو ڏک ۽ الڪو پوڳي رهيا آهن. اهو ڏک اهو اُلڪو سندن لاشعور ۾ شامل ٿي ويو آهي. بي انت خلا ۾ ڀٽڪي وڃڻ جو ڏک ۽ ڊپ تہ غوراب ڪنهن بہ وقت ڪنهن گليشيئر سان ٽڪرائجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي سگهي ٿو. ڪنهن بہ وقت برمودا ٽرائينگل ڏي ڇڪجي غرق ٿي سگهي ٿو. هيئن نہ ٿي پئي. هونءَ نہ ٿي پئي. هيئن ٿيو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ هونءَ ٿيو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟؟ ڪنهن شئي جي وڃائجي وڃڻ جو ڊپ.... ڪنهن شئي جي کسجي وڃڻ جو انديشو. ڪنهن شئي جي هٿ مان ڪري پوڻ ۽ ڪري پڇي پور ٿيڻ جو احساس. چهرن جي ڪيفيت پل پل تبديل ٿيندڙ. ڪنهن مهل اداسي ڇانيل تہ ڪنهن مهل چهري تي سرهائي. ڪنهن مهل ڏک جا پاڇولا لڏندڙ تہ ڪنهن مهل خوشيءَ جو رنگ ٽڙيل. تہ ڪنهن مهل وري هر ڪيفيت کان خالي. سڪتا، ويران

پڙپانگ چهرا. لوه وانگر سخت، ساڪت، اٽيا ۽ اڪڙيل چهرا. تہ ڪي هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن ڪيفيت سان ٽمٽار چهرا، زنده چهرا ۽ مئل چهرا.

پر انتظار سڀني اکين ۾ ساڳيو.

اکين ۾ مسلسل رهندڙ انتظار. هڪ هنڌ ڄمي ويل انتظار. اکين ۾ گهر ڪري ويهي رهيل انتظار. هڪ تشبيهہ بڻجي ويل انتظار.

باقائدي هڪ روپ وٺي بيٺل انتظار.

هو ڳالهائي ڪنهن هڪ سان رهيا هوندا ۽ نهاري ڪنهن ٻئي طرف رهيا هوندا آهن. جڻ ڳالهائي ڪنهن هڪ سان رهيا هجن پر سندن مخاطب ڪو ٻيو هجي.ڪير ٻيو...؟ اها ڪين بہ خبر نہ هوندي. ملندا ڪنهن هڪ سان ۽ ڳولا ڪنهن ٻئي جي. انتظار ڪنهن ٻئي جو هوندن. ويٺا هوندا تہ بہ انتظار ۾ هوندا. اٿي بيهندا تہ بہ انتظار ۾ هوندا. جڻ ڪنهن ٻئي طرف وڃڻو هجين. جڻ ڪنهن دوست ڏانهن وڃڻا هجن. هڪ هنڌ بيهي نہ سگهندا. ۽ جڏهن هلڻ لڳندا تڏهن بہ اکين مان انتظار ختم نہ ٿيندن. جڻ ڪٿي پهچڻ گهرندا هجن.... پر اتي ۽ ان وٽ پهچي بہ انتظار ختم نہ ٿيندن. جڻ وري اچان ڪنهن ٻئي پاسي ڪنهن ٻئي وٽ وڃڻو هجين. ۽ اتي پهچي ان سان ملي بہ ساڳي ڪيفيت ۾ مبتلا هوندا. انتظار جي ڪيفيت ۾. گهر ۾ هجن تہ آڳنڌ ۾ پهچڻ گهرندا... آڳنڌ ۾ هوندا تہ ڪمري ۾ پهچڻ جي اوسيئڙي ۾ هوندا. آفيس ۾ هوندا تہ گهر جو انتظار هوندن. گهر پهچندا تہ ٻاهر وڃڻ جو انتظار هوندن.... ۽ ٻاهر پهچي وري واپس گهر وڃڻ جي انتظار ۾ هوندا. جتي بہ هوندا انتظار ۾ هوندا... ڪار ۾ هجن، موٽر سائيڪل تي، سائيڪل تي هجن، بس ۾، ريل گاڏيءَ ۾ يا جهاز ۾ هجن هوندا انتظار ۾ مبتلا. پليٽ فارم تي بيٺا هجن، دڪان ۾ هجن، هوٽل ۾ هجن، دوستن ۾ هجن، ٻارن سان هجن زال سان يا محبوبا سان گڏ هجن هوندا وري بہ انتظار ۾ مبتلا. ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جو انتظار... ڪنهن ٻئي جي اچڻ جو انتظار. ڪنهن سان ملڻ جو انتظار... جڻ هوش سنڀالڻ کان وٺي هر ماڻهو مسلسل هڪ وڏي انتظارگاه ۾ ويٺو آهي.

اهو ڇا جو انتظار آهي؟ جيڪو ختم ئي نہ ٿو ٿئي.

اهو ڪير آهي جنهن سان هو ملڻ ٿو چاهي؟ ۽ ملي نہ ٿو سگهي. اهو ڪير آهي جنهن کي هو ڏسڻ ٿو چاهي ۽ ڏسي نہ ٿو سگهي.

اهو ڪير آهي جنهن سان هو ڳالهائڻ ٿو چاهي؟ ۽ ڳالهائي نہ ٿو سگهي. اهو ڪير آهي جنهن کان هو ٻڌڻ ٿو چاهي؟ ۽ ٻڌي نہ ٿو سگهي.سوالن جو گهاٽو ٻيلو... قدم قدم تي سوال .. گام گام تي جواب. ۽ جواب جي پيٽ ۾ وري سوال جو حمل... ڪڏهن ڪيس لڳندو آهي تہ شايد اهو هو پاڻ ئي آهي جنهن جو کيس انتظار آهي. جنهن کي هو ڳولي ٿو. جنهن سان هو ملڻ ، ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ ٿو چاهي ۽ جڏهن اهو ڪو "ٻيو " آهي ڪو نہ؟ تہ ايندو ڪيئن ۽ ڪٿان؟ اهو تہ سڄو انتظار ئي اجايو آهي... هو جڏهن بہ اها ڳالهہ سمجهي ويو تہ جنهنجو کيس ايڏو انتظار آهي ڳولا آهي سو تہ هو پاڻ آهي تہ شايد ان ڏينهن هو اذيت کان آجو ٿي ويندو ۽ سندس چپن تي لافاني مرڪ still ٿي بيهي رهندي ۽ سندس اکين جي اڻ ترڻ شانت ٿي ويندي. شايد ايئن هجي . شايد ايئن نہ هجي. شايد...! شايد پنهنجي پنهنجي منزل تي

پهچڻ جو انتظار. انتظار سان گڏ ٿڪاوٽ ۽ خوشي ۽ غم جا ياوَ ۽ خوابن جا اولڙا. سپاهين جي اکين ۾ جمعدار ٿيڻ جا خواب ۽ جمعدار جي اکين ۾ صوبيدار ٿيڻ جا خواب. ڪلارڪن جي اکين ۾ هيڊ ڪلارڪ ٿي انڪريمينٽ حاصل ڪرڻ جو خواب. ماسترن جي اکين ۾ تہ خوابن جا ڪيئي قافلا. دڪاندارن جي اکين ۾ شهر جو وڏو سيٺ ٿيڻ جو خواب. عورتن جي اکين ۾ جيترا خواب ايترو ڪجل. سندن اکيون جهڙا خوابن سان پريل خوبصورت، قيمتي ۽ نفيس پرس.

”تون ملڪ جو مشهور ماڻهو ٿيندين. تنهنجو نالو روشن ٿيندو. تنهنجي زندگيءَ ۾ ڪوڙ ڏک سک ايندا. پر آخري فتح تنهنجي ٿيندي. تون ڀاڳ وارو ماڻهو آهين. ڀاڳ وارو ننڍڙو ماڻهو. جنهن جي ڪاپي هٿ جي پنيءَ تي لسڻ جو نشان آهي ۽ جنهن وٽ ڪاپي اک جو خواب آهي...!“ پامسٽ منور عليءَ سندس ننڍڙو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي توجهہ سان لڪيرن ۾ ڏسندي ڳنڀيرتا سان چيو هو. منور علي پامسٽ ريل گاڏيءَ ۾ پيٽيز وڪڻندو هو. ۽ فارغ وقت ۾ بوگيءَ جي ڪنڊ واري بئنچ تي ويهي خاموشيءَ سان ڊائجسٽ پيو پڙهندو هو. پامسٽ منور عليءَ کي پامسٽريءَ جو علم ڪتابن بدران پنهنجي پيءَ وٽان ورثي ۾ مليو هو. ايئن جيئن ڪنيرن کي پڳل هڏ ڳنڍڻ جو علم ۽ هنر ڪتابن بدران پهنجي ابن ڏاڏن وٽان ورثي ۾ ملندو آهي، شايد اهو هنر سندن جينز ۾ شامل هوندو آهي. ۽ نسل در نسل منتقل ٿيندو آهي. ۽ شايد جينز جي ذريعي رڳوهنر، مزاج، عادتون، رنگ روپ، قد بت ۽ ذهانت ئي منتقل نہ ٿيندي آهي. پر ڏک، خوشيون، ارادا ۽ اداسيون بہ منتقل ٿينديون آهن. منور علي پامسٽ جو پيءُ محمد علي پامسٽ هندستاني رياست اتر پرديش جو پڪومسلمان، ڪچو هندستاني ۽ ڪٽر مسلم ليگي هو. جنهن جي اکين ۾ مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ ڪڏهن نہ ڪڏهن هڪ آزاد اسلامي ملڪ حاصل ڪرڻ جو خواب ورهين کان تعبير جو منتظر هو. جنهن کان هڪ راجا هٿ ڏيکاري جڏهن پنهنجي رعبدار آواز ۾ پڇيو هو ”ٻڌاءَ محمد علي منهنجي هٿ جون لڪيرون ڇا ٿيون چون“ تہ هن ڪيس مرڪي ٻڌايو هو ”راجہ صاحب توهان جون لڪيرون ٻڌائن ٿيون تہ توهان جو حشر خراب ٿيڻ وارو آهي. چند سالن جي اندر انگريز بهادر هي ملڪ خالي ڪري ويندو. مسلمانن کي هڪ الڳ وطن ملندو ۽ توهان جي راجا گيريءَ جو سج هميشہ لاءِ لهي ويندو“ تہ راجہ ڪيس چماٽ وهائي ڪڍي هئي. ”ڌت تيري تو سالا مسلم ليگي پنُو ڌرتي ماتا ڪا دشمن “ ۽ پوءِ جڏهن گڏيل هندستان جو ورهاڱو ٿيو هو تہ پامسٽ محمد علي پنهنجي خواب ۽ علم سميت قبر جي حوالي ٿي چڪو هو ۽ ايندڙ وقت جي تجربي مان گذري اهو سمجهڻ کان محروم رهجي ويو تہ جيڪي ڌرتيءَ سان محبت نہ ڪندا آهن انهن جي دين سان محبت بہ ڊونگ ثابت ٿيندي آهي. هو آزاديءَ جو سج ڏسڻ کان محروم رهجي ويو هو. ٻي صورت ۾مسلمانن سان ڀرجي جيڪا ڀهرين راجہ واري ريل گاڏي کوکرا پار وٽان نئين اسلامي ملڪ جي سرحد ۾ داخل ٿي هئي، پامسٽ محمد علي ان گاڏيءَ جي ڀهرين بوگيءَ ۾ وينل سيني مسافرن کان وڏي چمار وارو مسافر هجي ها. پامسٽ منور علي پيءَ جي ڳل تي لڳل چماٽ جي ڏک ۾ مبتلا رهندڙ هڪ اداس شخص هو. جنهن کي پاڻ کان وڌيڪ پنهنجي ملڪ جو اونو هو. هو اڪثر خاموشيءَ سان ڊائجسٽ پڙهندي بوگيءَ ۾ موجود مسافرن جون ڳالهيون ۽ بحث مباحثا توجهہ سان ٻڌندو رهندوهو. ۽ ڪنهن ڪنهن مهل ٿڌو ساهہ ڀري چوندو هو ”ساري خرابي سسٽم مين هي. مولا سب کي خير“ ۽ هو

اهو جملو گهڻو ڪري ان وقت چوندو هو جنهن وقت بوگيءَ ۾ بحث ڪندڙ مسافر جذبات ۾ اچي ويندا هئا ۽ سمورن مسئلن، پريشانين، مهانگائي، بيروزگاري، وغيره جو ڪارڻ پاڪستان کي ڄاڻائيندا هئا. جيڪا ڳالهه هو ٻڌي نه سگهندو هو. آخر هُو هڪ محب وطن پاڪستاني هو ۽ هن جي پيءُ هن ملڪ لاءِ ڇماٽ ڪاڏي هئي ۽ اها ته پوءِ جي ڳالهه آهي جڏهن حڪومت راجا واري ريل کي خساري ۾ ڄاڻائي بند ڪري ڇڏيو ۽ پامسٽ منور علي ريل ۾ پيٽيز ڪپائڻ ۽ خاموشيءَ سان ڊائجسٽ پڙهڻ کان محروم ٿي ويو. پر پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن شهر جي وڏي اسٽيشن تي پيٽيز ڪپائيندي سيمينٽ جي بئينچ تي ساڳيءَ خاموشيءَ سان ڊائيجسٽ پڙهندي نظر ايندو هو. پر پوءِ جڏهن ٽيليويزن تي سبز پرچم جي ڇانوَ ۾ ”نحمده ونصلي عليٰ“ چئي ”ميري عزيز هم وطنو“ جهڙن وڻندڙ لفظن سان ايمان افروز ۽ محب وطنيءَ جي جذبي سان سرشار خطاب جي شروعات ڪندڙ جنرل ضياءَ جي دور ۾ متعارف ٿيل ڪلاشنڪوف سان گڏ هيروئن ميدان ۾ لٿي ته پامسٽ منور علي شايد ان جو پهريون شڪار بڻيو ۽ هڪ ڏينهن وڏي شهر ۾ راجه واري ريل جي ويران اسٽيشن جي ويران ٽڪيٽ گهر ۾ سندس لاش ڏٺو ويو. هٿ خالي هئس. سندس هٿن جون لڪيرون مٽيءَ ۽ مر ۾ گم هيون. پرسان پلاسٽڪ جون ٿيلهيون ۽ ردي ڪاغذن جو ڍڳ پيو هئس. اکيون بند ۽ وات اهڙي انداز ۾ اڌ کليل ۽ اڌ بند هئس ڄڻ آخر ۾ پنهنجو مخصوص جملو دهرائڻ لاءِ ٺڏو ساهه کڻي اچان اڌ جملو ”مولاسب...“ چيو هجائين ته ساهه نڪري ويو هجيس ۽ آخري لفظ ”ڪي خير“ سيني ۾ ئي يا شايد ڳلي ۾ ئي ڄمي ويو هجيس. جڏهن ته ”ساري خرابي سسٽم مين هي“ وارو جملو ته هو ڪڏهوڪو وساري چڪو هو. جنهن ويران اسٽيشن جي ويران ٽڪيٽ گهر ۾ پامسٽ منور عليءَ جو لاش ڏٺو ويو هو اُها اها ساڳي اسٽيشن هئي جتان ورهاڱي مهل هزارين لکين مسافر راجه واري ريل ۾ چڙهي هُن پار ويا هئا ۽ هُن پار کان اچي لٿا هئا. اها اسٽيشن ڪيترن ئي سڏڪن ، اوڇنگارن ۽ خاموش لڙڪن جي اکين ڏٺي شاهد هئي . تاريخ جي انهيءَ وڏي حادثي جي پيٽ ۾ ٻين ڪيترن ئي ننڍڙن حادثن، واقعن ۽ المين جو ٻج به هو جيڪو اڳتي هلي وڏي وڻ ٿيڻو هو پر انهيءَ ٻج کان شايد ڪير به واقف نه هو. ڇو ته اهو اندازو ڪنهن کي به نه هو ته پامسٽ محمد علي مسلم ليگيءَ جي ڳل تي لڳل ڇماٽ کي پوٽ بڻجي ايشيا جي آسمان ۽ ڌرتيءَ تي پٽڪڻو هو ۽ هڪ وڏي رتوڇاڻ کي جنم ڏيئي ان کي تسلسل ڏيڻو هو. ۽ پنهنجي غلط يا صحيح هجڻ جو فيصلو وڻ تائين زنده رهڻو هو ۽ انهيءَ وڏي حادثي دوران ٻيا به ڪيئي حادثا ٿي گذريا جن جو شايد ڪو به اندراج تاريخ جي ڪتابن ۾ ڪونهي... ڇو ته اهي حادثا بي آواز هئا.. گونگا هئا... تاريخ جا گونگا حادثا. اهي حادثا پنهنجي جسامت ۾ ننڍڙا هئا پر احساس ۾ ننڍڙا نه هئا. سرحد جي ٻنهي طرفن کان ريل گاڏيون روان دوان هيون. زيادتيون، ڦرون، قتل، ريپ ۽ اغوا روز جو معمول هو. هڪ افواهه اٿيو ته مسلمانن سان پريل هڪ ريل گاڏيءَ تي جالنڌر وٽ سکن حملو ڪيو آهي. ڪرپانن ۽ تلوار ۽ خنجرن سان مردن جون ڳچيون ڪپيون ويون آهن، ٻارن جا پيٽ چيريا ويا آهن ۽ عورتن جون ڇاتيون وڍيون ويون آهن.

”مسلمانن سان ظلم ڪيو ويو آهي“

”ها ان کان وڌو ٻيو ڪهڙو ظلم“

”ظلم جو بدلو وٺڻ گهرجي“

”ها بدلو وٺڻ گهرجي“ ۽ ان رات راجا واري ريل گاڏي هندن ۽ سکن سان پرجي هندستان وڃڻ لاءِ وڏي اسٽيشن ڇڏي هڪ ننڍي اسٽيشن تي پهتي تہ رات جي وڳڙي ۾ ڪُجهہ ماڻهن کهاڙين، بندوقن ۽ لٺين سان ريل تي حملو ڪري ڏنو. ٻٽون ٻڏل، اکين ۾ باهہ جا اُلا .. هڪلون..ماريو ڪافرن کي ماريو... رڙيون... روڄ راڙو... ڦر... قتل... ريپ ... دانهون ... خدا جا واسطا... قسم.. گهڙيءَ ۾ بوگيءَ جون بينچون ۽ فرش رت ۾ ٻاڙهو ٿي ويو. ريل گاڏي ڦيٿن مان رت ٻاڙيندي رواني ٿي وئي. ڳوٺ جو پريو مڙس صيفل خان فجر جي نماز لاءِ اسٽيشن واري مسجد ڏي ايندي پٽڙين تي چڙهيو تہ چؤطرف عورتن جون چادرون، روا، ٻارن جو جتيون، بوٽ، کيرجون بوتلون، ۽ ٽٽل چوڙيون ڏسي دهلجي ويو. اجان تہ ڪيس ماڻهن جون ٽنگون، ٻانهون، ڌڙ ۽ منڍيون نظر نہ آيون ۽ نہ ئي رت ڏسڻ ۾ آيس. رات جي ئي پيٽ ۾ لاش گم ڪيا ويا هئا باقي رهيو رت اهو ٻُڪارن ڪتن چٽي ڇڏيو هو. هو نماز پڙهي گهر موٽيو تہ معمول مطابق سندس هٿ ۾ تسبيح بدران هڪ پندرهن سورهن ورهين جي سورج ونسي رنگت واري ڊنل هرڻيءَ جهڙي ڇوڪريءَ جي ٻانهن هئي. جيڪا پنهنجا حواس وڃائي ويٺي هئي. ۽ اهو تہ پوءِ جو قصو آهي جڏهن سندس علاج ٿيو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪيس فاطمہ جو نالو ڏيئي پرئي مڙس جي پٽ احمد سان پرڻايو ويو ۽ وڏو وقت گذري ويو ۽ هوءَ پنهنجي ٻولي پنهنجو نالو ۽ پنهنجو مذهب بہ وساري ويٺي ۽ پاڙي جي ٻارن لاءِ ”امان فاطمہ“ بڻجي وئي. شايد عورت ول وانگر آهي ڪيس جتي بہ پوکبو آهي اتي ڦٽي پوندي آهي ۽ اولاد جا پن پيدا ڪري ۽ رشتن ناتن جا گل پکيڙي سڄي ويڙهي ۾ پکڙجي ويندي آهي. پر پنهنجو ڏک ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي آهي. جن وٽان وڇڙندي آهي انهن کي هميشہ ياد رکندي آهي. سندس زندگيءَ ۾ سدائين لاءِ هڪڙو خال رهجي ويندو آهي. اهڙو خال جنهن کي دنيا جي ڪا بہ خوشي ڪا بہ حاصلات پري نہ سگهندي آهي.

بلو نت ڪور عرف امان فاطمہ جي اکين ۾ ڏک ٽڪي پيو هو. سندس وڏن نيڻن مان هميشہ اداسي ليئا پائيندي رهندي هئي. گهر جي ڀاتين، پاڙي اوڙي جي عورتن ۽ ٻارن جو منجهس ساهہ هو پر پوءِ بہ هوءَ اداسيءَ کان آجي نہ هئي. ڪلندي ڪلندي روئي پوندي هئي. ماين جي ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ابي امان ۽ مٽن مائٽن جو ذڪر ٿيندو هو تہ ملول ٿي پوندي هئي.ڪڏهن ڪڏهن ريڊيو تان ”منهنجا جوڳي ڙي اباڻا پکي دل ڪري ويا پکي دل ڪري ويا وٺيو ريل هليا ويا.... منهنجا جوڳي ڙي اباڻا پکي ڪري دل ڪري ويا“ وارو لوڪ گيت هلندو هو تہ اکين مان ڳوڙها وهي پوندا هئس. جنهن مهل بہ ريل گاڏيءَ جو آواز ٻڌندي هئي تہ اڱڻ ۾ اچي بيهندي هئي. ڄڻ پڪ هجيس تہ هن گاڏيءَ مان سندس مائٽ لهندا ۽ اچي سندس اڱڻ تي بيهندا. پر ريل گاڏي سندس انتظار کان بي نياز بہ بہ پيسا ڇهہ ڇهہ پايون...... بہ بہ پيسا ڇهہ ڇهہ پايون ڪندي دونهون اوڳاڇيندي گذري ويندي.

هُن ڏٺو تہ اڇو ڪارو، ڀورو ۽ ناسي دونهون آسمان ڏي وڌندوڦهلجندو ويو. دونهي جي ڀٽ ٺهي وئي. ڀٽ مان وڏي جبل ٺهي ويو... جبل جي ٽڪرن مان هاٿين جو وڏو ولر پيدا ٿيو ۽ هاٿي سونڊ سان مٽي ۽ ڪک پن ڪٺي پنهنجي پُٺيءَ تي وسائڻ لڳا. ٻئي پاسي مشڪي گهوڙا ۽ اڇا گهوڙا. گهوڙن جون طويل ڳچيون ۽ انهن کان بہ ڊگهيون ڄنگهون ۽ وچ تي سفيد ٻگهن جو ننڍڙو ٽولو. پاڻ ۾ ڇهنبون ملائي بيٺل بہ قاز..... ۽ انهن کي حيرت مان ڏسندڙ زيبرن جو جوڙو ۽ جوڙي جي ڀرسان اٺن جو گذرندڙ وڳ.. ڪنڌ

متي... ٿوها اپا... ڏڪيون ڳچيون ۽ ننڍڙا پيچ... ۽ اُنَ جي وڳ جي وچ مان گذرندڙ راجا جي ريل گاڏي.. ڇُڪ... ڇُڪ ... ڇُڪ.... ۽ بوگيءَ جي دريءَ ڪان وٺنل سفيد ڪڪريءَ جهڙي سفيد وڳي ۾ ملبوس ڇوڪري ۽ هو استيشن تي بيٺل. ڪڇ ۾ ڪتابن جي ڳوٿري. ڪيسي ۾ به قلم ۽ ڪجهه سڪا ۽ اکين ۾ حيرت. حيرت سان ڇوڪريءَ جي وڏن وارن ۾ ڏسندڙ.. ۽ ڪيس لڳو ته هيءَ سچي دنيا ان ڇوڪريءَ جي ڪري قائم آهي. پليٽ فارم. استيشن جو اندريون حصو. ٽڪيٽ گهر. نوٽس بورڊ. لم جا وڻ. سيمنٽ جون بئنچون. ريل جون پٽڙيون ، ريل گاڏي، گهر ، اسڪول ، بليڪ بورڊ ، استاد جو آواز ، ڪتاب ، ڪتابن ۾ لکيل جملا، لفظ ۽ اکر سڀ هن جي دم سان زنده آهن. اها نه هجي ها ته ڪجهه به نه هجي ها. ڪيس پاڻ ڏي نهاريندي ڏسي هوءَ مرڪڻ لڳي. رڳو مرڪڻ جي دير هئي. موسم تبديل ٿي وئي. آسمان ڪڪرن سان ۽ ڪڪر برسات سان ڀرجي ويا... پر ڪڪرن مان برسات جون ڪٽيون وسڻ بدران مور جا کنڀ وسڻ لڳا. شايد اهو دنيا جي تاريخ ۾ پهريون مينهن هو جنهن ۾ سوين هزارين لکين ڪروڙين مور جا کنڀ وسيا هئا. آس پاس موجود سڀ شيون ريلوي استيشن جو ميدان، پليٽ فارم جي چبوتري جي ڇت، فرش، سيمنٽ جون بئنچون، پاڻيءَ جي مٽن وارو چبوترو، فروٽ جا ريڙها، پريان بيٺل بارگاڏيءَ جون بوگيون، راجا واري ريل گاڏيءَ جي انجڻ، ٽانڪي ۽ سڀ بوگيون مور جي رنگبرنگي کنڀن ۾ ڍڪجي ويون. جيسين هوءَ مرڪندي رهي تيسين مسلسل مور جي کنڀن جو مينهن وسندو رهيو پوءِ جنهن مهل گارڊ سيٽي وڄائي سائي جهنڊي ظاهر ڪئي ۽ ريل گاڏي سرڻ لڳي ته آهستي آهستي مور جي کنڀن جي برسات بيهي رهي ۽ ريل گاڏي اچان به وڌيڪ تيز ٿي وئي ته هو ڪتابن جي ڳوٿري پليٽ فارم جي فرش تي رکي مور جي کنڀن تي پير رکندو بوگيءَ ۾ سوار ٿي ويو ۽ ريل گاڏي استيشن ڇڏي اتر طرف رواني ٿي وئي. ۽ ڪيس لڳو ته پليٽ فارم تي رڳو سندس بوتو رهجي ويو آهي. باقي سندس بوتي ۾ بيو جو ڪجهه به هو اهو ريل گاڏيءَ سان گڏ اتر طرف هليو ويو آهي ۽ شايد وري ڪڏهن به نه موٽندو ۽ ايئن ئي ٿيندو آهي. شايد هر ماڻهو ڪڏهن نه ڪڏهن ڪٿي نه ڪٿي ڪنهن نه ڪنهن سان ڪنهن نه ڪنهن طرف هليو ويندو آهي ۽ هميشه اتي ۽ ان سان گڏ رهندو آهي جتي ۽ جنهن سان گڏ رهڻ چاهيندو آهي ۽ ان منجهند گهر ايندي بخار ٿي ويس.

”ابا هٿ ڏوئي ماني ٽڪر کاءُ بک لڳي هوندئي؟“

”نه امان بک ڪانهي“

”ڇو. ابا.. ڇو ڪانهي بک“ ماڻس ڳل تي هٿ رکيس ته دانهن نڪري ويس. ” ائي منيس... تنهجي دشمنن کي ته تپ جا اٽاهه آهن ... ماستر ته ڪونه ماريو اٿئي؟

”نه امان“

”ته پوءِ ڇا ٿيو آهي صبح جو چڱو ڀلو ويو آهين.“ ڪيس کٽ تي ليٽائي سندس منهن ۾ ڏسندي چيائين.

”امان هتي مور جي کنڀن جو مينهن وسيو هو؟“

”هان...؟ مور جي کنڀن جو مينهن؟

”نه ابا مور جي کنڀن جو مينهن ڀلا ڪڏهن وسيو آهي ڇا؟“

”ها امان اڄ مور جي ڪنهن جو مينهن وسيو هو..“

”چڱو... چڱو تون سمهه مان ڪا گوري گهرايان... بخار ۾ نه ڳالهائبو آهي.“

”امان گيت ڏٺيءَ جا گڏجي ڳايون.... ايڪ اٺان اٺ.. ٻه اٺان سورنهن. امان مان اسڪول ڪونه ويندس.... امان هوءَ هلي وئي... مور جي ڪنهن جي برسات مهل..“

”هوءَ ڪير ابا..؟ توکي ماستر چو ماريو آهي؟ منهنجا رب تون خير ڪر... ڪيڏو بخار اٿس“

ماڻس مٿي تي ٺڏيون پٽيون رکندي پٽڪڻ لڳي.

”امان... هوءَ ڪير هئي...؟ ڪيڏانهن وئي...؟ ايڪ ڏون ڏون ٻه ڏون ويهه امان استاد ماري ٿو. منهنجو پيشاب وهي ويو آهي. امان هوءَ وري ڪڏهن ايندي.. وري ڪڏهن مور جي ڪنهن جو مينهن وسندو؟..“

”تون چڱو ڀلو ٿي ته پوءِ مور جي ڪنهن جو مينهن وسندو.مار خدا جي پوي ماستر کي “

”هاڻي سمهه... ڳالهاءِ نه شاباس...“

هو بخار جي گوري ڳهي ڪجهه لمحن ۾ ننڊ جي آغوش ۾ هليو ويو ۽ هوءَ سندس آلي پيشانيءَ تان آلا وار هٽائيندي پنهنجي منهن پٽڪڻ لڳي ”الله سائين منهنجي راڻي جي پارت اٿئي. ڪندو منهنجو ربّ ته ڪڏهن ڪوسو واءُ نه لڳنديئي راڻا “ هن جي نڙي خشڪ, وات جهڙو ڪاڳر, زبان جهڙو پٿر. چئو طرف تيز اُس.. اُلا.. گرمي... ڪاري انجڻ جي وات ۽ نڪ مان نڪرندڙ دونهين جا ڪڪر ٻه اُس کي روڪڻ ۾ ناڪام... جبل تي اُس جا تجلا... هاٿين جو ولر اجارو... گهوڙا, اٺ ۽ ٻڪهه اجارا... قازن جو جوڙو اجارو... سيني بوگين جا مسافر اڃ ۾ پاهه. پامسٽ منور علي معمول مطابق خاموشيءَ سان ڊائجسٽ جي رڃ ۾ گم... ريل گاڏي پٽڙين تي هلندڙ.. ٻه ٻه پيسا ڇهه ڇهه پايون .ٻه, ٻه پيسا ڇهه ڇهه پايون. اُس جو دوزخ اڪري ريل گاڏي جيئن ئي ننڍڙي اسٽيشن تي اچي بيٺي ته مسافر تڪڙ ۾ لٽا ۽ پاڻيءَ جي چبوتري ڏي ڊوڙيا... چبوتري ۾ رکيل ست مٽ. هڪ گلاس. هُو بيٺو رهيو. مسافر چبوتري مان نڪري ويا ته هو اندر ويو. زنجير ۾ ٻڌل گلاس ڪٽي هڪ مٽ ۾ وڌائين ته ٺڙڪو ٻڌڻ ۾ آيس, مٽ خالي هو.. ٻيومٽ.. ٽيون مٽ... چوٿون مٽ... ۽ نيٺ ستون مٽ.. گلاس ٻاهر ڪڍي چپن تي آندائين ته چرڪ نڪري ويس. گلاس ۾ پاڻيءَ بدران رت هو. ۽ رت ۾ آڳرين جيڏا ڪيڙا پئي تريا. هيءَ اها ئي اسٽيشن هئي جتي رات جي وڳڙي ۾ ريل گاڏيءَ تي حملو ٿيو هو ۽ گاڏيءَ جو فرش رت ۾ ٻرجي ويو هو.هن ڊاهن ڪري رت جو گلاس هاريو ته ننڊ مان جاڳي پيو.

”چو عليءَ جا پيءُ ڇاٿيوآ؟“ زالنهس سندس ڊاهن تي پانيولجي ننڊ مان اٿي پئي هئي ۽ وڪريل وارن کي پوئتي ڪندي ڪٽ تي ويٺي ڏانهس حيرت مان ڏسي رهي هئي ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. پر ڪيس ڪابه ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي سگهي. ڇوته اڳ ۾ ڪڏهن به ايئن نه ٿيو هو.

”ڪجهه نه.. اڃ لڳي هئي ... شايد ان ڪري. تون سمهه.“

”پاڻي ڏيانءِ... ؟“

”ها... ڏي“

زالهنس گلاس ڀري آئي . پاڻي پي ليٽي پيو.

هو حيران هو ته ايترن سالن کان پوءِ ريل گاڏي سندس يادگيرين ۾ خوابن ۾ موٽ ڪيئن ڪاڏي..!

”تون آرام ڪر.. مان به سمهان ٿو“ ڪٽ تي جاڳندڙ زال ڏي ڏسي چيائين. هن پٽ کي پاڪر پائي اکيون ٻوٽيون ۽ ٻئي پل ننڊ پئجي وئي. عورتون به ٻارن وانگر هونديون آهن. جاڳيل هونديون آهن. ته سمورن حواسن سان مڪمل طور جاڳيل هونديون آهن. سمهنديون آهن ته پنهنجي سمورن حواسن سان مڪمل طور ستل هونديون آهن ۽ ٻارن وانگي جلدي ننڊ اچي ويندي اٿن. سندن جاڳ مڪمل جاڳ هوندي آهي. ننڊ کان بلڪل ڌار ۽ سندن ننڊ مڪمل ننڊ هوندي آهي. جاڳ کان بلڪل الڳ.. سندس چپن تي رات کان اوڌر تي ورتل مرڪ پڪڙجي وئي.

هو سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر ننڊ ڪانئس ڇرڪيو پري بيٺي هئي. صبح ٿي ويو پر ننڊ ويجهو نه آيس. سڄي رات ننڊ نه اچڻ جي ڪري هُو سڄو ڏينهن گهٽي ٿڪاوٽ ۾ مبتلا رهڻو هو..

۽ ان مهل ڪيس اهڙو اندازو نه هو ته ڪجهه سالن جي وٿيءَ کان پوءِ وقت جو گذريل اهو ساڳيو ٽڪرو، اهو ساڳيو لمحو وري موٽ ڪائيندو ۽ هن سوچيو ”ان دفعي مان ساڳي غلطي نه دهرائيندس جنهن مون کي پڇتاءَ ۾ ڏک جي صليب تي ٽنگي رکيو آهي. ٻئي دفعي مان سفيد وڳي واري ڇوڪريءَ سان گڏ هليو ويندس“ پاڻيءَ جو گلاس پيئڻ کان پوءِ ڪيس پيشاب جي شديد ضرورت محسوس ٿي ۽ ان ضرورت جي اثر ۾ هن سوچيو ته ”چنڊ ڏسڻ لاءِ ٽڪيٽ نه وٺڻي پوندي آهي. چنڊ ڏسڻ لاءِ فقط هي شرط آهي ته ماٿهوءَ جو مٿانو خالي هجي ۽ سندس اکيون خوابن سان ڀريل هجن.“ هو گهڻي دير کان ڪمري جي ڇت ڏي ڏسي رهيو هو.

ڪاري اک ٻوٽي ساڄي اک کوليائين ۽ وري ساڄي اک ٻوٽي ڪاري اک کولي ڇت ڏي، ڪنهن مهل پنکي ڏي، ڪنهن مهل گهڙيال ڏي، ڪنهن مهل ڪئلينڊر ڏي، پاڻي ڏي ۽ پکيءَ ڏي ڏسندو رهيو. پوءِ الاءِ ڪيڏي مهل اهو شخص موٽي آيو جنهن جي پيرن ۾ هميشه ڳاڙهي رنگ جو بوٽ پاتل هوندو آهي ۽ هو هميشه ڪيس سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪيس لڳندو آهي ته اهو شخص اڳ به سندس ڏٺل آهي. ساڻس مليل آهي. اڳ به هڪ ٻئي سان ڳالهائي چڪا آهن. پر ان کان اڳ جو هو ياد ڪري سگهي ته اهو شخص ڪير آهي ڪٿان جو آهي ۽ سندن ملاقات ڪٿي ۽ ڪڏهن ٿي آهي، هو پنهنجي ڳاڙهي بوٽ سميت سندس اکين کان اوجهل ٿي ويندو آهي ۽ پوئتي زمين تي بوٽ جا ڳاڙها نشان ڇڏي ويندو آهي. ۽ هو ڳاڙهن نشانن منجهان هڪ نشان کي ڏسندو آهي ته آهستي آهستي نشان جي ڳاڙهاڻ ڦهلجي لهندڙ سج جي لاليءَ ۾ تبديل ٿي ويندي آهي ۽ هو هميشه جيان پاڻ کي شام جي ڏک ۾ مبتلا محسوس ڪندو آهي ۽ شام جي ڏک مان آزاد ٿيڻ لاءِ هميشه ڪنهن عبادت گاهه جو رخ ڪندو آهي. هن جو خيال آهي ته ڏک مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ سجدي جهڙي ٻي ڪا به خوبصورت شئي نه آهي. ان شام به پاڻ کي هڪ مسجد جي ڪشادي دالان ۾ ويٺل ڏٺائين. ۽ اهو به ڏٺائين ته آس پاس ويٺل سڀني ماڻهن جا مهاندا هوبهو سندس جهڙا هئا. رڳو سندن لباس ۽ لباسن جو رنگ تبديل هو. ممبر تي ويٺل عالم آلين اکين سان خطاب پئي ڪيو پر ڪيس عالم جو آواز ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو. هو رڳو سندس چرندڙ چپ، لڏندڙ هٿ ۽ چوُ طرف ڏسندڙ اکيون ڏسي پئي سگهيو. مسجد جي ٻاهران ننڍڙن ٻارن جو هڪ ٽولو جن کي اڇا ڪپڙا پاتل هئا مسجد جي چوُطرف ڊوڙندا ڪورس جي انداز ۾ ڳائي رهيا هئا

لوھہ جي مسجد ..هو هو..هو
ڪاٺ جا نمازي ..هو هو..هو
پتل جو پيش امام ..هو هو..هو

۽ ان مهل الاءِ ڇو هن پنهنجي جسم کي هٿ لائڻ جي شديد ضرورت محسوس ڪئي. ۽ ڪيس ان تي حيرت لڳي تہ توڙي جو سندس جسم گوشت بدران ڪاٺ جو آهي ۽ ان هوندي بہ هو حيران يا پريشان ڇو نہ ٿيو آهي؟؟ اهو شايد زمان حال مان ٽپي هٽي مستقبل ۾ پهچي ويل تصور جو هڪ زندهہ ٽڪرو هو ۽ ٻئي پل هو وري زمان حال ۾ موٽي آيو. جتي عالم جو خطاب جاري هو. اوچتو وچينءَ صف ۾ ويٺل هڪ شخص اٿي بينو ۽ رڙ ڪري چيائين "جلدي ڪيو ڪلمو پڙهو. دير نہ ڪيو" ۽ ٻئي پل ڌماڪو ٿيو ۽ سڄي مسجد رت ۾ ٻاڙهي ٿي وئي.

ڇت ۾ هڪ جاءِ تي پلستر جو ٽڪرو اکڙيل آهي. مسلسل ان جاءِ تي ڏسندو رهي ٿو. ڇر پر پيدا ٿئي ٿي. هو چتائي ڏسي ٿو. اها ماڻهوءَ جي اک هئي. هو اک ڏي چتائي ڏسي ٿو تہ اک بہ ڏانهس چتائي ڏسي ٿي ۽ پوءِ ان اک جي پاسي ۾ هڪ ٻي اک کلي ٿي هاڻي بہ اکيون ڏانهس ڏسنديون ٿيون رهن. هو ڪاپي اک سان ڏسندو ٿو رهي. انهن اکين تي نظر جو چشمو رکيل آهي. هڪ عدد نڪ بہ آهي. نڪ جي هيٺان ننڍيون مڇون بہ آهن. شيرواني پاتل ڳچي آهي. شيروانيءَ جا بٽڻ بند آهن. پيشاني سوڙهي آهي. وارن جي وچين سينڌ نڪتل آهي. اها جنرل ضياءَ جي منڍي آهي. جيڪا مرڪي رهي آهي. پر اها مرڪ اهڙي ڀيانڪ ۽ بدصورت آهي جهڙي ڪنهن زخمي ڪرائي جي قاتل جي وات تي مرڻ مهل پاڻ همورو ڦهلجي ويل هٽرادو ڏندن ۽ ڇپن جي هٽرادو مرڪ. هو اکيون ڇنڀي ٿو. اکيون ٻوٽي ٿو ۽ وري کولي ٿو. پر منڍي موجود رهي ٿي ۽ ٻئي پل هو ڏسي ٿو تہ سڌي سينڌ جي جڳهہ تي هاڻي هڪ عدد پاسيري سينڌ آهي. اکين جو چشمو گم آهي. نڪ جي هيٺان ڊگهين مڇن جي جڳهہ تي هڪ ننڍڙو ڪارو ٻڙو رکيل آهي. ۽ چهري تي ذهني دٻاءُ جا آثار. اها هِٽلر جي منڍي آهي. ۽ پوءِ هِٽلر جي منڍي يحيٰ خان جي شرميلي منڍيءَ ۾ بدلجي وئي. جڏهن ٻئي جاڙا ڀائر هجن.... جاڙن ڀائرن ڪان پوءِ جنرل ايوب پنهنجي فوجي ٽوپي ۽ ڪلهن تي لڳل "ٻلن" سميت ظاهر ٿيو. ۽ ٻلن جون اکيون جرڪڻ لڳيون.... ايئن جيئن رات جو روڊ سان گذرندي گاڏين جي بتين تي جهنگل ۾ ويٺل جانورن جون اکيون ٻرنديون آهن. ٻلن جي ٻرندڙ اکين مان جنرل مشرف جو جنم ٿيٽو هو... جنهن جي اکين ۾ تاريخ جي شيطاني مرڪ لڪل هئي.... ۽ انهيءَ تاريخي فريم ۾ هڪ رنگيلو ويٺل هو. جنهنکي رنگ برنگي ڪپڙا پاتل هئا ۽ سندس ڪپڙن ۾ ڪيئي کيسا هئا ۽ هر کيسي ۾ هڪڙو ننڍڙو رنگيلو هو ۽ هر رنگيلي جي هٿ ۾ ڇري هئي ۽ هر ڇريءَ جو منهن ماڻهن جي پٺيءَ ڏي هو. پوءِ اوچتو سڄو ناٽڪ منچ ڊهي پيو. ۽ آخر ۾ وري بہ جنرل ضياءُ الحق جي منڍي رهجي وئي. ۽ ضياءَ جي منڍيءَ سان گڏ کيس هڪ لاري ۽ لاريءَ جو ننڍڙو ڪلينر ياد آيو جنهنجا ڪپڙا ميرا هيا پر سندس اکين مان وهندڙ ڳوڙها ۽ اکيون ميريون نہ هيون. چيڪ پوسٽ وٽ ويٺل فوجين لاريءَ کي پاسي ۾ بيهاري ڇڏيو.

"تم کو معلوم نهين هئ مارشلا هي" هڪ فوجيءَ بس جي ڊرائيور کي ڳلي مان وٺي هيٺ لاهيندي چيو.

”جي صاحب معلوم آهي“

”معلوم هئ تو گاڙي مين اتني بندي کيون اُٺهائي“

”صاحب غلطي ٿي وئي .... ماڻهو زوري چڙهن ٿا... مان..“

”زوري ڪا بچہ چلو دس دفعہ انڪ بيٺڪ ڪرو“

۽ ننڍڙي ڪلينڊر کي سڏي چيائين. ””تم اوپر ديکهو سورج ڪي طرف..... خبردار جب تڪ مين نہ کهون آنکهين نيچي نهين ڪرنا“

”تم مُرغا بن جاؤ“ ٻئي فوجيءَ ساڳي انداز ۾ ٽڪٽ ڪليڪٽر کي حڪم ڏنو.

بس جو ڊرائيور ٽيپ رڪارڊر بند ڪرڻ وساري وينو هو. هوا مين اڙتا جائي ميرا لال دو پٽا ململ ڪا هو جي هو.....

هڪ فوجيءَ ڊرائيور جي پنن ۾ ٺڏو هڻي چيو ”اوءِ انهو اپني اس مان ڪو بند ڪرو... چلو..“

سج ڏي ڏسندڙ ننڍڙي ڪلينر جي صاف اکين مان ننڍڙا ننڍڙا صاف لڙڪ ڇٽندا ۽ ڳلن تان وهندا سندس ميري قميص ۾ جذب ٿيندا رهيا... ۽ ان مهل هُن بہ پنهنجي ننڍڙن ڳلن تي ڪوساڻ محسوس ڪئي هئي. ۽ ڪيس اهو سوچي ڏاڍي حيرت لڳي تہ آخر هڪ ٻار جي اکين مان وهندڙ ڳوڙها ٻئي ٻار جي ڳلن تي ڪيئن ٿا ظاهر ٿي سگهن ؟ اهو دهشت, اونداهي, تعصب, نفرت ۽ تباهيءَ جو دور هو. چئو طرف ڪارو گهاٽو دونهون پکڙيل هو. آس پاس ڪجهہ نظر نہ ٿي آيو.هر ماڻهو بيخبريءَ جي ڏنڊ ۾ ڊڪيو پيو هو. ڪنهن هوٽل ۾ داخل ٿبو هو تہ سامهون ڀت تي ڳاڙهن يا ڪارن اکرن ۾ هي جملو ضرور لکيل نظر ايندو هو تہ:

”هتي سياسي گفتگو ڪرڻ منع آهي“

۽ ڪيس ٻين سوين هزارين ٻارن جئان اهو سمجهہ ۾ نہ ايندو هو تہ سياسي گفتگو ڪرڻ جي منع ڇو آهي؟ ۽ سياسي گفتگو ڇا آهي؟ اها گفتگو ڪير ڪندا آهن؟ ۽ هن پنهنجي طور تي اندازو لڳايو تہ اها ڪائي خطرناڪ ڳالهہ ٻولهہ هوندي ۽ اها ڳالهہ ٻولهہ ڪندڙ بہ خطرناڪ ماڻهو هوندا ۽ سندن ڳالهين ۾ بارود ڀريل هوندو.

چڱي طرح ڪيس ڄڻو اها خبر هئي تہ هن ملڪ جون واڳون جنرل ضياءُ الحق جي هٿ ۾ آهن جنهن کي ريڊيو ۽ ٽي وي تي جنرل محمد ضياءُ الحق صدر اسلامي جمهوريہ پاڪستان سڏيو ٿو وڃي ۽ عام ماڻهو ڪيس ”ضيائو“ سڏين ٿا. ۽ ماڻهو چون ٿا تہ ضيائو سندن محبوب اڳواڻ کي ڦاسي ڏني آهي. هن ”مارشل لا “ جو نالو اڳ ڪڏهن بہ نہ ٻڌو هو. هن لاءِ ڪوڙو, ڦٽڪو, ٽڪٽڪي, ڦاسي ۽ قلم هڪ سو چوئيتاليهہ ۽ ڪرفيو بہ نوان ۽ اچرج جهڙا لفظ هئا. اهو هڪ ساهہ ٻوساتيندڙ ڊيجاريندڙ ۽ ڏڪوئيندڙ دور هو. اهو ماڻهن جي عملن ئي نہ پر ارادن ۽ خوابن تي اثر انداز ٿيندڙ دور هو. ماڻهو بظاهر خاموش هئا پر اندر ۾ آوازن سان ڀريل هئا. سياسي گفتگو ڪان منع هوندي بہ هر وقت سرٻاٽن ۾ سياسي گفتگو ڪندا رهندا هئا. ملڪ جو سرڪاري ريڊيو ۽ ٽي وي هر وقت ڪوڙ ڳالهائيندا رهندا هئا. ڪولڊ وار عروج تي هئي. افغانستان ۾ لٿل فوج سان مجاهدين امريڪا جي مدد سان جهاد ڪرڻ ۾ مصروف هئا. ٽي وي ۽ ريڊيو تي مجاهدين جي ڪاميابين جون دعوائون جاري هيون ۽ ڏينهن رات نفرت جو زهر

اوڳاڇجي رهيو هو. ۽ سڄو ملڪ اندروني طور کوکلو ٿيندو پئي ويو. سرڪاري آفيسن ۾ سرڪاري حڪم تي ”باجماعت“ سرڪاري نمازون پڙهايون پئي ويون. امريڪا بهادر اسلام جو همدرد بڻيل هو ۽ ”ڪافر“ سوويت يونين جو جاني دشمن هو.

ماڻهو رات جو ائين وڳي ننڊڙين ننڊڙين ٽولين جي صورت ۾ ريڊيو تي بي بي سي لنڊن ٻڌندا هئا ۽ مارڪ ٽيلي جي آواز سان محبت ڪندا هئا. ڇو جو مارڪ ٽيلي ڪين بي خبريءَ جي انڌي ۽ رات ۾ باخبريءَ جا روشن تحفا ڏيندو هو ۽ ڪين ٻڌائيندو هو ته اڄ ملڪ جي فلاڻي شهر، ڳوٺ، واهڻ ۾ هيترن ماڻهن کي ڦٽڪا هنيا ويا آهن. اڄ هيترن ماڻهن کي گوليون هڻي ماريو ويو آهي. اڄ هيتريون گاڏيون ساڙيون ويون آهن. اڄ هيترن ماڻهن کي قرآن پڙهندي روڊ تي قتل ڪيو ويو آهي. هيتريون بينڪون ساڙيون ويون آهن. فلاڻي اڳواڻ هڙتال جو سڏ ڏنو آهي . فلاڻي هونءَ چيو آهي. اِهو اُهو دور هو جنهن ۾ هوائن مان رت جي بُو ايندي هئي. چئوطرف بارود جي بوءِ ڦهليل هئي. ماڻهن جون دليون ويران هيون. ماڻهن جا خواب ٽٽل هئا. ماڻهن جي پٺن تي ڦٽڪن جا نشان هئا . سندن جسم جون ڪلون لٽل هيون. سڄو ملڪ شمشان گهاٽ بڻيل هو.

هو ننڍڙي ڪلينر جي اکين مان جنرل ضياءَ جي منڊي ڏي موٽي آيو. ڪاپي اک ٻوٽي ساڄي اک سان منڊيءَ ڏي ڏسي ٿو ته منڊي ڏنڊلي نظر تي اچيس. جهڙو ننڍڙو ڪارو داغ. چئوطرف ڦهليل گهاٽو دونهون ... ساهه ۾ ٻوسٽ. اکين ۾ ڪڙاڻ. وات جو ذائقو خراب. اها خبر به اٿس ته ساڄي اک سان ڪا به شئي چٽي نظر نه ايندي آهي تڏهن به اڪثر ائين ڪندو آهي . ڪاپي اک ٻوٽي ساڄي اک سان شين کي ڏسڻ جي ڪوشش. جيڪا هميشه ناڪام ويندي آهي. جڻ ڪيس ڪنهن معجزي جو انتظار آهي. ته ” ڪنهن مهل ڪاپي اک ٻوٽي ساڄي اک سان ڪنهن شئي ڏي ڏسندس ته اها شئي چٽي ڏسڻ ۾ اچي ويندي. ائين جيئن ڪاپي اک سان ڏسڻ ۾ ايندي آهي. بس اوچتو ائين بي خياليءَ ۾ ڪاپي اک ٻوٽي ساڄي اک سان پٽ ڏي نهاريندُس ته سامهون لڳل گهڙيال جو وقت ڏسي وٺندس.... ڏهه لڳي ڏهه منٽ... ۽ گهڙيال جي پرسان ٽنگيل سال جو ڪلينڊر ڏسڻ ۾ اچي ويندو. جنهن تي لکيل هوندو.. سال 2008، مهينو جنوري، تاريخ ائين ۽ پاڻيءَ سان پريل ڍنڍ جي لهرن تي ترندڙ هڪڙو پاڻيءَ ۾ پسيل پکي ۽ پکيءَ جي سامهون لکيل جملو:-

If you can not catch a paradise bird then touch a wet hen.........

نه ڪيس ڪنهن معجزي جو انتظار نه هو. معجزو ٿيڻو هجي ها ته تڏهن ٿئي ها جڏهن سندس ماءُ پيرن فقيرن جي قبرن تي پڙ چاڙهيندي هئي. مرشدن مڱتن جا هٿ ڏوئاريندي هئي. راتيون جاڳي دعائون گهرندي هئي. ”اي پالڻهار منهنجي راڻي جو عيب لاهه.... منهنجي پٽ جي اک اکين جهڙي ڪر“

ڪيس معجزي جو اوسيئڙو ڪونهي. اها ته سندس عادت آهي. ڪاپي اک ٻوٽي ساڄي اک سان شين کي ڏسڻ جي پراڻي عادت. عادت جنهن مان لذت به ملندي اٿس ۽ اذيت به. مثاني تي زور محسوس ٿيس. پر پيشاب ڪرڻ لاءِ ڪا مناسب جاءِ نظر نه آيس. سڄي بازار پريل هئي. ماڻهو، گاڏيون ۽ ٽريفڪ...!! هلندو رهيو ڪنهن موزون جاءِ جي ڳولا ۾. سوناري جو دڪان، دڪان ۾ شوڪيس، شوڪيس ۾ زيور ۽ بازار ۾ فروٽ جا گاڏا... ۽ خريدار ۽ مکيون. هو مکين جي انبوهه مان رستو ناهي ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر

وڏي ڪڏ هئي، جنهن جو بيو ڇيڙو ظاهر نہ هو ۽ جنهن جو ترو اونهو هو. هو ڪڏ جي ڪناري وٽ پهتو تہ پير ٿڙي ويس.. ٻي وزن تي ويو. ڄڻ خلا ۾ هجي. پاتال ۾ لهندو ويو... چئو طرف اونداهي ۽ خاموشي. ڪيس خاموشيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اهو خاموش آواز هو. ان جون لهرون هيون. ڊاريدار لهرون. عمودي لهرون. مستطيل لهرون. جهڙيون ڪنهن قديم اونداهين کوه جي پاسن مان مٿان کان گهٽو هيٺ تري تائين لڙڪندڙ بلائون.. جهڙو ايريگيشن باغ وارو قديم قتل کوهہ...!! ڌپ محسوس ٿيس ... هيٺ تري ۾ بلائن جو تهہ وڇايل هوندو. "بلائن تي وڃي ڪرندس تہ پيشاب خطا ٿي ويندو. ۽ ڪپڙاخراب ٿي ويندا" هو ڇرڪيو. ۽ ٻئي پل پاتال ۾ ڦهڪي جو خاموش آواز اڀريو. هو بلائن جي تهہ تي وڃي ڪريو ۽ ڇرڪ سان ڪچي پڪي ننڊ مان جاڳي پيرن ۾ چپل پائي ٻاهر نڪتو ۽ آڳنڌ ۾ اچي بيٺو. آڳنڌ ۾ چانڊوڪي هئي. چنڊ ڏي ڏسڻ گهريائين پر نہ ڏٺائين، شايد پريل مٿاني سان چنڊ ڏي نہ ڏسي سگهبو آهي، "پريل مٿاني سان چنڊ ڏي ڏسبو تہ چنڊ يورين ٻاؤل محسوس ٿيندو" هو ڇرڪيو ۽ واش روم ۾ داخل ٿي ويو ۽ واش روم مان نڪتو تہ پاڻ کي خوش ۽ هشاش بشاش محسوس ڪيائين. ڪنڌ مٿي ڪري چنڊ ڏي ڏٺائين. چنڊ هميشہ وانگر ان رات بہ اکين ۾ چڀي ويس.چنڊ نہ هجي ڄڻ ٽٽل شيشي جو ڇهنبارو ٽڪرو هجي. کيس چنڊ هميشہ تڪليف ۽ ڏک ۾ مبتلا ڪيو آهي. پر ان ۾ چنڊ جو ڏوهہ نہ هوندو آهي. سندس اکين جو ڏوهہ هوندو آهي. جڏهن بہ چنڊ ڏي ڏسندو آهي تہ آسمان ۾ هڪ بدران ٻہ چنڊ نظرا يندا اٿس. ۽ ڪاپي اک تي هٿ ڏيئي ساڄي اک سان چنڊ ڏي ڏسندو آهي تہ چنڊ ايئن لڳندو اٿس ڄڻ ڪنهن چنڊ کي ٽڏو هڻي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هجي. اهو هميشہ هُن لاءِ آسمان جي نيري چادر ۾ ڦهليل هڪ زخمي چنڊ هوندو آهي يا جهڙو سمنڊ جي سطح تي تختا تختا ٿي ويل غوراب. هر تختي تي ٻيٺل هڪ مسافر ۽ هر مسافر جي هٿ ۾ هڪ جهيڻي روشني واي قنديل، لهرن تي لڏندڙ تختا. تختن تي لڏندڙ مسافر ۽ لڏندڙ مسافرن جي هٿ ۾ ڦٽڪندڙ قنديلون. ڪڏهن ڀاسندو اٿس تہ چنڊ ايئن آهي ڄڻ هڪ ٻئي جي مٿان ترتيب سان رکيل چانديءَ جي سڪن جو ننڍڙو ڍڳ ڌهي پيو آهي ۽ سڀ سڪا هڪبئي کان سرڪي پري ٿي ويا آهن. ڪاپي اک تي هٿ رکي ساڄي اک سان زخمي چنڊ ڏسڻ سندس پراڻو مشغلو آهي. عادت آهي. عادت جنهن مان اذيت ماڻيندو آهي. اذيت جنهن مان لذت ماڻيندو آهي. لذت ۽ اذيت گڏ گڏ رهنديون آهن. چانڊوڪين راتين ۾ اڪثر چنڊ سندس ساڄي اک جي نشاني تي رهندو آهي. ۽ جيئن ئي نشاني تي ايندو آهي تہ پڇي پور تي پوندو آهي. شين کي صحيح سلامت شڪل ۾ ڏسڻ سندس ساڄي اک جو زخمي سپنو آهي. ڪاپي اک ڪابہ ذميواري نہ ڪڻندي آهي.

ننڊ بہ سندس ڪاپي اک ڪندي آهي جاڳندي بہ سندس ڪاپي اک آهي.

ٽڪجندي بہ ڪاپي اک اٿس.

ڪلندي ۽ روئيندي بہ ڪاپي اک اٿس.

۽ خواب بہ سندس ڪاپي اک ڏسندي آهي.

سندس ڪاپي اک ۾ هميشہ کان هڪڙو خواب پٽڪندو رهيو آهي.

اهو خواب ٻين سمورن خوابن کان مختلف آهي.

اهو خواب ٻين سمورن خوابن کان ڌار آهي.

ان خواب جو رنگ ٻين سمورن خوابن جي رنگ کان الڳ آهي.

ڪڏهن ڪڏهن اهو سوچي دل ۾ مرڪي پوندو آهي ته جي هو پنهنجي دوست سارنگ کي ٻڌائي ها ته ”منهنجي ڪاپي اک ۾ هڪڙو خواب آهي.“ ته هو ڇا چئي ها...؟

هو معمول مطابق غيرمعمولي سنجيدگي ۽ حيرت سان چئي ها ”پنهنجا پاڻ ۾ وينا آهيون راڻا، تنهنجو هيءُ ڪاپي اک جو خواب ڪو معمولي ۽ عام قسم جو خواب نه آهي، تنهنجو هيءُ خواب دراصل هن دور جو تمام وڏو ۽ غير معمولي خواب آهي. اهڙو خواب جنهن جي ساپيان ڏسڻ لاءِ دنيا ورهين کان منتظر آهي. اهڙو خواب جيڪو ڪيتري عرصي کان پيڙهيون پنهنجي اکين ۾ سانڍينديون آيون آهن. توکي اندازو ئي نه هوندو ته راڻا تنهنجو هي خواب ڪيڏو نه قيمتي خواب آهي. ڪاپي اک جو خواب...!! هڪ افسانوي علامت...!! مونکي اڄ به سڄ جهڙو روشن يقين آهي ته تنهنجو خواب ضرور ساپيان ماڻيندو. سرمائيدارانو سماج ضرور ڍهندو. بدمعاش بورزوائي خوار خراب ٿيندو. پرو لتاري سرخرو ٿيندو. سرمائيدار هڪ راڪاس آهي جيڪوسڄي دنيا کي پنهنجي مٺ ۾ قابو ڪرڻ ٿو چاهي. پر اهو راڪاس ضرور پنهنجي منطقي انجام تي پهچندو. اهو مادي جدليات جو اصول آهي. اها ارتقا جي سائنس آهي. تنهنجو ڪاپي اک جو خواب زنده خواب آهي تنهنجو خواب ضرور ساپيان ٿيندو منهنجا دوست.“ سارنگ ائين چئي ها ته شايد اهو به پنهنجي جاءِ تي سهي هجي ها ڇو جو هن پنهنجي زندگي جو خوبصورت دور ڪاپي اک جي خواب ۾ گذاريو هو. شايد اهي سڀ ماڻهو جيڪي پنهنجي زندگي جا سڀ کان خوبصورت ۽ قيمتي پل ڪنهن پاڇولي جي پويان پٽڪندي گذاري ڇڏيندا آهن ۽ سندن خواب اکين سميت ٽٽي ٽڪرا ٿي ويندا آهن اهي ڪڏهن به ۽ ڪٿي به ٽانيڪا ٿي نه سگهندا آهن. پر اصل ۾ سندس ڪاپي اک جو خواب ان پراڻي خواب جو پرتوو هو ته ”ڪاش ٽٽل چنڊ جا ٽڪرا گڏجي هڪ مڪمل چنڊ کي جنم ڏين...! ڪاش...! هڪ ڀيرو ڪان ڇڄي ڌار ٿي ويل سامونڊي غوراب جا تختا گڏ ٿي هڪ مڪمل غوراب ٿاهين ۽ لهرن ۾ ڏڪندڙ قنديلون گڏجي هڪ مڪمل قنديل کي جنم ڏين. جيئن وري ڪڏهن به سندس ساڄي اک جي نشاني تي آيل چنڊ ڪيس ڏک ۾ مبتلا نه ڪري!“

ڪاپي اک جو خواب در اصل ساڄي اک جو ڏک آهي.

ڪيس ياد نه آهي ته آسمان ۾ چمڪندڙ چنڊ کي ٽڏو ڪڏهن لڳو هو؟ ۽ ڪڏهن سمورا سِڪا ڇڻ ڇڻ ڪندا هڪ ڀيرو ڪان پري هليا ويا هئا. پر جڏهن کان هوش سنڀاليو هئائين. جڏهن کان درسنيءَ ۾ منهن ڏسڻ جهڙو ٿيو هو ۽ جڏهن کان درسنيءَ اڳيان بيهي ڪنگو ڏيڻ ۽ ڪنگو ڏيئي وارن جي سينڌ ڪڍي وارن جو گل ٺاهڻ جهڙو ٿيو هو تڏهن کان ٻنهين اکين ۾ واضح فرق محسوس ڪرڻ لڳو هو. اهو فرق ايترو وڏو ته نه هو پرشايد ڪو به فرق ننڍڙو فرق نه هوندو آهي. اکين جو فرق ته هر حال ۾ وڏو فرق هوندو آهي. سندس ساڄي اک جي تاري ۾ ماڪيءَ جي مٿان هڪ ننڍڙو سُئيءَ جي پاڪي جيترو نشان هو. جهڙو ماءُ جي ٽيڄ ڏائيندڙ سانوري ٻار جي ڳل تي پيل ٽيڄ جو ننڍڙو ڦڙو. اهو در اصل سندس پنيءِ تي سُرندڙ کهرن پرن ۽ کهرن چنبن وارو اجنبي جيت هو. هڪ ڇيلاٽو هو ۽ وچونءَ جهڙو هڪ لفظ هو جنهن سان سندس واسطو پوڻ لڳوهو. هڪ جيڏن سان راند ڪندي اڪثر ڪنهن حيرت ۾ پريل نهار

سان واسطو پوڻ لڳو هئس..” اڙي ڏس.. راڻي جي اک ڪيئن آهي...؟ ڪيئن آهي؟ ٺوري اڇي آهي.. اڙي ها... اڙي راڻي جي اک اڇي ... راڻي جي اک اڇي“ ٻار ڪورس جي انداز ۾ سندس چوطرف ڦيريون پائي ڳائيندا ۽ هو پنهنجي سپني حواسن سميت زخمي ٿي ويندو. ماءُ سان گڏ مائٽن ڏانهن شادي غمي ۾ ويندو ته ڪانه ڪا مائي سندس منهن ۾ ڏسي چوندي ”آئي ادي ... رب جو شان ... چوندا آهن ته چڱي شئي کي چِڪ هوندو آهي. ڇوڪرو ڪهڙو سهڻو ملوڪ آهي پر ويچاري کي عيب ٿي پيو آهي.“

تڏهن ماڻس جي اکين ۾ ڏک جو پاڇولو لهي ايندو هو. ڪجهه ڪڇندي پڇندي نه هئي.

خاموش ٿي ويندي هئي.

۽ پنهنجي ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ راڻي کي وڌيڪ پيار ڪرڻ لڳندي هئي.

هڪ شام راند اڌ ۾ ڇڏي روئندي گهر موٽيو هو.

”ڇو راڻا ڇا ٿيو آهي...؟“

”امان هاڻي مان ڪڏهن به احمد سان راند نه ڪيڏندس...“

”ڪهڙو احمد ابا...؟“

”امان تون به سمجهين نه ٿي، اهو ماسي مريم وارو احمد ٻيو ڪهڙو وري ڪهڙو احمد“

”ائي .. ها... ها... پر ڇو؟“

”امان احمد مون سان ڪوٽ ٿو ڪري“

”اڙي ابا تون به..... ڪوٽ ته راند روند ۾ ٿيندو آهي“

”امان... تون سمجهين به نه ٿي.... احمد چئي ٿو تنهنجي اک سٺي نه آهي. تون گدلو ٻار آهين. ان ڪري توسان راند ناهي..... تون چور آهين.... چور ته ڀاڻ آهي. ڪوٽ ته ڀاڻ ٿو ڪري.. ڪتي جو پٽ....“ماڻس ڪجهه چوڻ آکڻ بدران ڇڪي سيني سان لاتو هئس ۽ ٻنهين اکين تي هڪ هڪ چمي ڏني هئائينس.

هڪ چمي ساڄي اک تي. هڪ چمي کاٻي اک تي.

پهرين چُمي ان اک تي جنهن ۾ ڪوئي خواب نه هو..

ٻي چُمي ان اک تي جنهن ۾ هڪڙو خواب هو .

مائرون انصاف ڪنديون آهن.

انهن لاءِ ٻئي اکيون هڪ جهڙيون هونديون آهن.

۽ گهٽ ۾ گهٽ هو پنهنجي ماءُ لاءِ ته گدلو ٻار نه هو. ڳوٺ جي پر واري شهر ۾ اکين جي خيراتي ڪئمپ لڳي هئي. ڏاڍي خوش هئي. ماڻهن چيو پئي ته پري پري کان ملڪ جا وڏا وڏا ڊاڪٽر آيا آهن. اکين ۾ شيشا ٿا لڳائن... اکين جو آپريشن ٿا ڪن.. پٽ کي وٺي صبح جو سويري خيراتي اسپتال رواني ٿي.

”امان آءُ آپريشن ڪونه ڪرائيندس... مونکي ايذاءُ ايندو“

پٽس سڄي رستي ۾ روئندو رڙندو هليو هو.

”اڙي ابا تون به ڪو چريو آهين... آپريشن ۾ ڪا دير ئي ڪانه لڳندي.. ابي گهڙي ٿي

ويندي..............پوءِ تنهنجون ٻئي اکيون هڪ جهڙيون ٿي ويندين...“

ماڻس سمجهائيندي سر چائيندي چئي رهي هئس.

”ڇوڪرو تنهنجو ڇا ٿئي امان..“ ڊاڪٽر پُٽهنس جي اکين ۾ ٽارچ هڻي چيو

”پٽ اٿم ابا“

” امان هتي ڇوڪري جي آپريشن ڪونه ٿيندي“

”هان... پر ڇو ابا؟...“

”امان تنهنجي ڇوڪري جي ماڻڪي ۾ زخم آهي، ماڻڪي ٻي لڳندي“

”ٻي ماڻڪي وري ڪٿان ايندي ابا..؟“

”امان ٻاهرين ملڪ مان عطيي طور ماڻڪيون اينديون آهن.... پران جو ٻه هتي آپريشن نه ٿيندو.. ڪراچي ۾ ٿيندو..“

هو اسٽول تان اٿي بيٺو.

۽ دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو.

” آپريشن کان بچي ويس“

پر ماڻس جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا.

جيڪي هن جلدي اگهي ورتا.

ماڻڪيءَ جو زخم..؟؟ ٻاهرين ملڪ جي ڳالهه...؟؟ خيراتي ماڻڪي..؟؟ ڪراچيءَ ۾ آپريشن...؟؟ شايد هوءَ پٽڪي پيئي. اهو سڀ ته هن لاءِ ناممڪن هو.

هن ته سڄي زندگيءَ ۾ ڪراچي ڏٺي به ڪانه هئي..

ڪيس رڳو اها خبر هئي ته ڪراچي ۾ سمنڊ آهي.. ڪراچي تمام وڏو شهر آهي، ڪراچيءَ ۾ جناح صاحب جو مقبرو آهي ۽ عبدالله شاهه غازي جي درگاهه آهي. ۽ اهو ته ڪراچي ۾ بندرگاهه آهي، جتي وڏا سامونڊي جهاز آهن. جن مان هڪ جو نالو سفينه عرب آهي ۽ ٻئي جو شايد الشمس آهي.

انهن مان هڪ جهاز تي سندس پيءُ چڙهي گهڻا سال اڳ حج تي ويو هو.

۽ ڪيس ٻي رڳو ايتري خبر هئي ته ڪراچيءَ ۾ ٻائي جو پٽ ٻه آهي، جتي سندس ڪجهه عزيز رهندا آهن. جن ڏي هوءَ ڪڏهن ٻه نه وئي آهي. جتي نيٽي جيٽيءَ واري پل آهي. جتان اڪثر چانڊوڪين راتين ۾ ماڻهو آپگهات ڪري ڇڏيندا آهن.

۽ هوءَ ڊاڪٽرن ۽ اسپتال کان مايوس ٿي وئي.

واپسي مهل هو خوش هو. سڄي وات ٽپندو ڪُڏندو آيو ۽ ماڻس رڪي رڪي اکيون اگهندي رهي.

راتيون جاڳي دعائون گهرندي هئي. پيرن فقيرن تي سڪائون باسيندي هئي. مرشدن منگتن جا هٿ ڏوئاريندي رهي. ۽ ڏس پنڌ ڪندي رهي. پر ڪوبه نتيجو ڪونه نڪتو.

۽ هو ٻاروتڻ جون حدون اورانگهي اتي اچي پهتو جتي ڪوبه ڪنهن سان رعايت نه ڪندو آهي.

تڏهن ڪيس پهريون ڀيرو ماءُ جي انهن ڳوڙهن جو ڏک سمجهه ۾ آيو جيڪي خيراتي اسپتال مان ٻاهر ايندي سندس اکين مان وهي آيا هئا.

جن کي هن تڪڙ ۾ پوتيءَ جي پلئه سان اگهي ورتو هو.

۽ تڏهن کيس خوشيءَ جي ڪڪ ۾ لڪل ڏک جو اندازو ٿيو جيڪا خوشي ان مهل محسوس ڪئي هئائين جنهن مهل ڊاڪٽر چيو هو ”چوڪري جي آپريشن نه ٿيندي“ ۽ هو جلدي اٿي ڪڙو ٿيو هو. ۽ پوءِ هو پاڻ اسپتالن جي دروازن جي اڳيان لڳل قطارن جو حصو ٿي ويو. ۽ هاڻي ماءُ ساڻس گڏ نه هئي. هوءَ ڪڏهو ڪو پنهنجي اميدن ۽ دعائن سميت قبر جو حصو ٿي چڪي هئي. هاڻي هو وڏن شهرن جي وڏين اسپتالن ۾ ڦهليل ڪاريڊورس ۽ انتظار گاهن جي اداس ڪرسين تي اڪيلو رهجي ويو. ۽ هر اسپتال مان جواب اهو ساڳيو جيڪو ڪيئي سال اڳي سندس ماءُ کي مليو هو. ”دراصل هي ڪورنيئل ٽرانسپلانٽيشن جو ڪيس آهي. خرچ به لڳندو... انتظار به ڪرڻو پوندو. ڏسو ماڻهوءَ جي ماڻڪي ته اسان جي اسپتال ۾ ڪانهي... باقي توهان کي ٻڪريءَ جي اک ته ڪونه لڳندي. ٻيو ته توهان وٽ پيسا به نه آهن جو اسان سريلنڪا مان ماڻڪي گهرايون ... البت ڪجهه پيسا ڏئي ڪانٽيڪٽ لينس لڳرايو ته توهان جي مرضي....“

۽ هُن جي اميد جي ڇت ڊهي پئي. هو ٽيهن سالن تائين جنهن آس جي ڇت هيٺيان رهيو هو يڪسر ان کان محروم ٿي ويو. ڪوڙي ئي سهي اڌوري ئي سهي بهرحال اميد جي ڇت ماڻهوءَ کي محروميءَ جي اس کان بچائيندي آهي.

۽ کيس پڪ ٿي وئي ته بس هاڻي ايئن زندگي گذارڻي پوندي جيئن گذري پئي.

ايئن نه جيئن هو چاهي ٿو.

ايئن نه جيئن سندس ماءُ ٿي چاهيو.

شايد هاڻي کيس هميشه ڪاپي اک جي خواب سان گڏ جيئڻو پوندو ۽ شايد گڏ مرڻو پوندو....

تڏهن کان هو اسپتالن جي ڪاريڊورس ۾ ڀٽڪڻ سان گڏوگڏ ڪاپي اک جي خواب سان گڏ جيئڻ لڳو.

اکيون اکين کي ڀيريان قبول ڪنديون آهن ۽ تعارف جا ٻيا دروازا بعد ۾ کلندا آهن. اکيون هڪ ٻئي کي رد ڪنديون آهن ته تعارف جا ٻيا دروازا بند ٿي ويندا آهن. جتان گذري ماڻهو ماڻهوءَ جي اندر ۾ داخل ٿيندو آهي. ۽ ڏسندو آهي ته ان جي اندر ۾ ڪيتري اُس آهي؟ ڪيتري چانو آهي، ڪيتري اڃ آهي... ڪيتري زمين آهي؟ ۽ ڪيترو آسمان آهي؟

۽ هن سان ايئن ٿيندو رهيو آهي جو ڪيئي مسافر اکين ۾ ورهين جا ٽڪ ڪٽي وٽس آيا پر سندس اکين جي دهليز تان موٽندا رهيا.

۽ هو قدم قدم تي پڇندو پرندو رهيو.

پلصراط تي هلندو رهيو. پير رتوت رت. احساس ڪمتريءَ جي تيز تکي تلوار.

درسنيءَ ۾ منهن ڏسي نه سگهي.....

ڏسي ته زخمي ٿيو پئي..... نه ڏسي ته به زخمي ٿيو پئي......اڪثر درسني جي آڏو ڪيترو وقت بيٺو رهندو. ۽ بيٺو ساڄي اک ۾ ڏسندو... مسلسل... هڪ سفيد مڪڙي... هڪ اڻٽٽندڙ خواب. ڪاپي اک جو خواب. چاهيندو ته جيڪر مڪڙيءَ کي چپٽيءَ سان اک جي تاري تان پٽي ۽ چپٽيءَ سان ايئن چيپاڙي

ڇڏيان جيئن پير جي آڱر ۾ چڪ هڻي چنبڙي پيل ماڪوڙيءَ جي منڍيءَ کي آڱر سان پٽي ڪاوڙمان چيپاٽي ڇڏبو آهي. پر ايئن ممڪن ڪٿي هو؟ اڪثر رستي ۾ هلندي سوچيندو" فرض ٽا ڪيون تہ جيڪڏهن هينئر رستي ۾ هلندي منهنجي ڪاپي اک ۾ ڪو ڏک لڳي وڃي. ۽ منهنجي ڪاپي اک بند ٿي وڃي.... تہ مان گهر ڪيئن پهچندس...؟

شايد مون کي اتي ئي ڪجهہ دير لاءِ ويهڻو پوندو...

۽ پرسان گذرندڙ ڪنهن ماڻهوءَ جو آواز ٻڌندس... تہ ڪيس سڏڪري چوندس.. "سائين معاف ڪجو.. ٿوري تڪليف ڪري مونکي ڪوئي رڪشا ويهاري ڏيو... تہ مان گهر پهچان." ۽ ڪڏهن سوچيندو تہ " فرض ڪيو تہ منهنجي ڪاپي اک ۾ ڪارو پاٽي لهي اچي... ۽ منهنجي لاءِ سڄي روشن دنيا اونداهو ٻيٽ بڻجي وڃي تہ پوءِ؟؟.... تہ....پوءِ..؟

۽ ايئن خدشن ۽ امڪانن جي رڻ ۾ جيئن پوءِ تيئن منتشر ٿيندو رهيو. محدود ٿيڻ لڳو. محتاط رهڻ لڳو. چانڊوڪي سندس چڙ بڻجي وئي. بلب ٻتيءَ کان ڏجڻ لڳو. ڪئميرا جي فليش کان ۽ ماڻهن جي سڏي نهار کان چرڪڻ لڳو. نہ ڪنهن سان پوڳ چرچو نہ ڪنهن سان گهٽي حُجت... ڊپ تہ متان موٽ ۾ ڪوئي تير جهڙو طنز نہ ٻڌڻو پوي..ڪوئي زهر جهڙو جملو نہ ٻڌڻو پوي. پر باوجود احتياطن جي گهڻو ڪجهہ ٻڌندو رهيو..سمجهندو رهيو.... سهندو رهيو. ان ڏينهن محفل ۾ هڪ دوست چيو.."دوستو توهان جو اسان جي هن دوست جي اک ۾ مڪڙي آهي پر وٽس اها نينهن نهار آهي جيڪا گهڻن سڄن وٽ بہ ڪونهي.." تاڙيون وڄي ويون. "واهہ سائين واهہ.... ڇا جملو آهي".... ۽ هن جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا... هو تہ گهڻو وقت اڳ ئي پنهنجي اندر ۾ شديد ۽ گهري انتشار جو شڪار ٿي ويو هو. سندس شخصيت ٿهڻ کان اڳ ڍهي وئي هئي.... ۽ سندس اعتماد جو پکي ڪليل آڪاش ۾ اُڏڻ بدران هميشہ لاءِ احساس ڪمتريءَ جي پڃري جو قيدي بڻجي ويوهو. ڪجهہ موسمون اڳ ئي بلڪ شايد چار پنج برساتون اڳ الماس سندس اکين جي چانئٹ تان واپس موٽي وئي هئي .

ان شام هوءَ سندس پر مان اٿي وئي هئي ۽ پوئتي ڏک جي هڪ طويل شام ڇڏي وئي هئي. شام جنهن جو ڪو ڇيڙو نہ هو. شام تہ هونءَ ئي اداسيءَ جي مهل آهي. پر جنهن شام هڪ ئي لمحي بہ جدايون گڏجي پونديون آهن اها شام ڪجهہ وڌيڪ ئي اداس ٿي پوندي آهي. ۽ اها اهڙي جدائي هئي جنهن جو ڪو منهن سر نہ هو. ابتدا انتها نہ هئي. سندس خيال هو تہ شايد اُها چوٽين ڳليءَ واري ڇوڪري آهي. چوٽين ڳليءَ واري ڇوڪري سندس ساڃي اک جو سپنو هئي. سپنو جيڪو ڪاپي اک جي خواب مان ڦٽي نڪتو هو. پر اها سندس پُل ثابت ٿيڻي هئي.

هوءَ گذريل خزان جي هڪ منجهند جو ان مهل سندس زندگيءَ ۾ داخل ٿي هئي جنهن وقت هن اڪيلي ڪمري جي خاموش ڪنڊ ۾ پاڻ کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي تہ ڪجهہ بہ هجي پر ماڻهوءَ کي زندگيءَ کان منهن موڙڻ نہ گهرجي. پر زندگيءَ جي حق ۾ سندس سمورا دليل هڪٻئي جي پنيان ناڪام ٿيندا پئي ويا ۽ هن جي مايوسيءَ جو پارو مٿي چڙهندو پئي ويو. ايئن نہ هو تہ ڪو هو خودڪشي ڪرڻ وارو هو. يا پوءِ ڪڏهن خودڪشي ڪري ڇڏي ها... پر ڳالهہ اها هئي تہ هو زندگيءَ تي موت کي ترجيح ڏيڻ واري بہ واٽي تي بيٺل اهڙي لمحي جو قيدي هو جيڪو کيس هميشہ لاءِ ڪنهن

بہ هڪ رخ جو مسافر بڻائي پئي سگهيو. ”يا ماڻهوءَ کي ڀرپور زندگي جيئڻ گهرجي يا مري وڃڻ گهرجي“ هو اڳ وانگر وري چپن ۾ پٽڪيو هو ۽ ڪجهہ لمحن کان پوءِ وري چوڻ تي چاهيائين تہ ”جڏهن آئون زندگيءَ مان سڄي دلچسپي وڃائي ويٺو آهيان تہ پوءِ مون کي جيئڻ بدران مري وڃڻ گهرجي“ پر ٽيبل تي رکيل فون جي رنگ ڪيس ايئن چوڻ جو موقعو نہ ڏنو. ”شايد توکي خبر نہ هجي ان ڪري تنهنجي اطلاع لاءِ عرض آهي تہ سڄو آسمان ڪڪرن سان ڀرجي ويو آهي. مينهن ڪنهن بہ وقت وسي سگهي ٿو. مان توکي ساوڻ جي پهرين برسات جي مبارڪ ڏيان ٿي.. منهنجي طرفان پنهنجي ساڄي هٿ تي چار ڪٽيون مينهن جون ۽ هڪڙو ننڍڙو ٽڪرو ڪڪر جو قبول ڪجان..“ هن گهڻن ڏينهن جي خاموشيءَ کان پوءِ نيٺ ان برساتي شام جو ڳالهايو. ڪيس لڳو ڄڻ هو ساوڻ جي تيز بوندن ۾ پسي ويو هجي.

”اهو صحيح آهي تہ مون کي خبر ناهي تہ ڪو آسمان ڪڪرن سان ڀرجي ويو آهي پر اهو سچ آهي تہ مان تنهنجي لهجي مان برسات جي خوشبو محسوس ڪيان پيو.“

۽ ڪيس خبر هئي تہ هُو گهڙيءَ کان پوءِ ٻارن وانگر ڊوڙي ڪمري مان ٻاهر نڪري ايندو ۽ هٿ وڌائي ترِيءَ تي ڪجهہ بوندون ڪٺي ونندو... ۽ آڪاش ڏي Flying Kiss موڪلي ڪڪرن کي ڇهي ونندو..

هن جون ڳالهيون ۽ ٿهڪ ڪيس ڇيچ مان وٺي مايوسيءَ جي اونداهيءَ مان ٻاهر ڪڍي آيا هئا.

ڪيس لڳو هو ڄڻ ڪوئي معجزو ٿي ويو آهي.

۽ ڪيس لڳو هو تہ هو جيڪو ڪيترن ئي ٽڪرن ۾ وکريو پيو هو آهستي آهستي سميٽجي هڪ جاءِ گڏ ٿي رهيو آهي. يڪسانيت جي ولوڙ ختم ٿي رهي آهي. ۽ هو هڪ نئين دنيا ۾ داخل ٿيندو پيو وڃي. ۽ هن کي پڪ ٿيڻ لڳي هئي تہ دراصل هوءَ اُها ئي اڃي وڳي واري ڇوڪري آهي جنهن کي هن گهڻا سال اڳ راجا واري ريل گاڏي جي بوگيءَ ۾ دريءَ کان ويٺل ڏٺو هو. جنهن کي ڏسڻ مهل مور جي ڪنين جو مينهن وسيو هو. اڪثر ائين ٿيندو تہ هو ساڻس ڳالهائيندي ڳالهائيندي چپ ٿي ويندو. ”ڇا ٿيو“ اهڙن موقعن تي هوءَ حيرت مان پڇنديس تہ هو چوندو ”بس ايئن ئي... الاءِ ڇو“

”ڇا مطلب...؟ الاءِ ڇو“ هوءَ ضد ڪندي.

”بس .... الاءِ ڇو دل اُداس اُداس آهي.“

”وري توتي شاعريءَ جو دورو پيو آهي ڇا“ هوءَ کلندي چوندي.

”نہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي“

”تہ پوءِ ڪهڙي ڳالهہ آهي“ هوءَ وڌيڪ ضد ڪندي تہ هُو ڪونہ ڪو بهانو ڪري ڪيس مطمئن ڪندو پر پاڻ کي مطمئن ڪري نہ سگهندو. شايد پاڻ کي مطمئن ڪرڻ ئي سڀ کان وڌيڪ ڏکيو آهي. هو محسوس ڪرڻ لڳو هو تہ اصل ۾ هُو خوش نہ آهي. ۽ اهو اهڙو معاملو هو جيڪو هو ڪنهن کي بہ ٻڌائي نہ پئي سگهيو. هُن کي تہ قطعي نہ. اصل ۾ هُن جي ذهن ۾ جنهن مهل بہ اهو خيال ڪر ڪڍندو هو تہ ”جڏهن اسين ملنداسين تہ ڇا ٿيندو...؟؟“ تہ سندس اندر پري پري تائين صحرا ٻڌجي ويندو هو. هو سوچڻ لڳندو هو تہ ”هوءَ مون سان ملندي تہ منهنجي ڪاپي اڪ جو خواب ڏسي ونندي ۽ پوءِ وري ڪڏهن

ﭔ مون سان ملڻ نہ چاهيندي“ هن ڪڏهن ﭔ ڪاپي اک جي خواب سان هن جي سامهون اچڻ نہ ٿي چاهيو ۽ ساڻس ملڻ ﭔ چاهيو ٿي. پر هُن ڪيس ڪنهن ﭔ صورت ۾ وڃائڻ نہ ٿي چاهيو. اصل ۾ هو ٻئي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڏنل هئا. پر ٻئي هڪٻئي جي ڏپ ڪان بي خبر هئا. هنن ملڻ ﭔ چاهيو ٿي ۽ ملڻ نہ ﭔ ٿي چاهيو. هو ڪاپي اک جي خواب جي ڪري ڏنل هو ۽ هوءَ وڏنڊڙ عمر جي ساپيان جي ڪري ڏنل هئي.
هڪ وٿ خواب جو ڏپُ ٻئي وٿ ساپيان جو ڏپ. هوُ جنهن کي ڇوٽين ڳلي واري ڇوڪري سمجهي رهيو هو سا دراصل خود سريءَ جي سزا ڀوڳيندڙ اهڙي عورت هئي جنهن پنهنجي اکين مان هڪ شاعر کي جلاوطن ڪري ڇڏيو هو. شاعر جيڪو پنهنجا خوبصورت شعر پنهنجي نالي سان ڇپرائڻ بدران هن جي نالي سان رسالن ۾ ڇپرائيندو هو ۽ هوءَ سهيلين ۾ شاعره بڻجي اوچي ڳاٽ سان ڪاليج جي ڪاريڊور ۾ ايئن هلندي هئي جڻ ڪا شهزادي هجي. ۽ شهزاديءَ جو شاعر سان تعلق ﭔ فقط شاعري تائين محدود هو. هو نہ ئي سندس پيار پائي سگهيو نہ ڪو شاعر چوائي سگهيو. هُو هميشہ لاءِ گمنام شاعر بڻجي رهجي ويو ۽ انهيءَ گمناميءَ ۾ ئي هڪ برساتي موسم ۾ هميشہ لاءِ ڪڪرن جو حصو ٿي ويو هو.. هڪ منجهند جنهن مهل آسمان ڪڪرن سان ڀرجي ويو هو ۽ پڪي منجهند کي شام سمجهي واهيرن ڏي موٽڻ لڳا ها تہ هو بنان ڪنهن کي ڪجهہ ٻڌائڻ جي خاموشيءَ سان گهر مان ٻاهر نڪري ويو هو ۽ وري ڪڏهن ﭔ واپس نہ موٽيو هو. ۽ هن بابت ماڻهو ڳالهيون ڪرڻ لڳا هئا تہ دراصل هو ڪڪرن ۾ گم ٿي ويو آهي. ڪيس برسات پاڻ سان گڏ وٺي وئي آهي. پر پڪي خبر ڪان فقط هوءَ پاڻ واقف هئي تہ هو ڪيڏانهن ۽ ڇو هليو ويو آهي؟ ۽ هوءَ پڇتاءَ جو پاڇولو بڻجي وئي هئي. پنن ۽ گلن ڪان خالي وڻن جي انهيءَ جهڳٽي جي اُها سيمينٽ جي بئنچ جنهن تي هو اُن مهينن جي ڳالهين ڪان پوءِ ڀيريون ۽ آخري دفعو مليا، ٻنهي لاءِ پلصراط بڻجي وئي. ٻنهي ۾ هڪٻئي سان اکيون ملائڻ جي سگهہ نہ هئي ”ڇيو هئم نہ توکي تہ مان اُها نہ آهيان جيڪا تون سمجهين ٿو“
”انهيءَ سان ڪهڙو ٿو فرق پئي تہ تون اُها نہ آهين ڪا ٻي آهين“ هن ڏانهنس نهارڻ ڪان سواءِ ڇيو. هو ڪاپي اک جي خواب ظاهر ٿي پوڻ جي ڏپ ۾ مبتلا هو. ” فرق ڪيئن نہ ٿو پئي. فرق تہ پئي ٿو فرق تہ آهي“.
”ڪوئي فرق نہ ٿو پئي. تون تہ منهنجي لاءِ اُها ئي آهين جيڪا اٺ مهينا اڳ تائين هئينءَ... جنهن جي ڳالهين ۾ شاعريءَ جي خوشبو هئي ۽ جنهن جو لهجو ڇميءَ جهڙو مٺو هو“.
”فقط آوازن ۽ لهجن تي زندگي نہ ٿي هلي... ۽ مان زندگيءَ جواهو دور گذاري آئي آهيان جنهن ۾ رڳو آواز ۽ لهجي جي اهميت هوندي آهي...“
” تہ باقي...؟“ هُن اعتماد ڪان خالي آواز ۾ ڇيو.
”ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جي ﭔ ضرورت پوندي آهي. مرد کي عورت جي ۽ عورت کي مرد جي...“
”تون عورت ئي تہ آهين ... ڇوٽين ڳلي واري ڇوڪري نہ ئي سهي ڇوٽين ڳلي واري عورت ئي سهي. ٻيو ڇا؟“ ”نہ....!! مان تہ پنهنجو عورتپڻو وڃائي ڇڪي آهيان. منهنجو عورتپڻو هُن شاعر جي اکين ۾ رهجي ويو. هاڻي تہ وقت ضايع ٿي ويو.. وقت ڪٿي ٿو ڪنهن جو انتظار ڪري“ هن ڪنهن هارايل سپاهيءَ جيان ٿڪل آواز ۾ ڇيو. هن جي خوبصورت اکين ۾ اداسي ڦهلجي وئي.

”پر مون لاءِ تہ محبت ئي سڀ ڪجھ آهي...“

”هونھہ..“ هن جي چپن تي طنزيہ مرڪ پکڙجي وئي.

”ڪھڙي محبت؟ ڇا جي محبت؟ ڪنهن سان محبت؟ اها محبت ئي تہ آهي جنهن مون کي تباہ ڪيو آهي.“

هن آخري جملو سخت ۽ ڪڙي لھجي ۾ ادا ڪيو. ان مهل هوءَ ڪيس هڪ بي ۽ اجنبي عورت محسوس ٿي. اهڙي عورت جنهن جي اندر ۾ ڪنڊن جو فصل پوکيل هو. ” فون تي تنهنجا ٿهڪ .. ڳالهيون... پيار .. اهو سڀ ڇا هو؟ “ هن پنهنجي خالي هٿن ۾ خالي نگاهن سان ڏسندي چيو.

”هڪ وڏي، اداس ۽ پڙپانگ گهر ۾ رهندڙ هڪ ناڪام ۽ عمر رسيدہ عورت جي پاڻ کي مصروف ۽ خوش رکڻ جي هڪ ناڪام ڪوشش... پراڻي پريڪٽس... ۽ بس ان کان وڌيڪ ڪجھ بہ نہ... جيڪو بہ ان کان وڌندو آهي مان ان سان تعلق ختم ڪري ڇڏيندي آهيان.... سچ اهو اٿئي تہ منهنجو هاڻوڪو پيار سيليولر فون پيار آهي... ايس ايم ايس محبت .. بنڊل پئڪيج پيار. هاڻي مان ڪوئي وڏو رسڪ کڻڻ نہ ٿي گهران“ هن جي وشال اکين ۾ گمنام شاعر جي گمشدگيءَ جو ڏک لهي آيو.

”تہ معنيٰ هي پنهنجي آخري ملاقات آهي“

هن اداس لهجي ۾ پڇيو.

۽ هُن سندس اکين ۾ قتل سوال جو جواب ڏيڻ بدران پرس هٿ ۾ کڻندي چيو هو”چڱو هاڻ مان هلان ٿي“ ۽ ان کان اڳ جو هُو وڌيڪ ڪجھ چئي هوءَ اٿي بيٺي ۽ آس پاس ڦهليل هيڊي شام جو حصو ٿي وئي. ۽ ويندي ويندي چاهيندي بہ ڪيس ٻڌائي نہ سگهي تہ ساڻس ملي ڪيس ڇا محسوس ٿيو. اهو ئي تہ سندس پير ۾ ويٺل شخص جي اندر ۾ هڪ محبوبا لاءِ اهڙي آڳ ٿي ٻري جنهن کي ڪا بہ برسات ٺاري نہ ٿي سگهي. ۽ اهو ان ڪري آهي جو هو ڪاپي اک جي خواب جو قيدي آهي. پر وٽس ڪيس اهو ٻڌائڻ جو وقت نہ هو. هن سچ چيو هو تہ ”هاڻي دير ٿي وئي آهي.“ البت اهو بہ سچ هو تہ ان شام کان وٺي ڪيس هميشہ لاءِ هڪ بدران بہ ڏک پالڻا هئا. هڪڙو گمنام شاعر جي موت جو ڏک ۽ ٻيو ڪاپي اک جي خواب ۾ ڀٽڪندڙ زندگيءَ جو ڏک.

جاڙو ڏک.

۽ ان شام وڻن جي جهڳٽي ۾ ويڙهيل بئنچ کان سندس گهر جو مختصر رستو مختصر ثابت نہ ٿيو. ۽ رڪشا ۾ سفر ڪندي بيد مشڪ جي ٽارين ڏي ڏسڻ مهل اوچتو سندس اکيون پرجي آيون پر ان کان اڳ جو هوءَ پرس مان ٽشو پيپر ڪڍي سندس ڳوڙها وهي پيا. ۽ سندس ڳوڙها ڏسڻ لاءِ ڪير بہ موجود نہ هو. جيڪو سندس ڳوڙها ڏسي ڄاڻي سگهي ها تہ اکيون پلي ميريون ئي ڇو نہ هجن لڙڪ ميرا نہ هوندا آهن.

۽ انهيءَ لمحي جي ڪنڌيءَ تي ڪنوڻ جي تيز تجليءَ وانگر هن محسوس ڪيو تہ اها هيڊي شام اصل ۾ سندس ڪاپي اک جي خواب مان ڦُٽي نڪتي آهي. ۽ ان پل کان وٺي هو ان احساس ۾ مبتلا ٿي ويو هو تہ دراصل اهو حادثو سندس ساڄي اک ۾ رونما ٿيو آهي. ۽ تڏهن کان وٺي سندس ڪاپي اک ۾ هڪ بدران بہ خواب پلجڻ لڳا. هڪ خواب اهو ئي پراڻو جيڪو ورهين کان سندس ڪاپي اک ۾ ڀٽڪي

رهيو هو ۽ ٻيو نئون خواب. وچائجي ويل شئي جو ڳولا جو خواب. ۽ هاڻي تہ ڪڪرن ۾ گم ٿي ويل شاعر بہ ان ڳولا جو حصو ٿي ويو هو. هاڻي سندس ڪاپي اڪ ۾ جاڳرو خواب رهڻ لڳو هو. اها سندس ساڃي اڪ جي سزا هئي. ساڃي اڪ جنهن کيس سهيڙجڻ کان محروم ڪري ڇڏيو هو. هاڻي هو جڏهن بہ اداس ٿيندو آهي تہ کيس سارينڌو آهي ۽ جڏهن بہ کيس سارينڌو آهي اداس ٿي ويندو آهي ۽ سڄو آسمان ڪڪرن سان ڀرجي ويندو آهي. ۽ سندس اداسي ڪنهن بہ موسم ۽ ڪنهن بہ مهل جي محتاجي قبول نہ ڪندي آهي. ۽ جيئن ڪجھ سالن کانپوءِ مٿس آپريشن ٿيٽر ۾ اينيٿيسئا واري سئي لڳڻ کان اڳ ساڳي اداسي ڇانئجي وئي هئي...!! توڻي جو بنيادي طرح اهو سندس خوشيءَ جو لمحو هو. آخرڪار اهو ورهين جي رولاڪي ۽ انتظار کان پوءِ پيدا ٿيل ڪاپي اڪ جي خواب جي ساڀيان جو لمحو هو.

خوشي ان پل جو نالو آهي جنهن پل ڪوئي پراڻو خواب مثال طور ڪاپي اڪ جو خواب تعبير ماڻيندو آهي. يا ساڃي اڪ جو سپنو ساڀيان ٿيندو آهي. پر ڪجھ خوابن کي ساڀيان ٿيڻ ۾ گهڻي دير ٿي ويندي آهي. ۽ وقت کان پوءِ ساڀيان ٿيل خوابن جي خوشي اهڙي خوشي هوندي آهي جنهن جي پنيءَ ۾ ڪُٻ هوندو آهي. اها پنيءَ ۾ ڪُٻ نڪتل هڪ ڪُبڙي خوشي هوندي آهي. ۽ الاءِ ڇو هن کي جڏهن بہ ۽ جيڪا بہ خوشي ملي ڪُبڙي خوشي ملي. خوشي تہ ان وڻ ورچ جونالو آهي جيڪا وڻ ورچ انهن سان ٿيندي آهي جيڪي اوهان جي خوابن ۾ ڀاڱيوار هوندا آهن. خواهشن ۽ اميدن ۾ شريڪ هوندا آهن.. اذيت ۽ ڏک جا نہ رڳو اڪين ڏٺا شاهد هوندا آهن. پر انهن جا ڀوڳيندڙ بہ هوندا آهن. جن لاءِ اوهان جو ڏک ۽ عيب رڳو اوهان جو عيب ۽ ڏک نہ هوندو آهي. پر انهن جو بہ اڌ ڏک ۽ اڌ عيب هوندو آهي. ۽ جڏهن خواب ساڀيان ٿيندو آهي ۽ توهان اها ساڀيان انهن سان ونڊيندا آهيو تہ اها خوشي سڏيءَ ڇيلھ واري خوشي محسوس ٿيندي آهي. پر جڏهن خواب کي تعبير ماڻڻ ۾ ايتري دير ٿي وڃي جو ايسيتائين خوابن جا شاهد مٽيءَ جو حصو بڻجي چڪا هجن تہ خوشيءَ جي پنيءَ ۾ ڪٻ نڪري ايندو آهي. ايئن جيئن ڳوٺ جي دڪاندار گل محمد جي پنيءَ ۾ ڪب نڪتل هو. کيس ڳوٺ جا ننڍا وڏا گلو گکو سڏيندا هئا. گلوگکو قد جو صفا بندرو ۽ سانورو هو. وات ۾ هر وقت پن جي ٻيڙي دکندي رهندي هئس ۽ وڏين مُڇن ۾ لڪل نڪ ۽ وات مان هر وقت دونهون نڪرندو رهندو هئس. هُو گکويا ڪُبڙو سڏجڻ تي بلڪل نہ چڙندو هو. جڻ پنهنجي پُنيءَ جي ڪُٻ کي پنهنجي نالي جي طور تي قبول ڪري ورتو هئائين. سندس خيال مطابق اهو سندس عيب نہ پر نالو هو. يعني هو گل محمد يا گلو دڪاندار نہ هو پر اصل ۾ هو ڪُبڙو دڪاندار هو. هو پنهنجي اصلي نالي تان گهڻو وقت اڳ هٿ کڻي چڪو هو. هاڻي ڪو ماڻهو کيس گل محمد چئي سڏيندو هو تہ هو گهڻو ڪري سڏ نہ ورنائيندو هو...پر ڪو بہ ماڻهو کيس"ڪبڙو" چئي سڏيندو هو تہ هڪ دم ڪن ڪڙا ٿي ويندا هئس. ماڻس گل محمد ڪبڙي جي هڪڙيءَ قداور ۽ خوبصورت ڇوڪريءَ سان شادي ڪرائي هئي. اهو ماڻس جو پراڻو خواب هو تہ سندس نُنهن کيس اهڙو پٽ ڄڻي ڏيندي جنهن جي پنيءَ ۾ ڪب نہ هوندو. (شايد دنيا جا سڀ ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن خواب جا قيدي آهن.) پر شاديءَ کان پوءِ ڪُبڙو گل محمد اڳ کان وڌيڪ ڏکارو ۽ خاموش رهڻ لڳو ۽ هو پنهنجو ڏک ڪنهن کي بہ ٻڌائي نہ سگهيو. هونءَ بہ سڄي ڳوٺ ۾ گل محمد جو

ڪوبہ دوست نہ هو. پوءِ هڪ رات هو پنيءَ جي ڪپ ڪان آجو پٽ پيدا ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪنگيءَ جي مرض ۾ ورتل ڏيءَ جو پيءُ ٻڌجڻ کان پوءِ جلد ئي پنهنجي دڪان ۾ مري ويو ۽ صبح جو ٻارن کي اهو ڏسي حيرت لڳي تہ ڪٽ تي ستل گل محمد جو ڪُپ گم ڇو آهي؟... ۽ هنن ڪيس زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو سڌو ستل ۽ ڪُپ کان سواءِ ڏٺو ۽ ان ڏينهن ٻارن کي گل محمد جي مرڻ کان وڌيڪ دڪان جي بند هئڻ جو ڏک ٿيو هو ۽ گُل محمد جي ماءُ جيستائين جيئري هئي ايستائين ڪڏهن بہ ڪنهن سان بہ ڳالهائي نہ سگهي. سندس اکين ۾ هميشہ لاءِ هڪڙو خال رهجي ويو ۽ هو ان نتيجي تي اوچتو نہ پهتو هو پر ڪيترن ئي ننڍين وڏن مرحلن مان گذرڻ ۽ دائرن مان نڪرڻ کان پوءِ ان نتيجي تي پهتو هو تہ ماڻهو جيترو کلندو آهي ڪيس اوترو ئي روئڻو پوندو آهي. جيترو ڳالهائيندو آهي اوترو ئي ڪيس چپ رهڻو پوندو آهي. ماڻهو نہ ڪو ڳٽي ٿهڪ ڏيندو آهي نہ ئي ڳٽي ڳوڙها روئندو آهي.

هو آپريشن ٿيٽر جي پر واري ڪمري ۾ ويٺو هو ۽ سرجن جو اسسٽنٽ سندس بلڊ پريشر چيڪ ڪري ڪيس آپريشن لاءِ "اوڪي" ڪري چڪو هو. سامهون روشندان جي چوڪور دري ڪليل هئي جنهن مان آسمان جو هڪ ننڍڙو نيرو ٽڪرو ۽ ان جي هيٺان هڪ بلند عمارت جي ڇت صاف نظر پئي آئي.

آسمان ۾ اڇا ڪڪر پئي پٽڪيا ۽ عمارت جي ڇت تي سُرمئي پاريهل ويٺو هو. هو روشندان جي چوڪور دري مان پاريهل جي گول اکين ۾ ڏسندو ڪمري مان ٻاهر نڪتو ۽ پاريهل جي اکين جو حصو بڻجي ويو. اسسٽنٽ ڊاڪٽر ڪيس آپريشن ٿيٽر جي بيڊ تي ليٽائي ٻانهن ۾ بلڊ پريشر جو پٽو ٻڌي اينيسٿيزيا واري ڊاڪٽر ڏي نهاريو ۽ ٻئي پل هوُ ڪبوتر سان گڏ ڇت تان اڏاڻو ۽ اڇن ڪڪرن ۾ داخل ٿي ويو... ڪڪرن جو ڏنڌ گهاٽو هو. جن مان نہ پوئتي ڪجهہ ڏسڻ ۾ ٿي آيو نہ اڳتي.. ماضي ۽ مستقبل معدوم ٿي چڪا ۽ رڳو حال موجود هو. ڪنهن سندس وات ۽ نڪ تي آڪسيجن جو ماسڪ چاڙهيو تہ ڪڪرن جو ٿڌو تهہ سندس اکين جا ڇپر ڇهڻ لڳو. اها هڪ ٿڌي ۽ نيري دنيا هئي. جنهن ۾ ڪجهہ پراڻا ۽ ڪجهہ گهٽ پراڻا آواز هئا... جيڪي آهستي ڇتا ٿيندا پئي ويا. ڪجهہ چهرا هئا. ڏنل وائنل چهرا... اجنبي چهرا.. ڏنڌلا چهرا... اکيون... چپ... لهجا... بي خبريءَ جو ڏنڌ.... ياد گيرين جو چارو... آوازن جو لمس.

ساڳيو شهر...

ساڳيو آسمان...

ساڳي گهر..

ساڳيون اسپتالون...

ساڳيا ڊاڪٽر...

ساڳيو سمنڊ...

۽ اک ۾ ساڳيو خواب...

ڪاپي اک جو خواب..

جيڪو هو اکين ۾ ڪٽي ڪيئي ڏينهن ڪيئي راتيون هن ئي شهر جي رستن تي رلندو رهيو....

پٽڪندو ۽ پلجندو رهيو..

ها امان هتي جناح جو مقبرو آهي. عبدالله شاھ غازي جي درگاھ آهي. سمنڊ آهي. سمنڊ جو پاڻي نيرو آهي. نيري پاڻي ۾ لهرون آهن. لهرن ۾ وڏا غوراب آهن ... غورابن ۾ قنديلون آهن. قنديلن کي ٽڏو لڳي ٿو. قنديلون ٻرن ٿيون. وسامن ٿيون. ٿهن ٿيون ۽ ڍهن ٿيون. نيٺي جيٺيءَ جي پل تي فانوس ٻرن ٿا. سمنڊ ڦٿڪي ٿو. فانوس وسامن ٿا . چنڊ ٻري ٿو. چانڊوڪيءَ ۾ سمنڊ چانديءَ جي چادر جيان چمڪي ٿو. پُل تي بيٺل ماڻهوءَ کي سمنڊ سڏي ٿو..... مان اچان ٿو مان اچان ٿو. لهرون لڇن ٿيون. سمنڊ ڦٿڪي ٿو. چنڊ ٻري ٿو.

اي ماءُ ٻڌاءِ مون کي..

هي درد ڪٿان آيا؟

اي ماءُ ٻڌاءِ مونکي؟

اي ماءُ ٻڌاءِ مونکي.....

اي ماءُ.....

اي.

اکين ۾ پرجي پرجي ايندڙ ڳوڙها...

گلي ۾ ڳنڍ ٻڌجي ويندڙ آواز...

پيارا شاعر تو هي سٽون ڪنهن جي لاءِ لکيون آهن.؟

پنهنجي لاءِ؟

منهنجي لاءِ؟

ڪنهن ٻئي لاءِ؟

اهُو ٻيو ڪير آهي؟

اهُو ٻيو تون آهين؟

اُهو ٻيو مان آهيان؟

اي ماءُ ٻڌاءِ مونکي.....

امان مون کي اک ۾ سور آهي.

ڊاڪٽر صاحب منهنجي آپريشن تي سگهي ٿي؟

مان تنهنجي پرسان آهيان.... منهنجا راڻا...

امان مون کي بخار ٿي پيو آهي....

الماس تون ڪٿي آهين؟ ڏس مان تختا تختا ٿي ويو آهيان... مان رستا رستا ٿي ويو هان.

ڪاش امان اڄ تون هجين ها! ڏسين هان.... منهنجي ڪاپي اک جي خواب جي ساپيان ڏسين هان!..

مٿي ۾ ڏاڍو سور آهي... الا جڻ مٿو ڦاٽي ٿو... الا... آ....

راڻا تنهنجو مٿو منهنجي هنج ۾ آهي...

نہ امان ڇوڪري جو آپريشن نہ ٿيندو..

ڇو ابا ڇو؟ هان ڇو نه....

امان اڪ ۾ ماڻڪيءَ جي پيوند ڪاري ٿيندي.. ڪراچي ۾....

امان مونکي ماسي مريم جو پٽ گاريون ٿو ڏيئي.....

امان منهنجي ساڄي اک ۾ ڇاهي؟..

پيا ٻار ڇو ٿا نهارين منهنجي ساڄي اک ۾..

ڏوڙ آهي دينوءَ جي منهن ۾... تون منهنجو راڻو آهين راڻو..مان رستا رستا تي ويو آهيان..

مور جي کنڀن جو مينهن ٿو وسي. ريل گاڏي بيٺي آهي..

نه بيٺي نه آهي

ٻه ٻه پئسا ڇهه ڇهه پايون.

نه جانان ملين هان, نه پٽڪان ڳليون هان

نه ئي درد جون تي وڏان مان وليون هان

الماس تون مونکي پوتيءَ ۾ ويڙهي نه سگهينءَ.....

مٿي ۾ سور آهي اٿ از اوڪي... يس... نارمل.... امان ڏس تنهنجي دعا اگهامي وئي آهي... ڪاش..... امان.. مون کي روئڻ ٿو اچي... منهنجي دل ڪچي ٿئي ٿي الاءِ ڇا لاءِ... ڇو دل اداس اداس آهي... درد ڪوئي آس پاس آهي...

نه راڻا... نه روءِ.... مان توسان گڏ آهيان.... منهنجا راڻا... هي ڏس تهنجي وارن ۾ آڱريون ٿي ڦيريان... امان... الا... مٿي ۾ سور آهي.... التي ٿي اچي... اوي ڊسٽبن پليز... ٿشو.. ناشتو دير سان کيو آهي... اوڪي.... اسٽريچر تي شفٽ ڪري روم ۾ کڻي هلو.. اوڪي... اکيون کوليو.... شاباش... دئٽ از گوڊ.... مبارڪ اٿئو... خرچي... هن اکيون کولڻ چاهيون... کولي نه سگهيو.. وري به ڪوشش ڪيائين... ۽ پوءِ نيري آسمان مان هيٺ لهي ڇت تي اچي وينو ۽ پاريهل جي اکين مان واپس موٽي آيو... ۽ پاڻ کي بيڊ تي ليٽيل ڏٺائين. سائي ڊريس پاتل... ساڄي اک تي پٽي ٻڌل... ڪاپي اک ڪليل.... ٻانهن ۾ ڊرپ... دل ڪچي... نڪ ۾ ڪنهن دوا جي بوءِ... ڏنڌلا ڇهرا آهستي آهستي چٽا ٿيندا ويا.... ڇهرن تي مرڪون... ٿهڪ.... خوشي.... پيار... دوست.... سرهائيءَ جو پل.... اهوئي سندس ڪاپي اک جي خواب جي ساپيان جو پل هو.... پر هو پاڻ خوش نه هو. هو ناخوش هو اداس هو اها اڌوري خوشي هئي.... انهيءَ خوشيءَ جي پنيءَ ۾ ڪُب هو. اها ڪُبڙي خوشي هئي. ڪاپي اک جي خواب جي ساپيان ٿيڻ ۾ گهڻي دير ٿي وئي. ايستائين هو پنهنجي حصي کان بيٽي اذيت پوڳي چڪو هو.

اها ڪٿي هئي جيڪا راتيون جاڳي دعائون گهرندي هئي.. اي منهجا رب منهنجي راڻي جو عيب مٽاءِ!

سدائين پئي ڊاڪٽرن حڪيمن جا پنڌ پُڇائيندي هئي. مرشدن منگتن جا هٿ ڏوئاريندي هئي. جتان ڪو ڏس پتو ملندو هئس ان تي عمل ڪندي هئي. ڪڏهن ڏاڙهونءَ جا ساوا پن گهرائي اُڪريءَ ۾ ڪٽي لپري ناهي پئي اک تي ٻڌندي هئس. ڪڏهن سرينهن جي ساون پنن جو پاٽي ڪيدي اک ۾ پئي وجهنديس.... ڪڏهن ٽيليفون جي ٿنين تي لڳل چينيءَ جو ڪوپ ڪُٽي سنهو ڪري سُرمي وانگر

اک ۾ پارائيندي‌س....

اها تہ پنهنجي سمورين خواهشن، خوابن، ۽ دعائن سميت مٽيءَ جو حصو بڻجي چڪي هئي.

رڳو سندس اکين ۾ اها خواهش ٿي نہ رهجي وئي تہ سندس پٽ جي اک اکين جهڙي نہ ٿي سگهي پر سندس اکين ۾ وسند جوڳيءَ جو انتظار بہ رهجي ويو جنهن کيس چيو هو تہ ”امان الله تنهجي لڄ رکي. منهنجو الله ڪندو تہ تون مرشد گوگي چوهاڻ جي دعا سان پٽ ڄڻيندينءَ..... سندس ڪاپي هٿ جي پُنيءَ تي منهنجي آڱوٺي جو نشان هجي تہ ٽُڪ جي پيلي رلهي منهنجو حق اٿئي. آئون وري ٻارهين مهيني او جڏهن واهوندا ورندا تہ ايندُس.“ موسمون آيون ۽ گذري ويون هوءَ ٽُڪ جي پيلي رلهي سانڍي اوسيئڙو ڪندي رهي پر وسند جوڳي نہ موٽيو ۽ اها خبر تہ دراصل هوءَ جوڳيءَ جي ماءُ آهي کيس گهڻي دير سان تڏهن پئي جڏهن ڪٽ پيڙي تي چُڪي هئي ۽ اڪثر ڏکهي خاموشيءَ جي گهيري ۾ رهڻ لڳي هئي... ۽ هڪ شام کيس پنهنجي ڪٽ جي پيراندي‌ءَ کان وينل ڏسي اٿي ويني هئي ۽ سندس ڪاپو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي ان جي پنيءَ تي چمي ڏيندي کيس سندس هٿ مان وسند جوڳيءَ جي خوشبو آئي هئي... نہ رڳو کيس وسند جوڳيءَ جي خوشبو آئي هئي پر ان شام مٿس اهو انڪشاف بہ ٿيو هو تہ سندس ننڍڙي پُٽ جي اندر ۾ نانگ جو زهر بہ آهي.... ۽ تخليق جو ترياق بہ آهي... سندس ڪلهي تي بيک جي بگري بہ آهي تہ هٿ ۾ رولاڪيءَ جي قندري بہ آهي. ۽ سندس پيرن ۾ صحرا جو ٿڪ بہ لکيل آهي ۽ ها سندس هٿ جي لڪيرن ۾ ڪاپي اک جي خواب جو ڏک بہ تحرير ٿيل آهي... ۽ ان مهل هوءَ چاهيندي بہ پنهنجا لڙڪ روڪي نہ سگهي هئي. پر ايستائين گهڻي دير ٿي چڪي هئي. اهي سندس آخري لڙڪ هئا. اها سندس آخري نهار هئي ۽ اها سندس آخري چمي هئي. پوءِ هن اکيون ٻوٽي ڇڏيون هيون. هوءَ ڪاپي اک جي خواب ۽ ڪاپي هٿ جي ڏک کان بي خبر نہ هئي. تڏهن هو نائين درجي جو شاگرد هو.

۽ تڏهن کيس اهو تہ معلوم هو تہ ماڻهو ڄمندا آهن. ۽ مرندا بہ آهن ايئن جيئن ٻار ۽ ٻڪرين جا ڦرڙا ڄمندا آهن، پکي آني مان ڦٽندا آهن. ۽ کيس اهو بہ معلوم هو تہ ٻارن جا پيئر مري ويندا آهن ۽ مائرون بہ مري وينديون آهن.

پر کيس اهو معلوم نہ هو  تہ مائرون مري ويندي‌ون آهن تہ ڇا ٿيندو آهي. اهو کيس پهريون ڀيرو معلوم ٿيو تہ جڏهن مائرون مري ويندي‌ون آهن تہ ٻار ايترو روئندو آهي جو روئي روئي صفا ٿڪجي پوندو آهي. پر پوءِ بہ روئڻ چاهيندو آهي پر روئي نہ سگهندو آهي ۽ روئي نہ سگهڻ ڪري اجان وڌيڪ روئڻ ايندو اٿس. ۽ کيس اهو اجان گهڻو پوءِ معلوم ٿيڻو هو تہ جن ٻارن جون مائرون مري ويندي‌ون آهن. اهي ڪڏهن بہ وڏا ٿي نہ سگهندا آهن. انهن جي اندر ۾ هميشہ لاءِ هڪڙو وڏو خال رهجي ويندو آهي. هو جڏهن کان سمجهہ جهڙو ٿيو هو تڏهن کان پنهنجي آس پاس ماءُ کي ڏٺو هئائين. ۽ کيس گهڻو ڪري پاڻ ڏي موهہ مان نهاريندي مرڪندي ڏٺو هئائين. ۽ هن جي لاءِ ماءُ جو ٻيو مطلب ۽ ٻي معنيٰ هئي. ”هر وقت سجاڳ، زنده ۽ مرڪندڙ“ هن ۾ هڪ ”سجاڳ، زنده ۽ مرڪندڙماءُ“ جي عادت پئجي چڪي هئي. شايد هر ٻار هڪ ”سجاڳ زنده  مُرڪندڙ ۽ هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾ مصروف ماءُ“ جو عادي هوندو آهي. جنهن کا سواءِ نہ کيس ننڊ ايندي آهي نہ خوشي ٿيندي آهي، نہ ماني وڻندي آهي، نہ راند

روند سان دل لڳندي آهي. سندس سڀ خوشيون هڪ سجاڳ، زنده ۽ مرڪندڙماءُ سان مشروط ٿي ويندي‌يون آهن. هن هميشه ماءُ کي جاڳيل ڏٺو- صبح کان رات تائين جنهن مهل به ڪيس ڏٺو هونداٸين سجاڳ ڏٺو هونداٸين. ڪنهن مهل ٻهارو پٸي ڏيندي ڪنهن مهل ڪپڙا پٸي ڌوٸندي يا رلهي پٸي سبندي. پرت پٸي پريندي يا قرآن شريف جو دور پٸي ڪندي يا رڌڻي ۾ ڪجھ رڌيندي پٸي.

هن ورلي ڪو ماءُ کي هڪ هنڌ چپ ڪري ويٺل يا ننڊ پيل ڏٺو هوندو.

اها ته گهڻو پوءِ جي ڳالھ آهي جڏهن هوءَ بيمار رهڻ لڳي هٸي ۽ ڪڏهن ڪنهن ڊاڪٽر ته ڪڏهن ڪنهن حڪيم جون دواٸون کاٸڻ لڳي هٸي ته پوءِ اڪثر ڇپر واري گهر ۾ کٽ تي ستل نظر اچڻ لڳي هٸي ۽ انهن ڏهاڙن ۾ اڪثر چُپ چُپ به رهڻ لڳي هٸي ۽ اکين ۾ اداسيءَ جا پاڇولا رهڻ لڳا هٸس نه ته هونءَ هر وقت سجاڳ ۽ گهر جي هر ڪنڊ پاسي ۾ موجود يا دالان ۾ آڳر ۾ هلندي ڦرندي نظر ايندي هٸي.

البت ڪڏهن ڪڏهن جون جولاءِ جي منجهند ۾ ڪيس آڱڻ واري گهاتي نم جي هيٺان پوتيءَ جو پلئه منهن تي ڏٸي ستل نظر ايندي هٸي. ۽ ٻارن کي ته گهڻو ڪري منجهند جو ننڊ ڪونه ايندي آهي. الاءِ ڇو؟ هن کي به منجهند جو ننڊ ڪونه ايندي هٸي. ۽ هو ماءُ کي ننڊ ۾ ستل ڏسڻ نه گهرندو هو. (هو هڪ سجاڳ ماءُ جو عادي هو!) سندس پير ۾ ليٽي پوتي مٿان ورائي سندس چولي مان هٿ اماڻي سندس پيٽ تي ڪتڪايون ڪندو.. اُرهن ۾ وات وجهندس.... پيٽ جي لسي چمڙيءَ تي پنهنجو منهن ۽ ڳل رکندس... هوءَ ڪيس پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي ته هو وڌيڪ زور سان ڀاڪر ۾ قابو ڪندس.... ڳچيءَ تي چميون ڏيندس... پيٽ تي نڪ گساٸيندُس. ننڍڙي ٻلونگڙي وانگر گوڏا ڏيٸي مٿان چڙهي ويندس.” اٿين چونه ٿي پوءِ.. هان اٿي“ ارهن ۾ منهن هڻندي ۽ چمڙي جي سرهاڻ سنگهندي چوندس... ”اڙي ابا.. ڇڏ مون کي... پاڻ ته نه ٿو سمهين.. مون کي به ننڊ ڪرڻ نه ٿو ڏين... ڇڏ مونکي“ هوءَ ڪيس پاڻ کان پري ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪيس ڇاتيءَ تي زور ڏيٸي پنهنجو چولو هيٺ ڪندي چوندي ” نه امان اٿي... بس اٿي...“ هو سندس ڳچيءَ ۾ چنبڙي پوندو.

”پر تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي مون ۾.. پلا اٿي ڇا ڪيان“ هو پيار پري ڪاوڙمان چوندي”بس امان اٿي... ڪم ته ناهي.. پر تون اٿي ويھ سمھ نه. تون سمهين ٿي رهين ته مون کي الاءِ ڇا ٿو ٿٸي“ نيٺ هوءَ مٿان پيل پوتي لاهي چولو سولو ڪري اٿي ويهندي..

۽ هوءَ اٿندي ته هو کٽ تان لهي وري راند روند ۾ مشغول ٿي ويندو..... ۽ هوءَ ڏانهس ڏسي مُرڪون مُرڪون ٿي ويندي.

پر ان شام هوءَ ننڊ مان نه اٿي، توڙي جو هن سيني تي مٿو رکي ڪيس ڪافي سڏ ڪيا..... سندس زندگيءَ ۾ ايئن پهرين ڀيرو ٿيو هو جو هن سندس سڏ نه ورنايو. سندس چوڻ تي سجاڳ نه ٿي. منهن تي پوتي وجهيو نم جي پرسان ساڳيءَ کٽ تي گهري ننڊ ستي پٸي هٸي. سيني چيو پٸي ” کٽ تي لاش پيو آهي“ ڪنهن به ايئن نه پٸي چيو ته ” کٽ تي راڻي جي ماءُ ستي پٸي آهي“ هن ان کان اڳ ڪڏهن به ڪنهنجو لاش نه ڏٺو هو. اوڙي پاڙي ۾ ڪوٸي موت فوت ٿيندو هو ته رڳو وڏيءَ عمر واريون عورتون ۽ مرد ويندا هٸا... ”ٻارن کي لاش ڏسڻ نه گهرجي“ اهو جملو هن ڪافي دفعا ٻڌو هو. ۽ اهو سوال سندس ذهن ۾

تيليءَ وانگر ٻري پوندو هو تہ آخر ٻارن کي لاش چونہ ڏسڻ گھرجي؟؟ هو اڪثر سوچيندو ”ٻا ٻار لاش جي ڪائي شئي ڪٿِي ويندا آهن؟“

”نہ تہ ٻلا ٻارن مان آخر لاش کي ڪهڙو خطرو آهي؟“ ۽ هو اڪثر چاهيندو هو تہ ڏسان تہ لاش ڪيئن هوندو آهي. سالن کا پوءِ سندس پُراڻي خواهش پوري ٿي هئي. هاڻي سندس گهر ۾ ئي لاش موجود هو.. ۽ ڪيس سندس گهر ۾ پيل لاش ڏسڻ کان ڪير بہ روڪي نہ پئي سگهيو؟؟ آخرڪار اهو سندس پنهنجي ماءُ جو لاش هو. هو گهر جي ڪنڊ ۾ اوڪڙون ويٺو سوچي رهيو هو ”معنيٰ هاڻي مان ڪڏهن بہ ’امان‘ چئي نہ سگهندس“ ۽ هو مسلسل دل ئي دل ۾ اچارڻ لڳو. ”امان.... امان.... امان..“ ڄڻ هو پنهنجي هٿن مان نڪري ويل هڪ قيمتي لفظ کي اچاري پنهنجي سيني ۾ قابو ڪرڻ ۽ يادگيريءَ ۾ سانڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ ان پل ئي پهريون دفعو ڪيس سمجھہ ۾ آيو تہ اهو لفظ دنيا جو وڏي ۾ وڏو قيمتي، خوبصورت ، مِٺو ۽ سوادي لفظ آهي ۽ اهو محض لفظ نہ آهي پر احساس آهي. ڄڻ هڪ وٽندڙ خوشبو آهي .... هن گهر جي ڪُنڊ مان نڪرڻ نہ پئي چاهيو. گهر جي ڪُنڊ سان سندس پراڻو ۽ گهرو تعلق هو (ڪيس اڄ بہ ايئن لڳندو آهي تہ گهر جي ڪُنڊ در اصل گهر جي دل هوندي آهي. ماڻهوءَ کي دل جي ڪُنڊ ۾ ڪو ڏک جو ڪنڊو چڀندو آهي تہ هو گهر جي ڪنڊ جو رخ ڪندو آهي. ڇو تہ اکين جي ڪُنڊن مان ڳڙندڙ ڳوڙهن کي فقط گهر جي ڪنڊ ئي سمجهي سگهندي آهي. ٻيو ڪير بہ نہ)

هو شروع کان وٽي جڏهن بہ ڪنهن ڳالهہ تان ڏڪارو ٿيندو هو تہ ڊوڙي اچي گهر جي ڪنڊ ۾ پٺ ڏي منهن ڪري ويهندو هو. ۽ ايسيتائين ٻاهر نہ نڪرندو هو جيستائين روئي دِلُ نہ ڪندو هو. يا جيستائين ڏک گهٽ نہ ٿيندو هئس .. يا جيستائين ماڻس اچي پٺيان پاڪر پائي پڇندي نہ هئس ” ڇو راڻا ڇا ٿيو آهي ؟ ڪنهن ڪجھہ چيو اٿئي ڇا. هان ٻڌاءِ“ تڏهن هو سڏڪا ڀري روئي پوندو ۽ هوءَ ٻنهين اکين تي هڪ هڪ چُمي ڏئي گهر جي ڪنڊ مان ٻاهر وٺي ايندس. هڪ چُمي ساڄي اک تي . هڪ چُمي کاٻي اک تي.

۽ ان ڏينهن بہ هو گهر جي ساڄيءَ ڪنڊ ۾ ويٺو هو. پر منهن پٺ ڏي نہ هئس. ڇو جو خبر هئس تہ اڄ هوءَ ڪيس پرچائڻ نہ ايندي. ۽ پاڪر پائي اهو نہ پڇنديس تہ ’ راڻا ڇا ٿيو آهي ... ڪنهن ڪجھہ چيو اٿئي ڇا‘ ۽ نہ ئي هڪ چمي سندس ساڄي اک تي ۽ ٻي چمي کاٻي اک تي ڏينديس . ”مان هڪ گدلو ٻار آهيان“ هن مٿي هاڻا هٿ ڪپڙن سان اگهندي چيو ”گدلن ٻارن جي ماءُ مري ويندي آهي“ مُلياڻيءَ چئوطرف ڪٿون اُپيون ڪرائي انهن جي مٿان رلهيون وجهرائي لاش کي تڙ پئي ڏياريو. رکي رکي ٻاڻيءَ جي ڇُلڪي ۽ ملياڻي جي ڪلمن پڙهڻ جو آواز گڏوگڏ ايرڻ ۽ ٻڌڻ ٿي لڳو. ڪنهن ڪنهن مهل ڪنهن عورت جي روئڻ جو ۽ ٻارن جي رڙين جو آواز بہ ايرڻ ٿي لڳو.. ۽ پاڻيءَ جي ڇُلڪي ، ملياڻيءَ جي ڪلمن ، عورتن جي روئڻ ۽ ٻارن جي گوڙ جو آواز پاڻ ۾ ملي ڪنهن اداس ۽ ڏڪاري ڏن جو احساس پئي پيدا ڪيو. آسمان خالي هو ۽ هميشہ وانگر هوا جي جهوٽن تي نم جون ٽاريون لڏي رهيون هيون. ۽ پکي هميشہ وانگر پنهنجي ڏن ۾ اڏامي رهيا هئا ۽ ٻوليون ٻولي رهيا هئا ... ۽ انهن سڀني آوازن جي وچ مان رستو ٺاهي جيڪو آواز سندس ڪنن تائين پهتو اُهو سندس پيءُ جو آواز هو.. ان مهل تائين ڪيس اندازو نہ هو تہ اُهو آواز ڪيس هميشہ ياد رهجي ويٺو هو. هُن اپين ڪٽن جي پرسان ويهي وڏي آواز ۾

مُلياٽيءَ کي پاٽيءَ جا ڪوئنرا پري ڏيندڙ ويجهي مائٽياڻيءَ کي چيو پئي ” ادي هدايت پاڃاهئين جي ڪنن جون واليون ۽ منديون هٽيڪيون ڪجان... متان هيڏي هوڏي نه ٿي وڃن“ موٽ ۾ هُن چيس ” ها . ادا .. ها... هٽيڪيون .... آهن... تون ڳڻتي نه ڪر.... لکن جهڙي پاڃائي هلي وئي.. باقي سون کي باه ڏينداسين ڇا ... پيرن فقيرن کان پني رب کان پٽ ورتائين انهن جون اميدون به نه ڏنائين.. سوير ئي وڃي سکي ٿي“ گهڙي کان پوءِ کير جهڙي اڇي ڪفن ۾ ويڙهيل سندس ماءُ جو لاش گهر جي آڳنڌ ۾ کٽ تي رکيل هو. ” ٻارن کي سڏيو ته اچي ماءُ جو منهن ڏسن. الا ڪئين نه جرڪيس ٿو پيو منهن ڇڻ ننڊ ستي پئي آهي“ ڪنهن عورت جو مصنوعي حد تائين ڏڪارو ۽ تيز آواز اڀريو جنهن ۾ تڪڙ ۽ ٿڪاوٽ جو احساس نمايان هو. هو گهر جي ڪنڊ مان آهستي آهستي اُٿيو ۽ وڏي اچي ماءُ جي لاش جي ساڄي پاسي کان بيٺو. ماءُ جي ساڄي پاسي کان اچي بيهڻ سندس شعوري چونڊ ته نه هئي پر ڪنهن حد تائين چونڊ ضرور هئي. لاشعوري ئي سهي. شايد هو پنهنجي اندر ۾ گهٽي گهرائيءَ تائين ڪاڀي اک جي خواب کان ڊنل هو. آسمان ڪڪرن سان ڀريل هو ڇڻ اهو به روئڻ لاءِ بيتاب هجي. ۽ هوءَ اهڙي گهري ، مٺي ۽ پُرسڪون ننڊ ۾ ستل هئي جو اهڙي ننڊ ۾ هُن کيس اڳ ڪڏهن به نه ڏٺو هو. اهڙي پڪي ۽ گهري ننڊ جنهن مان کيس ڪو به گوڙ شور جاڳائي نه ٿي سگهيو. ۽ ماءُ جي ٻوٽيل اکين ڏي ڏسندي پاڻ کان پڇڻ لڳو ته ماڻهو مري ويندو آهي ته سندس خواب ڪيڏانهن ويندا آهن؟ ڇا خواب به اکين سان گڏ مري ويندا آهن؟ يا اهي خواب خانه بدوش وانگر ڀٽڪندا رهندا آهن؟؟ کيس پنهنجي سوال جو جواب نه مليو.

” ته معنيٰ اڄ کان پوءِ مان امان کي ڪڏهن به ڏسي نه سگهندس. ۽ نه ئي وري ڪڏهن ’ امان ‘ چئي سگهندس“ هن جي دل جي ڪنڊ ۾ ڏک جا دائرا ٺهڻ ۽ ڊهڻ لڳا, ۽ ڊهي وري ٺهڻ لڳا. هاڻي مان ڪڏهن به امان جو آواز ٻڌي نه سگهندس. ڪڏهن به امان جا خوبصورت موتيءَ جهڙاسفيد ڏند, ڏڳها گهاٽا وار, مهربان چهرو, نرم ڳل, ڳلن جو چڳهه, ڪاڏيءَ جو تر, ٻاجهاري مرڪ, مرڪڻ مهل منهن ۾ پوندڙ مختصر گهنج ۽ سدائين جاڳندڙ اکيون ڏسي نه سگهندس... ۽ اها نرم ۽ گرم ڳچي به جنهن ۾ ٻانهون وجهي لڙڪي پوندو هئس ۽ ايستائين ٻانهون نه ڪيندو هئس جيستائين امان مون کي چُمي ڏئي منهنجو مطالبو پورو نه ڪندي هئي... ”چڱو هاڻي هيٺ لهه... گهڻو هيج نه ڪر .. ڏيانءِ ٿي خرچي ... ۽ سندس ڳچيءَ جي خوشبو..۽ سندس ڇاتيءَ تي ڪن رکي سندس دل جو ڌڙڪو ٻڌڻ... ۽ کيس چوڻ.. امان تون ڪجهه ڳالهاءِ.. ڇو ته.. ڇا ڳالهايان ته؟ ... ۽ انهيءَ آواز جو سندس سيني مان ڪنهن پڙاڏي وانگر اڀرڻ ... ۽ اڀري وري ٻڌي وڃڻ. سندس نرم ۽ لسو پيٽ... ۽ سندس پيٽ تي لسٽن جا نشان ... جيڪي عورتن کي پيٽ سان ٿيڻ مهل پيدا ٿيندا آهن ۽ ٻار جمڻ کان پوءِ به اتي ئي رهجي ويندا آهن. جيئن ڪجهه وقت لاءِ سمنڊ جي ڪنارن تي واريءَ ۾ ڇولين جا نشان رهجي ويندا آهن... ۽ ڇولي مان هٿ اماڻي سندس نرم اُرهن کي قابو ڪرڻ ۽ منڊي ڇولي مان اندر ڪري انهن کي ڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ... جنهن تي امان جو کلندي مون کي پري ڪندي دهمان جي انداز ۾ چوڻ ... ”ڇورا ڇريو ٿيو آهين ڇا... هيڏو سارو ٿيو آهين.... عقل ڪر. ماڻهو ٿو کلائين پاڻ تان.. ننيڙي هوندي نصيب ڪونه ٿيئي هاڻي ٿو سڪ لاهين.“ سڀ ڪجهه گهڙيءَ ڪانپوءِ مٽيءَ جي حوالي ٿي ويندو ۽ مان اسڪول مان موٽندس ته

ڪيس زور زور سان سڏ نہ ڪري سگهندس .. ”امان .. امان .. ڪٿي آهين ... ماني ڏي جلدي ڪر ... امان ڏاڍي بک لڳي آهي ...“ ۽ هُن جو پاپوه مان چوڻ ....’ گهوري بک ... ابا ڪوڙماني ... تون ويهہ تہ سهي‘ سڀ ڪجهہ ... سڀ ڪجهہ مٽيءَ جي حوالي ٿي ويندو. اڪيون ڀرجي آيس. هن ماءُ جو آواز ، لهجو ۽ لفظ پنهجي يادگيريءَ ۾ محفوظ ڪرڻ چاهيا... ۽ ڪيس حيرت لڳي تہ سواءِ سندس لهجي جي ڪيس ڀيو ڪجهہ بہ ياد نہ هو. نہ لفظ. نہ جملو ... نہ ڳالهيون... ڪيس لڳو تہ سندس ماءُ زندگيءَ ۾ ڏاڍو گهٽ ڳالهايو. سندس ڏک ڏهوٽو ٿي ويو. اهو ويسر جو ڏک هو. ۽ ويسر جي ان ڏک واري لمحي ۾ هن پاڻ سان واعدو ڪيو تہ ’مان وڏو ٿيندس تہ امان جي قبر تي هڪ خوبصورت ڪتبو لڳرائيندس .. ۽ ان تي لکرائيندس ” هيءَ ان عورت جي قبر آهي جنهن زندگيءَ ۾ تمام ٿورڙو ڳالهايو “ پر ڪيس معلوم نہ هو تہ سندس اهو واعدو بہ هڪ ڏينهن ويساري جي ور چڙهي ويٺو هو. ماءُ جي منهن ڏي ڏسڻ لڳو. ڳوڙهن سان ڀريل اکين ۾ ماءُ جو چهرو محفوظ ڪرڻ تي گهريائين. وٽس ماءُ جو ڪو فوتو بہ تہ ڪو نہ هو. ”جلدي ڪيو. ڪٽ ڪٽو .. سج ٿو لهي“ ڪنهن مرد جو آواز اڀريو .. تہ هن جا لڙڪ وهي آيا. ان مهل ملياٽي ڦڙتيءَ سان لاش جي پير ۾ اچي سوڳوار انداز ۾ پر اعلانيہ طريقي سان چيو ”بارو ماءُ کان ٿڄ تہ بخشرايو ... موڪلاٽيءَ جي مهل آهي“ پر ڪيئن؟ چئو تہ ” امان اسان کي پنهنجي ٿڄ بخش ڪجان.“ ملياٽيءَ چيو. سندس هڪ ڀيڻ ۽ ڀنهين ڀائرن ملياٽيءَ جا لفظ ورجايا ”امان اسان کي ٿڄ بخش ڪجان“ پر هُو خاموش بيٺو رهيو. جهڙو پٿر ... بي جان ... ساڪت هو. ماءُ کان ٿڄ بخشرائي نہ سگهيو. پر آخر ٿڄ بخشرائي بہ ڪيئن ها؟ ماٽس اڪثر ٻڌائيندي هئس ”راٽا جڏهن تون ڄائو هئين تڏهن مان بيمار هئس منهنجي ٿڄ سڪي وئي هئي. تون ٻاهريون کير پي وڏو ٿيو هئين.“ هن ماءُ جي ٿڄ پيتي ئي نہ هئي تہ بخشرائي ڪيئن ها؟ ۽ ملياٽيءَ سميت ڪنهن بہ سوڳوار مرد توڙي عورت کي اهو معلوم ئي نہ هو تہ ماءُ جي ارهن مان چڳڙون ڏيئي ٿڄ نہ پي سگهڻ جي محرومي اڳتي هلي ڪيس ڪهڙي ۽ ڪيڏي اڄ ۽ رڄ ۾ رلائڻ واري هئي. هو چپ بيٺو رهيو. ٿڄ بخشرائڻ لاءِ نہ وٽس ارادو هو نہ لفظ هئا. شايد ارادو ئي لفظ ڳوليندو آهي.... ۽ سندس ڏيان جنهن شخص جي سڏڪي پاڻ ڏي ڇڪايو اُهو شخص سندس لاءِ اجنبي تہ نہ هو پر ڪيس ان کي سڃاڻڻ ۾ ڪافي ڏکيائي محسوس ٿي. ڇو تہ هن ڪيس گهٽي وقت کان پوءِ ڏٺو هو. اصل ۾ اُهو ٻتون ڪٽ اڃن وارن ۽ اڇي ڏاڙهيءَ وارو پوڙهو ماڻهو سندس نانو هو. جيڪو هميشہ سفر ۾ رهندڙ هڪ سيلاني هو. جنهن کي پنهنجي سموري اولاد مان وڌ ۾ وڌ پيار پنهنجي ان ڌيءُ سان هو جنهن جي لاش تي بيٺو هو. سندس اولاد مان سندس اها ڌيءُ وڏيڪ سياڻي ، سگهڙ ۽ پڙهيل لکيل هئي. هوءَ ئي ساٽس سڄي اولاد منجهان وڌيڪ پيار ڪندي هئي ، سندس خيال رکندي هئي ، سندس ڳالهيون سمجهندي هئي ۽ سندس اونو رکندي هئي. هُو جڏهن بہ ڪيترن ئي مهينن بلڪ سالن جي سفر کان پوءِ ڪٿان واپس موٽندو هو تہ سڀ کان اول پنهنجي انهيءَ ڌيءَ وٽ ايندو هو ۽ ڪيس پنهنجي سفر جا قصا ٻڌائيندو هو. هو ڪيس پنهنجي پير ۾ ڏسي اهو سوچي حيران ٿيو تہ ” ناني کي امان جي موت جي خبر ڪيئن پئي؟؟“ ۽ هن اهو سوال ٻئي ڏينهن ئي نانهس کان ڪيو هو تہ هن وراٽيو هو ” ڪالهہ ٻپهريءَ مهل جنهن وقت تنهنجي ماءُ کي دل جو دورو پيو هو ان مهل مون جابلو پٽ ۾ مينهن کان پوءِ ظاهر ٿيل قيمتي پٿر ۽ جَڙيون ٻوٽيون پئي ڳوليون جو اوچتو مونکي هوا منجهان حادثي جي بوءِ آئي

هئي... ۽ مان مُنيون پيڙي وٺي هيڏي پڳو هئس. تڏهن اچي ڪالهہ تنهنجي ماءُ جو منهن ڏٺم“ تہ هن وري پڇيو هئس ”پر نانا توکي حادثي جي بوءِ ڪيئن آئي؟“ تڏهن هن سندس منهن ۾ نهاريندي چيو هو ” جيڪي ماڻهو هڪ ٻئي سان پيار ڪندا آهن انهن کي هڪ ٻئي جي ڏک جا پَسڻ پوندا آهن راڻا!.. هيءَ تہ موڪلاڻيءَ جي مهل هئي“.. نانهس وڏيڪ ڳالهائي نہ سگهيو هو ۽ ننڍڙن ٻارن وانگر اکين تي ٻانهن ڏئي روئڻ لڳو هو. جڻ هوءَ سندس ڌيءُ نہ پر ماءُ هجي.

جواڻ جماڻ ماءُ لاءِ روئندڙ پوڙهو پُٽ!

هن جو گهڻو وقت سندس انهي سيلاني ناني جي صحبت ۾ گذريو هو. اهو سندس نانو ئي جنهن کيس زندگيءَ جي شروعات ۾ ئي زندگيءَ جا راز سمجهايا هئا ۽ کيس ٻڌايو هئائين تہ

ڪوبہ ماڻهو

ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان،

ڪڏهن بہ ڪٿي بہ،

ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿو.

پر کيس گهڻو ڪري نانهس جون ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ اينديون هيون. هو جيستائين سندس ڳالهين تي غور ڪرڻ ۽ سمجهڻ جهڙو ٿيو ايستائين سندس نانو هن دنيا ۾ نہ رهيو هو. هن جي باري ۾ شروع کان وٺي ماڻهو عجيب ڳالهيون ڪندا هئا ۽ هو حيرت وچان اهي ڳالهيون ٻڌندو هو ۽ انهن کي ياد رکڻ جي ڪوشش ڪانسواءِ ياد رکندو آيو هو.

هن جي پنيءَ سان سدائين ڪپڙِي جي هڙ رهندي هئي. ان هڙ ۾ هر اها شئي هوندي هئي جيڪا ماڻهوءَ کي مسافري ۾ ڪم ايندي آهي. رستي ۾ هلندي پٽ تي ڪو ڪاغذ يا سگريٽ جو پاڻو پيل ڏسندو هو تہ هيٺ جهڪي کڻي وٺندو هو.. ڪاغذ ان لاءِ تہ متان ان تي ڪوئي مقدس نالو لکيل هجي . ۽ پاڻو ان لاءِ جو انهيءَ مان هو پنهنجي روزمره جي ڊائري لکڻ واري صفحي جو ڪم وٺندو هو. سگريٽ جا پاڻا ڦاڙي انهن کي سوراخ ڪري ٽلهي ڌاڳي سان پوئي دستو ٺاهيندو. ۽ سندس هڙ ۾ هر وقت اهڙا ٽي چار دستا موجود هوندا... جن تي هو روز رات جو سڄي ڏينهن جي ڪارگذاري درج ڪندو ويندو هو.. صبح کان سمهڻيءَ تائين ڇا ڪاڏائين ، ڇا پيتائين ڇا ڏٺائين .. ڇا ٻڌائين.. ڪنهن سان مليو ڪنهن وٽ ويو... ڪير وٽس آيو. ڪير مئو. ڪير ڄائو. نالو ڇا رکيائونس .. ڪنهن جو مڱڻو ٿيو.. ڪنهن جي شادي ٿي.. سڀ ڪجهہ انهيءَ ڊائريءَ جو حصو ٿيندو ويندو... بہ چار دستا پرجي ويندا تہ اُهي پنهنجي گهر جي پرسان ڏار ٺهيل هڪ ڪکائين جهوپڙيءَ ۾ گڏ ڪندو ويندو.. ان جهوپڙيءَ ۾ رڳو ڊائريون ئي نہ هونديون پر مقدس ڪاغذن جا ڍڳ، لوهہ جون پراڻيون پيتيون ، پراڻا ڪتاب، ڏاڙهونءَ جون سڪل کلهون ، گدري ، ڇانهينءَ، ول توريءَ ،ٿوهہ ، گدامڙيءَ، پپيتي ۽ ٻين پانت پانت جي ميون ۽ پاڇين جون کلهون ۽ ٻج بہ رکيل هوندا. سڄي جهوپڙي دروازي تائين الاءِ ڇا جو ڇا سان پريل هوندي ۽ جهوپڙِي ۾ رات تہ ٺهيو پر ڏينهن جو بہ اونداهي ڦهليل هوندي هئي ۽ منجهس اهڙي گهري اونداهي ۽ پُر اسرار قسم جي خاموشي ۽ عجيب قسم جي بوءِ ڇانيل هوندي هئي جو نانهس ڪانسواءِ ٻيو ڪير بہ ان ۾ گهڙڻ جي همت ساري نہ سگهندو هو ۽ اها تہ گهڻو پوءِ جي ڳالهہ آهي جو هڪ اونداهي رات ۾ اوچتو ان

جهوپڙيءَ ۾ باهه پڙڪي پئي ۽ جهوپڙي سڄي سامان سميت سڙي رک ٿي وئي .. ۽ نانهس مرڻ گهڙي تائين جهوپڙي ڪي لڳل باهه جي ڏک ۾ مبتلا رهيو..۽ نانهس واري ڏک کان مختلف پر ايترو ئي ڏک هن کي به ٿيو جو هن جي، ڪنهن ڏينهن جهوپڙيءَ ۾ داخل ٿي اندر پيل سامان ڏسڻ جي خواهش پوري ٿي نه سگهي. هن لاءِ اها سڙي ويل جهوپڙي دنيا جي وڏ ۾ وڏ پُراسرار جهوپڙي هئي. ڪنهن کي به ۽ ڪڏهن به اها خبر نه پئي ته جهوپڙي کي باهه ڪيئن لڳي..؟ ماڻهن جو چوڻ هو ته حاجي احمد علي اونداهيئن راتين ۾ ان جهوپڙيءَ ۾ ڏيئي جي جهيڻي روشنيءَ ۾ هڪ ڄنگهه تي بيهي چِلا ڪيندو ۽ وظيفا پڙهندو هو..ٿي سگهي ته ان ڏيئي مان باهه لڳي هجي..ڪجهه ماڻهو وري ايئن چوندا هئا ته هو ان جهوپڙيءَ ۾ لوڪ کان لڪي سون ٺاهيندو هو..ٿي سگهي ٿو ته ٽامي جي ديڳڙيءَ جي هيٺان ٻرندڙ باهه مان ڪا چڻنگ اڏامي هجي ۽ جهوپڙيءَ کي باهه لڳي وئي هجي ... ته ڪجهه ماڻهن جو وري اهو خيال هو ته ٿي سگهي ٿو ته ورهين جا ورهيه سون ٺاهڻ جي ڪوشش ۾ ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ ڪنهن رات ڪاوڙ ۾ هن پاڻ ئي جهوپڙيءَ کي باهه ڏني هجي! پر ان معاملي ۾ ڪنهن کي به ڪا به پڪي خبر نه هئي.

پر ان ڏينهن پنهنجي ڏيءُ جي لاش جي مٿان بيٺي هو ڪيس بنهه لاچار، ڪمزور ۽ خالي خالي پوڙهو ماڻهو پئي محسوس ٿيو.

”هاڻي ڪٿ ڪٿو مينهن پريو بينو آهي. سچ ته هتي ئي لهي ويو.. اونداهيءَ ۽ مينهوڳيءَ ۾دفنائڻ ڏکيو ٿي پوندو.“ ڪنهن مرد جو کهرو آواز اڀريو ته ملياٽي لاش جي منهن تي ڪفن ورائڻ لاءِ اڳتي وڌي آئي... پر هن ماءُ جو منهن ڪفن ۾ ڍڪجي هميشه لاءِ سندس نگاهن کان اوجهل ٿيڻ کان هڪ لمحو اڳ هيٺ جهڪي سندس هڪ ڳل تي هڪ چمي ڏيئي ورتي. ٻئي ڳل تي بي چُمي ڏيڻ کان اڳ الاءِ ڪنهن ڪيس ڇڪي پري ڪري ورتو. ”لاش کي چُميون نه ڏبيون آهن.“ الاءِ ڪنهن همدرديءَ وچان چيو ۽ سندس ماءُ جو منهن ڪفن ۾ ڍڪجي ويو. روشني اونداهيءَ ۾ ڍڪجي وئي ۽ ٻئي لمحي هو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته ’مون امان جي ساڄي ڳل تي چُمي ڏني الاءِ کاٻي ڳل تي؟‘ پر ڪيس ياد نه آيو ۽ اها ويسر ڪيس هميشه لاءِ ويساري جي ڏک ۾ مبتلا رکڻ لاءِ ڪافي هئي ۽ اهو ته ڪيس معلوم ئي نه هو ته ويسر جو اهو ڏک گهٽن سالن کان پوءِ تڏهن وڌي وڻ ٿي ويندو جڏهن وقت جي ڏنڌ ۾ ڪانئس ماءُ جو چهرو به وسري ويندو.... ۽ جڏهن هو پنهنجي پٽ جي ڪمپيوٽر ۾ پنهنجي زال جون تصويرون ڏسندو ته ڪيس خوشيءَ سان گڏ گهڻو ڏک به ٿيندو ۽ هو پنهنجو ڏک لڪائي مرڪي پوندو پر سندس اکيون مرڪي نه سگهنديون. ڇوته انهن ۾ لڙڪ پريل هوندا ۽ مرڪ لاءِ جاءِ نه هوندي. اها سندس ماءُ جي ڳل تي ڏنل سندس زندگيءَ جي آخري چمي هئي. هڪ برف جهڙي ڳل تي گرم چپن جي چُمي.... هڪ سخت ڳل تي (جيڪو اڳ ڪڏهن به سخت نه هو) نرم چَپن جي چُمي. ۽ ڪيس اهو جاڻي ڪري حيرت لڳي ته مئل ماڻهوءَ جا ڳل ڪاٺ وانگر سخت ٿي ويندا آهن..... پوءِ پلي اهي ماءُ جا ڳل ئي چو نه هجن! البته ڪيس ان سوال تي گهڻي حيرت نه ٿي ته هو ماءُ جي مرڻ کان اڳ بلڪ گهڻو اڳ ئي اڪثر اهو تصور ڪري چو روئي پوندو هو ته جڻ سندس ماءُ مري وئي آهي. يا ڪجهه ڏينهن ۾ مرڻ واري آهي... هو پاڻ کي ماءُ جي مرڻ کان اڳ ئي چورو چنو چو سمجهڻ لڳو هو؟ سندس ماءُ جو لاش قبرستان ڏي ڪٽي هلندڙ ڪانڌين ۾ هو سيني کان پُنيان هلندڙ ننيڙو ۽ نئون ڪانڌي هو... ان کان اڳ هو ڪڏهن به

ڪنهن جو بہ ڪانڌي نہ ٿيو هو. هن لاءِ اهو اهم تجربو هو. ۽ فخر جو احساس پڻ. پر پنين قطار ۾ هلندي ڪيس پنهنجي غير اهم هجڻ جو احساس ورائي ويو. پنهنجي ماءُ جي لاش سان گڏ هوندي بہ بنهہ پٺينءَ قطار ۾ هلندڙ هڪ معمولي ڇوڪرو. ڪانڌين ڪي گهٽي تڪڙ هئي ان ڪري انهن مان ڪنهن جو بہ ڌيان هُن ڏي نہ ويو. سج لهي چڪو هو ۽ ٿڌي هوا سان هلڪي ڪڻ ڪڻ شروع ٿي چڪي هئي. چند ڪانڌين جي هٿن ۾ لالٽينون پئي ٻريون. ۽ لالٽين جي لڏندڙ لمندڙ جهيڻي روشني اونداهيءَ کي وڌيڪ گهرو ۽ وڌيڪ ڀوائتو پئي بڻايو.

هُن پراڻي عادت مطابق ڪاپي اک تي هٿ ڏئي ساڄي اک سان سامهون هلندڙ شخص جي هٿ ۾ لُڏندڙ لمندڙ لالٽين ڏي نهاريو تہ ان شخص سميت سمورا ٻيا ڪانڌي ۽ سندس ماءُ جي ڪٽ اونداهيءَ جي غلاف ۾ لڪي ويا. رڳو لالٽين جي زخمي روشني پوئتي رهجي وئي. جهڙي گول دائري ۾ ڦيريون پائيندڙ ڏياتي. جهڙي تيز هوا ۾ ڪنهن داسيءَ جي هٿن منجهہ ڏڪندڙ آرتيءَ جي ٿالهي. ۽ هن نيم اداس نيم ٿڪل ذهن سان پڇڪيو " امان مون ڪڏهن تصور بہ نہ ڪيو هو تہ آئون تنهنجي لاش سان گڏ هلندي ڪنهن وقت ڪاپي اک تي هٿ ڏئي ساڄي اک سان هڪ ڪانڌيءَ جي هٿ ۾ جهليل لالٽين ڏي ڏسڻ واري حادثي مان گذرندس." ڪيس پنهنجي پڇڪيل لفظن ڏڪارو ڪري ڇڏيو. پر ٻئي پل ئي ڪيس محسوس ٿيو تہ سندس ڇاتيءَ ۾ ڪو ماڻهو مرڪي رهيو آهي ۽ پوءِ ڪيس معلوم ٿيو تہ اها مرڪ سندس ماءُ جي آهي. ماءُ جي ان مرڪ سندس سيني جي ڪيمسٽري تبديل ڪري ڇڏي. هن پاڻ کي اڳ کان بہ گهڻو مظبوط ۽ خوش محسوس ڪيو پر ڪيس پنهنجي اندر ۾ پيدا ٿيل اها بي مهل خوشي ۽ مضبوطي ڪجهہ عجيب محسوس ٿي. هن سوچيو تہ شايد اهو شيطاني عمل آهي. ماءُ جي لاش سان گڏ هلندڙ ڇوڪري جي سيني ۾ پيدا ٿيل خوشي ۽ مضبوطي!! هڪ شيطاني خواب جو تعبير. پر ايئن نہ هو . ماڻهو پاڻ مري ويندا آهن. ۽ پوئتي رهيل سوڳوارن کي وڌيڪ زنده ۽ مضبوط ڪري ويندا آهن شايد هُو مرندا ئي ان ڪري آهن تہ جيئن سوڳوارن کي زندگيءَ جو وڌيڪ احساس ٿئي ۽ هو مرڻ کان پوءِ پنهنجي سوڳوارن ۾ زنده رهندا آهن. سوڳوار هڪ ئي وقت هڪ کان وڌيڪ زندگيون جيئندا آهن.. پيءُ جي زندگي .. ماءُ جي زندگي.. دوست جي زندگي ... اولاد جي زندگي ... هڪ ئي وقت هڪ ئي ماڻهوءَ ۾ ڪئي زندگيون ساه کڻنديون آهن. هو جنهن مهل قبرستان پهتا ان مهل قبرستان جا سڀ وڻ خاموش هئا. قبر اڳوات تيار ٿي چڪي هئي. قبر جو وات ڪليل هو. جهڙي ڪنهن ازدها جي ڪليل اک. جيڪا لاش جو بليدان ملڻ کان پوءِ ٻوتجي وڃڻي هئي. لالٽين وارا بہ ماڻهو قبر ۾ لٿا. هو مٿان بيهي ڏسڻ لڳو. بوندا باندي جاري هئي. هن مينهن جون ڦڙيون ڏسڻ چاهيون. هونءَ تہ هو گهڻا ڀيرا مينهن ڏسي چڪو هو. آڳنڌ ۾ وسندڙ مينهن ڇپرن تي، وڻن تي، وليئن تي، ريل گاڏي ۽ پليٽ فارم تي بہ پر ڪڏهن بہ قبرستان ۾ وسندڙ مينهن نہ ڏٺو هئائين. هن ڏسڻ ٿي چاهيو تہ قبرستان ۾ وسڻ مهل مينهن ڪيئن لڳندو آهي؟ هن ڏٺو مينهن جون ڦڙيون فقط لالٽينن جي پرسان هيون. لالٽينن جي ننڍڙي دائري کان ٻاهر مينهن ڦڙيون نظر نہ پئي آيون. ٻاهر هر طرف اونداهيءَ جو راڄ هو. مينهن فقط لالٽينن جي نيم روشن دائري تائين محدودو هو. دائري ۾ ڪجهہ ماڻهو هئا، هٿ هئا، ڪوڏرون هيون، خاموش چهرا هئا، پاڇولا هئا، ڪجهہ پڙڪا هئا، ٿورو ڏک هو. هڪڙو لاش هو. مينهن ڦُڙيون هيون ۽ پاروٿن گلابن جي اداس

خوشبوءِ هئي. ان خوشبوءَ ۾ ڪجهه يادگيريون هيون. ڪجهه ويسارا هئا ۽ چؤ طرف خاموش پولار هو. هر ماڻهو هڪ خاموش ۽ اونداهين پولار مان هڪ نيم روشن دائري ۾ اچي ٿو. ڪجهه پل ان دائري ۾ گذاري ٿو ۽ وري واپس ساڳي اونداهيءَ ۾ موٽي وڃي ٿو. چؤ طرف ڦهليل گهري ۽ ايذائيندڙ حد تائين طويل اونداهين سُرنگهه ۽ خاموشي. شايد خاموشي موت جي علامت آهي. شايد موت خاموشيءَ جي علامت آهي. پارسي جنهن مٿاهين چوٽيءَ تي لاش رکندا آهن. انهيءَ کي بہ Tower of silence چيو ويندو آهي. خاموشيءَ جو مينار. عيسائي ۽ مسلمان قبرن ۾ لاش پوريندا آهن. قبر بہ تہ خاموشي آهي. هندو ۽ ٻين ڪجهه مذهبن جا ماڻهو لاش ساڙيندا آهن. سڙيل لاش جي رک بہ خاموشي آهي.

*Tower of silence*
*Grave of silence*
*Dust of silence*
*Silence Silence Silence*

ازلي خاموشي. بي انت بي ڪنار خاموشي. جڏهن ڪجهه بہ نہ هو تڏهن بہ خاموشي هئي. جڏهن ڪجهه بہ نہ هوندو تڏهن بہ خاموشي هوندي. ٻن بي پناهہ خاموشين جي وچ ۾ آواز جو هڪ ننڍڙو وقفو! هڪ وڏو ڌماڪو. big bang. پولار ۾ پرجي ويل آواز ۽ پڙاڏا .ڌرتي آوازن ۽ پڙاڏن جو آماجگاهہ. وري ساڳي چپ چپات. قبر جهڙي خاموشي. بہ ’لالٽينون قبر مان ٻاهر نڪتيون تہ ذري گهٽ اڌرات ٿي چڪي هئي. هنن گڏجي قبر تي مٽي ورائي ۽ آهستي آهستي اژدها جي پيانڪ اک ٻُوٽجي وئي. اک جنهن ۾ نہ ڪوئي خواب هو نہ سپنو هو. قبر کي لاش مليو تہ قبر جي اک ٻوٽجي وئي. قبر مطمئن ٿي وئي. ڪانڌين جي اکين ۾ ڊپ ڦهلجي وسيع ٿي ويو. هنن پنهنجي اندر ۾ جلد کان جلد واپس گهر وڃڻ جي خواهش کي جاڳندي محسوس ڪيو. گهر جتي سندن ٻار هئا، هنڌ کٽولا هئا ۽ زالون هيون. هنن ڊپ ۽ ٿڌ کان نجات پائڻ لاءِ زالن جي گرم جسمن ۾ لڪڻ ٿي چاهيو. پاڇولن جيان پُر اسرار نظر ايندڙ خاموش ڪانڌي آهستي آهستي هلندا جهيڻي روشنيءَ وارين قنديلن سميت قبرستان جي وٽن مان ٻاهر نڪري آيا. هو هڪ دفعو وري سيني ڪانڌين جي پنيان هو. قبرستان کان ٻاهر ايندي هن هڪ پيرو پوئتي مڙي نئين قبر ڏي نهارڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. قبر جيڪا اونداهيءَ جي ڪاري چادر ۾ ڍڪيل هئي. اتي کيس ڏنڌلي پاڇولي جو احساس ٿيو. هو اُتي ئي بيهي رهيو. ڪانڌي قنديلن سميت الاءِ ڇا ڇا پڙڪندا سندس پرسان گذري اڳتي نڪري ويا. مينهن جي ڪڻ ڪڻ مسلسل جاري. هو مينهن ۾ پسندو سجر قبر ڏي ڏسندو ۽ جاڳڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. هوءَ قبر جي مٿان لڙڪيل هڪ قديم وڻ جي لام وٽ بيني هئي ۽ ڏانهس ڏسي مرڪي رهي هئي. ۽ گڏو گڏ پنهنجو ساڄو هٿ لوڏي کيس الوداع چئي رهي هئي. هوءَ ڪير هئي؟ اها جيڪا مور جي ڪنين جي برسات مهل راڄا واري ريل گاڏيءَ ۾ دريءَ کان ويٺي هئي...؟ يا سندس ماءُ؟ اها ڪير بہ هئي هن ڊوڙي ڏانهس وڃڻ چاهيو. آخري پيرو کيس ياڪر پائي چمڻ چاهيو. پر ٻئي پل پاڇولو سجر قبر ۾ تحليل ٿي ويو. هُو اڪيلو رهجي ويو. سڪون ۽ آزاديءَ سان دل کولي روئڻ ۽ کلڻ لاءِ اڪيلائي وڏي غنيمت آهي. مٿان برسات تيز ٿيندي وئي. گوڙ جي آواز ۾ سندس روئڻ جو آواز ڍڪجي ويو... برسات جون بوندون سندس اکين مان وهندڙ ڳوڙهن سان ملي ويون ۽ هن محسوس ڪيو تہ هو ان رات وارو مينهن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ وساري نہ

سگهندو...! ان پل ئي هن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڄاتو ته ماڻهوءَ جي لڙڪن جو برسات سان ۽ برسات جو لڙڪن سان بنهه گهرو ۽ ڪو آدجڳاد جو رشتو آهي. ۽ اڄان ته اڳتي ڪيس اهو به معلوم ٿيڻو هو ۽ ٿيو به ته رڳو لڙڪن ۽ برسات جو ئي هڪٻئي سان تعلق نه آهي پر محبت، موت ۽ جدائيءَ جو به برسات سان گهرو تعلق آهي. هن اکين ۾ پرجي ويل بوندن ۽ لڙڪن کي اگهڻ چاهيو ته ڪنهن سندس هٿ روڪي ورتو. هن ڪاپي اک سان ڏٺو ته اسپتال جي عيسائي نرس جنهن جي هٿن ۾ ڪرسمس جي تقريب ۾ پهچڻ جي تڪڙ هئي سندس ٻانهن ۾ سئي هڻي ساڄي اک تي ٻڌل سائي پٽي جي پاسي کان اچو پلاسٽر هٽي ڪمري مان ٻاهر نڪري چڪي هئي ۽ پوئتي پنهنجي برائون وارن جي خوشبوءَ سان گڏ ڪرسمس جي گيت جهڙو احساس به ڇڏي وئي. ۽ ان سان گڏ پنهنجي ناسي اکين جو هي اڻ ٻڌايل ڏک به رکي وئي ته وارڊ بواءِ جوزف مسيح ساڻس ڪيل هڪ به واعدو وفا نه ڪري سگهيو. هو انٽرنيٽ جي معرفت فيس بوڪ تي اڏڙوٿ پر دولتمند عورت ڪيٿرائين سان رابطو ڪري ڪئنيڊا هليو ويو ۽ هڪ عدد گرين ڪارڊ جي بدلي ۾ وٽس پنهنجي زندگي گروي رکي ڇڏيائين. هن سوچيو اڄ هيءَ مريم جي مرڪ جهڙي معصوم ڇوڪري ڪليسا جي آڳنڌ ۾ صليب جي سامهون ڪرسمس جي تقريب ۾ جوزف مسيح کي وڏيڪ سارينديءَ الاءِ ڪيٿرائين کي...! پر اها پڪ آهي ته اڄوڪي عبادت مهل سندس ناسي لڙڪن ۾ هڪڙو صليب ضرور لڙهي ويندو.

p

# جو خواب......

هُن قديم عمارت جي ويران دالان ۾ بيهي زور سان سڏيو راڻا... راڻا سڄي عمارت ۾ پڙاڏو گونجي ويو راڻا.. راڻا.. ۽ عمارت جي دروازن، درين ۽ روشندانن مان ايندڙ صندل جي گهري پُر اسرار ۽ اداس ڪري ڇڏيندڙ خوشبوءَ ۾ ڪنهن خواب جئان خاموشيءَ سان مٿس انڪشاف ٿيو ته پڙاڏو سڏ کان وڏيڪ وڻندڙ هوندو آهي.

ٻئي پل گهاٽن وڻن ۾ ويڙهيل ۽ تيزيءَ سان پرندڙ عمارت جي وچ ۾ ان احساس کيس حيران ڪري ڇڏيو ته هن پاڻ کي راڻو ڇو سڏيو جڏهن ته سندس نالو احمد علي آهي.

۽ هو اندر ۾ ڦتل ان سوال جو جواب ڏئي نه سگهيو ته ڪجهه ماڻهن جي لاشعور ۾ ڪجهه احساس ڪجهه نالن سان گڏ ڇو پلجندا آهن.

نالا ۽ احساس.

احساس ۽ نالا.

بلڪل ايئن جيئن ڪنهن خوشبوءَ سان گڏ ڪا يادگيري يا ڪنهن يادگيريءَ سا گڏ خوشبو ايئن ويڙهيل هوندي آهي جئين ڪڪرن ۾ پاڻي يا جيئن پنن ۾ گُلَ ۽ گلن ۾ پن.

قديم عمارت جي ڇت تي قديم شام لهي آئي. عمارت جو پاڇولو عمارت کان ٻيڻ تي ڊگهو ٿي ويو. آس پاس بيٺل پپر، املتاس، انب، ڄموءَ ۽ سرينهن جي وڻن ۾ خاموشي ڇانئجڻ لڳي. سڀ وڻ ڦهرين کان وڏيڪ وڏا، گهاٽا ۽ هڪ هنڌ ڄميل محسوس ٿيڻ لڳا. ٽارين تي ويٺل پکي آهستي آهستي ماٺ ٿيندا ويا. گلن ٻوٽن، ولين ۽ وڻن ۾ ڍڪيل ان قديم عمارت ۾ جنهن ۾ اڳ ايريگيشن کاتي جا بالا عملدار منزلون ڪندا هئا ۽ شام ٿيندي ئي گئس جا گولا ۽ لالٽينون روشن ٿينديون هيون ته راتيون ڏينهن ۾ تبديل ٿي وينديون هيون، ميلي وارن ڏهاڙن ۾ ڏور پرڳٽي جون ناچڻيون ڪامورن جي اڳيان گولن جي روشنيءَ ۾ گهنگهرو ٻڌي نچنديون هيون ته سڄي عمارت پرستان بڻجي ويندي هئي، تنهن ۾ هاڻي اونداهي ۽ اڪيلائي ڇانيل هئي. ۽ اداس ڇت ۾ ڄارو ڄميل ۽ چمڙا لڙڪيل هئا. صندل جا در دريون دز ۾ ڍڪجي چڪا هئا. اتي اڇي کيس محسوس ٿيندو هو ته هو ڪنهن محفوظ پناهه گاهه ۾ اچي ويو آهي. جتي هو سولائيءَ سان پنهنجي پاڻ سان ڳالهائي سگهندو هو. ۽ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائڻ هن لاءِ وڏي خوشيءَ جو سبب هو. ۽ اهو پناهه گاهه ئي هو جنهن ۾ پاڻ سان ڳالهائيندي ۽ پنهنجي آوازن جو پڙاڏو ٻڌندي سندس همزاد جاڳي پيو هو. ۽ پوءِ هميشه لاءِ کيس ڪنهن ٻئي سان ڳالهائڻ کان وڏيڪ پنهنجي همزاد سان ڳالهائڻ ۽ سندس ڳالهيون ٻڌڻ سٺو لڳو. هو ٻاروتڻ کان وٺي جوانيءَ تائين همزاد جي ساٿ ۾ رهيو ۽ پيريءَ تائين کيس ان جي ساٿ ۾ رهڻو هو. ۽ شايد اهو سندس همزاد ئي هو جنهن سندس نالو راڻو تجويز ڪيو هو ۽ کيس ٻڌايو هو ته ڪنهن به ماڻهوءَ لاءِ سندس همزاد کان وڏيڪ سٺو ٻيو ڪو به دوست نه هوندو آهي. ۽ ان شام وڏن وڻن جي وڏن پاڇولن ۾ ڍڪيل پراڻي عمارت جي پراڻي

خوشبوءَ ۾ ساه کڻندي ڪيس پايل جي ڇم ڇم ٻڌڻ ۾ آئي ته اول ڪيس لڳو ته خزان جي تيز هوا ۾ پپرن جا اڌ سڪل اڌ ساوا پن ڪڙڪي رهيا آهن. پر ٻئي پل سندس گمان هڪ ٻئي خوبصورت گمان ۾ تبديل ٿي ويو. اهو واقعي پايل جو آواز هو. اهو آواز هڪ هنڌ بيٺل يا هڪ دائري ۾ ڦرندڙ نه هو پر ٽڪڙو ٽڪڙو پيرن سان گڏ هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ڏانهن ۽ ٻئي ڪمري کان ٽئين ڪمري ڏانهن ويندڙ آواز هو. ٻئي پل ڪيس محسوس ٿيو ته آواز ڇت تي ويندڙ سيڙهيءَ تي ٿهلجندو پيو وڃي ۽ وري ڇت تان واپس دالان ڏي لهندو گهڻو ويجهو ٿيندو پيو وڃي. تان جو ڇم ڇم جو آواز سندس بلڪل پر واري ڪمري ۾ اڌ ڪليل صندل جي دريءَ وٽ اچي بيهي رهيو.

دريءَ جي سامهون ڳوٺ جي پنئين پاسي وارو ميدان هو. ان خالي ميدان ۾ اڪثر سياري جي آمد آمد مهل جڏهن اتر جون هوائون گهلڻ لڳنديون آهن، سر نسري پاند ٿيندا آهن ، دلين ۾ ستل حسرتون ڪر موڙي جاڳنديون آهن، ۽ ڪنهن اڻ ڄاتل احساس سان مڪاميلو ٿيڻ لڳندو آهي ۽ روح تي بي سبب اداسيءَ جو آسماني ڪوهيڙو ڇائجڻ لڳندو آهي ته الاءِ ڪٿان خانه بدوشن جا قافلا ظاهر ٿيندا آهن ۽ ڄڻ ڏور ماضي بعيد جي ڏنڌ مان اچي ان خالي ميدان ۾ خيما کوڙيندا آهن. هڪ شام اڳ پڙپانگ نظر ايندڙ ميدان صبح جو ڪيترن ئي خيمن جي هڪ وشال بستيءَ ۾ تبديل ٿيل نظر ايندو آهي ڪنهن شام، شام جهڙا سانورا جوڳي اچي ميدان ۾ لڏو لاهيندا ته اُها شام ڪجهه وڌيڪ ئي سرمئي، گهري ۽ پُر اسرار بڻجي ويندي. اصيل نانگ، ٽپڻيون، بگريون، ڳُندريون، مُنڊيون، مڻ، عقيق، ۽ پڪراج، دعائون، سينون، مُرليون ڏارا پٽيون ٻارنهن. مون کي جوڳي هٽي ڏي تون ڏارو منهنجو ڪانگل آهي قرب وارو ۽ هو دراز قد ڪارونجهر جهڙيون سانوريون سنهيءَ چيلهه ۽ اپريل ڇاتيءَ واريون جوڳياڻيون. ويڙهيل وار. ٻه ٻه چوٽيون. اکين ۾ ڪجل. ڇپن تي مساڳ پوءِ به اداس اداس.

او جوڳڻ تنهنجي جيءَ ۾ ڇا آهي...؟

توکي ڇا ٻڌايان. ڇئه ڇا ٻڌايان توکي...؟ اسين جڳ جڳ جا مسافر....در در جا فقير... اڄ تو وٽ آهيون. سڀاڻي الاءِ ڪٿي هجون. اسان جي جيءُ ۾ دک جا اوهيرا... زخمي پيرا... اکيون ٻيرا ٻيرا.

شايد اها ڦيريدار قبيلي جي ڇوڪري هجي ۽ قديم عمارت جي ڪمرن ۾ پيل ڪانيون وغيره ڪٽڻ آئي هجي. ۽ ڪيس وقت جو احساس ئي نه رهيو هجي... هن صندل جي اڌ ڪليل دريءَ جي بند پيل تاڪ کي کولي اندر نهاريو.. ڇم ڇم جو آواز هڪ تيز ڊوڙ ۾ تبديل ٿي سندس پهچ کان پري ٿي ويو. هن ڪمري ۾ اندر داخل ٿيڻ چاهيو پر ٻئي پل ڊپ جي لهر سندس حواسن تي حاوي ٿي وئي. ان پل ئي مٿس انڪشاف ٿيو ته دراصل هن نه رڳو پنهنجي ٻاروتڻ ۽ جوانيءَ جو پر پيريءَ جو به هڪ وڏو حصو ان خاموش ۽ قديم عمارت ۾ يا ان جي آس پاس گذاريو آهي. گيس وارن گولن جي اداس روشنيءَ ۾ ڏورانهين پرڳٽي جي سرسبز اکين وارين ناچڻين کي نچندي ڏسندو رهيو آهي. سندن گهنگهرن جي ڇم ڇم ٻڌندو رهيو آهي. ۽ ڪيس اهو به احساس هو ته دراصل هو انهيءَ عمارت جو پاڇولو آهي. ڪڏهن وڏو ڪڏهن ننڍو ته ڪڏهن بلڪل معدوم .. ۽ رڳو ايترو ئي نه ته هو ڪنهن پاڇولي جيان عمارت جو حصو ٿي عمارت ۾ رهڻ لڳو هو پر عمارت جو پاڇولو به هُن ۾ رهڻ لڳو هو. اهو ئي سبب هو جو هُو ڪنهن ماڻهوءَ سان ڪجهه به ڳالهائيندو هو ته نه چاهيندي به زوريءَ سندس ڳالهين ۾ پاڇولي جو

ذڪر نڪري ايندو هو. پاڇولو سندس خيالن خوابن ۾ ڳالهين جو هڪ لازمي حصو بڻجي ويو هو. ۾ قديم عمارت جي ساڄي پاسي باغ ۾ انب جي هڪ سُڪل وڻ ۾ چمپا جي سائي ٻوٽي جي پير ۾ سئو سال پراڻو ۾ سوين فوٽ اونهون کوهه هميشه هن لاءِ اداس حيرت جو سبب بڻيو رهيو آهي. جنهن بابت هن وڏن کان ٻڌو هو ته گهڻا سال اڳ انهيءَ کوه مان نار ذريعي پاڻي ڪڍي باغ کي سيراب ڪيو ويندو هو پوءِ جڏهن بئراج کوٽيو ويو ۽ واهه وهي آيو. ته کوهه مان پاڻي ڪڍڻ بند ڪيو ويو ۽ کوهه ويران ٿي ويو. ۽ ننڍين وڏن ۾ اهي افواهه عام ٿي ويا ته هاڻي ان کوهه تي هڪ ديو جو قبضو آهي جيڪو ڪاري نانگ جي روپ ۾ ان تي پهرو ڏيندي ڏٺو ويو آهي. ته ماڻهن ان کوهه طرف وڃڻ ڇڏي ڏنو. اصل ۾ هن جي حيرت جو سبب اجان ڪو ٻيو هو. اڳ ڳوٺ جي پنئين پاسي جتي هاڻي به اڪثر قيريدار قبيلا اچي ديرو ڄمائيندا آهن هڪڙو قيريدار قبيلو رهيل هو. ان قبيلي ۾ هڪ اهڙي ڇوڪري به هئي جنهن جون اکيون ڏسي مسافرن کان رستو وسري ويندو هو. جنهن جي چيلهه ڄمونءَ جي ٽاريءَ وانگر پئي لچڪندي هئي. سندس پيرن ۾ هر وقت پازيب پيل هوندا هئا. هوءَ هرڻيءَ وانگر هر وقت پئي ڊوڙندي هئي. چون ٿا ته پوءِ هوءَ ڳوٺ جي هڪ نامي گرامي ڪاتڪوءَ جي اک ۾ اچي وئي. ۽ پنهنجون هلڻيون وساري ويني. جنهن صبح اُهي لڏو ڪڻڻ جو ارادو ڪري چڪا ان اڌ رات ڪاتڪو پنهنجي يارن سميت ڇوڪريءَ کي ڪڻڻ جي ارادي سان پکن ۾ ڪاهي پيو. ڇوڪري ڊنل هرڻيءَ جئان تاهه ڪائي باغ ڏي ڀڳي. رستي ۾ ڪٿي هڪ پير جي پايل ته ڪٿي ٻئي پير جي پايل ڇڃي پيس. ۽ ان کان اڳ جو ڪاتڪوءَ جو هٿ سندس چوٽيءَ ۾ پئي هُن کوهه ۾ ٽپ ڏئي ڇڏيو. وٽن ۾ وينل پکي تاه ڪائي اُڏاڻا ۽ دير تائين اونداهيءَ ۾ پٽڪندا رهيا. ۽ شايد صبح تائين آکيرن ۾ پهچي نه سگهيا. ۽ ان رات کان وٺي اهو کوهه خوني کوهه سڏجڻ لڳو. هو عمارت مان نڪري سڌو اچي کوهه جي ٽٽل پڳ تي ويٺو. کوهه هميشه جئان خاموش ، سانت ۽ ڏکارو هو. خزان جي هوا جو هڪ تيز جهوٽو لڳو ته چمپا جا ڪجهه گل ڇڻي کوهه ۾ ڪريا ۽ پاتال ۾ الوپ ٿي ويا.

هو ڊنل احساس سان وڏا وڏا قدم پريندو شام جي پاڇولن ۾ ڍڪيل باغ مان ٻاهر نڪتو ۽ خانه بدوشن جي وستيءَ وٽان گذريو. خيمي خيمي جي آڏو ٻاهڙي پئي ٻري. ڪٿي ڪنهن خانه بدوشڻ سانجهه پئي پچائي.ڪٿي به چار ڇوڪرا ٻاهه کي ڦريو وينا هئا. رکي رکي ٻاهه جي الاءَ تي سندن سانورا منهن رڪ وانگر جرڪڻ ٿي لڳا. پريان ڪنهن خيمي جي پير ۾ بانسري پئي وڄائي. ننڍڙن ٻارن جي روئڻ ، کلڻ ، ڳالهائڻ ۽ مائرن کي سڏڻ جا مختلف آواز بستيءَ جي عارضي ماحول کي دائمي رنگ ۾ رنگي رهيا هئا. ٻرندڙ اجهامندڙ ٻاهڙيون، خيمن ۾ ٽنگيل ڏيمي وٽ واريون لالٽينون، خاموشيءَ سان هڪ خيمي مان نڪري ٻئي خيمي ڏي ايندڙ ويندڙ اداس نيڻن واريون خانه بدوشڻيون. زندگيءَ جي هلچل. هڪ خاموش خزان جي رات ۽ آسمان ۾ جرڪندڙ جهيڻي روشنيءَ وارو چنڊ، هيٺ ڌرتي جي هڪ ننڍڙي نقطي تي هڪ روشن نقطو. هڪ ننڍڙي بستي ... جهڙو رات جي پيٽ ۾ ٻرندڙ ڏيئو.

ڪالهه رات اها بستي ڪونه هئي. ميدان خالي هو. اڄ رات اتي اها بستي آهي. سڀاڻي ڪونه هوندي. خيما ڪونه هوندا. ٻاهڙي نه هوندي. لالٽينون نه هونديون. آواز نه هوندا. هي ڪير مسافر آهن...؟

هي ازل جا مسافر آهن.

هي مسافر ڪٿان آيا آهن.

هي مسافر ازل کان آيا آهن.

هي مسافر ڪيڏانهن ويندا؟

هي مسافر ازل جي ڪڪ ۾ الوپ ٿي ويندا. ڪنهن کي بہ هنن جا آواز ۽ ڳالهيون ياد نہ رهنديون. هنن جا قد بت، مهانڊا رنگ روپ ڪلڻ روئڻ ياد نہ رهندا.

هيءَ بستي وقت جي سيني تي هڪ علامت آهي.

سفر جي علامت.

زندگي جي علامت.

ازل جي علامت.

ابد جي علامت.

خوشيءَ جي علامت.

ڏک جي علامت.

جدائيءَ جي علامت.

اهي سوال ڪنهن پئي پڇيا...؟ هڪ مسافر.

۽ جواب؟ سندس همزاد.

پنهنجي پاڻ سان فقط ٻار، عاشق ۽ آرٽسٽ ڳالهائيندا آهن. ڇو تہ ٻار، عاشق ۽ آرٽسٽ پنهنجي پاڻ کي ڏاڍو ويجهڙو هوندا آهن. ايترو ويجهڙو جو وچ ۾ ڪوئي فاصلو، ڪوئي خلا ڪوئي فرق نہ رهندو آهي. اهي جنهن کي چاهيندا آهن ان کي پنهنجي پاڻ ۾ ڏسندا آهن. اوچتو هوءَ هڪ خيمي مان ٻاهر نڪتي ۽ ڇم ڇم ڪندي ٻئي خيمي ۾ گم ٿي وئي. هڪ پل ۾ سڄي بستي ڇم ڇم جي آواز ۾ پرجي وئي. هو چنڊ جي ڏيمي روشنيءَ ۾ سندس سراپا چڱيءَ طرح  ڏسي نہ سگهيو. پر ڪيس لڳو تہ هوءَ اُها ئي آهي جيڪا ڪجهہ دير اڳ قديم عمارت ۾ ڇم ڇم ڪندي اوچتو الوپ ٿي وئي هئي. ۽ شايد هوءَ اُها ئي هئي جيڪا گهڻا سال اڳ پنهنجي دل جهڙي اونهين کوهہ ۾ ٻڏي وئي هئي. شايد پايل جي ڇڇي پوڻ سان ڇم ڇم جو آواز نہ ڇڇندو آهي. آواز هميشہ موجود رهندو آهي. آوازن کي ڪو بہ اونهون کوهہ ٻوڙي نہ سگهندو آهي. هن حيرت جي ڪُن مان نڪرڻ لاءِ هڪ پل لاءِ اکيون ٻوٽي هڪ وڏو ساهہ کنيو. سئو فوٽ اونهين کوهہ جيڏو ساهہ. کوهہ جنهن ۾ هوا جي جهوٽن تي ڇمپا جا گل ڇٽندا رهندا  آهن. اکيون کوليائين تہ بستيءَ جو ڪوئي نشان نہ هو. نہ ٻاهڙي هئي. نہ لالٽينون. نہ خيما. نہ آواز... نہ روئڻ. نہ کلڻ... نہ پايل... نہ ڇم ڇم ڪجهہ بہ نہ.

تہ اهو سڀ ڪجهہ ڇا هو...؟

ڇا اهو سڀ ڪجهہ نظر جو دوکو هو. Illusion هو. خواب هو. ڪاٻي اڪ جو خواب...؟ ساڄي اک جو سپنو...؟ تصور هو. سراب هو...؟ ڪوڙ هو؟ افسانو هو...؟ ڪاڪ محل هو؟ هڪ پل اڳ جتي ”سڀ ڪجهہ“ هو اتي هڪ پل پوءِ ”ڪجهہ بہ نہ“ هو. اهو ”سڀ ڪجهہ“ دوکو هو؟

يا هي ”ڪجهہ بہ نہ“ دوکو آهي...؟

يا ”سڀ ڪجهہ“ بہ صحيح آهي ۽ ”ڪجهہ بہ نہ“ بہ حقيقت آهي...؟

”۽ مان ڇا آهيان“

”۽ هوءَ ڪير آهي...؟ هوءَ جيڪا اونهين کوهہ ۾ ٻڏي وئي هئي. هوءَ جيڪا قديم عمارت ۾ هئي؟ هوءَ جيڪا خيمي کان ٻئي خيمي تائين ازل ۽ ابد جا رستا اورانگهي وئي؟“ هُو زمين کان آسمان تائين ڦهليل خاموش رات جي هنج ۾ وينل ٻار جيان هڪ دفعو وري سوالن جي ڄار ۾ ڦاسي ويو.

چئن پتين ۽ هڪ ڇت جي گهيري ۾ قيد ٽيبل جي سامهون رکيل ڪرسيءَ تي وينل راڻي ٻي دليءَ سان ٽيبل تي رکيل ڪمپيوٽر ڏي ڏٺو پوءِ سامهون گهڙيال ڏي نهاريو. ڄڻ گهڙيال اڳ ئي ڏانهنس نهاريو پئي.

ڏهہ لڳي ويهہ منٽ.

وات ۾ اڃان صبح واري چانهہ جو ذائقو موجود...

آفيس جي پارڪ ۾ گلاب، موتئي، چمپا، رابيل سميت ٻيا بہ ڪافي ڇاتل اڻڇاتل گلن جا ٻوٽا روز جئان موجود. هن جون نگاهون شيشي جي ناسي دريءَ جي ٻئي پاسي ڪمري ۾ ڪجهہ ڳولين ٿيون. مومل جي ڪرسي خالي آهي. آفيس جو پٽيوالوغلام رسول عرف گُلي سندس ٽيبل ڪرسي ۽ ڪمپيوٽر تي ڪپڙو هڻي ٽيبل تي بہ ڪارا گلاب ۽ ٽي سفيد موتئي جا گل رکي چڪو آهي. اهو پهريون موقعو هو جو ورهين کان پوءِ سندس خوشيءَ جي پٽيءَ مان ’ڪُپ‘ ختم ٿيو هو.

اهو بہ پهريون موقعو هو جو هاڻي هو رستي ۾ هلندي اوچتو ڇپلاتي جي ظاهر ٿيڻ واري پراڻي ڊپ مان بہ ٻاهر نڪري آيو هو. محبت ماڻهوءَ کي هوا ۾ ترڻ جو هنر سيکاريندي آهي. ان کان اڳ تہ هو پاڻ کي هڪ پراڻي ۽ اهڙي اونداهي غار ۾ وينل سمجهندو هو جنهن جي ڇت ۽ پاسن ۾ چمڙا چنبڙيل هجن.... انهن جي بوءِ ڦهليل هجي... انهن جي آوازن جو ايذائيندڙ شور شامل هجي. اهڙو شور، اهڙي بوءِ جيڪي ماڻهوءَ کي، خوشبو ۽ زندگي کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. اوچتو ۾ هڪ ڳڙکي کلي وئي هئي. غار ۾ روشني ٿي وئي هئي.

چمڙا پنهنجي ازلي ڪاراڻ، بوءِ ۽ آوازن سميت گم ٿي ويا. اها گمشدگي عارضي هجڻ جو امڪان بہ موجود هو پر بهرحال شايد هر لمحي جو حسن ۽ قباحت انهيءَ هڪ لمحي جي هنج ۾ رئي هوندي آهي يا هجڻ گهرجي. هر لمحو پلي ٻئي لمحي جو پاءُ هجي پر هڪ لمحي کي ٻئي لمحي جو جاڙو پاءُ نہ ٻڻائڻ گهرجي. هر لمحو دادلو ۽ اڪيلو هجڻ گهرجي. هڪ روشن لمحو پنهنجي ڊيگهہ ۽ ويڪر ۾ ڦهلجي هڪ وشال دائرو ٿاهي بيهي رهيو. ۽ ان روشن دائري ۾ هن ڪنهن جو پٽڪو ٻڌو. شايد اهو سندس پنهنجو آواز هو. هرڪاريءَ رات جي هنج ۾ هڪڙو سج ستل هوندو آهي ۽ هر سانجهيءَ جي رومال ۾ هڪڙو صبح ٻڌل هوندو آهي. ۽ ان روشن دائري جو ڦهلاءُ بي انت هو. چارئي ڏسائون ان روشن دائري جي پهچ کان پري نہ هيون. روشن دائري ۾ پهريون دفعو مٽس انڪشاف ٿيو تہ هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ هڪڙو رقص بہ هوندو آهي ۽ هڪڙو بادل بہ هوندو آهي. ۽ هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ هڪڙو سمنڊ بہ هوندو آهي.

”مومل خبر اٿئي ڇا؟“ روشن دائري جي انيڪ شامن مان هڪ شام پارڪ جي بئنچ تي پر ۾ وينل

مومل جي اکين ۾ ڏسندي چيائين.

”هون... چئه“ مومل پنهنجي ساڄي ڳل تي لهي آيل وارن کي ڪن جي پٺيان ڪندي پنهنجو ڳل ۽ ڪن سندس ويجهو ڪندي چيو. هو سندس ساهن، وارن ۽ ڳل جي خوشبوءِ ۾ ڍڪجي ويو.

”مومل توکانسواءِ منهنجي زندگي بي معنيٰ هجي ها.“

”هل ڪوڙا“ هن پنهنجي ساڄي ڳل سان راڻي جي نڪ کي تيزيءَ سان ڇهي پوئتي ٿيندي چيو. ان مهل سندس سيني جو اپريل ساڄو پاسو به راڻي جي ڪلهي کي ڇُهي ويو.

اها ريشم جهڙي نرم ۽ پڪيءَ جهڙي گرم نفاست هئي.

۽ ان نفاست جي اُڏام ڪنهن رستي جي محتاج نه هئي. ۽ انهيءَ اڏام پرڻ کان اڳ هُن سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺندي ڪيس چيو بلڪ شايد پنهنجي اندر ۾ پڙڪيو. اجان ته مون تنهنجي تعلق جي فقط هڪ موسم ڏٺي آهي... بهار جي موسم .. اجان ته مون تنهجي تعلق جون ٻي موسمون ڏٺيون ئي نه آهن...، اهو سندس اندر جو ڊپ هو. خدشو هو.

۽ اهڙن ئي خدشن سان پريل انيڪ لمحن مان هڪ لمحي هن ڏڪاري دل سان دل ئي دل ۾ ساڻس مخاطب ٿيندي چيو” مومل خبر اٿئي تون مون کان ڌار ٿي ويندينءَ ته ڇا ٿيندو؟“

”ڇا ٿيندو.... “ مومل جي پاران ڇڻ هن پاڻ ئي پاڻ کان پڇيو.

”ڪجهه خاص ڪو نه ٿيندو... ڪا به قيامت ڪا نه ٿٽندي... ڪوئي زلزلو ڪونه ايندو... بس رڳو ايترو ٿيندو ته“ ”ته “ ”ته منهنجي اندر ۾ هميشه لاءِ هڪڙي ڪمي رهجي ويندي اکين ۾ نمي رهجي ويندي“ ۽ اداسي جي ان لمحي دوران ٻيا ڪجهه لفظ به سندس ڇپن مان نڪري ويا. جن جو توڙي جو ان مهل حقيقت سان ڪو خاص تعلق نه هو. پر ان مهل ڪيس اندازو نه هو ته تمام جلد انهن لفظن جو حقيقت سان تعلق جُڙڻو هو ۽ هو بي آواز لفظن جي ڏک مان نڪرڻ لاءِ هن سان گڏ روشن دائري جي رستي سان هلندو ساحل تائين پهچي ويو. هميشه وانگر سمنڊ ۽ ساحل جي مٿان نيري ڏنڌ جو سنهون تهه چڙهيل هو. ان شام سمنڊ ڪجهه وڌيڪ ئي جوش ۾ هو. سرچ لائيٽس جي سفيد روشنيءَ ۾ ڪير وانگر جرڪندڙ لهرون ... سيءَ جو احساس ... گهري ٿيندڙ شام ... مومل کي گلابي سئيٽر تي براؤن شال پاتل ۽ هُو براؤن سئيٽر ۾ سندس پرسان خاموشيءَ سان قدم کڻندڙ جهڙو ڪوئي اجنبي ماڻهو.. ٻيو ماڻهو. ٻئي قدم جو منتظر... ٻئي قدم جو ڳولائو..

”محبوبا سان گڏ شام مهل سمنڊ جي ڪناري پري پري تائين هلندو رهڻ دنيا جو وڏ ۾ وڏ حسين واقعو آهي. پر اهو واقعو دنيا جي ذهين صحافين کان ڪڏهن به رپورٽ ٿي نه سگهندو آهي.“ راڻي پنهنجي خاموشي جي برف کي ڳارڻ لاءِ هڪ چوليءَ کي اورانگهيندي چيو. ”دنيا جا صحافي، قتل، جنگ، بمباري ۽ ڏڪار جون خبرون رپورٽ ڪندا رهندا ۽ سمنڊ ڪناري پيرين اگهاڙي هلندڙ ماڻهو افق اورانگهي ويندا“ مومل پنهنجو هٿ راڻي جي هٿ ۾ ڏيندي چيو ۽ ٻئي جڻا ڇولين جي شور مان رستو ٺاهيندا ماڻهن جي انبوهه کان گهڻو پري اولهه طرف نڪري آيا. جتي سمنڊ جي آواز کان سواءِ ڪجهه به نه هو. ڪاپي طرف اڪيلو ويران ساحل... ساڄي پاسي گهرو نيرو وشال سمنڊ. پويان هڪ وڏو پٿرائون پڙو...جنهن هنن کي سي ويو تي گهمندڙ ماڻهن کان لڪائي سمنڊ جو حصو بڻائي ڇڏيو. اجهاڳ سمنڊ

جي وشال ڇاتيءَ تي شام جي ناسي چادر تاڻيل. دور پريان اولهه ۾ سورج ديوتا جي رت جهڙي لال گلال اڪ افق جي پنبڻين ۾ پيهجي چڪي.... ساحل ڏي ڊوڙون پائيندڙ سوين ڇولين جو آواز.. جهڙو سوين ناچڻين جي پيرن ۾ ٻڌل گهنگهرن جي ڇم ڇم...! سڀ ڪجهه گهٽو پوئتي رهجي ويل... سي ويو جون سرچ لائيٽس. ڇولين ۾ هلندڙ عورتن جون ڪير جهڙيون ڇنگهون. مڪئي جا سنگ ڪائي رانديون ڪندڙ ٻار. ڪاٺ جي بئنچن تي ويهي حيرت مان سمنڊ ڏي ڏسندڙ ماڻهن جون اکيون... هو ٻئي اڪيلا... هڪڙو سمنڊ... هڪڙو ساحل ۽ سوين هزارين لهرون... روشنيءَ جو وشال دائرو... دائري ۾ موجود ٻه پاڇولا... ڇيلاتي جو ڊپ دائري کان ٻاهر رهجي ويل... يڪسانيت جو احساس ۽ روزمره جي ڪمن جي اُڻ تڻ دائري کان ٻاهر.. سمورا خدشا. امڪان. اندازا دائري کان ٻاهر... ٻه پاڇولا سمنڊ جي سيني تي ويٺل... لهرن جو رقص... نغمگي ... ازلي گيت... ابدي سمفني ... هوءَ سيءَ جي هڪ لهر سان ڇڪجي سندس وڌيڪ ويجهو ٿي ويل...

”موِمل“

” هون“

”موِمل“

”هون“

”موِمل“

”ڇا ڇئه ... ٻڌان پئي.. ٻڌاءِ...“

” ڪجهه ٻه نه موِمل.. بس ايئن توکي سڏڻ پيو چاهيان“

”پر ڇو...؟“

”الاءِ ڇو... بس ايئن سنو پيو لڳي توکي سڏڻ...“

”پر مان ته توسان گڏ ويٺي آهيان.. پوءِ سڏڻ جي ڪهڙي ضرورت“

”بس ايئن سنو ٿو لڳي.“

”هون.. اڇا ... پيو...؟“

هن ٻه وڏيون اکيون کڻي ڏانهنس ڏٺو. اها اهڙي نهار هئي جيڪا بنا چانڊوڪيءَ جي سمنڊ ۾ جوار ڀاٽا برپا ڪري سگهندي آهي. هڪ لهر ڪنهن پري جي ڏسا کان ڊوڙندي آئي ۽ ٻنهين جي ڇهرن کي آلو ڪري وئي.. هن پنهنجو ڪاپو هٿ وڌائي سندس منهن تي رهجي ويل ڇنڊن کي ڇهي ورتو...

”پيو ڪجهه ٻه نه... فقط هڪڙي تون....“

”ها. پيو ڪير ٻه نه فقط هڪڙي مان“

”پر راڻا“

” پر...؟ پر ڇا موِمل ؟“

”پر مان هڪڙي ته نه آهيان ٻي ٻه آهي.“

”ٻي...؟ ٻي ڪير...؟“

”ٻي تنهنجي زال ...“

”ها... هوءَ زال ۽ تون محبوبا “

”هن جي هوندي منهنجي ضرورت؟“

”ها. سومل جي هوندي به تنهنجي ضرورت“

”پر ڇو...؟“

”شايد هڪ محبوبا جي ضرورت. زندگيءَ ۾ رهجي ويل هڪ خال. ڪاپي اک جو خواب. هڪ سجدي جي خواهش“

”خواب“

”ها خواب... محبوبا جو خواب. هر اهو ماڻهو پوءِ پلي شادي شده ڇو نه هجي جيسين محبوبا جي تعبير کان محروم هوندو محبوبا جي خواب جو اسير هوندو“

”هائو سويٽ... محبوبا هجڻ ڪيڏو نه اعزاز آهي“

”۽ تون محبوبا جي معيار تي بلڪل پوري آهين “

”سچ“

”ها سچ....

”ڪيئن...؟“

”هيئن“

هن سندس ڇهرو هٿن ۾ جهلي سندس ڇپن تي هڪ بي حد طويل چمي پوکيندي چيو. ڪيس ان چميءَ جو سواد چاتل سچاتل محسوس ٿيو ۽ هن مومل کي احساس ڏيارڻ کان سواءِ اعتراف ڪيو ته ان چميءَ ۾ سومل جي چپن جي خوشبوءَ هئي. ۽ ڪيس لڳو ته پرسان ئي ڪٿي سومل موجود آهي. ڪيس ڏک ۽ اذيت جو گڏيل احساس ورائي ويو. ”منهنجي زندگي ۾ اچڻ لاءِ تنهنجي مهرباني راڻا“

”هائو سويٽ...“

”ها.. ۽ هڪڙو مان“

”ها فقط هڪ تون ۽ مان .... مان ۽ تون ... هي سمنڊ ... ۽ هي ساحل. . . ۽ هي اڪيلائي .. هي طويل سفر...“

به پاڇولا. هڪ ٻئي جي وڏيڪ ويجهو ٿي ويل ۽ پريان بيٺل هڪ پاڇولوجهڙو سومل جو سراپا.

هُن پنهنجا ٻئي هٿ وڌائي سندس اکين تي رکيل چوکور چشمو لاهي پنهنجي پاسيري کيسي ۾ رکيو ۽ ڪيس پنهنجي ڇاتيءَ سان ملائي ساڻس هڪ وڏو گهرو پاڪر متعارف ڪرايو...ايترو وڏو پاڪر جنهن جو ڪوئي ڇيڙو نه هو. جنهن ۾ زمين ۽ آڪاس کي پنهنجي گرفت ۾ آڻڻ جي صلاحيت هئي.. ”مومل مون کي پنهنجي پاڪر ۾ پيڪوڙي ڇڏ. مان صدين کان مضطرب آهيان. مون کي قابو ڪر نه ته منهنجي بدن جون سڀ رڳون ڦاٽي پونديون. منهنجي وار وار مان ڦوهارا ڪري رت اڏامندو ۽ سڄو سمنڊ رت ۾ ٻاڙهو ٿي ويندو.“ راڻي اڌڙيل ساهن جي وچ ۾ ٻاڪاهائيندي چيو. موٽ ۾ مومل ڪيس پنهنجي وجود ۾ تحليل ٿيڻ جو موقعو ڏنو ۽ هو سندس جسم ۾ ايئن ڳري ويو جئين مڌ جي گرم جام ۾ برف جو ننڍڙو ٽڪرو ڳري ويندو آهي. هن جي باخبر چمي مومل جي چپن تي پهچي مدهوش ٿي وئي. چميءَ جا پيير

ٿڙيا ۽ مومل جي ڪلهي سان ٽڪرائجي ڇاتيءَ تي اچي ڪري ۽ صفا نڍال ٿي وئي. ۽ سندس هٿ مومل جي بدن تي ايئن ٻڏندا ترندا رهيا جيئن ٻه آڙيون ڍنڍ ۾ ترنديون ۽ ٻڏنديون هجن. روشنيءَ جي وشال دائري ۾ هڪٻئي جي وجودن ۾ پيوست ٻن وجودن کي فقط سمنڊ پئي ڏٺو.. سمنڊ جهڙو ڪناري تي بيٺل پوڙهو ماڻهو ۽ هو ٻه پاڇولا جهڙا ٻه ننڍڙا ٻار... روشنيءَ جي دائري کان ٻاهر بيٺل ڇيلاٽو بي وس....

”راڻا“ هن سڏيو. سندس جسم جي عمارت ۾ پڙاڏو گونجي ويو راڻا... راڻا ... راڻا ..

”تو ڪيئن ڄاتو ته مان راڻو آهيان .. منهنجو نالو ته راڻو نه آهي“ عمارت جا سڀ ڪمرا حيرت جي خوشبوءَ سان ڀرجي ويا...

دالان ۾ حيرت ..

راهدارين ۾ حيرت...

سيڑهين تي حيرت...

هن جي سرمئي ڇپن تي سرمئي مرڪ ڦهليل.

”۽ تو ڪيئن ڄاتو ته آئون مومل آهيان. منهنجو نالو ته تلسي آهي“

هر طرف حيرت جو راڄ.

” مون ته توکي ڪو نه سڏيو. مون ته مومل کو نه پڪاريو“

دالان ۾ حيرت...

دروازن ۾ حيرت...

درين ۾ حيرت.... اکيون اکين جي سفر تي روان دوان. جسم جسمن ۾ پيوست.

وچ جو فاصلو معدوم ”پوءِ تو ڪنهن کي سڏيو.“

” شايد توکي. شايد مومل کي. شايد سومل کي.“

هوءَ ونڻ بدران ڏيڻ آئي هئي. هوءَ جيڪا جنم جنم کان جوڳڻ هئي. هن جو بدن سختي ۽ نرمي جو گڏيل احساس رکندڙ بدن. جنهن ۾ ڪنهن اجاتي ديس جي اداس خوشبو.

هو انهيءَ خوشبوءَ جي ڪڪرن تي سوار ٿي آڪاش جي سفر تي روانا ٿي چڪا. پري پري. تمام گهڻو پري. اڳتي گهڻو اڳتي. ايترو اڳتي جيترو اڳتي اکيون ڏسي نه سگهنديون آهن. ڪن ٻڌي نه سگهندا آهن. هٿ ڇهي نه سگهندا آهن. هڪ ٻئي مٿان ايئن ڇانيل هيا جيئن ڪنهن ڳوٺ جي مٿان آسمان تارن سميت ڇانيل هجي. هو هڪ ٻئي جي وجودن ۾ ايئن پيوست هيا جيئن وڻ جي ٿاريءَ تي ول ويڙهيل هجي.

او جوڳڻ تنهنجي جيءَ ۾ ڇا آهي...؟

ڇاٻڏايان توکي...؟

اسان در در جا مسافر...اکيون ڳوڙها ڳوڙها... زخمي پيرا ۽ اکيون ٻيرا ٻيرا...!! وار ڪليل... ڪارا ڪڪر.. وچ.... شام.... برڪا... ڳوڙ...

گهنگهور گهٽا ۾.

تنهنجو بي لباس بدن،
وچ جي هر وراڪي سان،
چاندي بڻجي چمڪي ٿو.
جوتي بڻجي جرڪي ٿو.
۽ تنهنجي ڪلهي جي لاهيءَ ۾،
ڪنوڻ ڪري ٿي ڪاهيءَ ۾،
۽ هڪڙو چنڊ اپري ٿو دن جي اونداهيءَ ۾...!!

سفر جاري.. سفر اڻ ڪٿ.. منزل ويجهو.. منزل ڏور... ڪاڏيءَ جي تر ڪان شروع ٿيل سفر جو ڪوئي انت نہ پار.. ڪاڏيءَ ڪان ڳچي... ڳچيءَ ڪان ڇاتيون... وچ ۾ پيٽ جي نرم نفيس وادي..

۽ پوءِ نفاستن نزاڪتن جي هڪ انتها. انهيءَ دوران هن ڪنهن مهل هن جي نيڻن ۾ ٿي نهاريو تہ ڇرڪي ٿي ويو. انهن نيڻن ۾ سومل جي نهار جو پاڇولو هو.

اهي نيڻ نہ هجن جڻ ڪنهنجي ڏيڊيءَ تي ٻرندڙ ٻہ ڏيئا هجن.
ايامن ڪان ٻرندڙ ڏيئا.
ايامن ڪان منتظر ڏيئا.
ايامن ڪان منتشر ڏيئا.
او جوڳڻ تنهنجي جيءَ ۾ ڇا آهي؟
”انتظار آهي فقط انتظار“
”ڪنهن جو انتظار جوڳڻ...؟“
”الاءِ ڪنهن جو آهي.. پر آهي.... جنم جنم ڪان آهي شايد راڻي جو...“

۽ هو سندس اکين جي انتظار ڪان اکيون چورائي سفر تي روانو ٿي پئي ويو..سفر طويل سفر....

مختصر سفر... اکين جو سفر. ڪاڏيءَ جي تر جو سفر. نيٺ اهو سفر موٽي اچي ڪاڏيءَ تي پورو ٿيو.جتي هڪ ڪاري تر جو مختصر جهنڊو پئي ڦڙڪيو.

هو ٻئي سفر تان موٽي آيا.
هڪڙو راڻو. هڪڙي مومل.
هڪڙو احمد، هڪڙي تلسي.. هڪڙو مرد هڪڙي عورت.

خانہ بدوشڻ هڪڙي گهري، وشال، معتبر ۽ شاندار مرڪ سان ڏانهس ڏسي پنهجي پوتيءَ سان هن جي پيشانيءَ تي اپري آيل پگهر جي آلاڻ کي ايئن اگهيو جڻ هو سندس ننڍڙو پٽ هجي.

۽ هوءَ سندس پوڙهي ماءُ هجي...!!

شايد هر عورت جي اندر ۾ هڪ ماءُ هميشہ موجود هوندي آهي. پر پڪ سان هر پيءَ جي اندر ۾ هر وقت هڪ پيءُ موجود نہ هوندو آهي. البتہ هر مرد جي اندر ۾ هڪڙو اباڻڪو ٻار ضرورموجود هوندو آهي. جيڪو ڪڏهن بہ وڏو ٿي نہ سگهندو آهي. خاص ڪري انهن مردن جي اندر جو ٻار جيڪي آزاد ٻاروتڻ گذاري نہ سگهندا آهن.

تلسيءَ جي مرڪ جو ٻيو چيڙو ڳوليئي نہ ٿي لڌو.

هوءَ ڪنهن وشال ڊنڊ وانگر شانت ۽ پنهنجي پاڻ ۾ مطمئن هئي. ۽ هو ڪنهن ساموندي لهر جيان اتالو ابهرو ۽ اڻ مطمئن هو.

شايد عورت هڪڙو ڀرپور، مڪمل ۽ محبت سان جهنجهيل سنجوڳ ماڻڻ کان پوءِ ايئن شانت، مطمئن، مڪمل، پُرسڪون ۽ نندڙاڪي ٿي پوندي آهي جيئن ڪو ساموندي غوراب سوين مسافر ڪٽي ڪيئي راتيون ڪيئي ڏينهن سمنڊ جي سيني تي ٿلڪندو انيڪ اجنبي جزيرن مان گذرندو مينهن ۽ طوفان سهندو اجنبي هوائن سان ڇڪجندو نيٺ ڪنهن ڏينهن صبح جي روشن ڪرڻن سان گڏ اچي پنهنجي ساحل تي لنگر انداز ٿيندو آهي تہ سندس سمورا ٿڪ لهي ويندا آهن ۽ هوائن وانگر هلڪو ٿي پوندو آهي. سندس سڙهہ سفيد ڪڪرن وانگر لهرون لهرون ٿي رقص ڪرڻ لڳندا آهن. جڏهن تہ مرد ڄڻ ان غوراب جو ڪپتان هوندو آهي جيڪو ساحل تي پهچي بہ مطمئن ۽ ٿانيڪو نہ ٿيندو آهي. پر رهندو سندس اکين جي اُڻ تُڻ ۽ اندر جي آتر ويلا وڌي ويندي آهي.

انهيءَ آنڌ مانڌ ۾ هن تلسيءَ جي پُرسڪون اکين ۾ ڏسندي چيو ” تلسي ڇا پاڻ وري ڪڏهن ملنداسين ؟“ ۽ موت ۾ هُوءَ ننهن کان چوٽيءَ تان مرڪ ۾ ويڙهجي وئي.

اهو ڪيترو نہ ڀاراڻو سوال هو...!

”اسين در در جا مسافر. ڪڏهن ڪٿي. ڪڏهن ڪٿي. اڄ هتي آهيون. سڀاڻي خبر ناهي تہ ڪٿي هجون“ تلسيءَ هڪ وشال مُرڪ جي سرمئي ڪوهيڙي مان ٻاهر ايندي حقيقي اداسيءَ وچان چيو. سندس بليڪ هول جهڙا بہ گهرا ڪارا نيڻ جيڪي اک ڇنڀ ۾ سڄي ساري ڌرتيءَ کي ڳهڻ جي سگهہ رکندڙ هئا، اداس ٿي ويا.

سَرءُ جي هيڊي شام هن جي وڇوڙي جي پڪي امڪان سان وڌيڪ هيڊي ٿي وئي.

آڪاش کان ڌرتيءَ تائين ڦڪا پن پکڙجي ويا.

سارو وايو منڊل هيڊو ٿي ويو.

اسين مسافر ماڻهو...

اسين در در جا فقير...

زخمي پيرا. اکيون ٻيرا ٻيرا.

۽ هوءَ مٽس هڪ خاموش نهار وجهي پنهنجي ڦيريدار قبيلي سان گڏ الاءِ ڪيڏانهن هلي وئي.

وقت سان گڏ هو سندس بدن جي خانہ بدوش خوشبو، سانورو سراپا، پيرن جي نرمي، چيلهہ جو وراڪو ۽ اکين جو رنگ وساري ويٺو پر سندس ڪاڏيءَ جو تر وساري نہ سگهيو.

پوءِ بہ خانہ بدوش جا قافلا ايندا ويندا رهيا. پر اُهو قافلو ڪڏهن بہ نہ موٽيو جنهن سان تلسيءَ جو تعلق هو. شايد خانہ بدوشن جون اکيون واپسيءَ جا رستا ياد نہ رکنديون آهن پر ڪيئن چئجي تہ تلسيءَ جو تعلق ڪنهن سان هو...؟ ڪهڙي قبيلي سان هو...؟ هوءَ تہ جنم جنم کان جوڳڻ هئي. وڃائجي ويل اداس وجود هئي. نہ ڄاڻ ڪيس ڇا جي ڳولا هئي...؟

چيلاٽو اڃان بہ روشنيءَ جي دائري کان ٻاهر بيوس ٿيو بيٺو هو. پر شايد ڪو بہ چيلاٽو بي وس نہ

هوندو آهي. هر چيلاتو مرندي مرندي هڪ ٻئي چيلاتي کي جنم ڏئي ويندو آهي.طويل پاڪر ۾ ان ڪان ٻہ طويل چمي جي پيٽ ۾ چيلاتي جو وجود جاڳڻ لڳو. هو جيڪو ڪجھ لمحن تائين هڪ معصوم احساس ۾ پريل هو. ان جي اندر ۾ چيلاتو پر سوئڻ لڳو. تڏهن ڪيس محسوس ٿيو تہ جنهن چيلاتي ڪيئي سال اڳ ٻڪريون چاريندي ڪيس ڏنگيو هو ۽ پوءِ هميشہ سندس پنيان رهڻ لڳو هو سو تہ شايد روشنيءَ جي وشال دائري کان ٻاهر مري ويو آهي. پر پنهنجو وجود منجهس چڙهي ويو آهي... پوءِ جنهن مهل هن محسوس ڪيو تہ سندس هٿ جون پنج ئي آڱريون مومل جي وارن ۾ ايئن ڦاسي ويون آهن جيئن سينگاريون مڇيون سنهيءَ ڄار ۾ ڦاسي ڦٽڪنديون آهن. ۽ سندس مدهوش چمي جاڳي پئي آهي ۽ بي اختيار مومل جي سامونڊي ٻيٽ جهڙي لسي پيٽ تي ڪنل پکيءَ وانگر ڦٽڪي رهي آهي ۽ بي لباسيءَ جي موسم تيزيءَ سان پچي رهي آهي تہ هو چرڪ ڀري حواسن ۾ موٽي آيو. ٻئي پل هُن جلدي ۾ پاڻ کي مومل کان پري ڪري ورتو.. ٻہ پاڇولا جيڪي روشنيءَ جي دائري ۾ ڪجھ لمحن لاءِ هڪ ٻئي ۾ پيوست هئا، هڪ ٻئي کان پري ٿي ويا... هُو سيءَ بخار ۾ ڏڪندڙ ٻار وانگر سڄو لرزيو پئي.

”ڇا ٿيو آهي راڻا“

”ڪجھ نہ مومل.. ڪجھ بہ نہ“ هن ڏڪندڙ جسم ۾ ڏڪندڙ آواز سان وراڻيو۽ کيسي ۾ پيل چشمو ڪڍي مومل کي ڏنائين. آهستي آهستي روشنيءَ جو وشال دائرو ڏاڍو ڏاڍو ٿي ڇڄي پيو.

”مون ۾ چيلاتو جاڳي پيو آهي مومل.“ هن منهن تي لهي آيل وارن کي آڱرين سان مٿي ڪندي ۽ منهن تي جمي ويل گهم جي تھ کي اگهندي چيو.

”چيلاتو جاڳي پيو آهي...؟ ڇا مطلب..“ مومل چشمو اکين تي رکندي حيرت مان چيو.

”ڪجھ بہ نہ مومل ... پوءِ توکي ٻڌائيندس.. توکي چيلاتي جي خبر نہ آهي“.

”اڄ تہ هلون مومل....“ هن مومل جو هٿ وٺي ڪيس اونداهي ٻيٽ مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ سي ويو جي روشن ساحل ڏي هلڻ لڳو..

”راڻا...!!“

”هون..!!“

”توکي اونداهي ۽ اڪيلائي ۾ ڊپ لڳي ٿو؟“

”ها مونکي ڊپ لڳندو آهي.“

”پر ڇو... ڇا جو ڊپ... ڪهڙو ڊپ..؟“

”ڊپ سان منهنجوءِ مونسان ڊپ جو پراڻو تعلق آهي مومل“

هن روشنيءَ ڏي هلندي چيو۽ هڪ پل لاءِ مڙي پنتي ان طرف نهاريو جتي ڪجھ پل هو ڪافي دير تائين اڪيلا ويٺا هيا.

اهو پاسو گهري اونداهيءَ ۾ ٻڏل هيو. جبل جو پڙو بہ ڏنڌ ۾ اونده ۾ نظر ئي نہ پئي آيو... ڪارو سمنڊ ... ڪارو ساحل ۽ ويراني .... ۽ کيس حيرت لڳي تہ هو مومل سان گڏ اهڙي ويران هنڌ تي ڪيئن ويٺو هو. اوڏانهن ڪيئن ويو..؟ حيراني جو وشال دائرو.... روشني جو وشال دائرو... ڪو بہ دائرو نهڻ ۾ دير نہ ٿي لڳي. ڪو بہ دائرو ڊهڻ ۾ دير نہ ٿي لڳي.

آفيس ۾ مومل جي غير موجودگيءَ ۾ ڪيس مومل جي ڪاڏيءَ جو ترُ ياد آيو. مومل جي ڪاڏي جو تر ايئن سندس يادگيريءَ ۾ محفوظ هو جيئن پهرئين پيار جو پهريون جملو يا پهرين چمي هميشه لاءِ يادگيريءَ ۾ محفوظ رهجي ويندي آهي. هن لاءِ مومل ۽ سندس ڪاڏيءَ جو تر هڪ شئي هئا.يعني ڪاڏيءَ جو تر مومل هئو ۽ مومل ڪاڏيءَ جو تر هئي. ڪيس جنهن مهل به ۽ جتي به سندس چهرو چمڻ جو موقعو مليو هوندو ته هن هميشه پهرين چُمي سندس ڪاڏيءَ جي تر تي ڏني هوندي. ڪيس هميشه لڳندو هو ته اهو ته دراصل خوشبوءَ جو دروازو آهي. هو اڪثر سوچيندو هو ته جيڪڏهن ڪنهن به سبب جي ڪري ڪڏهن مومل جي ڪاڏيءَ جو تر گم ٿي ويو ته الاءِ هو مومل سان محبت قائم رکي به سگهندو الاءِ نه! مومل جي تر جو راڻي جي اوجاڳن، سجاڳين، ننڊن خوابن ۽ سندس ڳوٺ جي پنئين پاسي واري خالي ميدان سان گهرو تعلق هو. ميدان جيڪو هاڻي ميدان نه رهيو هو. بلڪ سم جي ڪاري پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ تبديل ٿي چڪو هو.

۽ هو تلسيءَ جي تر وٽان ٿيندو مومل جي ڪاڏيءَ وٽ پهتو.

هوءَ ڪمپيوٽر تي آفيس جي ڪم ۾ مصروف ۽ آس پاس جي دنيا کان بلڪل بي خبر ۽ پرسان پيل کوپ ۾ نرنڌڙ چانهه کان ۽ اکين ۾ پوندڙ وارن جي ڇڙواڳ چڳ کان بنهه بي نياز هئي.

اها بي نيازي سندس ادا هئي.

۽ لاپرواهي سندس ڪيموفلاج هئي يا شايد اها به هڪ مخصوص ادا هئي. اذيت ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ ته هڪ جملو، هڪ لفظ هڪ لمحو ئي ڪافي هوندو آهي. هوءَ ڪيس هڪ جملي، هڪ لفظ سان زخمي ڪري ڪو وقت ڦٿڪڻ لاءِ ڇڏي ڏيندي هئي ۽ وري ڪنهن پل هڪ لفظ هڪ جملي هڪ لمحي جي لمس سان سندس سڀ درد لاهي ڇڏيندي. ڪڏهن آفيس ۾ پرسان هوندي به ايئن احساس ڏياريندس جڻ هن سان سندس پري پري جو ڪو تعلق ڪونهي. ته ڪڏهن ايئن محسوس ڪرائيندس جڻ هوءَ سندس زندگيءَ جو ضروري حصو هجي جنهن ڪانسواءِ زندگيءَ جو تصور ممڪن نه هوندو آهي. هو اڪثر هڪ ٽٽل ۽ جهڪيل ۽ محروم ماڻهوءَ جيان ڪيس چوندو "مومل مون سان ليڪا نه ڪندي ڪر. مان ليڪن جي دنيا جو ماڻهو نه آهيان." ته هوءَ مرڪي چوندس "راڻا منهنجا سڀ ماڻا توسان ئي آهن ٻيو پلا ڪير آهي منهنجو" ته هُو سڀ تڪليفون وساري ويهندو ۽ هڪ جملو هميشه جيان سندس سيني جي غفائن مان نڪرندو "مومل. ٿينڪس تُو ڪم ان ماءِ لائف" ۽ هوءَ ڪنهن هٽرادو الاءِ حقيقي اداسيءَ وچان وري ڪيس اداس ڪرڻ لاءِ الاءِ سرهو ڪرڻ لاءِ چوندي "راڻا. مان توکي وڃائڻ نه ٿي چاهيان.. پر الاءِ ڇو لڳي ٿو ته مان توکي وڃائي ويهنديس" ۽ هو وري ڏک جي ڪکرن ۾ ڍڪجي ويو.

ماڻهو پنهنجي عمل کان وڌيڪ رد عمل مان سڃاپجندو آهي. شايد عمل ۽ ردعمل جي وچ تي به ڪجهه هجي... ۽ مومل پنهنجو ردعمل ظاهر ڪرڻ جي معاملي ۾ محتاط هئي.

۽ هو ناخوش هوندي به خوش هو.

يا شايد خوش هوندي به ناخوش هو.

هو چاهيندي به ڪيس وساري نه پئي سگهيو. شايد ڪنهن کي وسارڻ به ايئن ماڻهوءَ جي وس ۾ نه هوندو آهي جيئن ياد ڪرڻ. مومل ڏي گهٽي ڇڪ جو سبب هُو پاڻ هو. هُن جي اندر جي اٿاهه اُڃ هئي.

۽ اها اچ ئي سندس اذيت جو سبب هئي. شايد گهٽي اچ ئي ماٺهوءَ کي گهٽو يتڪائيندي آهي.

هو تہ شروع کان هڪ اڌورو ۽ محروم شخص هو.

محبتن کان محروم.

دوستيءَ کان محروم.

زندگيءَ کان محروم.

خوشيءَ کان محروم.

اعتماد کان محروم.

اسڪول جي اسيمبلي مهل سدائين آخر ۾ بيٺل شاگرد.

ڪلاس ۾ سدائين آخري بئنچ تي ويهندڙ ٻار.

لاريءَ ۾ هميشہ پٺئين دروازي کان سوار ٿي پٺئين سيٽ تي ويهندڙ مسافر. (آخر هو هڪ گدلو ٻارئي تہ هو)

هو ٻاروتڻ کان هڪ ڊنل، اڪيلو ۽ جاڳ توٽي ننڊ دوران ڊپ ۽ شرمندگيءَ ۾ مبتلا رهندڙ شخص هو. ننيڙپي ۾ نابالغ هٿ ۾ گسڪندڙ وڏي ۽ بالغ عضوي جي شرمندگي.

جهنگل ۾ اوچتو مٿان چڙهي ويل چيلاٽي کان شرمندگي.

گرم چانهہ ۾ سڙڻ جو ڊپ.

ڪلهي تي ويٺل کهرن چنبن واي چيلاٽي جو ڊپ.

ڳل تي لڳل استاد جي چماٽ جو ڊپ.

دل جي دوري جو ڊپ.

ڪينسر جو ڊپ.

موت جو ڊپ.

هو اهڙو شخص هو جنهن تي ٿوري وقت لاءِ بہ جواني نہ لٿي هئي. هو جوانيءَ جو انتظار ڪندڙ اهڙو شخص هو جنهن وٽ ٻاروتڻ کان پوءِ جوانيءَ بدران سڌو سنئون ٽڪل ۽ ڪمزور اڌڙوٽ پڻو لهي آيو هو ۽ جواني وچ ۾ ڪٿي گم ٿي وئي هئي ۽ پوءِ هو هميشہ لاءِ جوانيءَ جي انتظار ۾ مبتلا ٿي ويو هو. ۽ ڪڏهن بہ اڌڙوٽ پڻو قبولي نہ سگهيو.

هن پنهنجي اڌڙوٽ پڻي کي رد ڪرڻ لاءِ ڪيئي رستا ڳوليا هئا. پر ڪو بہ رستو سندس اڌڙوٽ پڻي کي رستو ڏئي نہ سگهيو هو. هو ڪاپي اک واري خواب جي اذيت ۾ ورتل اڌڙوٽ شخص.....!!

هو ڪڏهن بہ ڄاڻي ۽ سمجهي ۽ محسوس نہ ڪري سگهيو تہ جواني ڇا هوندي آهي...؟ ڪيئن هوندي آهي...؟ سندس شادي بہ ٻاروتڻ ۾ ٿي گذري هئي. جڏهن هو بي رونق چمڙيءَ هڙٻانون نڪتل منهن ۽ بنهہ ڪمزوري جسم وارو ڇوڪرو هو ۽ سومل کي تہ اجان بالغ ٿيئي بہ مهينا بہ نہ گذريا هئا. جنهن جي اکين ۾ هر وقت مايوسي، بي يقيني ۽ ڊپ جا پاڇا پيا لرزندا هئا. جنهن شاديءَ کان پوءِ هڪ مئل ٻار کي جنم ڏنو هو. ۽ هميشہ لاءِ ان ڊپ ۾ مبتلا ٿي وئي هئي تہ هاڻي هوءَ مئل ٻار ڄڻيندي. هوءَ پاڻ کي هر وقت "مئل ٻار جي ماءُ" سمجهڻ لڳي هئي.....!!

انهن ناتمام خواهشن/محرومين ۽ ٽٽل خوابن جي ڇيڙي تي جڏهن هو سيني محرومين کي قبول ڪري پاڻ تي خوابن جا دروازا بند ڪرڻ جي سرحد تي پهچي چڪو هو ته اوچتو مومل پنهنجي سجاڳ چاهت سان سندس زندگي ۾ شامل ٿي ته ڪيس اهڙي خوشي ٿي جهڙي ان قيدي کي ٿيندي آهي جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڦاهيءَ جو ڦندو پيل هجي ۽ هو ليور ڇڪجڻ جي مئل انتظار ۾ هجي جو عين ان وقت ڦاهي ملتوي ٿيڻ جو حڪم نامو پهچي وڃي. اها هڪ محروم ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ آيل خوشيءَ جي اهڙي ٻوڏ هئي جيڪا ڪيس ٻوڙڻ لاءِ ڪافي هئي. سو هو ٻڏي ويو. هو ٻڏڻ لاءِ اڳ ئي تيار هو. هو جهڪي پيو. هو جهڪڻ لاءِ تيار هو. شايد ازل کان هر ماڻهوءَ جي هردي ۾ هڪڙو سجدو پٽڪندو رهيو آهي. ان ڪري ئي هو ڪڏهن خدا جي آڏو جهڪندو رهيو آهي ته ڪڏهن بت جي آڏو. ڪڏهن ديوي جي چرنن ۾ جهڪندو رهيو آهي ته ڪڏهن محبوبا جي قدمن ۾. ان سجدي کان سواءِ هن پاڻ کي هميشه اڌورو ۽ بي چين محسوس ڪيو آهي. ۽ جڏهن هن کي جهڪڻ جو موقعو مليو ته هو جهڪي پيو. ۽ ڪيس پنهنجي آڏو سجده ريز ڏسي شايد مومل ۾ عورت بدران ديويءَ جهڙي انا جاڳي پئي ۽ هوءَ ڪائنس اهڙا اڻ چيا مطالبا ميجرائڻ جي تقاضائن تي لهي آئي جيڪي هن جي وس ۾ نه هئا. آخر هو ديوتا ته نه هو. هو ته عام ماڻهو هو سو پنهنجي سموري حواسن سميت ڍهي پيو. اهو سندس اميد جو آخري ساهه ثابت ٿيو ۽ سندس خواب مري ويو.

هو مومل جي تر مان ٻاهر نڪتو ته آفيس ذري گهٽ خالي ٿي چڪي هئي. خالي آفيس اڪثر ڪيس سٺي لڳندي هئي. ملازمن جي وزن کان نجات پاتل ڪرسيون.

فائلس ۽ ويٽ اسٽون جي وزن کان آزاد ٽيبلز.

آوازن جي منڊل شور کان آجا ڪمرا.

ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي قدمن جي بي ترتيب آوازن کان آزاد فرش...

سڀ ڪجهه خالي خالي.

ڪمرا خالي، هال خالي، راهداريون خالي، سيڙهيون خالي.

ڪڏهن ڪڏهن ڪيس خالي آفيس کان ڊپ ٿيندو آهي. ڪيس اڪثر خالي ڪمرن مان ڪجهه ٽٽل ٽٽل ۽ ڇچريل آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن.

پر ان منجهند هن ٽٽل ڦٽل آوازن ڏي گهٽي توجهه ڏيڻ بدران ان سوال بابت پئي سوچيو ته ”مومل ۾ منهنجي دلچسپي ته سمجهه ۾ اچڻ جهڙي آهي پر مون ۾ مومل جي دلچسپي ڇو آهي...؟؟“ مومل ڇا ٿي چاهي...؟ آخر هن مونکي سومل سميت ڪيئن قبول ڪيو آهي..؟ ڪيئن...؟؟

هڪڙو سوال جنهن جا ڪيئي جواب ٿي پئي سگهيا.

هڪڙو سوال جنهن جو ڪوبه جواب نه هو.

هڪڙو سوال جنهن جو جواب موجود هو پر اهو جواب ڪيس اذيت ۾ مبتلا ڪرڻ لڳو هو. ۽ اها ان سوال جي اذيت ئي هئي جيڪا ڪيس هڪ دفعو وري ڇيچ مان وٺي اچي ڏک/ڊپريشن جي دروازي بيٺي.

شيشي واري دريءَ جي پرئين پاسي ٽيبل ڏي ڏسندي جتي موتئي ۽ گلاب جا ڪجهه گُل ذري گهٽ پاروٽا ٿي چڪا هئا هن اهو ڪجهه سوچيو جيڪو هو عام رواجي حالتن ۾ قطعي نه سوچي ها. هن لاءِ

اهي ويا جي ڏهاڙن جهڙيون حالتون هيون ان ڪري هن سوچيو ته ٻينگي مچر جي نه دوستي چڱي نه ڪا دشمني ڀلي. ٻينگي مچر کان هر حالت ۾ پري رهڻ گهرجي. پر ڪير به پنهنجي گهر جي دروازي تي ٻينگي مچر کي تنبيهه ڪرڻ لاءِ No Entry جي تختي نه ٿو لڳائي سگهي. تختي لڳائڻ سان ڪو فرق به نه ٿو پئي. جيڪي زوري گهر ۾ داخل ٿيڻ ويندا آهن اهي نه ڪو تختي پڙهندا آهن نه ڪو دروازو کڙڪائيندا آهن. ۽ ٻئي پل هن بي دليءَ وچان ٻانهن ۾ ٻڌل واچ ڏي ڏٺو.

ڏهه لڳي ڏهه منٽ.

۽ ڪجهه سيڪنڊ.

پر هن سيڪنڊ واري ڪانٽي ڏي گهڻو ڌيان نه ڏنو. بلڪ ڌيان ڏنو ئي ڪونه. سيڪنڊ واري ڪانٽي ڏي ڪير به ڌيان ڪونه ڏيندو آهي. جيتوڻيڪ سيڪنڊ وارو ڪانٽو ئي وقت جو بنيادي جزو آهي جيڪو منٽن، ڪلاڪن، ڏينهن، راتين، هفتن، مهينن، سالن ۽ صدين کي جٽيندو آهي ۽ عمارتون زبون ٿي وينديون آهن. وڻ ۽ درياهه جهونا ٿي ويندا آهن. جبل لسا ٿي ويندا آهن ۽ ماڻهو پوڙهو ٿي ويندو آهي. جيئن آفيس جو پٽيوالو غلام رسول عرف گلي پوڙهو ٿي ويو آهي ڏند پڇي پيا اٿس. پچل ڏندن مان ڳالهائڻ مهل سندس آواز ۽ لفظ واريءَ وانگر وهي ويندا آهن ۽ هُن کي سندس جملا سمجهڻ ۾ ايئن ڏکيائي محسوس ٿيندي آهي جيئن ڪنهن مڏي ريزر سان شيو ڪندي ٿيندي آهي. وار اڇا ٿي ويا اٿس. هر هفتي وارن کي خضاب هڻندو آهي، پاڻ کي جوان سمجهڻ جي خوشفهميءَ ۾ مبتلا رهندو آهي ۽ باقائدگيءَ سان سگريٽ ڇڪيندو رهندو آهي. آفيس جي ذري گهٽ چئن پنجن پٿين تي No Smoking جون تختيون لڳل آهن. پر گلي انهن ڏي توجهه نه ڏيندو آهي. هو اڻپڙهيل آهي. تختيءَ جي معاملي ۾ هر طرح جي اخلاقي دٻاءَ کان آجو آهي. هونءَ به ڪنهن قسم جي اخلاقي دٻاءَ کان آجو رهڻ لاءِ اڻ پڙهيل هجڻ بنيادي شرط ڪونهي. هُن هڪ دفعو وري ڪنڌ ورائي ڪاپي پاسي شيشي جي دريءَ مان پرئين ڪمري ۾ ناسي ٽيبل تي پيل موتئي ۽ گلاب جي پاروٿن گلن ڏي نهاريو. ۽ ٽيبل ڏي ڏسڻ لاءِ غير ضروري طور تي پنهنجو ڪنڌ ذري گهٽ سٺ ڊگري تائين ڦيرايو. جڏهن ته ٽيبل تائين نهار جي پهچڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ ٽيهه ڊگري تائين ڦيرو ڪافي هو. اصل ۾ اهو عادت جو الميو هو. هو اڃان ڪاپي اڪ جي خواب مان آزاد ٿي نه سگهيو هو. توڙي جو هاڻي سندس ساڃي اڪ پنهنجي حصي جي ذميواري پاڻ ڪڻڻ جهڙي ٿي چڪي هئي پر شايد اڃان ساڃي اڪ روشنيءَ جي هيراڪ ٿي نه سگهي هئي. يا شايد هن جو ڪنڌ سندس ساڃي اڪ جي عادت جو عادي ٿي چڪو هو. ۽ جنهن مهل به هن ساڃي پاسي ڏسڻ ٿي چاهيو ته سندس ڪنڌ پاڻ همورو ايترو ڦري ٿي آيو جيترو ڪاپي اڪ جي خواب مهل ڦرندو هو. بهرحال ڪيس پنهنجي ان عادت ۽ حالت تي ڪاوڙ لڳي.

هن پاروٿن گلن ڏي ڏسڻ جو ارادو بدلائي پنهنجي نهار ۽ ڪنڌ کي واپس موٽائي ٽيبل تي رکيل ڪمپيوٽر تي مرڪوز ڪيو.

اکين ۽ ڪنڌ جي تڪڙي واپسي. هڪ خاموش سزا.

پنهنجي پاڻ کي سزا.

ڪنڌ کي سزا.

ساڄي اک ڪي سزا.

کاٻي اک جي خواب ڪي سزا.

هن ڪي ڪمپيوٽر ”آن“ ڪري آفيس جو ڪم ڪرڻو هو پر ڪائنس ڪم ڪرڻ نہ پئي پڄو.

”ڪم ڪرڻ گهرجي“ هو چپن ۾ پڙڪيو.

هن پاڻ ڪي ڪم لاءِ زوريءَ تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هو ڪالهہ شام کان ڊينگي مڇر جي ڏپ ۾ مبتلا هو. سندس هٿ هر هر نرڙ ڏي کڄي ٿي ويو ۽ هو آڱرين سان نرڙ جي وچ تي موجود ننڍڙي ڦوڙهيءَ کي ڇهڻ ٿي لڳو. سندس خيال هو تہ ڪيس ڪالهہ شام ان جاءِ تي جنهن مڇر چڪ پاتو آهي اهو ڪو عام مڇر نہ آهي پر ڊينگي مڇر آهي. هن پنهنجي پرسان ڪنهن کي بيٺل محسوس ڪيو. اهو پٽيوالو غلام رسول عُرف گلي هو. هن ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو ۽ راڻي کي خبر هئي تہ هو ڇا چوندو تنهنڪري هن ڪيس پنهنجا لفظ استعمال ڪرڻ جي تڪليف کان بچائڻ لاءِ چيو ”ڪينٽين تي چاءِ وچي پيءُ مان پيسا ڏيان ٿو.“ گلي هٽرادو ڏند ڪڍي کلڻ لڳو. اها هٽرادو ڏندن جي غير هٽرادو کِل هئي.

هونءُ گلي جو خاص مشغلو آفيس جي سيني ملازمن کي پنهنجي اُها ڪهاڻي ٻڌائڻ آهي جنهن ۾ ڪنهن جي بہ ڪابہ دلچسپي ناهي پر اها ڪهاڻي سندس لاءِ زندگيءَ جي اهم ڪهاڻي آهي.

ٿورڙن لفظن ۾ سندس ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال هي آهي تہ هو جوانيءَ ۾ جنهن عورت سان پيار ڪندو هو ان جهڙي سهڻي عورت سڄي دنيا ۾ ڪا نہ هئي پر هو ساڻس وفا نہ ڪري سگهيو پيءُ جي چوڻ تي پنهنجي ماروٽ سان شادي ڪيائين ۽ سدائين لاءِ پڇتاءُ ۾ مبتلا ٿي ويو.

شايد دنيا ۾ تمام ٿورا ماڻهو اهڙا هوندا جن وٽ ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ پنهنجي ڪابہ ڪهاڻي نہ هجي ۽ ان ڪري ئي هو سدائين ٻين جون ڪهاڻيون ٻڌائيندا رهندا آهن. نہ تہ گهڻو ڪري هر ماڻهوءَ وٽ ٻڌائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪهاڻي ضرور هوندي آهي. اُها هڪ ڪهاڻي سندس ڪل ملڪيت هوندي آهي. هُو ان ڪهاڻيءَ ۾ ئي زندگي گذاريندو آهي. ان ڪهاڻي مان سندس دلچسپي ڪڏهن بہ گهٽ نہ ٿيندي آهي. هر ڀيري ڪيس اُها ڪهاڻي اڳ کان وڌيڪ دلچسپ ۽ نئين نئين پاسندي آهي. ڪيس ان ڳالهہ جي پرواهہ نہ هوندي آهي تہ ٻڌندڙ کي ان ڪهاڻيءَ ۾ ڪا دلچسپي آهي يا ناهي. بس هو پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ ۾ مگن هوندو آهي.

گلي پنهنجي ڪهاڻي ڪيترن ئي ماڻهن کي ڪئي ڪئي دفعا ٻڌائي چڪو آهي. ان ڪري هاڻي گهٽ ۾ گهٽ آفيس ۾ سندس سوين دفعا ورجايل ڪهاڻي ٻُڌڻ لاءِ ڪير بہ تيار نہ هوندو آهي.

پر راڻو بهرحال ڏينهن ۾ هڪڙو دفعو سندس ڪهاڻي ضرور ٻڌندو آهي. ڪيس اندازو آهي تہ جي هن سندس ڪهاڻي ٻڌڻ کان انڪار ڪيو تہ هو زندگيءَ مان دلچسپي وڃائي ويهندو. شايد ڪجهہ ماڻهو جيئرا ئي رڳو ان ڪري رهي سگهندا آهن جو اُهي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندا رهندا آهن. سندن ڪهاڻي ٻڌائڻ وارو عمل بند ٿيندو تہ شايد اهي مري ويندا. شايد ڪُجهہ ماڻهن جو جيئڻ سندن ڳالهائڻ سان ڳنڍيل هوندو آهي. هونءَ بہ هتان جي ماڻهن وٽ ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ سندن سڄو ماضي ڳالهين/قصن/زخمن سان ڀريو پيو آهي. انهن وٽ ياد رکڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ۽ وسارڻ لاءِ ڪجهہ بہ

ڪونهي. بلڪل ائين جيئن سندس پيءُ جي زندگي ڳالهائڻ سان مشروط آهي. سندس پيءُ جنهن روينيو کاتي ۾ ڪوتوار طور جهرجهنگ ۽ رڻ ريگستان جهاڳيندي زندگيءَ جا ڪئي سال گذاري ڇڏيا هئا. هر وقت پيو ڳالهائيندو آهي. چُپ رڳو سمهڻ مهل، يا نماز وغيره پڙهڻ مهل ٿيندو آهي. پر هُن وٽ ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ پنهنجي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي. هن وٽ ٻين کي ٻڌائڻ لاءِ رڳو ٻين جون ڳالهيون آهن. جيڪي اڻ کُٽ ۽ طويل آهن. جن ۾ بہ ٻڌڻ وارن لاءِ ڪا خاص دلچسپي نہ آهي پر اهي ڪهاڻيون هن کي مسلسل ڳالهائڻ لاءِ مواد فراهم ڪنديون آهن. ۽ هو ڳالهائيندو رهندو آهي. ان ڏينهن ڳوٺان پاڻس فون ڪري ٻڌايس ”بابا ٺيڪ نہ آهي. پيشاب بند ٿي ويو اٿس“

تڏهن هو پهرين فرصت ۾ پيءُ جي بيماريءَ بابت سوچڻ بدران اهو اندازو ڪرڻ لڳو هو تہ ڳوٺ مان مور جي مرڻ واري خبر اچڻ ۽ بابس جي پيشاب بند ٿيڻ واري فون اچڻ جي وچ ۾ ڪيتري عرصي جو فرق آهي..؟

ڇهہ مهينا...؟

ٻارهن مهينا..؟

ڏيڍ يا ٻہ سال..؟

يا ان کان وڌيڪ يا ان کان گهٽ...؟

پر پڪيءَ طرح اندازو ٿي نہ سگهيس تہ انهن ٻنهين اطلاعن جي وچ ۾ ڪيترو فاصلو آهي. ۽ کيس پنهنجي ڪمزور ياداشت تي ٿورو افسوس ٿيو.

ان منجهند بہ هو اسپتال ۾ داخل پيءُ وٽ پهتو تہ پٽس اسپتال جي وارڊ بواءِ ۽ خاڪروب کي ڳالهايون ٻڌائي رهيو هو. ”جمال خان ۽ ڪمال خان جي توهان کي کهڙي ڳالهہ ٻڌايان. جمال خان ۽ ڪمال خان جو وڏو نٽ هو. وڏي ڳالهہ هئي. وڏو دٻدٻو هو. جمال خان ۽ ڪمال خان رئيس جي اوطاق تي ايندا هئا تہ رئيس اُٿي بيهندو هو. جمال خان ۽ ڪمال خان کي پاڻ سان گڏ ويهاريندو هو. جمال خان ۽ ڪمال خان وڏا دلير هئا. مون کي هر ڏکي گهڙيءَ ۾ ڪم آيا. جمال خان ۽ ڪمال خان...“ پاڻس مٿس ڪاوڙيو دروازي وٽ بيٺو هو ”مرين ٿو تہ بہ ڳالهائڻ کان نہ ٿو مُڙين. ڪمال خان ۽ جمال خان ۽ آڳوڻي جو مٿو. خبر آ مونکي تڪي جيتري عزت هئي ٻنهي پاڻ جي وڏيري وٽ .... رڳو توکي پيا ڏاڙون ٻڌائيندا هئا.“ جڏهن تہ ڊاڪٽر جو اسسٽنٽ پٽس کي ڪيٿيٽر پاس ڪري پنهنجي ’روم‘ ۾ پهچي چُڪو هو. پيشاب جو زور ٽٽڻ کان پوءِ پٽس وڌيڪ آرام ۽ خوشيءَ سان ڳالهائڻ لاءِ تيار هو. هن لاءِ ڳالهائڻ ۽ مسلسل ڳالهائڻ سندس زندگيءَ جي وڏ کان وڏ آعليٰ عياشي هئي. ”بابا... ٿورو گهٽ ڳالهاءِ.. توکي آرام جي ضرورت آهي“ هن سندس پرسان بيهندي چيو.

”ڪٿي ٿو ڳالهايان ابا... ڪو نہ ٿو ڳالهايان .. ليٽيو تہ پيو آهيان باقي ٻيو ڪهڙو آرام ڪيان“

هن هميشہ وانگر ان ڏينهن بہ گهڻو ڳالهائڻ واري الزام کي سختيءَ سان رد ڪري ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڏهين وڳي سندس غدود جي آپريشن ٿيڻي هئي. هو پاڻس سميت کيس آپريشن ٿيٽر جي دروازي وٽ او ٽي ٽيڪنيشن جي حوالي ڪري آيو. ڪجهہ ڪلاڪن جي انتظار کان پوءِ هو نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ اسٽريچر تي ڪچي ڪمري ۾ شفٽ ٿي چڪو. اکيون بند. ٻانهن ۾

ٻرپ ۾ پيشاب واري ٿيلهي لڳل. ذري گهٽ سڄو جسم مختلف قسم جي نلين ۾ ويڙهيل ۽ هو گهڻو گهڻو ڳالهائيندڙ پوڙهو ماڻهو بلڪل ماٺ. جهڙو لاش. هو سندس پر ۾ ئي بيٺل. ڊاڪٽر ۽ ٻيو عملو ٻاهر نڪري ويو. هن جي دل ڀرجي آئي. ڪيس لڳو جڻ سندس پوڙهو پيءُ ڳالهائڻ ڪان سواءِ زندگيءَ ڪان محروم ٿي چڪو آهي. هن جي زندگي ته ساهه سان نه پر ڳالهائڻ سان مشروط هئي.

هُن هيٺ جهڪي ڪيس سڏيو. 'بابا.... او بابا....' پڻس اکيون کولڻ جي ڪوشس ڪئي.

'جي بابا... جي' سندس آواز ڏاڍو ڪمزور ۽ ٽڪل هو.

"طبيعت ڪيئن آهي بابا"

"نيڪ... نيڪ... آهه...يان....ابا"

ڪيس لڳو جڻ هُو پنهنجي پوڙهي پيءُ سان نه پر پنهنجي ننڍڙي پٽ سان ڳالهائي رهيو هجي. هن زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪيس ايئن چپ ڏٺو هو. لفظن کان، آواز کان ۽ ڳالهائڻ کان خالي. ۽ ان ڳالهه ڪيس روئڻهارڪو ڪري وڌو

"بابا... او بابا..." هن هڪ دفعو وري غنودگيءَ ۾ اچي ويل پيءُ کي سڏيو. ڪيس ان مهل پيءُ تي ڏاڍو پيار آيو. اڳ ۾ ڪڏهن به ڪيس پيءُ تي ايترو پيار نه آيو هو. بلڪ شايد آيو ئي نه هو. الاءِ ڇو؟ پيءُ پٽ جي وچ ۾ اهڙو خال هو جيڪو ڪڏهن به ختم نه ٿيندو آهي. ۽ هينئر پڻس جي ڪنارن تائين ڀريل خاموشيءَ اُن خال کي ختم ڪري/ ڀري ڇڏيو هو.

"جي ابا.. ابا مان نيڪ آهيان. تون پريشان نه ٿي..." هن پٽ کي آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس لفظ ڏک ۾ آلا ٿي ٿتي پيا. سندس پوڙهين اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا... هن سڄيءَ زندگيءَ ۾ پيءُ جي اکين ۾ ڪو ڳوڙهو نه ڏٺو هو. ڪڏهن به نه. تڏهن به نه جڏهن سندس ماءُ جو لاش نم جي هيٺان هڪ تنها ڪٽ تي تنها چانءَ ۾ رکيو هو ۽ ملياٽيءَ پاٽي گرم پئي ڪرايو. هن هيٺ جهڪي ڪيس ڀاڪر پاتو ۽ سندس گهنجيل ڳلن تي چميون ڏنيون ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري ٻارن وانگر سڏڪا ڀري رُوئڻ لڳو.

گُلي چانهه پيئڻ بدران اجان سندس مٿن کان بينو مصنوعي ڏندن سان غير مصنوعي مُرڪ مرڪي رهيو هو. جنهن جو مطلب هو ته "رڳو چانهه نه پر منجهند جي ماني به"

هُو دراز مان ننڍڙو ڪاغذ ڪڍي گليءَ لاءِ ماني لکي ڪاغذ سندس هٿ ۾ ڏئي ڪمپيوٽر جي ڪي بورڊ جي ويجهو ٿيو ۽ مائوس سان ڪرسر کي اسڪرين تي گهمائي User name تي اچي بيٺو. نالو لکي پاس ورڊ لاءِ ڪي بورڊ جي اکرن تي آڱريون رکندي سندس نظر "P " تي پئي. ذري گهٽ ڇرڪ نڪري ويس. آڱر جي پرسان ئي مڇر ويٺو هو. غور سان ڏٺائين مڇر مئل هو. هڪ دفعو وري سندس ڌيان ڊينگي مڇر ڏي ۽ آڱر پيشاني ڏي ڊوڙي وئي. "گهڻو ڪري اهو ڊينگي مڇر آهي" هن پيشاني تي موجود ننڍڙي ڳوڙهيءَ کي مهٽيندي سوچيو.

ڪافي ڏينهن کان جتي ڪٿي ڊينگي مڇر جو ڊپ ڦهليل آهي. اخبارن ۽ ايف ايم ريڊيو جي لهرن ان ڊپ کي گهڻو وڌائي ڇڏيو آهي. ڊپ جو دائرو شهر کان وڌي ڳوٺن تائين پهچي ويو آهي. گذريل ڏينهن آفيس جي آڊيٽوريئم هال ۾ شهر جي فزيشن ڊينگي بابت ليڪچر پئي ڏنو.

سامهون ويٺل حاضرين مان ڪنهن ڊاڪٽر کان مرڪندي پڇيو"ڊاڪٽر صاحب، ڊينگي مڇر

مادي آهي يا نر؟“موت ۾ ڊاڪٽر جي ٻه سنجيده چپن تي مرڪ پکڙجي وئي.

”ڊينگي مڇر مادي آهي“

هال ۾ ويٺل مردن ۽ عورتن ۾ مرڪن ۽ ٽهڪن جا جلترنگ ڇڙي ويا.

پر هو کلي نه سگهيو. مُرڪيو به ڪونه.

”گهر جي اڳيان خراب پاڻيءَ جا ڍُبا آهن. ڍُبن ۾ بدبو آهي.... جيت آهن. مڇرن ۾ ڊينگي مڇر آهي“ هو پاڻ کي ڏسٽي آگر سان نرڙ تي موجود ننڍڙي ڳوڙهي کي ڇهڻ کان روڪي نه سگهيو. ۽ ان مهل کان کيس پڪ ٿي وئي ته ساڻس ڊينگي مڇر جو حادثو پيش اچي چڪو آهي.

هن ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر سان ’P‘ تي ويٺل مڇر کي پري ڪيو ته مڇر P تان کڃي ’D‘ تي وڃي ڪريو. هن سوچيو ’D‘ معنيٰ Death ، معنيٰ موت. مڇر جي چڪ سان موت, موت جا هٿيار, بندوق سان موت, ڪهاڙيءَ سان موت, بم گولي سان موت, وبا سان موت, مڇر سان موت. ڊپ جو وڏندڙ دائرو. هر احساس کي گهيري ۾ آڻيندڙ وسيع دائرو. جهڙو طوفاني ٻوڏ ۾ دريا جو ڪن. هر شئي کي پاڻ ڏي ڇڪي ڦيرائي پنهنجي اندر ۾ غرق ڪندڙ ڪُن. ڪاٺ, تختا, وڻن جا ڏار,ٽاريون, وڻ, جانور, ماڻهو سڀ ڪجهه ڪن جي وات ۾.... ۽ ڪن جون ڀيانڪ دانهون.... غون... غون... غر غر... گهر.... جهڙو وحشي جانور....

مطلب ته مان هڪ معمولي مڇر جي چڪ سان زندگي وڃائي ويهندس. بس اها آهي ماڻهوءَ جي زندگي ۽ زندگيءَ جي حيثيت... مان جو هيترن سالن کان زنده رهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان. زنده رهڻ لاءِ ڪائندو پيئندو رهيس, ايڪسيڊنٽ کا بچڻ لاءِ فوٽ پاٿ سان هلندو رهيس.. روڊ ٽپڻ مهل ٻنهين پاسي ڏسندو رهيس, بخار ۾ دوائون وٺندو رهيس.. اهوسڀ ڪجهه فضول هو؟ ته معنيٰ منهنجي اها ڪيترن ورهين کان زنده رهڻ جي ڪوشش اجائي هئي؟ سڀ ڪجهه هڪ مڇر جي چڪ سان ضايع ٿي ويندو؟ جي ايئن ئي ٿيڻو هو ته پوءِ زنده رهڻ جو مطلب ڇا هو؟ هڪ اجائي ڪوشش... فضول ارادو..؟ بس...., بدن ۾ گهٽو سور ٿيڻ لڳس. هلڪو بخار به. مٿي جو چڪر. الٽيءَ جو احساس. دل ڪچي. آفيس جا ڪليگ پنهنجي ڪم ڪار ۾, ڳالهائڻ ۽ کلڻ ۾ مصروف. سيئي سندس اذيت کان بي خبر.

”سارنگ کي ٻڌايان هان.... ته ڇا چئي هان؟“ هو ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏئي زور سان ڦيريون پائيندڙ ڪُن جي آواز کان بچڻ لاءِ سوچڻ لڳو.

”تنهنجو هي ڊپ اجايو نه آهي منهنجا دوست. اسين سڀ ورهين کان وبائي صورتحال ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون. تنهنجو ڊپ بجا آهي منهنجا دوست ڇا چيم“ سارنگ سنجيدگيءَ سان چوي ها.

”اسين ورهين کان وبائي حالت ۾ زندگي گذاري رهيا آهيون“ مان چوان هان.

”هانءِ شاباس... منهنجا دوست...! باقي هنن مکين ۽ مڇرن کي ڪير ٿو پڇي. مکيون, مڇر ۽ ڏونهون دز تي پنهنجي خوارڪ جو حصو ٿي چُڪا آهن. هي ڏس منهنجي ٻانهن تي ڪيترا چڪ لڳل آهن“

هو پنهنجي ساڄي يا ڪاٻي ٻانهن تان قميص پري ڪندي کيس مڇرن جا چڪ ڏيکاريندي چوي

ها....

”تون ڏپ نہ ڪر منهنجا دوست. وبائي صورتحال ۾ ماڻهوءَ کي پنهنجي ساهہ مان بہ موت جي بوءِ ايندي آهي.. بيءِ کا ڳالهہ ناهي.. ڊينگي مڇر کي وساري ڇڏ. ڪاڻ پيءُ موج ڪر منهنجا راڻا چا چيم.. “

”ڪاوان پيئان موج ڪيان“ مان چوان ها ۽ موٽ ۾ هو ”هاڻ شاباش...“ چئي مُرڪي پوي ها ۽ مان عارضي طورئي سهي ڊينگي مڇر جي ڏپ مان نجات حاصل ڪري خوش ٿيان ها پر...“

”پر چا...؟“ هن اداسيءَ جي حالت ۾ پاڻ کان پڇيو. ”پر هاڻي سارنگ مڇرن مکين، دز ۽ دونهن سان پريل هن شهر ۾ رهي ئي نہ ٿو. هاڻي تہ هو سفارتڪارن جي صاف سٿري شهر ۾ رهي ٿو. هن لاءِ ڪاپي اک جو خواب ڪڏهوڪي بي معنيٰ ٿي چڪو آهي. هو ڪاپي اک جي خواب جو مفرور آهي.“ هو تہ ڪڏهوڪو ڪاپي اک جي خواب مان ٻاهر اچي چڪو هو. هاڻي تہ رڳو ان خواب جا ڪجهہ چٽا ۽ اڻ چٽا رنگ سندس يادگيري جي ڊسڪ ۾ وڃي بچيا هئا. جيڪي ڪڏهن ڪڏهن سندس ۽ ڳالهين مان اپرڻ ٿي لڳا. هاڻي وٽس رڳو ڳالهيون وڃي بچيون. سارنگ جي قبيلي جا اهي سڀ فرد جيڪي ڪاپي اک جي خواب مان جلا وطن ٿي ڪو وقت بي سمت راهن ۾ ڀٽڪي رهيا هئا تن هاڻي پنهنجو پناهہ گاهہ ڳولي ورتو آهي. هاڻي اهي انقلاب جي آرزوءَ ۾ پير پٽون ڪرڻ ۽ ڦاسيءَ جي ڦندي تي رقص ڪرڻ جو ن خواهشون ۽ ڳالهيون وساري سستا ۽ سولا انقلابي ٿي پيا آهن. اهي پنهنجي هر شام کي رنگين شام بڻائي جام جي ناسي گلاس ۾ رهڻ، سگريٽ مان سگريٽ دکائڻ ۽ تڏا ساهہ ڪٽي مڌ جي نشي ۾ ڏکيون ڳالهيون ڪرڻ کي آخري حاصلات سمجهڻ لڳا آهن. ۽ پنهنجي حقيقي شڪست کي مصنوعي فتح ۾ بدلائڻ لاءِ اخباري ڪالم نگار ۽ ٽي ويءَ جا تبصراتي مهاندا بڻجي پنهجي زخمي ضمير کي مطمئن ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا آهن. هاڻي اهي سڀ Verbal Diarrhoea ۾ مبتلا ٿي ويا آهن.

ڪيس سارنگ جي غير موجودگي شدت سان محسوس ٿي.

”چانهہ پيڻ گهرجي“ هن پنهنجي پاڻ کي همت ڏيارڻ جي شعوري ڪوشش سان سوچيو.

”گُلي... او گلي“ هن پٽيوالي کي سڏيو. گلي پهرئين سڏسان ڪنهن کي بہ سڏ نہ ڏيندو آهي. هو ٻوڙو تہ ڪونهي پر ڪم پوڻ مهل ٻوڙو ٿي ويندو آهي.

”جي ....“ نيٺ گليءَ سڏ ورنايو ۽ پيرن ۾ لڙڪندڙ اڳٺ مٿي ڪندو سندس پرسان اچي بيٺو.

”گُلي، يار چانهہ تہ وني آءُ“

”حاضر.. مان بہ پيئان.“

”هائو... تون بہ پيءُ..“

گلي خوشيءَ مان وڏيون ٻرانگهون ڪٽندو ڪينٽين ڏي هليو ويو. هونءَ راڻي کي چانهہ کان ڪافي وڌيڪ پسند آهي پر ڪينٽين ۾ ڪافي نہ ملندي آهي. هو جنهن مهل بہ چانهہ بابت سوچيندو آهي ڪيس ڪافيءَ جو ذائقو ياد اچي ويندو آهي. هينئر ڪيس ڪالهہ شام گهر ۾ پيتل ڪافي جو ذائقو ياد آيو. بلڪ اڃان تائين سندس وات ۾ ڪافي جو ذائقو موجود هو. اها ڪافي ايتري ڪڙڪ هئي جو رات دير سان پيشاب ڪرڻ مهل ڪيس پيشاب مان بہ ڪافيءَ جي بوءِ آئي هئي ۽ هو پاڻ کي حيرت ۾ پوڻ کان روڪي نہ سگهيو هو. گلي چانهہ ڪٽي آيو.

هن چانهه ۾ اڌ چمچ کنڊ جو ملائي پهرين سُرڪ پريندي ئي پنهنجي طبيعت کي ڪنهن حد تائين بهتر محسوس ڪيو.

۽ هن ڏٺو ته سندس ويٺي ويٺي آفيس خالي ٿي وئي. ڪنهن پل ويٺي ويٺي سڀ ڪجهه خالي خالي ٿي ويندو آهي. آفيس جا سڀ ڪمرا خالي. دالان خالي، ورانڊا خالي. خالي ڪمرن ۽ ورانڊن ۾ پڙڪندڙ پاڇولا... آواز... گذارشون انتظار.. سفارشون ... رشوتون. سر منهنجو ڪم اڃان نه ٿيو آهي..؟ مهرباني ڪيو ها... ٿوو وقت لڳندو انتظار ڪيو. سر پليز... نه.. نه.. اڃان نه.. ڪجهه وقت کان پوءِ مٺي به ته حساب ڪتاب ڏيڻو آهي. سگريٽ پيار... سر اسان جون ته هلي هلي جُتيون گسي ويون آهن... سر منهنجو فائل ڪيڏرايو... خرچ لڳندو. مفت ۾ ڪم ٿيندا آهن ڇا...؟ سر مان حقدار آهيان.

ها ها ها ها... حقدار.. حقدار ها ها.. خالي ڪمرن ۾ گونجندڙ ٽهڪن جا آواز...

هو ڊوڙي آفيس مان ٻاهر نڪتو...

ڪيس هڪ دفعو وري پٽيوالو گلي ياد اچي ويو. اڄ صبح کان گليءَ کي زڪام هو. هونءَ ڪيس گلي فقط آفيس جي چوديواريءَ تائين ياد رهندو آهي. پر ان ڏينهن آفيس کان ٻاهر نڪرڻ بعد به ڪيس گلي ياد رهيو. پيرن ۾ لڙڪندڙ اڳٽ ۽ نڪ مان وهندڙ زڪام وارو گلي. ان ڪري ئي شايد ان ڏينهن گلي ڪيس آفيس کان ٻاهر به ياد رهيو جو ان ڏينهن گلي اهو گلي نه هو جيڪو هميشه هوندو آهي. ان ڏينهن اهو گلي ٻيو گلي هو. يعني زڪام وارو گلي. ۽ زڪام وارو گلي "ٻيو گلي" هو. ۽ اهو "ٻيو" جو احساس هُن لاءِ هميشه هڪ وڻندڙ نئون ۽ پاڻ ڏي ڇڪيندڙ احساس رهيو آهي. جيئن ٻيو شهر، ٻيو ڳوٺ، ٻيو سبق، ٻيو ڪتاب، ٻيو اسڪول (اهو نه جنهن ۾ پڙهي رهيو هجي پر ٻيو اسڪول...) ٻيو خواب، ٻيو ڏک، ٻيو آسمان، ٻيو سفر، ٻيو ڪتاب، ٻيو صفحو ٻيو سج، ٻيو چنڊ، ٻيو ماڻهو ٻيو منظر، ٻيو تصور، ٻيو دوست ٻيو دشمن، ٻيو پيار، ٻي عورت، ٻي محبوبا، ٻي زال، ٻي شادي، ٻي رات، ٻيو صبح، ٻي چمي. سڀ ڪجهه ٻيو ٻيو. ٻيو قدم. ٽيون قدم. چوٿون قدم. سڄو رستو ٻيو قدم. سڄو شهر ٻيو قدم. سڄو ملڪ ٻيو قدم. سڄي دنيا ٻيو قدم. هو ننڊ ۽ جاڳ جي وچ ۾ هلندو ٻيو قدم کڻي ان پراڻي ريلوي اسٽيشن تي اچي بيٺو جيڪا ڪڏهوڪو ويران ٿي چُڪي هئي. ۽ رڳو ڪجهه مسافرن جي يادگيرين ۾ محفوظ رهجي وئي هئي.

اها ته اڳوات ئي ڪيس خبر هئي ته ڪجهه ئي ورهين کان پوءِ اها اسٽيشن ويران ٿيڻي آهي. اسٽيشن جي عمارت به ڊهي پٽ پوڻي آهي. ٽڪيٽ گهر تي تالو لڳڻو آهي. ڇت ۾ جارو ڄمڻو آهي. اهو ڪارو بورڊ جنهن تي اچي چاڪ سان ايندڙ ۽ ويندڙ ريل گاڏيءَ جا وقت درج ٿيل آهن سو ميسارجڻو آهي، ڪاري بورڊ ۾ ريل گاڏيون بوگين ۽ روانگين توڙي آمد جي وقت سميت فريز ٿيڻيون آهن. پاٽيءَ واري چبوتري ۾ رکيل سڀ مَٽ سُڪي ٺوٺ ٿيڻا آهن. البت هڪ مٽ جي تري ۾ رهيل ٿورڙي پاڻيءَ ۾ ڪيڙا پئجي ويڻا آهن ۽ اسٽيشن جو چوڪيدار رات جو هٿ ۾ بتي کڻي ڪنهن ڀوت وانگر پٽڙيءَ جي پاسن سان پٽڪڻو آهي. ۽ هو آخري ريل گاڏيءَ جي آخري مسافر طور ڪافي دير کان ڳچيءَ ۾ مفلر ويڙهيو ڪوٽ جي ڪيسن ۾ هٿ لڪائي سيمنٽ جي بئنيچ تي ويٺو هو. ريل گاڏي جيڪا اتر کان اچڻي هئي. جڏهن ته چوڪيدار هٿ ۾ بتي کڻي هر رات ريل جو انتظار ڪرڻ بعد ريل جي اچڻ جي

اميد لاهي ويٺو هو. جيتوڻيڪ هن کي اجان رٽائرمنٽ جو آرڊر ڪونہ پهتو هو. پر پوءِ بہ هو پاڻ کي رٽائرڊ ٻڍيءَ وارو سمجهڻ لڳو هو. ۽ هر وقت ان ڏک ۾ ڪاوڙ ۾ مبتلا رهڻ لڳو هو تہ آخر حڪومت سندس مئٽرڪ پاس پٽ کي ڪنهن ٻئي هنڌ ٻڍيءَ وارو چوڪرو ڪري ڇو نہ ٿي رکي...!!۽ ڪيس رٽائرمنٽ جي ڪاغذن نهرائڻ جي پريشاني ڏار هئي. ۽ هو اها پريشاني ٻڌائڻ ۽ ان جو ڪو حل هٿ ڪرڻ لاءِ سيمنٽ جي بئنچ تي ويٺل تنها مسافر جي پرسان اچي ويٺو هو پر ڪيس پٿر وانگر ساڪت ۽ خاموش ڏسي ساڻس ڳالهائڻ جي همٿ نہ پئي ساري سگهيو.

”گاڏي ڪانہ ايندي..“ نيٺ ٻڍيءَ واري پوڙهي ڳالهائڻ لاءِ رستو ڪيڍي ورتو.

”ها...! اڄ بہ ليٽ آهي“ هن ڪوٽ جي کيسي مان ڪاٻو هٿ ٻاهر ڪيڍي چاندوڪيءَ ۾ وقت ڏسندي چيو. ۽ وري ٻنهين جي وچ ۾ خاموشي جي ديوار ڪڙي ٿي وئي.

”اجان منهنجي پينشن جا ڪاغذ پٽ بہ ڪونہ پهتا آهن“ پوڙهو ان اميد سان پنهنجي منهن پڙڪيو تہ متان مفلر واري مسافر کي متس رحم اچي وڃي ۽ هو پاڻ ئي ڪانئس سندس ڪهاڻي پڇي.

”تو منور علي ڏٺو هو؟“ هن اٿلندو پوڙهي کان سوال ڪيو. شايد هو ٻئي هڪ ئي خواب جا قيدي هئا.

”ڪهڙو منور علي...؟“ ٻڍيءَ واري پوڙهي ڏڪندڙ آواز ۾ چيو. ”جيڪو آخري بوگيءَ ۾ سفر ڪندو هو. پيٽيز وڪڻندو هو ۽ مسافرن جا هٿ ڏسندو هو.“

”اڙي ها... اهو تہ منهنجو دوست هو.. انهيءَ ئي تہ منهنجو هٿ ڏسي ٻڌايو هو تہ ريلوي جي نوڪريءَ ۾ تنهنجو مستقبل اونداهون آهي. تنهنجي رٽائرمنٽ جا ڪاغذ ڪڏهن بہ تو وٽ ڪونہ پهچندا ۽ تنهنجي پٽ کي تنهنجي جاءِ تي ڪونہ کڻندا... تون ڇا ٿو سمجهين هو منهنجي مئٽرڪ پاس پٽ کي منهنجي جاءِ تي کڻندا...؟“

”شايد.. ها... شايد...“ هن بي خياليءَ سان ڳالهايو.

”تون ڇا ٿو سمجهين منهنجي پينشن جا ڪاغذ مون تائين پهچندا.“ پوڙهي پُر اميد جوش سان چيو.

”شايد ها.. شايد ريل اچي وئي. اچي وئي...“

هو ٻڍيءَ واري کي انتظار جي نديءَ ۾ لڙهندو ڇڏي بئنچ تان اٿي املتاس جي سڪل وڻ وٽ اچي بيٺو. ٻتي وارو پوڙهو حيرت کان خالي اکين سان ڏانهس ڏسڻ لڳو ۽ هو ڪوٽ جي کيسن مان هٿ ڪيڍي گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو. ريل گاڏي بہ بہ پئسا ڇهہ ڇهہ پايون ڪندي دونهون اوڳاڇيندي اچي اسٽيشن تي بيٺي.

سامهون واري بوگيءَ جي ڪليل دريءَ وٽ ويٺل سفيد وڳي واري ڇوڪري ڏانهس ڏسي مرڪڻ لڳي. سندس مرڪ سان مور جي ڪنين جي برسات شروع ٿي وئي. هو چند پل املتاس جي سڪل وڻ وٽ بيٺو ڏانهس ڏسندو رهيو ۽ مور جي ڪنين جي خشڪ برسات ۾ پُسندو رهيو. تان جو بابوءَ سيٽي وڄائي ڊرائيور کي سائي جهنڊي ڏيکاري. ريل گاڏي سُرڻ لڳي تہ هو هڪڙو قدم ۽ پوءِ ٻيو قدم کڻي بوگيءَ ۾ چڙهيو ۽ سفيد وڳي واري ڇوڪريءَ جي گمنام مُرڪ ۾ هميشہ لاءِ تحليل ٿي ويو. ريل گاڏي اسٽيشن

چڙهي اڳتي رواني تي وئي ۽ هو زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پاڻ کي پاڻ کان پري ويندي ڏسڻ جي تجربي مان گذرڻ لڳو. ۽ تجربو ڪيس ڏاڍو سٺو لڳو. ان پل ڪيس محسوس ٿيو ته هو جيڪو ريل گاڏيءَ ۾ هليو ويو اهو زنده ٿي ويو ۽ جيڪو سيمنٽ جي بينچ تي رهجي ويو اهو مري ويو آهي. ڪيس پنهنجي ڪاٻي هٿ ۾ جهليل بتيءَ ۽ ڪاٻي اک جي خواب ۾ عجيب هڪجهڙائي محسوس ٿي. ڪيس اوچتو اوڪارو اچي ويو. روڊ جي پاسي کان ويهي رهيو. الٽيءَ کان اڳ الٽيءَ جهڙو احساس. هلڪو بخار.. اڪيون گرم.. آ .. آ ... ئوو آ... آ.. اووئو.. پٽ تي الٽي. سائو پاڻي.. چانهه جو ذائقو... ڪافيءَ جي ڪڙاڻ ... چتائي الٽيءَ ۾ نهاري ٿو. الٽيءَ ۾ ٻيو ڇا ڇا آهي؟ ڇا نه آهي؟ شايد هر ماڻهو پنهنجي پيٽ مان ٻاهر نڪتل هر شئي ڏسڻ چاهيندو آهي. شايد هر ماڻهو نه.. پر ڪجهه ماڻهو... ۽ هو انهن ڪجهه ماڻهن مان هڪ ماڻهو.. روڊ جي ڪناري سان الٽي ڪري الٽيءَ ۾ ڏسندڙ ماڻهو...! وڏو ماڻهو. ننڍڙو ماڻهو.. ننڍڙي هوندي به ڪيس اڪثر بخار ۾ الٽي ايندي هئي.. امان.. امان الٽي ٿي اچي... هو ڊپ ۾ روئڻھارڪو ٿيندي ماءُ جي منهن ۾ ڏسندي چوندو. ان موقعي تي ماءُ جي منهن ۾ ڏسڻ جو مطلب اهو ڏسڻ هوندو ته ڏسان ته ڪٿي هوءُ سندس الٽيءَ ڪرڻ تي ناراض ته ڪانهي .. پر الاءِ ڇو مائرون ٻارن جي الٽيءَ تي ناراض نه ٿينديون آهن... هوءَ ڊوڙي پاڻيءَ جو گلاس ڀري ايندي.. ها.. ڀلي ڪر الٽي.. ڪر.. اتي ئي شاباش.. پوءِ مان پاڻهي صاف ڪري ڇڏينديس... هوءَ ڪٿ جي ايس وٿان رلي هٽائيندي چوندي.. هو ٻنان ڪنهن ڊپ ۽ پريشانيءَ جي الٽي ڪرڻ لڳندو. ۽ ان دوران هوءَ هڪ هٿ ۾ پاڻيءَ جو گلاس جهلي ٻئي هٿ سان سندس قميص مان هٿ اماڻي سندس پُٺي مهٽڻ لڳندي شاباش... شاباش.. ڪر الٽي.. سڄو بار لهي پوندئي ... ۽ هو هميشه اهو سوچي حيران ٿيندو ته امان کي آخر منهنجي الٽي خراب ڇو نه ٿي لڳي....؟؟ ڪيس منهنجي الٽيءَ مان ڏپ ڇو نه ٿي اچي....؟؟ ڪيس ڪاوڙ ڇو نه ٿي لڳي. هن روڊ جي ڪناري سان الٽي ڪندي پنيءَ تي ڪنهن هٿ جي ڇهاءُ جي شديد ضرورت محسوس ڪئي.. شايد هر ماڻهو الٽيءَ ڪرڻ مهل پنيءَ تي ڪنهن نه ڪنهن هٿ جي ڇهاءَ جي ضرورت محسوس ڪندو آهي...!! هن پنيءَ تي ڪنهن هٿ جي ڇهاءَ کان خالي احساس سان الٽيءَ ڏي نهاريو.

الٽيءَ ۾ مڇرن جا پر ۽ ٽنگون پئي تريون. هن کان ڇرڪ نڪري ويو...

هي ڇا...؟ اوهه.. مڇر.. ڊينگي مڇر... هو اجان وڏيڪ چتائي ڏسڻ لڳو.. مڇرن جي پرن ۽ ڄنگهن سان گڏ ڇيلاتي جا پر، منڊي ۽ ڄنگهون.. ۽ سڙيل منهن. چنجهيون اکيون.. ننڍڙيون ناسون.. وري الٽي اچي ويس آ... آ ... ئوخ... خا.. خو. آخ... هاڻي منجهس ٻي الٽيءَ ڏي ڏسڻ جي سگهه نه رهي.. ڏڪندڙ جسم سان گوڏن تي زور ڏئي اٿي بيٺو ۽ تشوءَ سان وات اگهي ڊاڪٽر حيدر علي جي ڪلينڪ ڏي وڃڻ لڳو. وات ۾ نڙي ڪڙي زهر... اکين مان هر هر وهي ايندڙ ڪوسا ڪوسا لڙڪ ... مڇر... ڊينگي.. پر.. منڊيون ... ڄنگهون ڇيلاٽو. ڇيلاٽي جي مُنڊي. هو بي ترتيب سوچ ۾ اڏنگي هلٽيءَ سان هلندي پٽڪڻ لڳو. ۽ هلندو اچي ڊاڪٽر جي ڪلينڪ جي دروازي وٽ بيٺو جتي ڊاڪٽر جو ساڳيو پٽيوالو ساڳيءَ جاءِ تي ساڳئي انداز ۾ هڪ ڄنگهه تي پٽ کي ٽيڪ ڏيو بيٺو هو.. دروازو بند هو. پٽيوالو سمجهي ويو ته هو ڊاڪٽر سان ملڻ ٿو چاهي. مطلب ته ڊاڪٽر مصروف آهي، هن سوچيو ۽ خاموشيءَ سان انتظار جي اذيت مان گذرڻ لاءِ ذهن تيار ڪرڻ لڳو. ڪجهه لمحن بعد هن پاڻ کي ڊاڪٽر جي سامهون ويٺل ڏٺو.

ڪيس لڳو ڄڻ هو ورهين کان ساڳئي ڪلينڪ ۾ ساڳيءَ ڪرسيءَ تي، ساڳئي ڊاڪٽر وٽ ساڳئي انداز ۾ ٻئي هٿ هنج ۾ رکيو ويٺو آهي. ”جي.. ڇا حال آهي“ ڊاڪٽر جي سوال ڪيس ڳالهائڻ تي مجبور ڪيو. هونءَ هن ڪو وقت ڪنهن سان به نه ڳالهائڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيو هو. ڪيس ڊاڪٽر جي ڪلينڪ ڪان، دروازي ڪان، پٽيوالي ڪان ۽ ڊاڪٽر ڪان ڊپ پئي محسوس ٿيو. ڪيس لڳو ڄڻ ڪمري ۾ اندر پرسان ئي ڪٿي چيلاتو به موجود آهي. ۽ ڊاڪٽر جي اکين مان ڊانهنس ڏسي رهيو آهي. چهرو ڊاڪٽر جو اکيون چيلاتي جون. يا شايد اکيون ڊاڪٽر جون پر نهار چيلاتي جي.. چيلاتي جهڙي نهار...!!

”جي.. ٻڌايو ڇا حال آهي“ ڊاڪٽر وري جملو ورجايو. انهيءَ ورجاءَ ۾ ڪاوڙ نه پر بيزاريءَ جو احساس هو. اها بيزاري ڪنهن گرم هوا جي واچوڙي وانگر ڪمري ۾ ڦيرا پائڻ لڳي...! هن اٿڻ چاهيو پر واچوڙي ڪيس ڪرسيءَ تي ڪيرائي وڌو. هن ڪجهه به ڳالهائڻ نه ٿي چاهيو. ڪجهه به ٻڌائڻ نه ٿي چاهيو. پر ڊاڪٽر جي سواليه نهار ڪيس پنهنجو ارادو تبديل ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

”ڊاڪٽر صاحب مون کي ڊينگي مڇر جو چڪ لڳي ويو آهي... هتي ... او.. هتي هي ڏسو...“ هن آڱر سان نرڙ تي موجود ڦوڙهي کي ڇهندي ڊاڪٽر کي ويجهو ٿيندي ايئن چيو ڄڻ اهي لفظ هن نه پري ڪنهن ٻئي پئي ڳالهايا. ڊاڪٽر جي چپن تي ڦڪي مرڪ پکڙجي وئي ”ڪنهن چيو آهي توهان کي ڊينگي جو وائرس لڳي ويو آهي“؟

”مونکي ائين ٿو لڳي... بخار ٿي پيو آهي ... الٽي به.... ۽ الٽيءَ ۾ مڇر جا پر... ڄنگهون... ۽ سچي پيو چيلا... چيل... لا... تو...“

”توهان ڊپريشن جون گوريون کائو پيا يا نه؟“

”نه ڊاڪٽر صاحب..... نه پيو کاوان“

”ڇو نه؟“

”ڊاڪٽرصاحب به اڍائي سال ٿي ويا آهن.“

هن ڪنهن ٻار وانگر ڳالهايو. ”گوريون کائي کائي تنگ ٿي پيو آهيان. آخر ڪيستائين گوريون کائيندو رهندس.“

”ڪجهه حالتن ۾ ته ڊپريشن جي دوا سڄي زندگي کائڻي پوندي آهي. پيو ته ڊپريشن جي دوا اوچتو بند نه ڪبي آهي. دوا شروع ڪيو“

ڊاڪٽر گهنٽيءَ تي هٿ رکندي نيٽ پروفيشنل انداز ۾ چيو. مطلب ته دروازي وٽ ٻيو مريض منتظر آهي. هو خاموشيءَ سان ڄنگهون گهليندو ڪلينڪ جي دروازي مان ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر لاتعداد ٽريفڪ.. هارن.. دونهون... ماڻهو... شور.. ڀڄ ڊوڙ.. رڪشا... مريض.. اسپتالون... اسٽور وارا.... دوائن جا پرچا... ريڙها.. گاڏا... هوڪا... رڙيون... ڪيس لڳو ڄڻ هو هڪ ننڍڙي پاڳلخاني جي دروازي مان نڪري هڪ وڏي پاڳلخاني جي دروازي ۾ داخل ٿيو آهي، جنهن جون ڀتيون آسمان تائين آهن پر نظر نه ٿيون اچن. . ان مهل سامهون ساگر کي ايندي ڏسي سندس اندر ۾ خوشيءَ جي احساس ڪر کنيو. اهڙي خوشي جيڪا ڪنهن اجنبي شهر جي اجنبي گهٽيءَ ۾ ڪنهن دوست سان اوچتو ان ڪيفيت ۾

ملاقات ٿيڻ تي ٿيندي آهي جنهن مهل ماڻهو اڪيلائيءَ، ٿڪاوٽ، اوجاڳي ۽ ڏک جي احساس ۾ مبتلا هوندو آهي. ساگر روايتي گرمجوشيءَ سان ساڻس ڀاڪر پائي ايئن مليو جڻ ورهين کان پوءِ مليو هجيس.

”ساگر ڪيئن آهين....؟ “

”ٺيڪ آهيان. تون ٻڌاءِ“

ساگر جي سوال تي هن جي دل وڏيڪ آلي ٿي وئي.

”هل ته ڪٿي ويهي چانهه پيون“

هن ساگر کي ان خواهش سان صلاحيو ته جيئن ڪجهه گهڙيون ساڻس گذاري سگهي. ۽ ڪيس با آواز خاموشيءَ سان ٻڌائي سگهي ته منهنجي اندر ۾ شام جا پاڇولا طويل ٿيڻ لڳا آهن. مان آهستي آهستي ايئن پرندو پيو وڃان جيئن درياهه جي تيز وهڪري ۾ ڪنارا ڀُرندا آهن مونکي ڪجهه پل اڌارا ڏي ته جيئن مان توکي پنهنجي اکين جي غمناڪي ٻڌايان متان مان تنهنجي معرفت اونداهين غفا مان روشنيءَ جي ڪناري ڏي موٽي اچان. پر ساگر سندس صلاح ڏي ڌيان نه ڏنو ۽ پنهنجي واچ ڏي ڏسندي اتاولائي مان چيائين ”يار مان تڪڙ ۾ آهيان. دوست انتظار پيا ڪن.. ڪارنر ميٽنگ آهي اڳ ئي مون کي دير ٿي وئي آهي.“

اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي. نه ئي حيرت جهڙي ڳالهه آهي. هو هميشه تڪڙ ۾ هوندو آهي. ڪيس يا ڪنهن گڏجاڻي ۾ پهچڻ جي تڪڙ هوندي آهي يا ڪنهن تنظيمي ساٿيءَ سان ملڻ جي. هو يا ڪنهن ڪارنر گڏجاڻيءَ لاءِ وڃي رهيو هوندو آهي يا گڏجاڻيءَ تان موٽي رهيو هوندو آهي. هو رستي ۾ ملندڙ هر ذاتي دوست کي اهو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ان ڪوشش ۾ گهڻو ڪري ڪامياب به ٿي ويندو آهي ته ’وٽس وقت تمام گهٽ آهي ۽ مقابلو سخت آهي ۽ سندس مصروفيت جي ڪا انتها ڪانهي ان ڪري هو پنهنجو قيمتي وقت ضايع نه ٿو ڪري سگهي. وٽس ذاتي ڪچهري لاءِ نه ڪو وقت هوندو آهي نه وٽس ذاتي ڪچهري جي ڪا اهميت هوندي آهي. هو هر حال ۾ ۽ هر وقت ۾ هر هنڌ پنهنجو وقت سجايو ڪرڻ گهرندو آهي. هن کي فرد جو نه پر قوم جو اونو آهي. ان ڪري هو پنهنجي هر ملاقات، ڳالهه ٻولهه ۽ ڪچهري کي ’با مقصد‘ بڻائڻ چاهيندو آهي. هر ڳالهه ۾ پنهنجي ’قومي ڳالهه‘ شامل ڪرڻ پنهنجو قومي فرض سمجهندو آهي. ۽ پنهنجي فرض کان ڪڏهن به غافل نه ٿيندو آهي. اها الڳ ڳالهه آهي ته هڪ طرف پاڻ کي قومي ڪارڪن ۽ قومي دانشور ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مبتلا رهندو آهي ته ٻئي طرف ”وڏو ماڻهو“ هجڻ/ ٿيڻ جي خواهش ۾ مبتلا رهندو آهي. شخصي لحاظ کان چڱو ماڻهو هجڻ سندس خوبي آهي. پر ان خوبيءَ تي سندس ’وڏو ماڻهو‘ هجڻ يا ٿيڻ جي خواهش پاڻي ڦيري ڇڏيندي آهي.بنيادي طور پرائمري استاد آهي پر زندگيءَ ۾ ڪڏهن به اسڪول ۾ شاگردن جو منهن نه ڏٺو اٿائين. استاد سڏائڻ پنهنجي گهٽتائي سمجهندو آهي. سدائين ڪنهن نه ڪنهن خانگي اداري ۾ ’ايڊمنسٽريشن آفيسر‘ هجڻ جو تعارف ڪرائي پنهنجي ڪامپليڪس کي لڪائڻ جي ڪوشش ۾ پڌرو ڪري وجهندو آهي. هاڻي ته خير سان سندس پراڻي خواهش پوري ٿي آهي ۽ سندس اکين ۾ پٽڪندڙ ’وڏو آفيسر‘ ٿيڻ وارو ساڃي اک جو سپنو ساپيان ٿي چڪو آهي. هو ڪنهن

ڳُجهي ايجنسيءَ ۾ آفيسر ڀرتي ٿي ويو آهي..... البت اها ٻي ڳالهه آهي (۽ اها سندس لاءِ ضرور تڪليف ڏيندڙ ڳالهه آهي) ته ڪنهن به دوست سان پنهنجي نوڪريءَ/آفيسريءَ جو ذڪر نه ڪندو آهي."چڱو مان هلان ٿو دوست انتظار پيا ڪن"

ساگر ساڻس گرمجوشيءَ سان هٿ ملائي پنهنجو مخصوص جملو ڳالهائي اڳتي وڌي ويو ۽ سارنگ وانگر ماڻهن جي پيهه جو حصو ٿي سندس نگاهن کان اوجهل ٿي ويو.

۽ هو اتي ئي ڪجهه دير بيٺو رهيو. ڇو بيٺو رهيو....؟

الاءِ ڇو....؟

پوءِ هو ٽڪڙي وارد ٿيل رات جي طويل سرنگ ۾ هلندو گهر پهچڻ جي ڪچي ارادي سان ڀتين تي لکيل نعرا ۽ اشتهار پڙهندو رهيو تان جو رستو ڪٽي ويو. رستي جي ڇيڙي تي هن پاڻ کان وسري ويل سوال پڇڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ته مون ڊاڪٽر ڪي اهو ڇو نه ٻڌايو ته مان  ڪافي وقت کان ٻن دنيائن ۾ رهڻ لڳو آهيان. ۽ ٻن دنيائن ۾ رهندڙ ماڻهو ان نانگ وانگر هوندو آهي جنهن جي منڍي نانگ جي ۽ دڙ ماڻهوءَ جو هوندو آهي.  يا منڍي ماڻهوءَ جي دڙ نانگ جو هوندو آهي. پر ان کان اڳ جو هو ڳالهائي سندس آواز ۽ ڀتين جي وچ ۾ گهر جو دروازو اچي ويو.

هن منهن ۾ پوندڙ نعرن جي دز ۽ ڀتين تي چنبڙيل اشتهارن جو ڄارو ڇنڊي گهر جو دروازو کوليو ته کيس ٿڪاوٽ جو احساس وڪوڙي چڪو هو ۽ هو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ته کيس ڀتين تي لکيل نعره پڙهڻ کان پوءِ الٽي آئي يا الٽي اچڻ کان پوءِ ڀتين تي لکيل نعره پڙهيائين پر کيس ياد نه آيو. شايد ڪڏهن ڪڏهن سڀ ڏک ۽ سڀ ٿڪ گڏجي پوندا آهن. اهو رستي جو ٿڪ هو. اهو رستي جو ڏک هو. رستو جيڪو اونداهيءَ ۾ ڍڪيل هو.

رستو جيڪو هڪ لانگ بوٽ کان ٻئي لانگ بوٽ جي وچ واري فاصلي جيترو سوڙهو ۽ اڻ وڻندڙ هو ۽ ان رستي جي ٻنهين ڇيڙن تي رات جي رهزنن جو راڄ هو.

وچ واري وٿي ۾ رهندڙ ماڻهن جا منهن مرجهايل ۽ اکيون خوابن کان خالي هيون.

اهو "خوابن کان محروم" ماڻهن جو ملڪ آهي. هن ديس جي ماڻهن جڏهن به ڪنهن ڪاري رات جي وچ ۾ ڪنهن روشن صبح جو سپنو ڏٺو هوندو ته رات جا رهزن حرڪت ۾ اچي ويا هوندا. انهن خواب ڏسندڙ اکين تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ڇڏيون هونديون. ۽ خوابن کي يا سوليءَ تي ٽنگي ڇڏيو هوندو يا ڏينهن ڏٺي سندن ڇاتيءَ ۾ گوليون هڻي ڇڏيون هونديون. اف...! هي خوابن جو قتل گاهه....!!

هن ديس ۾ رات جي رهزنن هٿان ڪوڙ دفعا خزائون برپا ٿينديون رهيون آهن. زندگيءَ جي سر سبز وڻ مان پنن جيان لاشا ڇڻندا رهيا آهن. شهيدن جي قطار ۾ اضافو ٿيندو رهيو آهي. رت جي ڏکي ليڪ جنهن ڪافي سال اڳ سفر شروع ڪيو هو اهو سفر اڃا ختم نه ٿيو آهي. هاڻي ته رات جي رهزنن کي رت جو ذائقو ذات لڳي چڪو آهي. جيئن ٿيلسيمئا جي مرض ۾ مبتلا ٻارڙا رانديڪا گهرڻ بدران هر اٺين پندرهين ڏينهن رت گهرندا آهن ايئن رات جا رهزن ٻي ٽين رات رت گهرندا آهن. رات جا رهزن خوابن جا پراڻا خوني آهن. ڪالهه ئي انهن هن ديس جي اداس اکين ۾ رهندڙ خوابن جهڙي دراز قد شهزاديءَ کي مقتولن جي لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو آهي ۽ ماڻهو درد جي طويل ڪوما ۾ هليا ويا

آهن.سندن اکين ۾ هڪ دفعو وري شامِ غريبان لهي آئي آهي. سچ رت جي فرات ۾ ٻڏي ويو آهي. پر افسوس هي دراز قد شهزاديءَ جا وارث ڪوفي ۽ ڪربلا جهڙين ڳلين ۾ هاريل سندس رت ڪي ڏوئي رات جي رهزنن سان سرگوشيون ڪري اقتدار جي مسند تي ويهي رهيا آهن ۽ واڇون تيڙي کلي رهيا آهن. جڻ تاريخ جو عظيم پاراتو پوڳي رهيا آهن.

هن ديس جا ماڻهو مقتول محبتن جا مقروض بڻايا ويا آهن.

هن ديس جا ماڻهو مقتول محبتن جا سوڳوار بڻايا ويا آهن ۽ هي رات جا رهزن هر ڪويل جي ڪُوڪ جا دشمن ۽ ڪتي جي اوناڙ جا دوست آهن.

هي هڪ اهڙو ديس آهي جنهن ۾ ٻہ شيون سڀ کان وڌيڪ مهانگيون آهن. هڪ خواب ۽ ٻيو خوشي.

باقي ٻيو اهو سڀ ڪجهہ سستو آهي جيڪو ماڻهن کي خوشيءَ ۽ خوابن کان محروم ڪري سگهي.

ورهاڱي کان اڳ پامسٽ منور عليءَ پيٽيز فروش جي پيءُ کي لڱل چماٽ جو پڙاڏو اجان تائين ايشيا ۾ پڙلي رهيو آهي ۽ پنهنجي صحيح يا غلط هجڻ جو فيصلو پڇي رهيو آهي...

پامسٽ منور عليءَ جي پيءُ کي لڱل چماٽ صحيح هئي يا غلط ان ڳالهہ جو فيصلو ڪير ڪندو..؟ ۽ ڪڏهن ڪندو..؟ ڪندو بہ يا نہ...؟ شايد جيستائين ان چماٽ بابت صحيح فيصلو نہ ٿيندو ايستائين هي ديس رات جي رهزنن وٽ يرغمال رهندو ۽ هيءُ ملڪ ايشيا جي پيڳل پاسيريءَ وانگر هر وقت ڏکندو ۽ ٻين کي ڏکوئيندو رهندو. ۽ هتي هميشہ رت وهندو رهندو...!! ۽ رت مان چيلاٽا پيدا ٿيندا رهندا. اهوئي سبب آهي جو هتي چيلاٽي جا ڪئي قسم ۽ روپ آهن.

ڪارو چيلاٽو.

اڇو چيلاٽو.

ڳاڙهو چيلاٽو.

سائو چيلاٽو.

ناسي چيلاٽو.

اڻ پڙهيل چيلاٽو.

گريجوئيٽ چيلاٽو.

پوسٽ گريجوئيٽ چيلاٽو.

مهذب چيلاٽو.

غير مهذب چيلاٽو.

ٻاهريون چيلاٽو.

اندريون چيلاٽو.

رستي ۾ هلندي اوچتو ڪنهن گاڏيءَ جي بريڪ هڻڻ سان پيدا ٿيل چيڪاٽ تي سندس چرڪ نڪري ويو. ٿئي پل هن خوشي محسوس ڪئي. ڪيس لڳو تہ سندس پنيان پنيان ايندڙ چيلاٽو ڪار جي

ٿائرن هينيان اڇي ڇپياٽجي ويو آهي. اها سندس سوچ هئي، اهو سندس خيال هو ۽ اها سندس خواهش هئي. خواهش ته ڪڏهن ڇيلاٽو ڪنهن تيز رفتار گاڏيءَ جي هينان اچي ڇچرجي وڃي ۽ روڊ تي سندس رت جو ڳاڙهو ليسو رهجي وڃي. پر شايد ڪيس اندازو نه هو ته ڇيلاٽو ايترو جلدي ۽ ايتري آساني سان نه ٿو مري سگهي..! خواهش ڪرڻ سان ڇا ٿو ٿي سگهي! خواهش ڪرڻ سان گهڻو ڪجهه ٿي سگهي ٿو پر خواهش ڪرڻ سان ڇيلاٽو نه مرندو آهي. هو گهر جو دروازو ٽپي اندر داخل ٿيو ته دروازي ڪو به آواز پيدا نه ڪيو ۽ نه ئي سندس پيرن جو ڪڙڪو ٿيو. البت ڪو نئون ۽ مختلف آواز سندس ڪنن تي پيو. اهو ڪنهن جهونگار جو ڏکارو آواز هو. زالهنس رڌڻي ۾ هئي ۽ اهو آواز رڌڻي مان پئي آيو. ڪيس ٻول سمجهه ۾ نه پئي آيا. شايد اها فقط ڪنهن اداس گيت جي ڌن هئي. لفظن جي محتاجيءَ کان آزاد هڪ اداس ۽ ڏکاري ڌُن. ان شام هن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو زال کي اڪيلائيءَ ۾ ڪائي ڏکاري ڌن گنگنائيندي ٻڌو هو. اها ڪنهن خطري جي علامت هئي.

ڪيس خبر هئي ته اڳ ۾ ڪڏهن به هن ايئن اڪيلائيءَ ۾ زخمي آواز سان ڪائي زخمي ڌُن ڪونه جهونگاري هئي.ٽوٽي جو اڳ به سندن زندگيءَ ۾ ڪئي طوفان آيا هئا. ڪئي لهرون اٿيون هيون. ڪئي واچون لڳيون هيون... هيءَ عجيب قسم جي خاموش ۽ خطرناڪ جهونگار هئي.. جنهن ۾ بي پناه اداسي هئي، ڏک هو شڪايت هئي ۽ ٽوڙ ڦوڙ هئي.

هونءَ هو جڏهن کان مومل جي ويجهو ٿيو هو تڏهن کان سومل کان پري ٿي ويو هو. يا شايد جڏهن کان مومل سندس ويجهو ٿي هئي سومل ڪانئس پري ٿيڻ لڳي هئي. هن پاڻ به سومل سان ڳالهائڻ ۾ ڏانهس نهارڻ گهٽائي ڇڏيو هو. يا شايد سندس ڳالهائڻ ۽ نهار گڏ گڏ گهٽجي ويون هيون. جنهن مهل بنهه ضروري ڪم ڪار جي لاءِ سومل سان ڳالهائڻو يا سومل جي ڳالهه ٻڌڻي تي پيس ته نگاهه سومل ڏي هجڻ بدران ڪنهن ٻئي طرف ٿيو تي ويس. ڇت ڏي، ڇت ڏي، پکي ڏي، زمين ڏي يا پنهنجي هٿن ڏي. جڻ هڪٻئي کان ناراض نه هوندي به ناراض هجن. ويجهو هوندي به تمام پري هجن. هڪٻئي لاءِ اوپرا نه هوندي به اوپرا هجن. هڪٻئي لاءِ هڪٻئي جون در دريون بند... پر ان شام واري اداس جهونگار ڪيس جڻ هڪ نئين الڳ ۽ ايذائيندڙ ۽ اندر ۾ زوري دخل اندازي ڪندڙ تڪليف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. هونئن ڪافي ڏهاڙن کان سندن وچ ۾ ٿوري ٿوري ڳالهه تي اختلافن جا طوفان ڪڙا ٿيڻ لڳا هئا. اڳئين رات ٿوري ڳالهه تان ٻنهين ۾ ڪيترو نه مسئلو ٿيو هو.ڳالهه ڇا هئي. ڳالهه رڳو ايتري هئي ته زالهنس چپ چپ هئي.

”سومل “ هن هڪڙو ڀيرو ۽ وري ٻيو ڀيرو سڏيس.

” جي....؟ ڇا“

”آخر تون ڇا ٿي چاهين ... اهو ته مان مري وڃان. خودڪشي ڪيان؟ “

”مان ڇو چاهيندس...“

”ٻيو نه ته ڇا... ڪم ته اهڙا ٿي ڪرين جڻ توتي وڏو ظلم ٿيو آهي“

” اهڙا ڪهڙا ڪم ڪيا آهن مون...؟“

”چپ چپ ڇو رهڻ لڳي آهين.. آخر اهڙي ڪهڙي قيامت آئي آهي“

”توکي ڪجھ چوان تہ نہ ٿي نہ... چپ آهيان... بس نہ... پوءِ توکي ڪاوڙ ڇو ٿي لڳي؟“

”تنهنجي اها ڇبري جهڙي ماٺ مون کي ڪائڻ ٿي اچي... آخر اهڙو ڇا ٿيو آهي جو مرڻ جهڙي ٿي وئي آهين. ڪنهن کي مارڻ لاءِ ماٺ کان وڏو ڪو بہ هٿيار ڪونهي“

” آخر مان بہ تہ انسان آهيان. مشين تہ ناهيان جو تنهنجي چوڻ تي ڪلان, تنهنجي چوڻ تي ڳالهايان , ماٺ ڪيان.. پنهنجي مرضي سان مون کي روئڻ جو بہ حق ڪونهي ڇا؟“ سومل ڏڪندڙ لهجي ۾ ڳالهايو پئي.

”گهڻو وقت ٿيو آهي جو مون سان ڳالهايو نہ ٿئي. ايترو بہ نہ پڇيو اٿئي تہ طبيعت ڪيئن اٿم...ڇپ ڇو رهڻ لڳي آهين... توکي تہ منهنجي اکين جو ڏک بہ نظر نہ ٿو اچي...“ سومل جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا.

”آخر اهڙو ڇا ٿيو آهي جو ڇتي ٿي پئي آهين...؟“

”اها تہ توکي خبر هوندي تہ ڇا ٿيو آهي. پر مون تہ توسان ڪا شڪايت ڪو نہ ڪئي آهي. جيئن وڻئي تيئن ڪر ... پر مان بہ تہ تنهنجي زال آهيان... منهنجو بہ تہ حق آهي توتي“

”مٿي تي ڪٿان ڇا توکي؟ پاڻ کي تڪليف ڏئي بہ توکي ۽ ٻارن کي خوش رکڻ جي ڪوشش ٿو ڪيان.توهان جون ضرورتون پوريون ٿو ڪيان. ٻيو ڇا ڪيان... پوءِ بہ منهن ڦريو پيو اٿئي... گهر کي دوزخ ڪٽي بڻايو اٿئي.“

”هون ...“ سومل جي چپن تي طنزيہ مرڪ پکڙجي وئي...” مون کي گهر جي ضرورتن جي نہ تنهنجي ضرورت آهي... تنهنجي پيار جي ... توجھ جي. تون منهنجي لاءِ اجنبي بڻجي ويو آهين...“ زالهنس اکيون اگهندي چيو.

زالهنس جو ڪجھ چيو سچ هو. ان سچ کيس زخمي ڪري ڇڏيو.

”بڪواس نہ ڪر... تون مون کي ماري پوءِ خوش ٿيندينءَ... ڏائڻ آهين تون... عورت ناهين...“ هن ٽيبل تي رکيل مانيءَ جي ٿانون کي هٿ سان پري ڪيو ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيو.. پاڻيءَ جو گلاس فرش تي ڪري پيو.

”ڪيڏانهن ٿو وڃي ... ماني تہ کاءُ...“ زالهنس ڏک ۽ پڇتاءُ جي گڏيل احساس وچان چيس.

”نہ کپي مون کي ماني...“ هن دروازي مان نڪرندي چيو هو ۽ ٻاهر نڪري ويو هو. ۽ اڌ رات تائين رستن تي ڀٽڪندو رهيو هو.. ۽ پوءِ جڏهن چوڪ تي ڪتا ڀونڪڻ ۽ چوڪيدار جون سيٽيون جاڳڻ لڳيون هيون ۽ سندس اکيون ننڊ ۾ پُورجڻ لڳيون هيون تہ موٽي آيو هو.

هن هڪ دفعو وري ڏيان سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اُن ڌن جو وچ ۾ کهڙا ٻول آهن جيڪي ٽانڊڻ وانگر ٻري رهيا آهن. پر هُو گيت جا ٻول سمجهي نہ سگهيو. فقط اداسي ۽ ڏک جي هڪ لهر هئي جيڪا مسلسل جاري هئي ۽ کيس ڇاتيءَ تي رکيل ڇُريءَ جي ڇهنب جيان زخمي ڪندي رهي. ڪڏهن ڪڏهن اداسي محبوبا جي نيڻن جيان ماٺهوءَ جو پيڇو ڪندي آهي. هر ڪنڌ تائين. هر پاسي هر ڏسا تائين, اکين کان اکين ۽ آگرين کان آگرين تائين. هو جتي بہ هوندو آهي اداسي اڳواٽ اتي موجود هوندي آهي.

پري ڪٿي سمنڊ جي سيني تي ڪنهن مهاڻي هوا جي موسيقيءَ تي جدائي ڏک ۽ پڇتاءُ جو هڪ گيت پئي ڳايو. مهاڻو جيڪو ساحل تي سڀ ڪجهه وڃائي ويٺو هو. چانڊوڪيءَ رات ۾ اٿيل سامونڊي وير سندس زال کي لوڙهي وئي هئي. سندس زال جيڪا سڄي ويڙهي ۾ سڀني کان وڌيڪ سهڻي ۽ سيبتي هئي. جنهن جي اکين ۾ هڪڙو سڄو سارو سمنڊ هو. جنهن جي دل ۾ هزارين لهرون هيون ۽ هزارين مڇين جو خواب هو. جنهن جي پيٽ جو ڌُن اهڙو گهرو هو جهڙو سامونڊي ڪُن.... جڏهن کان اها مهاڻي لهرن سان ملي لهر ٿي وئي هئي هن سمنڊ ۽ ساحل سان تعلق ٽوڙي ڇڏيو هو. ساحل ۽ سمنڊ تي پيلا سندس ٻچيو ٻه ڇا هو.

ڪُن ڪُن ۾ قذاقَ رهن ٿا
تڙ تڙ تان طوفان اٿن ٿا
۽ سارا سِڙهہَ ڇنن ٿا
مان تختا تختا ٿي ويو هان
ٿو لوڪ لتاڙي مون کي
مان رستا رستا ٿي ويو هان
پنهنجي وارن منجهه ويڙهي مُون کي
۽ سڳيءَ منجهه سهيڙي مون کي
ڪَڻُ پوتيءَ ۾ تون ميڙي مون کي
ڪَڻُ پوتيءَ ۾ تون ميڙي مون کي.

پر مهاڻي کيس پوتيءَ ۾ ڪيئن ميڙي..؟ سڳيءَ ۾ ڪيئن سهيڙِي..؟ هن جي پوتي ته پاٽيءَ ۾ لڙهي وئي... لهرن ۾ جهيرون جهيرون ٿي وئي... سندس سڳيءَ جا ستارا واريءَ منجهه وکري ويا. اداس جهونگار جو ڏکارو آواز وڌندو رهيو.

”ته ڇا سومل کي سڀ ڪجهه معلوم ٿي چڪو آهي...؟“ هن پنهنجي پاڻ کان شڪ ۽ يقين جي حالت ۾ پڇيو. ”اهو ڪيئن ممڪن آهي...؟ ڪيئن...؟ اهو منهنجو وهم آهي. ڪو ٻه ماڻهو ڪنهن ٻه وقت ڪٿي ٻه ڪنهن ٻه سبب جي ڪري ڏکارو ٿي سگهي ٿو. سومل کي منهنجي اندر جي ڪهڙي خبر...؟ ڪهڙي خبر...؟ ڪهڙي؟“ هن پاڻ کي يقين ڏيارڻ جي هڪ ڪمزور ڪوشش ڪئي.

”سومل“ هن کيس سڏيو. ڪجهه چوڻ لاءِ نه پر شايد رڳو اداس جهونگار جي اڻ ڪٽ لهر ۾ رنڊڪ وجهڻ لاءِ. جهونگار جيڪا ڪنهن تيز ڌار واري ڇُريءَ وانگر سندس ڳڇيءَ تي رکيل هئي ۽ آهستي آهستي ڳچيءَ ۾ ڪپيندي پئي وئي. ”سومل “ هن ٻيو دفعو دانهن ڪئي ته جيئن جهونگار جو آواز بند ٿي سگهي. نه ته کيس اندازو هو ته تيز ڌار واري ڇري سندس ڳلو ڪپي ڇڏيندي.

”جيءُ ... ڇا...“ سومل جهڪيل اکين سان چانهه جو ڪوپ ٽيبل تي رکندي ايئن پڇيو ڄڻ کيس اڳواٽ ئي خبر هئي ته هُن کيس ڇو پئي سڏيو.

”اصل ۾ ڇا آهي ته ڪڏهن ڪجهه ٻه نه هوندو آهي جيڪو ڳالهائجي يا ٻڌائجي“

زالهنس کي سندس ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي يا شايد سمجهڻ نه ٿي چاهيائين پر هن جي ڳالهه

سمجهڻ جهڙي هئي بہ نہ. نہ ئي هن ڪيس سمجهائڻ يا ٻڌائڻ لاءِ ڳالهايو هو. هو گهڻي وقت کان جڏهن کان ٻن دنيائن ۾ رهڻ لڳو هو سمجهي سگهڻ جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ کان پري ٿي ويو هو. انهن ڏينهن ۾ هو ماحول، موضوع ۽ مطابقت کان هٽي ڳالهائڻ لڳو هو. اهي ڪنهن تمام ڏورانهين، گهٽ روشنيءَ واري، نيم تاريڪ ڪمري جهڙيون ڳالهيون هيون. جنهن ۾ رکيل شيون صاف نظر نہ ايندييون آهن... اهڙو ڪمرو جنهن ۾ ورهين کان ڪير داخل نہ ٿيو هجي. جنهن ۾ ڄارو ڄمي ويو هجي. اهي مبهم ڳالهيون شايد سومل جي اکين ۾ ترندڙ سوال کان فرار جي ڪوشش هيون.

"پاڻي ڪٿي اڇان....؟" زالهنس سندس گم سم اکين ڏي ڏسڻ کان سواءِ چوندي هئي تہ هو ڪنهن حواس باختہ ماڻهوءَ جيان چوندو" اصل ۾ آسمان ايترو پري آهي ڪونہ جيترو اسين سمجهون ٿا... ۽ زمين ايتري ويجهو آهي ڪونہ جيتري اسان کي لڳي ٿي" انهن ڏينهن ۾ هو اڻ لاڳاپيل ڳالهيون ڪرڻ لڳو هو. اهڙيون ڳالهيون جن جن ٻنهين سان سڌو سڌو تعلق نہ هو. اهڙيون ڳالهيون جن ۾ اڻ ڏٺل خوابن ۽ اڻ ڄاتل جاين جي بي نام خوشبوءِ هئي ۽ هڪ بي نام ماڻهوءَ جو ذڪر هو. اهڙو ماڻهو جنهن جي سيني ۾ هڪ ندي هئي، نديءَ ۾ لهرون هيون، لهرن ۾ هڪ ٻيڙي هئي جنهن ۾ مسافر ڪٿي هڪ ڪنڌيءَ کان ٻئي ڪنڌيءَ تي سندس تڏهن جو ڏٺڙو هو جڏهن اڃا هو نديءَ جي اونهائي ۽ ڪناري جي سوڙهہ کي سمجهڻ جيڏو بہ نہ ٿيو هو. هو جڏهن کان نديءَ جي سير ۾ ٻيڙي هلائڻ جهڙو ٿيو هو تڏهن کان سندس اکين ۾ نديءَ جو خواب رهڻ لڳو هو. تہ ڪنهن ڏينهن هوءَ لهرن جهڙي عورت سندس ٻيڙيءَ ۾ چڙهندي ۽ هو ڪيس ٻئي ڪناري تي پهچائي ٻيڙي ڪنڌيءَ تي ٻڌي سندس اکين سان گڏ هليو ويندو. ۽ پٽس ڪنڌيءَ تي وينو ڪيس گاريون ڏيندو رهجي ويندو. پوءِ هڪ شام لهرن جهڙي اها عورت سندس ٻيڙيءَ ۾ اچي ويٺي. ٻيڙيءَ ۾ ٻنهين کان سواءِ ٽيون صرف نديءَ جو آواز شامل هو. ۽ چوٿون اهو سچ هو جيڪو پرئين ڪناري تي ٻيلي جي گهاٽن وڻن ۾ الوپ ٿيڻ جي ڪنڌيءَ تي هو. ۽ هو ٻئي نديءَ جي ڪنارن جيان خاموش هوندي بہ خاموش نہ هئا. هوءَ پرينءَ ڪنڌيءَ تي انهن قدمن سان ٻيڙيءَ مان لٿي جن قدمن ٻيڙيءَ مان لهڻ نہ ٿي چاهيو. انهن قدمن ٻيڙيءَ کي پنهنجو گهر ٻڌائڻ ٿي چاهيو. هوءَ ڪناري تي لٿي تہ نديءَ جون اکيون پرجي آيون. ٻي ڪنڌيءَ تي وينل پوڙهو مهاڻو اکين جي آڏو هٿ ڏيئي نوجوان پٽ ڏي پيار مان ڏسي رهيو هو. هو پيءُ کي ٻي ڪنڌيءَ تي اڪيلو ڇڏڻ جو ارادو ڪندي ڪندي روڪڻهارڪو ٿي ويو ۽ هوءَ اداس قدم کڻندي نا اميد دل سان بنا پوئتي مڙڻ جي پوئتي ڏسندي اڏ لڪل اڏ ظاهر رستي سان هلندي جهنگل جي گهاٽاڻ ۾ گم ٿي وئي ۽ سومل توکي خبر آهي مهاڻي جي اکين ۾ واپس ايندي ايندي ڏک ۽ اڪيلائي جو جهنگل ڦٽي پيو." ۽ سومل ڏسڻ بنا ڏٺو تہ ڳالهہ پوري ڪندي ڪندي راڻي جون اکيون ندي ۽ چهرو لهرون لهرون ٿي ويو ۽ سومل ڏک جي هڪ سؤ هڪ راتين مان هڪ رات پنهنجي ڊائريءَ جي ستين صفحي تي لکيو "راڻا مان نہ ٿي ڄاڻان ۽ ڄاڻان بہ ٿي تہ اها ندي ڪٿي آهي. اها ڪنڌي ڪٿي آهي. اهي اکيون ڪٿي آهن ۽ ڪنهن جو ن آهن. ۽ اهو مهاڻو ڪير آهي جنهن جي اکين ۾ اڪيلائي جو جهنگل ڦٽي پيو آهي پر مونکي اڪثر تنهنجي ساهہ مان نديءَ جي خوشبوءِ ايندي آهي.

زالهنس جي اکين مان بہ لڙڪ ڇٽي ڳلن تي اچي ڪريا ۽ ڇنڊا ڇنڊا ٿي واءُ ۾ وکري ويا. ۽ هو هڪ

خاموش ڇرڪ سان پنهنجي حواسن ڏي موٽي آيو. حواس ڏانهس موٽي آيا.

”سومل ڇا ٿيو آهي“

”ڪجهه به نه“

”سومل خبر اٿئي ڇا. ڪجهه به نه ڇوڻ جو مطلب هوندو آهي گهڻو ڪجهه“

”نه اهڙي ڳالهه ڪونهي“ سومل سندس پير ۾ ويهندي چيو.

”ڪجهه ته آهي “ هن اهڙي شخص جيان چيو جنهن کي يقين هجي ته هو پنهنجو اعتبار وڃائي وينو آهي.

”خبر نه آهي ڇا آهي راڻا... پر لڳي ٿو جڻ منهنجي دل ۾ ڪنڊو چڀي پيو آهي. الاءِ ڇو لڳي ٿو جڻ تهنجي منهنجي وچ ۾ هڪ ديوار اڀي ٿي وئي آهي. جڻ ڪو حادثو ٿي گذريو آهي. يا ٿيڻ وارو آهي. مان زخمي ٿي پئي آهيان. مون کي تنهنجي جسم مان ڪنهن عورت جي خوشبو اچڻ لڳي آهي. تنهنجي زندگيءَ ۾ ته عورتون اينديون وينديون رهنديون آهن. پر هيءَ الاءِ ڪهڙي عورت آهي. جنهن منهنجي روح کي گهايل ڪري ڇڏيو آهي... الاءِ ڇا ٿي چاهي اها عورت...“ هوءَ ڳالهائيندي رهي ۽ هو خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو. نه ڪوئي سوال ڪيائين نه ڪوئي جواب ڏنائين.

”الاءِ ڇو راڻا...!! جڻ منهنجو روح بيمار ٿي پيو آهي. لڳي ٿو جڻ مان تباهيءَ جي ڪناري تي بيٺي آهيان. آخر اهڙو ڇا ٿيو آهي راڻا جيڪو مون کي آهستي آهستي کپي ڪوري رهيو آهي...؟“

”خبر نه آهي سومل.. اهڙو ته ڪجهه به ڪونهي “

هن ڇت ڏي ڏسندي چيو. زالهنس سندس منهن ۾ پئي ڏٺو. هن ڇت تان اکيون هٽائي ڏانهس ڏٺو ته ڇرڪي ويو. هوءَ اداس مرڪ سان ڏاهنس گهوري رهي هئي. اها اهڙي گهور هئي جيڪا ڪنهن جي به پيرن هيٺان زمين ڪيڻ لاءِ ڪافي هوندي آهي. ”خدا ڪري تون صحيح هجين راڻا. مان غلط هجان. پر اڳ ايئن ڪڏهن به نه ٿيو آهي راڻا جو تو مون ڏي نهارڻ به ڇڏي ڏنو هجي... الاءِ ڇا ٿي ويو آهي.“ سومل ڏيرج سان چيو ۽ پوتيءَ سان اکيون اگهي ڪوپ کڻي رڌڻي ڏي هلي وئي ۽ سانجهڻ ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وئي.

اداس ڏن جي جهونگار عارضي طور بند ٿي وئي. اها جهونگار ۽ اها ڪم ۾ مصروفيت جڻ سومل جو پناهگاهه هو.

ڏک کان پناه گاهه

سوالن کان پناهه گاه.

جوابن کان پناهه گاهه.

پر هو يڪسر پناه گاهه کان محروم ٿي ويو.

زالهنس جي اکين ۾ هڪڙو سوال هو جيڪو کيس ڏک ۽ اذيت ۾ مبتلا ڪرڻ ٿي لڳو ۽ ان اذيت سان پيريل ڏک کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هو ان سوال کان ڀڄڻ ۽ ڇرڪڻ لڳو هو.

هو سوال کان ڀڄل شخص هو. شايد هر ماڻهو زندگيءَ ۾ ڪنهن نه ڪنهن سوال کان ضرور ڀڄل هوندو آهي. سوال جيڪو سندس زال جي اکين ۾جاڳڻ لڳو هو. زالهنس جون اکيون رکي رکي سندس

سيني ۾ سوراخ ڪرڻ لڳيون هيون. هو ان سوال ڪان ۽ انهن نگاهن ڪان بچڻ لاءِ اتڪلون سوچڻ لڳو هو. پر آخر ڪوئي ڪيئن ٿو بچي سگهي سوالن ڪان..؟

هر ماڻهوءَ کي ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن سوال سان منهن مقابل ٿيڻو ئي پوندو آهي.

ان ڏينهن مومل آفيس نہ آئي هئي. سندس ٽيبل تي رکيل موتئي ۽ گلاب جا گل مرجهائجي چڪا هئا. هُن مومل جي غير موجودگيءَ ۾ مرجهايل گلن ڏي نهارڻ جو ارادو ڪيو. پر ٻئي پل ان ارادي تي عمل ڪرڻ وساري ويٺو. ۽ آفيس مان ٻاهر نڪري آيو ۽ ٺيڪ ان مهل افسوس جي هڪ خاموش لهر سان ڪيس پنهنجو بي عمل ارادو ياد آيو پر هاڻي هن لاءِ واپس موٽي وڃڻ ۽ وڃي گلن ڏي نهارڻ مشڪل هو.

هو گلن ڪان پري نڪري آيو هو.

انهن ڏهاڙن ۾ شامن ۾ هو پنهنجي پاڻ ڪان ناراض رهڻ لڳو هو. سندس خوشيءَ ۾اداسي ايئن شامل ٿي وئي هئي جيئن سونارا ڪمال ڪاريگريءَ سان سون ۾ چاندي شامل ڪري ڇڏيندا آهن.

اُن رات هو ڪوشش جي باوجود بہ ماني جي ڇٽن گرهن ڪان وڌيڪ کائي نہ سگهيو. نہ ڄاڻ ڪيڏي مهل زالهنس گهر جي ڪم ڪار مان واندي ٿي اچي پر ۾ ليٽي ۽ ڪيڏي مهل سمهي بہ رهي.. هو مسلسل بند اکين سان جاڳندڙ رهيو. ۽ پوءِ الاءِ ڪيڏي مهل هنڌ مان اٿيو ۽ دروازو کولي ٻاهر نڪري ويو. اها هڪ زوردار ڇڪ هئي. ڪنهن ٻئي طرف وڃڻ جي اها ڇڪ جڻ ماڻهوءَ جي رت ۾ شامل هوندي آهي.

هنڌ تان اٿڻ جي ڇڪ. کٽ تان لهڻ جي ڇڪ. گهر مان نڪرڻ جي ڇڪ. ڪنهن ٻئي طرف وڃڻ جي ڇڪ. گهر مان نڪرڻ ۽ ڪجهہ پل اتر واري ماڙيءَ ۾ گذارڻ جي ڇڪ. هو ڄڻ ڪنهن اڻ ڏٺي ڏور سان ڇڪجندو گهر ڪان گهڻو پري ميجر ڪالونيءَ وٽان گذرندو ماڙيءَ وٽ اچي بيٺو. هڪ خوبصورت محل. پرسان وهندڙ ندي. چانڊوڪي رات. محل جا در دريون بند. بند هوندي کليل هئڻ جو ڏيک ڏيندڙ. ايامن ڪان اڪيلو. خالي ۽ بنهہ ويران محل.

سندس اکيون ڳڙکين جي بند تاکين مان اندر ليئا پائڻ لڳيون. ڄڻ محل ۾ ڪوئي موجود هجي. جيڪو هٿ ۾ ميڻ بتي کڻي ڪنهن مهل ڏاڪڻين تان لهي دالان ۾ ٿو اچي تہ ڪنهن مهل دالان مان ٿيندو ڪنهن ڪمري ۾ گم ٿي ٿو وڃي. ۽ پنهنجي پويان اگر بتين ۽ لوبان جي پُراسرار خوشبو ڇڏي ٿو وڃي.

هُن جون اکيون ڳڙکين ۾ ڦاسي پيون.

ڳڙکيون هڪ هڪ ٿي کلنديون ويون.

هو ڪنهن ڪکر وانگر بي وزن هو. هڪ ڳڙکيءَ مان اندر داخل ٿيو. سندس پيرن هيٺان هڪ نفيس نرم قالين هو.

هر ڪمري ۾ هڪ هڪ قنديل روشن هئي. هر قنديل جي وٽ هڪ جيتري ٻريل هئي. هر قنديل جي روشني هڪ جيتري هئي. نہ گهٽي تيز. نہ گهٽي جهيٽي. ڄڻ هينئر هينئر ڪوئي قنديلون ٻاري ٻاهر نڪري ويو آهي. هن جا پير قالين تي هلندا مختلف ڪمرن، دالانن ۽ وراندن مان ٿيندي هڪ اهڙي دالان ۾ پهتا جيڪو دالان ڪيس محل جو مرڪز محسوس ٿيو. سڀ ڪان اول هڪ کٽ جو هڪ پاڳو ظاهر ٿيو ۽ پوءِ سڄي کٽ سامهون اچي وئي. کٽ جا چارئي پاڳا ڳاڙها هئا. کٽ تي گلابي سيج وڇايل هئي. سيج تي

عورت گهري ننڊ ستل هئي. وار ڪليل. سينڌ ۾ ڳاڙهو سنڌور. نرڙ تي تلڪ. تلڪ چانڊوڪيءَ ۾ جرڪيو پئي. عورت ڪي گهرو ڳاڙهو وڳو اوڍيل هو.

”مومل سُتي پئي آهي. آخر ڪيترو وقت جاڳي ها“ سندس پرسان هڪ آواز گذري ويو. اهو آواز نه مرد جو هو نه عورت جو. اهو آواز فقط آواز هو. پنهنجي جنس پاڻ هو. ” هوءَ ڪير آهي؟“ هن آواز جي لهر کان پڇيو.

”هوءَ مومل آهي. هوءَ تنهنجو سينو چاڪ ڪري تنهنجي دل ڪڍي ويندي ۽ تون هميشه تڙپندو رهندين“ آواز جي لهر ڪيس سرگوشيءَ ۾ اطلاع ڏنو.

”۽ مان ڪير آهيان“ هن روئڻهارڪي آواز ۾ رڙ ڪري گذري ويل آواز کان پڇيو.

”تون راڻو آهين.... سامهون لڳل درسنيءَ ۾ نهار“

هن درسني ۾ نهاريو. هو واقعي راڻو هو.

هن وري سامهون نهاريو. سامهون آس پاس ڪو به ڪمرو، پٽ، ڇت، دالان، گهر، ماڙي، محل ڪجهه به نه هو. نه وٽن جو جهڳٽو هو نه وليون هيون. چئو طرف هڪ وشال خاليپڻو هو. هڪ اٿاهه خال... پاڻ ڏانهن زوريءَ ڇڪيندڙ پراسرار بيٺ. هر شئي ڪي پنهنجي بي انت خالي پٽي ۾ پيوست ڪندڙ خال... هن خال جي ڳُن مان نڪرڻ جو ارادو ڪيو. هڪ مظبوط ارادو. ٻئي پل هن پاڻ ڪي ٽڪل حالت ۾ پنهنجي ڪٽ تي هنڌ ۾ ستل ڏٺو... ۽ ڪيس ان سوال حيرت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو ته هو اهو ساڳيو مومل جي هٿان پنهنجو سينو چاڪ ٿيڻ وارو خواب اڳ به تڏهن چو ڏسي چڪو هو جڏهن اجان مومل سان سندس تعلق جي تند پڪي به نه ٿي هئي.

”ڪيڏي ويو هئين راڻا ؟“ زالهنس نندڪي آواز ۾ چيو

”هون... ؟ مان ڪيڏي به نه... هتي ئي...“

”فون آئي هئي“

”ڪنهن جي؟ مطلب ڪنهن لاءِ“

”ڪنهن عورت جو آواز هو... تون هنڌ تي نه هئين...“

”چا پئي چيائين... چا!“

” چيائين پئي تنهنجو مڙس تو وٽان اٿي اُتر واري ماڙيءَ ڏي ويو آهي.... ڪنهن ڇوڪريءَ سان ملڻ... ڪيس اوڏانهن وڃڻ نه ڏيندي ڪر. اُها مومل جي ماڙي آهي... اوڏانهن جيڪو به ويندو آهي واپس نه موٽندو آهي.. ان ماڙيءَ ۾ پاڇولا آهن ... موت جي بوءَ آهي... رت آهي“. سومل جي انڪشاف تي سندس ڇاتيءَ ۾ گهٽو پري ڪنهن پراڻي پٽ جا چاپڙ ڪِرڻ لڳا. هو اُها رات صبح تائين سمهي نه سگهيو سڄي رات زخمي نانگ وانگي هنڌ ۾ لڇندو رهيو. صبح جو آفيس ۾ گهٽي ڏک مان مومل جي اکين ۾ ڏسندي چيائين ”مومل.... رات سومل کي ڪنهن عورت فون تي ٻڌايو ته مان ڪنهن ڇوڪريءَ سان ملڻ پيو وڃان... اها عورت ڪير ٿي سگهي ٿي؟“ جنهن تي مومل حيرت مان وات پٽي ڪي پل مسلسل سندس منهن ۾ ڏسندي رهي. پوءِ اکيون ڇنڀيندي غير ضروري حد تائين حيرت مان چيائين ”راڻا آخر اهو ڪير آهي جيڪو تنهنجو گهر برباد ڪرڻ ٿو چاهي...؟ ڪير ٿو ٿي سگهي اهڙو ماڻهو.

مون ته اڳئي توکي چيو هو. ته راڻا ڪو ماڻهو آهي جيڪو اسان جي محبت جو دشمن آهي. اسان کي ڌار ڪرڻ ٿو چاهي...“ موت ۾ راڻو خاموشيءَ سان سندس اکين ۾ ڏسڻ لڳو هو اها اهڙي خاموشي هئي جنهن جي پيٽ ۾ ڏک جو سڄو سارو درياهه هوندو آهي. هن مومل سان وڏيڪ هڪ به جملو نه ڳالهايو. ڳالهائڻ جي ڪا گنجائش ئي نه رهي هئي. شايد پن ڇڻ جي اداسيءَ ۾ بهار جي خوشبوءِ ۽ بهار جي خوشبوءَ ۾ پن ـ ڇڻ جي اداسي پلجندي آهي. شايد ڏک ۽ خوشي هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا نه آهن پر هڪ ئي پاسي جهڙا ٻه سڪا آهن. هن جي اکين ۾ پن - ڇڻ جي پيلي موسم لهي آئي هئي. خوشيءَ جي پنيءَ ۾ وري ڪُٻ نڪرڻ لڳو هو. ڪيس ننڍ توڙي جاڳ ۾ چئوطرف هزارين املتاس جا ڦڪا وڻ نظر اچڻ لڳا هئا.

آفيس جي مين گيٽ کان ريلوي اسٽيشن جي چبوتري تائين سڄو رستو املتاس جي ڦڪن گلن سان جهنجيل. ڦڪا وڻ... جهڙا جوڳين جا روح.

خزان رسيده بيد مشڪ، ٽالهين، نمن ۽ پپل جا وڏا وڏا وڻ!

وڻن مان ڇڻندڙ هيڊا پن. روڊ ۽ فوٽ پاٿ تي پکڙيل ڦڪا پن. هوا ۾ پن ڇڻ جي اداس خوشبو.

انهن ڏکن ۽ حادثن جي اداسي جيڪي گذري چڪا،انهن ڏکن ۽ حادثن جي اداسي به جيڪي گذريا پئي. ۽ ان واعدي جو ڏک جيڪو وفا تي نه سگهيو. شايد ڪي واعدا وفا جي آخري موڙ تي پهچي واپس موٽي ايندا آهن ۽ فراموشيءَ جي چادر تاڻي اهڙي ننڊ سمهي پوندا آهن جو ڪنهن به اک مان ڇڻيل لڙڪن جي ڇنڊڻ تي نه جاڳندا آهن.

قدم قدم ۽ ساهه ساهه سان گڏ پاڇولي جيان هلندڙ اداسي.

۽ سوالن جو طويل گهيرو.

اهڙو ڇا آهي جيڪو غلط ٿي رهيو آهي؟

ڪو دوکو ٿي رهيو آهي؟ ڪو وشواس گهات؟

ڪير پيو ڪري دوکو؟

ڪنهن سان پيو ٿئي دوکو؟

مومل سان...؟

سومل سان...؟

مون سان...؟

مومل سومل سان...؟

يا سومل مومل سان...؟

يا ٻئي مون سان ...؟

يا مان ٻنهين سان...؟

يا مان مومل سان...؟

يا مان سومل سان...؟

يا ڪير به ڪنهن سان به نه؟

شايد ڪير به غلط ڪونهي!

شايد سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي.
سوالن ۽ خدشن جو وشال گهيرو.
هونءَ ڪو به ماڻهوءَ.
ڪنهن به ماڻهوءَ سان.
ڪٿي به ڪڏهن به.
ڪجهه به ڪري سگهي ٿو.

”نيٺ اهو ئي ٿيو جنهن جو ڊپ هو. مون اڳ ئي توکي چيو هو مومل مون کي سجدي جي سزا نه ڏي. پر تون نه مڃينءَ.....۽ مون کي موت جهڙي ماٺ ڏئي ڇڏيئي...“

پن ڇڻ رت جي سڪل پنن تي هلندو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو. هڪ دفعو وري همزاد ئي سندس سهارو بڻيو.

”چيو هئم نه توکي مومل ته مون اجان ته تنهنجي مزاج جي هڪڙي موسم ڏٺي آهي... اجان ته ٽي موسمون پري آهن.. ۽ ڏس ڪيئن نه تنهنجون ٽئي موسمون هيڏيون نڪتيون“

۽ ان رات ئي جنهن رات هو هنڌ مان اُٿي ٻاهر نڪري ويو هو ۽ پوءِ اڌ رات جو موٽيو هو زالهنس کيس چيو هو ”راڻا مان ڄاڻان ٿي ته ڪا عورت تنهنجي زندگيءَ ۾ رهڻ لڳي آهي... جنهن سان توکي محبت ٿي وئي آهي.. اها ڏاڍي خوش قسمت عورت آهي .... پر آخر اهڙو ڇا آهي جو جڏهن کان اُها تنهنجي زندگيءَ ۾ آئي آهي تون اڳ کان وڌيڪ اداس رهڻ لڳو آهين.. آخر ايئن ڇو آهي... مون کي ڇئه مان تنهنجي لاءِ ساڻس ملان... کيس منٿ ڪيان... کيس ٻڌايان ته راڻو ناخوش رهڻ لڳو آهي.. کيس خوشيون ڏي.. مان وچ جي ديوار ڪانه ٿينديس... ان شام به ٻڌايئي پئي ته اڄ روڊ تي هلندي ذري گهٽ ٽرڪ جي هيٺيان آيو هئس... ايترو بي خيالو ڇو رهڻ لڳو آهين“

ان رات ئي سومل جي اڳيان سڀ هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا هئائين. ٻيو ڪو چارو به نه هو.

”سومل خبر اٿئي ڇا....؟“

”ڇا..“ سومل سندس اداس لهجي ۾ لڙهندي وراڻيو هو.

”گهڻا سال اڳ جي ڳالهه آهي.“ هو سومل جي گوڏي تي ٻار وانگر مٿو رکيو ڪنهن قصاگو جيان ڳالهه ڪڻ لڳو. ”مان تو وٽ تنهنجي شهر آيو هئس. تڏهن پنهنجي شادي ٿيل نه هئي. اهي سياري جي آمد آمد جا شروعاتي ڏينهن هئا. تنهنجي شهر جي موسم ۽ تنهنجي شهر جون هوائون هميشه جئان حسين هيون. تنهنجي گهر جي آڳنڊ ۾ پوکيل گلن جا ٻوٽا ۽ يت تي ٻانهن رکي بيٺل بوگن ويليا، ڪمري ۾ ٽيپ تي وڄندڙ موسيقي، تنهنجي چنچل نهار سان گلن جا تبديل ٿيندڙ رنگ، تنهنجي ماءُ جون مهربان اکيون، وقت جي باوقار خاموشي ۽ هيڏانهن آئون .. ورهين کان آسمان جيڏي اڪيلائي پوڳيندڙ هڪڙو ناڪام، بيروزگار، ڪمزور ۽ بي اعتمادي جو شڪار ڇوڪرو... جنهنجي پنهنجي گهر ۾ ڪنهن به عورت جو وجود نه هو.. نه ڪو ماءُ، نه ڪو ڀيڻ.. نه ڪو چاچي، نه ڪا ماسي... گهر ۾ تي ياڻ .. اٿو به پاڻ ڳوهيون، ماني به پاڻ پچايون ته ٿانوَ به پاڻ ڌوئون... ان کهري ٿيٺ مرداڻي، بي لطف ۽ ٿوهر جهڙي زندگي گهاريندڙ ماڻهوءَ کي تنهنجي شهر، تنهنجي گهر ۾ تنهنجي ڪمري ۾ تنهنجي سونهري

وارن جو ساٿ مليو ته ــ+جو جنم ٿيو.. خبر ناهي ان موسم جو نالو ڇا هئڻ گهربو هو. پر اها عجيب دلفريب موسم هئي.. موسم جو هڪ ڏينهن هو. ڏينهن جي هڪ شام هئي... شام جو به هڪڙو مختصر پل هو جنهن مون کي پنهنجي پاڪر ۾ پيري ورتو. مان ان پل ۾ فريز ٿي ويس. اُهو پل هميشه لاءِ منهنجي اندر ۾ ڄمي بيهي رهيو. منهنجي احساسن ۾ ائين شامل ٿي ويو جيئن پاڻي ۾ شربت، جيئن اک ۾ ڪجل، جيئن چيچ ۾ مُنڊي، جيئن ننڊ ۾ خواب... پوءِ خواب جيئان وقت گذرڻ لڳو. اهو لمحو منهنجي هٿن مان ڪسڪي ويو. مان ان لمحي جي آڱرين مان هارجي ويس. پنهنجي شادي ٿي وئي، مون کي نوڪري ملي وئي، تون چند مئل ٻارن جي ۽ ڪجهه زنده ٻارن جي ماءُ ٿي وئينءَ. مان ڳوٺ جي ڳلين کان شهر جي چونڪن تائين ڀٽڪندو چاڪيءَ جي ڏاند جيئان ذميوارين ۽ گهردارين جي دائري ۾ ڦرندو رهيس. پر سومل مان ڪڏهن به ذهني طور ان لمحي مان نڪري نه سگهيس جيڪو لمحو ڪئين سال اڳ مون ۾ فريز ٿي ويو هو. مان هميشه ان ساڳئي دلفريب لمحي لاءِ واجهائيندو رهيس... ڳوليندو رهيس اهو لمحو جيڪو منهنجي اندر ۾ ٽڪي پيو هو... ۽ سومل مان ان لمحي جي ڳولا ۾ ڀٽڪندو الاءِ ڪٿي ڪٿي ۽ ڪهڙا ڪهڙا دروازا کڙڪائيندو رهيس.. تان جو ڪاڪ محل ۾ وڃي ڦاٿس... مون کي خبر ئي نه پئي ته مان ڪاڪ محل جا در ڍربون ٽپي، دالانن مان ٿيندو جنهن عورت وٽ وڃي پهتو آهيان اُها مومل آهي... مون کي اهو لمحو ملي نه سگهيو سومل جنهن لمحي لاءِ مان ڀٽڪندو رهيس.. مان ان لمحي مان جلا وطن مسافر آهيان. ها سومل ائين آهي. مان مومل جي وجود ۾ وڃائجي چڪو آهيان.. مان ڇا ڪيان.. منهنجي وس ۾ ڪجهه نه آهي. مون مرڻ کان سواءِ سندس اکين ۾ ٻُڏي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. ۽ ان مهل منهنجي اکين مان لڙڪ وهي آيا هئا ته سومل منهنجون اکيون اگهي ٻيءَ شام ئي تنهنجي در تي آئي هئي ۽ توکي چيو هئائين " مومل ، مان توکان راڻي جي خوشي پنڻ آئي آهيان... راڻو بيمار ٿي پيو آهي... مان ڪيس بيمار ۽ اداس نه ٿي ڏسي سگهان... مان ڪيس صحتمند ۽ خوش ڏسڻ ٿي گهران. پلي هو منهنجو نه ئي هجي. تنهنجو ئي هجي پر رڳو خوش هجي. پر مومل تو سندس منٿ کي مان نه ڏنو. الاءِ ڇو. مان سمجهي نه سگهيس. تو مومل لاءِ پنهنجي ڪاڪ محل جا دروازا اهو چئي بند ڪري ڇڏيا.. ته مان راڻي کي سڃاڻان ئي نه ٿي. ڇا واقعي مومل...؟ تون مون کي نه ٿي سڃاڻين؟ تو ته چيو هو راڻا تون ئي منهنجو تعارف آهين.. تون ئي منهنجي گُمنامي آهين. ۽ اهو به توئي ته چيو هو مومل ته راڻا محبتون ميلاپن جون محتاج نه هونديون آهن، محتاج ٿينديون آهن ته معذور ٿي وينديون آهن. آئون توسان هميشه ائين رهنديس جيئن گل سان خوشبو. جيئن پرهه سان هير.. پوءِ تون ڪاڪ محل ۾ راتيون جاڳي شادي لاءِ ٽڪسات ڇوڪرڻ لڳينءَ؟ سومل کي پنهنجي پيڻ ٻڌائي سندس پير ڇو ڪيڏڻ لڳينءَ.."

ان شام هن رڌڻي ۾ ٻارن لاءِ پٽاٽا چپس ٺاهيندڙ زال ڏي ڪٽ تي ليٽي ڪاپي پاسي ڪنڌ ورائي ڏٺو هو. ۽ ان پل پاڻ کي اعتراف جي ڪوٺڙي ۾ بيٺل محسوس ڪيائين ۽ بي آواز جملن ۾ اعتراف ڪيائين ته هو سومل کي سندس حصي کان وڌيڪ زخمي ڪري چُڪو آهي. ۽ ان سوال کان لنوائيندي ته سومل جا زخم ڪڏهن پرجي به سگهندا يا نه...؟ عمر ٻوڙي ۽ مائيءَ ڦتڻ بابت سوچڻ لڳو. عمر ٻوڙو پنهنجي جوانيءَ ۾ به هڪڙو ڪوجهو چيڙاڪ ۽ شڪي مزاج شخص هو ۽ اڪثر پنهنجي

جوان جمان ۾ موتئي جهڙي سهڻي زال کي رات جو گهر ۾ دروازو ڏئي اگهاڙو ڪري سنهڙي ڇهبڪ سان ايڏو ماريندو هو جو سندس ڪير جهڙي بدن تي نيرا نشان ٿي ويندا هئا. چون ٿا پوءِ ورهين تائين چانڊوڪين راتين ۾ ڦِتڻ جي چانديءَ ونسي بدن جا نيرا نشان جاڳي پوندا هئا ۽ نانگ سندس جسم تي سُرڻ لڳندا هئا ۽ هوءَ رڙيون ڪري روئڻ ۽ گهر کان ٻاهر ڊوڙڻ لڳندي هئي. ”مون کي نانگ ٿو کائي، مونکي بچايو“ سڄي ويڙهي جا مرد مايون سندس پنيان ڊوڙي ڪيس ڳوٺ جي پنين پاسي واري قبرستان مان وٺي ايندا هئا. ان ڪري عمر ٻوڙو چانڊوڪين راتين ۾ ننڊ نہ ڪندو هو. سڄيون راتيون پن جون ٻيڙيون پيئندي جاڳي گذاريندو هو. پوءِ جڏهن ٻئي جڻا پوڙها ٿي ويا تہ عُمر ٻوڙو چپ چپ رهڻ لڳو ۽ ڦتڻ خوش رهڻ لڳي. سندس بدن تي نانگ جو سُرڻ بند ٿي چڪو هو. اڪثر جڏهن اونهاري جو سج اولهہ ۾ لهڻ ۽ پاڇولا مٿي چڙهڻ لڳندا تہ هو پٽ جي طويل پاڇولي ۾ پيپل ڪٽ تي اهلجي ڪاپي پاسي چلهہ تي شام واري چانهہ ڪاڙهيندڙ زال ڏي پيو ڏسندو. مسلسل.. هر روز... هر شام... هوءَ چانهہ پئي ڪاڙهيندي ۽ هو پنهنجي اڌ رنگي ۾ مفلوج ڪاپي طرف وريل ڪنڌ سان ڏانهس ڏسندو رهندو... تان جو سندس ڪاپي اک جي ڪنڊ ۾ پاڻي گڏ ٿي گهنجيل ڳل تان اٿلي پوندو. ۽ پوءِ ائين عمر ٻوڙو هڪ شام ڪاپي اک سان ڦتڻ ڏي ڏسندي ڏسندي بنان ڪجهہ ڳالهائڻ جي چانهہ تيار ٿيڻ کان اڳ خاموشيءَ سان مري ويو. ڳوٺ جي مولويءَ کي عمر ٻوڙي جون اکيون وٺي هٿ پير سنوان ڪرڻ دوران سڀ کان گهڻي ڏکيائي سندس ڪنڌ سئون ڪرڻ ۾ پيش آئي. ڪنڌ جيڪو ڪاپي پاسي وريل هو.

عمر ٻوڙو ڪاپي اک جي خواب جو مقروض هو.

۽ ان شام رڌڻي ۾ ٻارن لاءِ پٽاٽا چپس تاهيندڙ زال ڏي ڏسندڙ راڻي محسوس ڪيو تہ هو بہ عمر ٻوڙي وانگر ڪاپي اک جي خواب جو مقروض آهي.

”الاءِ ڇو دل اداس اداس آهي“ هو پيرن ۾ پرندڙ سڪل پنن جي آواز سان جهونگارڻ لڳو. اصل ۾ اها جهونگار پاڻ کي روئڻ کان روڪڻ جي هڪ ناڪام شاعراڻي ڪوشش هئي. ”منهنجي زندگي ۾ اچڻ لاءِ تنهنجي مهرباني“ هن اداسيءَ مان ڪجهہ مهينا پراڻو پر گهڻا دفعا ورجايل جملو ورجايو.. ڇپن تي ڦڪي مرڪ ڦهلجي ويس. ۽ ان مهل پيپل جو هڪڙو اڌ سائو اڌ سڪل پن ٽاريءَ مان ڇڄي اچي سندس ڪلهي تي ڪريو ۽ ڪلهي تان ترڪي ڪيسي وٽان ٿڙندو زمين تي وڃي ڪريو ۽ هڪڙو نم جو پن مٿان ڇڄيو ۽ هوا جي دوش تي رقص ڪندو هيٺ اچي ڪريو ۽ زمين جي هنج ۾ سمهي رهيو.

”سومل.. ڪاش تون منهنجي زندگيءَ جو دان گهرڻ لاءِ مومل جي ڪاڪ محل ۾ نہ وڃين ها...ڪاش“ هو پٽڪڻ لڳو.. ۽ ڪيس اهو اندازو ئي نہ هو تہ ڏک جي ان بي مهر موسم ۾ سومل هڪ رات پنهنجي بي نام ڊائريءَ جي ائين صفحي تي ڇا لکيو هو...؟ لکيو هئائين.

”راڻا مون کي لڳي ٿو هاڻي مان رڳو تنهنجي سڪڻن لفظن جي ڪناري تي رهجي وئي آهيان. ڪو وقت ٿيو آهي جو تو مون کي پنهنجي دل جي نديءَ ۾ لهڻ نہ ڏنو آهي. پيرن کان نيڻن تائين پسڻ نہ ڏنو آهي... ترڻ ٻڏڻ نہ ڏنو آهي. مان تنهنجي لاءِ فالتو عورت بڻجي وئي آهيان. تو اهو ڪڏهن ڄاتو آهي تہ مون ڪيتريون راتيون جاڳي آڱرين تي تنهنجي انتظار جا پل ڳڻيا آهن. ڪڏهن سوچيو اٿئي تہ اوياريل محبت عورت لاءِ ڪيڏو الميو هوندي آهي...؟ مان تہ هاڻ تنهنجي پاروٿي نهار جي قابل بہ نہ

رهي آهيان ڇڻ. تنهنجي انهيءَ سيڪنڊ هئنڊ توَجهه مون کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. مان تنهنجي پاروٿي نهار جي مقتوله آهيان راڻا. هاڻي ڪا قبر کوٽ ۽ مون کي دفن ڪري ڇڏ....“

”مومل، تون قلوپطره ته نه آهين پر تون نيل نديءَ جي نانگڻ ضرور آهين. تو مون کي ڏنگي وڌو. ڏس منهنجي رڳن ۾ ڪيڏو زهر ڦهلجي ويو آهي... چريائپ جي چائنٽ تي بيٺل حد کان وڌيڪ سياڻي ڇوڪري تون انهن ڇوڪرين مان آهين جن جي هڪ ڳالهه مان به معنائون ۽ ٻن ڳالهين مان سدائين هڪ معنيٰ نڪرندي آهي. تو مون کي پنهنجي مبهم ارادن جي سنگباريءَ سان زخمي ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي وقت جو ڪوبه مسيحا منهنجا گهاءَ پيري نه سگهندو. منهنجي اداسي تنهنجي نيڻن جي ڪجل کان وڌيڪ گهري ٿي وئي آهي ۽ منهنجو ڏک تنهجي وارن کان به گهاٽو ٿي ويو آهي. مون ته سوچيو هو..“ هو ٽڪل پيرن کي وڌيڪ ٽڪائڻ لاءِ اڳتي هلندو مومل سان ڳالهائڻ لڳو. ”تون منهنجي محبت ۾ ميڻ بتيءَ جيان ٻرنديئن ۽ سڀ چارا روشن ڪري ڇڏينديئن... منهنجي هڪ لمحي جي جدائيءَ ۾ ميڻ بتيءَ وانگر قطرو قطرو ٿي ڳرنديئن. منهنجي محبت ۾ ائين جهڪي پونديئن جيئن پڪيءَ جي ويهڻ سان بيد مشڪ جي ٽاري جهڪي پوندي آهي. پر تو تي ڪوئي به فرق نه پيو. ڪو به نه مومل.. ٻريس به مان، ڳريس به مان ته جهڪيس به مان.. پر شايد تنهنجو اهڙو ڀاڳ نه هو. ٻرڻ، ڳرڻ ۽ جهڪڻ هر ڪنهن جي نصيب ۾ نه هوندو آهي. پر شايد ان ۾ ڏوهه تنهنجو نه منهنجو هو جو تو مون کي بي آواز لفظن جي تلوار سان ڪپي ڇڏيو. ڏوهه منهنجو هو. جو مون توکي Extreme level تي پيار ڪيو. منهنجي عاشقيءَ جي Extreme level تنهنجي معشوقيءَ کي Extreme level تي پهچائي ڇڏيو ۽ تون زمين بدران هوائن تي هلڻ لڳينءَ ۽ مون کي اڻ ڪٽ رات جو حصو بڻائي ڇڏيئي. ۽ ياد اٿئي مومل هڪ دفعي خواب ۾ ساپيان جي وچ تي توکي چيو هيم اچ ته اوڏانهن هلون جتي خاموشي ڳالهائيندي آهي، جتي لڙڪ مرڪندا آهن ۽ جتي چپ چمين ۾ تبديل ٿي ويندا آهن ته تو چيو هو راڻا تنهنجون ڳالهيون حقيقت کان پري آهن پر پوءِ به وڻندڙ آهن ان ڪري مان توسان اوڏانهن هلڻ لاءِ تيار آهيان جتي چپ چمين ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. پر مومل تنهنجو وچن وفا ٿي نه سگهيو. تو ته پهريون ئي قدم مشروط کنيو ۽ مشروط قدم سدائين اڌ رستي مان موٽي ايندا آهن.“ سندس اکين ۾ آلاڻ ڦهلجي وئي ۽ ان مهل ڪيس پنهنجو اهو جملو ورجائڻ جي ضرورت محسوس ٿي جيڪو جملو هن شروع ۾ ئي ڪيس چوڻ چاهيو هو پر نه چيو هئائين. شايد هر ڳالهه جو پنهنجو وقت هوندو.... هن اکين مان وهي آيل لڙڪن کي اگهندي چيو” مومل ڊچ ان ڏينهن کان جنهن ڏينهن مون توکي پنهنجي لڙڪن ۾ روئي ڇڏيو. اهو پل پنهنجي تعلق جو آخري پل هوندو“

۽ ائين ٿيو.

اهو پل سندن تعلق جو آخري پل ثابت ٿيو.

پر مومل مان توکي ڪڏهن به وساري نه سگهندس الاءِ ڇو.. پر توکي وسارڻ منهنجي وس ۾ نه آهي. ڪوڙ شيون ماڻهوءَ جي وس کان ٻاهر هونديون آهن. اها بي وسي مونکي هميشه ماريندي رهندي مان ماڻهن لاءِ ٻاهه ڇوراڻ جي الزام ۾ نه پر محبت جي حاصلات جي ڪوشش جي الزام ۾ هميشه سزا ڀوڳيندو رهندس. سزا جنهنجو ڪڏهن انت نه ٿيندو . ۽ مان سزا جي ڪنهن به پل ۾ توکان غافل نه

ٽيندس. تون مون لاءِ زندگيءَ جهڙي محبوبا هئينءَ. زندگي جيڪا هزار شڪايتن هوندي به ڏاڍي پياري هوندي آهي. هي خزان جي اداسي شاهد آهي ته مونکي توکان هاڻي ڪابه شڪايت نه آهي. توسان ڪهڙي شڪايت ؟ تون به ته مون جيان اڌوري هئينءَ ۽ اڌورن ماڻهن سان ڪهڙي شڪايت. هڪ خالي ماڻهو ٻئي خالي ماڻهوءَ کي ڏيئي به ڇا ٿو سگهي؟ مونکي ياد آهي مومل هڪ شام تو آسمان ڏي ڏسندي چيو هو راڻا مان هڪ ڊنل ۽ عدم تحفظ جو شڪار ڇوڪري آهيان. منهنجو جنم Black out جي هڪ گهور اونداهي رات ۾ ٿيو هو. شايد اهو جنگ جو زمانو هو. چمني ٻارڻ جي به اجازت نه هئي. پر ان اونداهيءَ کان به گهري اونداهي منهنجي وجود ۾ هئي. اونداهي جيڪا مونکي ماءُ جي طرفان ورثي ۾ ملي هئي. ڇئن ڏيئرن کان پوءِ امان پنجون پيرو پيٽ سان ٿي هئي ته بابا ساڙس ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو هو. جنهنجو مطلب اهو هو ته تون هن دفعي به ڌيءُ ڄڻينديئنءَ. امان جي ڊپ جي انتها نه هئي. بابا جي بي آواز ڪاوڙ ۽ پنجين ڌيءُ جو ڊپ سندس رڳن مان ڊوڙندو منهنجي وجود ۾ تحليل ٿي چڪو هو. مان ڄمڻ کان اڳ ئي ڊنل هئس. دائيءَ امان کي پنجين ڌيءَ جي خبر ٻڌائي هئي ته امان اونداهي جي سيني ۾ سوراخ ڪندڙ سرنگهه جهڙي طويل دانهن ڪري بيهوش ٿي وئي هئي. گهڻو پوءِ بابا امان سان ڳالهائڻ لڳو هو پر مونکي ورهين تائين هنج ۾ نه کنيائين. مان اڪيلي رهجي ويس ۽ اڄ تائين اڪيلائيءَ مان نڪري نه سگهي آهيان ۽ راڻا مان ڄاڻان ٿي ته تون مون لاءِ سومل کي نه ڇڏي سگهندين. سو پنهنجي جدائي رڳو هٿن جي لڪيرن ۾ ئي نه پر موسمن جي پيشانيءَ تي لکي پئي آهي. ۽ مومل مون تنهنجي ڳالهين کي رات جي ڊپ ۾ ڳالهايل مبهم جملن وانگر وساري ڇڏيو هو. پر وسارڻ سان ڇا ٿو ٿي سگهي. اهوئي ٿيندو آهي جيڪو ٿيڻو هوندو آهي.

هو پٽڪندو ۽ هلندو رهيو. اهو ڏک سيني ڏکن کان منفرد هو. هو ڏک جي گهيري ۾ مسلسل هلي رهيو هو ۽ هلندي هلندي گهڻو پري نڪري آيو هو.... ساڳي موسم.. ساڳيو رستو.. رستا ساڳيا هوندا آهن ڏک بدلجي ويندا آهن. ساڳيا وڻ...ساڳي برسات... ساڳيو شهر... ساڳي خانگي اسپتال... انهي اسپتال ۾ سومل کي ٻار ڄائو هو. صبح ئي چيڪ اپ لاءِ ڳوٺان لاريءَ ۾ چڙهي شهر آيا هئا... پر ڊاڪٽرياڻي ٻار ڄمڻ جو انديشو ڏيکاريو. توڙي جو اڃان سومل کي اٺون مهينو هو. هوءَ ڏيڍ سال اڳ به ساڳي اسپتال ۾ هڪ مئل ٻار کي جنم ڏئي چڪي هئي ۽ "مئل ٻار جي ماءُ" جو الزام ڪٽي چڪي هئي. هاڻي وري ساڳي ڊاڪٽرياڻي ساڳي اسپتال. ساڳيو ميٽرنٽي هوم جنهن بابت هو اڳ ئي ان خدشي ۾ مبتلا ٿي چڪي هئي ته هڪ ڪاري ٻلي هر وقت ميٽرنٽي هوم جي دريءَ جي پردي ۾ ويٺي مسلسل ڏانهنس گهوريندي رهندي آهي.. ٻليءَ جي وات کي سندس رت جو ذائقو لڳي چڪو آهي ۽ ان شام به ٻيو دفعو زنده ٻار کي جنم ڏيندي هوءَ اوچتو رڙيون ڪري ڪم واري ماسي کي چوڻ لڳي هئي 'ماسي دري بند ڪر.. جلدي ڪر .. سامهون ٻلي ويٺِي آهي.. ٻلي منهنجو ٻار ڪٽي ويندي" جنهن تي ڊاڪٽرياڻيءَ ماسيءَ کي بند پيل دريءَ کي وري بند ڪرڻ جو چيو هو. .. ۽ هن ٻاهر اسپتال جي خاڪروب کي هڪ دوست سان رازداڻي انداز ۾ ڳالهائيندي ٻڌو هو ته "ميٽرنٽي هوم جون ٻليون ۽ ڪتا بک نه مرندا آهن"... ۽ ڊاڪٽرياڻي هٿن تان رت هاڻا گلوز لاهيندي ماسي کي چيو هو "فيس وٺي ڇڏيو. ٻار کي سول اسپتال کڻي وڃڻو پوندن. آڪسيجن لڳندي.. يا ايڪيوبيٽر ۾ رکڻو پوندو ٻار ڪچو آهي"

اهو سانوڻ جو مهينو هو. مٿان مينهن پئي وسيو. هو ننڍڙي ٻارکي اچي پلاسٽڪ ۾ ويڙهي مينهن کان بچندو سول اسپتال ڏي ڊوڙيو هو..زالهنس نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ بيڊ تي پيل. هو سول اسپتال کان خانگي اسپتال ۽ خانگي اسپتال کان سول اسپتال جي رستي تي ڊوڙندو رهيو. ڊيوٽي ڊاڪٽر اڌ رات مهل ننڍڙاڪي حالت ۾ تازي ڄاول ٻار کي پاروتي توجهه سان ڏسي نرس کي ٻار کي ايڪيوبيٽر ۾ رکڻ ۽ گڏو گڏ آڪسيجن لڳائڻ جو چيو. آڪسيجن جي سلينڊر ۾ آڪسيجن ته هئي ئي ڪا نه. هوڏانهن سج اڀريو هيڏانهن ٻار مري ويو. ۽ هو ساڳئي رستي سان هلي هلي ٿڪجي چور ٿي ويو. منجهس وڏيڪ پنڌ ڪرڻ جي سگهه نه رهي... پوءِ الاءِ ڪيڏي مهل ڳوٺان پاڙس آيو. ڪوهڪ ٻه دوست به آيا... هو انهن سان گڏجي وسندي مينهن ۾ گوڏي جيتري پاڻيءَ ۾ ننڍڙاڪي ۽ ٿڪل وجود سان ڇڙاٻ ڇڙاٻ ڪندو دڪان تي ويو. ڪفن جو ٽورو ڪپڙو ۽ برسات کان بچڻ لاءِ به وال اچي پلاسٽڪ جا ورتائين ۽ زال وٽ موٽي آيو.. " ڊاڪٽرياڻي جي فيس جا پيسا ڏيو" ڪم واري ماسي زالهنس جي مٿان بيٺي هئي.

" فيس ڪجهه گهٽ وٺو. ٻار بچو به ڪو نه" سندس سس ماسِيءَ کي چيو پئي. ماسي موٽي وئي ته هو ڊاڪٽرياڻي ڏي ويو. ماسي ڪيس فيس ۾ رعايت لاءِ چئي چڪي هئي.

"اسان وٽ پيسا ٿورا آهن.. ڪجهه رعايت ڪيو" هن ڳيت ڏئي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

ان مهل ڊاڪٽرياڻي شينڪ تي صابڻ سان هٿ پئي ڌوتا.

هن جا لفظ پاڻي جي آواز ۾ لڙهي ويا.

"نه رعايت جي گنجائش نه آهي. فيس پوري ڏيڻي پوندي"

پاڻي جو آواز وڌندو ويو. ڪنوڻ ۽ گوڙ.. زوردار مينهن.. روڊ رستا پاڻيءَ ۾ گم... هو هلندو رهيو.. ڪنهن جي هٿن ۾ ٻار جو لاش ... ڪنهن جي هٿن ۾ ڪوڙر ۽ بيلچو. پاڻي جي ڇڙاٻ ڇڙاٻ. مٿان مينهن ... ان ڏينهن مينهن به بند ٿيڻ جو نالو نه پئي ورتو. مينهن نه هو جڻ مصيبت هئي. هنن وسندي مينهن ۾ قبرستان جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ننڍڙي قبر کوٽي. الاءِ ڇو ڪُنڊ سان سدائين سندس تعلق قائم رهيو. روئڻ لاءِ گهرجي ڪنڊ. ننڍڙي قبر لاءِ قبرستان جي ڪنڊ. ننڍڙا ٻار ڪٿي به گهٽي جاءِ نه ولاريندا آهن. پوءِ اهو گهر هجي يا ٻاهر. ڪٿ هجي يا قبر.

اهي هر هنڌ بنهه ٿورڙي جاءِ والاريندا آهن.

ٻار کي قبر ۾ دفنايو ويو.

پريان ڪنڊيءَ جي وڻ وٽ بيٺل ڪتو قبر ڏي ڏسندو رهيو. هن ڪتي جي وات ۽ زبان مان تازو رت ڳڙندي ڏٺو.

قبر ۾ اهو ٻار دفنايو ويو جنهن جو اڃان ڪو به نالو نه رکيو ويو هو.قبر جي مٿان بيهي دعا لاءِ هٿ کنيا ويا. مينهن وسندو رهيو. هن جو دعا لاءِ جهليل ڀڪ برسات جي ٿڌي پاڻيءَ ۾ پيرجي ويو. هو قبرستان مان ٻاهر نڪري آيا.. ساڳيو رستو.. ساڳيا وڻ.. ساڳي موسم ... برسات اڳ کان به تيز.... اسپتال جي اڳيان ساڳيو ڪتو. مينهن ۾ آلو وارن ۾ رت.... زبان رت ۾ ڳاڙهي... پير رتو رت.. مينهن جو پاڻي رت جهڙو ڳاڙهو.. هو ڏڪي ويو ۽ اوچتو روئڻ لڳو.

"اهو منهنجو رت آهي. منهنجو رت آهي" هو رڙيون ڪرڻ لڳو.

”نندڙي قبر منهنجي آهي. مان ۽ منهنجي زال ننڍڙي قبر جا جاڙا وارث آهيون. ننڍڙي قبر ۾ منهنجو ۽ منهنجي زال جو رت آهي. گوشت آهي. نڪ وات آهي. دل آهي.. منهنجون اکيون آهن..“ اکيون جيڪي ڪجهہ لمحا اڳ ئي قبر ۾ دفن ٿي چڪيون هيون. بہ صاف شفاف ننڍڙيون اکيون.. سهي سلامت نيڻ.. جن جي نہ ڪاپي اک ۾ ڪو خواب هو نہ ساڄي اک ۾ ڪو سپنو هو. اهي اکيون خوابن ۽ سپنن جي اذيت کان آجيون هيون.. هو ڪنهن مهل روئڻ ڪنهن مهل کلڻ ٿي لڳو. زالهنس پنهنجي تڪليف وساري ويٺي. ڪيس ٻانهن مان جهلي پنهنجي پر ۾ ويهاري سندس هٿ پنهنجي ڇپن تي رکي جهيڻي پر مظبوط آواز ۾ چيو هئائين... راڻا.. پريشان نہ ٿي ... روءُ نہ...چپ ڪر.. پاڻ کي سنڀال ... منهنجي پرسان ليٽي پئہ.. ڳالهاءِ نہ.. پاڻ کي الله ٻيو ٻار ڏيندو تون ڳڻتي نہ ڪر. صفا پنهنجو حال وڃائي ڇڏيو اٿئي چريا ماڻهو... مون کي ٻارن کان وڌيڪ تون مٺو آهين.. ٻار ٻيا بہ ٿي پوندا... پر توکي ڪجهہ ٿي پيو تہ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو. هان...“ ۽ هو ٻارن وانگر سڏڪڻ لڳو هو.

ساڳيو رستو...

ساڳي موسم...

ساڳيو ڪڪرن سان ڀريل آسمان. ساڳي برسات مينهن ۾ ڪپڙا آلا... وارن ۽ منهن مان وهندڙ پاڻي.

هن جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا..

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن موسم ۾ ڪُجهہ ڏک پاڻ ۾ ڪيئن نہ گڏجي پوندا آهن. شايد مينهن جو موت، محبت ۽ وڇوڙي سان ڏاڍو گهرو تعلق آهي. ڪيس اهو سڀ ڪجهہ بہ ياد اچڻ لڳو جيڪو ڪجهہ هو وساري چُڪو هو.

ٻاروتڻ.

چيلاٽي جو ڏنگ.

ماءُ جون اکيون

سڙيل منهن وارو ماڻهو. سمورا مري ويل دوست زاهد، گُل حسن، مشتاق، محمد بخش، ثناءُ الله، حسن، طارق... انهن جي موت کان پوءِ هو هڪ زخمي ماڻهوءَ جي طور تي زنده رهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ ها سچي سندس مئل ٻار. پن– ڇڻ وارو رستو ڪٿو ئي نہ پئي.. رستو ويو پئي اينگهندو..

”مان ۽ منهنجي زال هڪ کان وڌيڪ ننڍڙين قبرن جا وارث آهيون“

هن هڪ دفعو وري ساڳي پُراڻي ڏک کي پنهنجي سيني ۾ سڏيو. شايد ڏک مرندو ناهي. رڳو ڪجهہ وقت لاءِ وقت جي ڏنڌ ۾ ڍڪجي فريز ٿي ويندو آهي. ۽ وري وقت جي ڪوساڻ ۾ ڪنهن نئين ڏک جي ڇهاءَ سان ڳر موڙي جاڳي پوندو آهي. هڪڙو ڏک ٻئي ڏک ۾ تحليل ٿيندو آهي. شڪل بدلائيندو آهي. هڪ شڪل ٻيءَ شڪل کي جاڳائيندي آهي. هڪڙو ڏک ٻئي ڏک کي جاڳائيندو آهي ۽ ڏک ٻيٽون ٿي ويندو آهي.

هن هميشہ وانگر ان پل بہ پن ڇڻ جي موسم ۾ پاڻ کي طويل اونداهين سرنگهہ ۾ قاتل ڏٺو. هن سُرنگهہ مان نڪرڻ چاهيو. سندس ساه منجهڻ لڳو. هن ڊوڙڻ چاهيو پر ڊوڙي نہ سگهيو. هو سرنگهہ ۾

سالن کان اڪيلو پئي هليو. سرنگ جو ٻيو ڇيڙو نہ هو. مان پٽڪي رهيو آهيان. گهڻا سال ٿيا جو ”هو“ مري ويو ان کان پوءِ ”راڻو“ مري ويو. راڻي کان پوءِ ”اسين “ وڃي بچيو. پر ان جي ڪائي اهميت نہ هئي.. هو ۽ راڻو ڏاڍا اهم هئا. انهن وٽ خواب هئا. جهڙي تهڙي زندگي هئي. نا اميدي ۾ اميد هئي. پر انهن کي سندن خوابن. زندگيءَ ، اميد ۽ ماڻهن ماري ڇڏيو. بہ خواب مري ويا. باقي مان وڃي بچيو آهيان. ٻن خوابن جو سوڳوار. مون سان ڪوبہ تعزيت ڪرڻ وارو ڪونهي. مان پنهنجي پاڻ کان محروم ٿيندو پيو وڃان پر مان مرڻ کان اڳ رستو ڳولڻ چاهيان ٿو. ماڻهوءَ لاءِ جڏهن پهريون ۽ ٻيو رستو بي معنيٰ ٿي پوي تہ ڪيس ٽيون رستو ڳولڻ گهرجي. سرنگ جي اونداهي وڌيڪ ڪاري ٿيندي پئي وڃي . سڄ ڪاري رک ۾ ڍڪجي رهيو آهي. ٿڌ جو پد وڌندو ٿو وڃي. مان ٿڌو ٿيندو پيو وڃان منهنجون آڱريون پٿر ٿي رهيون آهن. منهنجو رت ڄمي رهيو آهي. مان پنهنجي اندر ۾ ٽٽي رهيو آهيان. جڙي رهيو آهيان . وکري رهيو آهيان. مان ننڍڙي نقطي ۾ تبديل ٿي رهيو آهيان .

سڙيل منهن وارو ماڻهو آس پاس موجود آهي. ۽ اونداهيءَ ۾ بہ ڪيس چٽيءَ طرح ڏسي ٿو سگهان... ۽ چيلاٽي جا کهرا چنبا ڪنڌ ۾ ڪتل آهن... ڇمڙن جي پرن جي ڦر ڦر جو آواز وڌندو ٿو وڃي...۽ ڇمڙن جي ڏپ جو دائرو وڌيڪ وسيع ٿيندو هر احساس کي پنهنجي گرفت ۾ وٺندو ٿو وڃي. سرنگهہ جي آخري ڇيڙي وٽ پهچي سندس ڊپ انتها کي پهچي چڪو هو. هن هڪ دفعو وري ڊوڙي ٻاهر نڪرڻ چاهيو. کيس محسوس ٿيو تہ جيڪڏهن ڊوڙي ٻاهر نہ نڪتس تہ اونداهيءَ ۾ لڪل سڙيل منهن وارو ماڻهو مون کي چيڀاڙي ڇڏيندو. هو زور سان ڊوڙيو ۽ هن دفعي پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي ويو. ۽ اونداهين سرنگهہ مان ٻاهر نڪري آيو. ۽ سرنگهہ مان ٻاهر نڪرندي ئي هن پاڻ کي رات جي ياڪر ۾ ڏٺو. ۽ هڪ اونداهيءَ مان نڪري ٻئي اونداهيءَ ۾ داخل ٿيل اهو شخص ”ٻيو شخص“ هو. لڳو تہ ڪيس ان رات جي ياڪر ۾ ايندي ايندي ڪئي ورهيہ گذري ويا آهن. ڪئي موسمون آيون ۽ گذري ويون آهن.. ڪئي سڄ اپريا ۽ اپري لهي ويا آهن. ۽ سيئي سورج پنهنجا ڪئي نشان ڇڏي ويا آهن.

اها چانڊوڪي رات هئي. هو آرام ڪرسيءَ تي آهلجي گهڻي دير کان خاموشيءَ سان آڪاس ۾ جرڪندڙ نومبر جي ٿڌي چنڊ ذي ڏسي رهيو هو. ڪيس چنڊ ايئن پئي لڳو جهڙو رات جي سانوري ڇيچ ۾ پاتل پڪراج جو ٻڙو. اُن رات چنڊ ايترو مدمست ۽ جوان هو جو هن محسوس ڪيو تہ جي اڄ هي چنڊ پنهنجا چپ رات جي چپن تي رکندو تہ رات پيٽ سان ٿي ويندي ۽ پرهہ ڦٽيءَ کان پوءِ هڪ نئين سڄ کي جنم ڏيندي. آڳنڌ جي چوديواريءَ کان ٻاهر رات واري چوڪيدار جون سيٽيون ڪيس پنهنجي ۽ چنڊ جي وچ ۾ غير ضروري ۽ خراب قسم جي دخل اندازي پئي محسوس ٿيون. زالهنس پاڻي پيئڻ لاءِ اٿي ورانڊي ۾ آئي تہ ڪيس اڪيلو پڌر ۾ ڪرسيءَ تي ڪنبل ۾ ويڙهيل سيڙهيل ڏسي نند ۾ ٽمٽار حيران اکين سان اچي سندس پير ۾ ويٺي. سندس سينڌ ۾ چمڪندڙ ڪجهہ سونهري وار چانڊوڪيءَ ۾ جرڪيا پئي. ڪيس زالهنس جي پيشانيءَ تي گهڻو پيار آيو. ڪيس شدت سان محسوس ٿيو تہ هر مرد جي اندر ۾ هڪڙو دوزخ ٻرندو رهندو آهي، جنهن کي ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪانہ ڪا عورت اچي وسائيندي آهي نہ تہ هوند اهو دوزخ مرد کي ساڙي رک ڪري ڇڏي.

هن پنهنجي پير ۾ زال کي ٻيٺل ڏسي اٿڻ چاهيو تہ هن پنهنجا ٻئي هٿ جيڪي چانڊوڪيءَ وانگر

شفاف هئا. سندس ڪلهن تي رکي ڪيس ٿورو زور ڏئي اٿڻ کان روڪيو ۽ ڪرسيءَ جي ٻانهن تي ويهندي چيو....

” ويهه ويهه راڻا.. اُٿ نه“

۽ هيٺ جهڪي پنهنجو ڪاپو ڳل سندس ساڄي ڳل تي رکي ڇڏيو. اهو زندگيءَ جي خواهش سان ڀريل گرم ڳل هو. هِن جا وڏا لسا ريشمي وار سندس ڳچيءَ کي ڇهڻ ۽ ڪيس هڪ وڻندڙ احساس ۾ مبتلا ڪرڻ لڳا.

”ذري گهٽ اڇي پرهه ڦٽي آهي راڻا. تون اجان هتي ويٺو آهين.

پڌر جو بلب به نه ٻاريو اٿئي“

زالهنس اهڙي نندا کي لهجي ۾ چيو جنهن ۾ هزار راتين جو اوجاڳو انتظار ۽ ڏک شامل هو.

”چانڊوڪي رات آهي ڏس آسمان ڪيڏو روشن آهي“ هن پنهنجو هٿ سندس وارن ۾ لڪائيندي چيو. سندس اندر گهڻو گهرائيءَ ۾ ڪٿي درد جي ڏُڪاري وشال ڍنڍ ۾ هڪ هڪ تي سوين هزارين ڪنول ٽڙي رهيا هئا...!! ۽ هن محسوس ڪيو ته هي لمحو زندگيءَ جو سڀ کان وڌيڪ شاندار لمحو آهي. ۽ هي لمحو ئي زندگيءَ جو لمحو آهي.

”ڪافي ٺاهيان...؟“

”ڪافي...؟“

”ها، ڪافي...“

”ها ڀلي“

هوءَ جلديءَ ۾ سندس سيني تان پنهنجا سڀ وار ڪٺي اٿي بيٺي ۽ ڪنهن الهڙ محبوبا وانگر وڏا وڏا قدم ڀريندي رڌڻي ڏي هلي وئي ۽ آڳنڌ ۾ پنهنجي جسم جي اُها خوشبو ڇڏي وئي جيڪا نند مان اُٿيل عورتن جي جسم ۾ قدرتي طور هوندي آهي. هڪ عجيب، وڻندڙ مدهوش ڪندڙ عورتاڻي خوشبو....

هو نند ۾ ڳهريل اکين سان چند ڏي ڏسندي، ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏئي ڪاپي اک جي خواب سميت رات، چانڊوڪي، خاموشي ۽ خوشبوءَ ۾ تحليل ٿي ويو.



فرد جي اڪيلائيءَ کي نروار ڪندڙ ناول "ڪاپي اک جو خواب" لکي منور سراج انهن سيني ساپيائن جي منهن تي مڌيئڙو پائي ڇڏيو آهي، جيڪي شخص کي تماشو بڻائڻ لاءِ اهڙي پيڙ جو حصو بڻائن ٿيون، جنهن ۾ شخص ڳٽپ جي انگ ڪان سواءِ پنهنجون سڀ سچا ٽپون وڃائي ويهندو آهي. ۽ پيو شخص اهو آهي جيڪو ڪائنات جو تماشو ڏسڻ لاءِ پنهنجون اکيون بچائي رکندو آهي، اهو تماشو جيڪو ڪِڻ جو خواب آهي ۽ ان ڪان پوءِ هڪ طويل خاليپڻو جيڪو اڄ منور سراج جي سموري ميراث آهي. سواءِ "ڪاپي اک جي خواب" جي.

رڪيل مورائي

منور سراج جڏهن مرده لفظ ڇهندو آهي ته اهي زنده ٿي ويندا آهن. لفظن مان تصويرون جوڙيندو آهي ته اهي ڌڙڪڻ شروع ٿي ويندیون آهن. منور سراج مون کي ڪنهن قديم تهذيب جو اڏامندڙ اداس روح لڳندو آهي. جنهن کي انهن اکين ۾ وسرام ڪرڻ جي پراچين خواهش آهي جيڪي اکيون لڙکن ڪان آزاد هجن، منور سراج هن ناول ۾ خوابن جا سونهري پر ڦهلائي مسلسل اڏامي رهيو آهي. سندس آسپاس جيڪي ٻه ڪردار آهن سي سڀ اوجاڳيل آهن. جن ڪان سُک جي ننڊ ائين گم ٿي وئي آهي جيئن هوا ڪان سواءِ پاڻيءَ ۾ لهرون گم ٿي وينديون آهن ۽ بادبانن لاءِ هڪڙو انتظار ڇڏي وينديون آهن.

وسيم سومرو